


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[سنڌ جو سفر]

# سنڌ منهنجي جِند

[پاڳو ٽيون]

مور ساگر

ساحل پبليڪيشن - حيدرآباد
2023ع

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## اسٽاڪسٽ

- پيٽائي بڪ هائوس گاڏي کاتو حيدرآباد
- ڪويتا ڪتاب گهر، ربي سينٽر گاڏي کاتو حيدرآباد
- سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال حيدرآباد
- قليچ ڪتاب گهر لئنگيئج اٿارٽي حيدرآباد
- ڪلچر ڪتاب گهر سامهون ايم پي اي هاسٽل ڪراچي
- فڪشن هائوس رابعه اسڪوائر حيدرآباد
- عزيز ڪتاب گهر۔ سکر
- سچ ڪتاب گهر ۔ ڏورونارو
- غلام محمد جوهر ڪتاب گهر ۔ ميرپور بٺورو
- رحيم ڪتاب گهر — مهراڻ چونڪ بدين

سڀئي حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ


| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | سنڌ منهنجي جند |
| موضوع | : | سفرنامو [سنڌ جو سفر] |
| ليکڪ | : | مور ساگر |
| ڇاپو پهريون | : | 1 جنوري۔ 2023ع |
| ڀاڱو | : | ٽيون |
| ٽائٽل ڊزائين | : | مور ساگر |
| ڪمپوزنگ | : | نعمان علي جوڻيجو |
| ڇپائيندڙ | : | ساحل پبليڪيشن ۔ حيدرآباد |
| ڇپيندڙ | : | ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز رابعه اسڪوائر حيدرآباد. 03002634650_03332634650 |

قيمت : =/1000

**SINDH MOHENJI JAND** (Travling) SINDH
By: More Sagar
Published by: Sahil Publication Hyderabad
Edition, Janwery 2023. Cell: 03332634650-03002634650
Email: sahilprinter786@gmail.com


**sindhsalamat.com** **books.sindhsalamat.com**

# ارپنا

سنڌ جي بيباڪ، قومي، عوامي شاعر

حافظ محمد نظاماڻي

۽

پروفيسر ڊاڪٽر عبدالجبار ’قاسم‘ نظاماڻي

پياري ڀاءُ ادا منظور احمد جوڻيجو

۽

اُنهن سڀني پيارن جي نالي

جيڪي،

زندگي جي هِن سفر ۾، همسفر رهيا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **"سنڌ منهنجي جِند"** اوهان اڳيان حاضر آهي. هي ڪتاب نامياري ليکڪ، شاعر ۽ پبلشر **مور ساگر** جو سنڌ وطن جو لِکيل سُهڻو سفرنامو آهي. سنڌ وطن جي سفر جي سلسلي جو هي پاڱو ٽيون آهي جنهن جي مهاڳ ۾ نامیارو ليکڪ، شاعر نصير مرزا لکي ٿو ته:

اسان جي **مور ساگر**، سنڌ جي سئر سياحت بابت هيءَ ته صفا ڪا نئين طرح ايجاد ڪئي ٿي ڏِسجي ۽ ان ڪم لاءِ زندگيءَ جي ڪاروهنوار مان ڪي ڏهاڙا پاڇي ڪري، هو يارن سان سنگ سنگ، کُليل اکين ۾ ڪئميرا ۽ بئگ ۾ قلم ڪاڳر رکي، سيلاني بڻجي نِڪري ٿو پوي ۽ رات وقت پوءِ سارا پنهنجا مشاهدا، منظر ۽ يارن جون دِلچسپ ڳالهيون، ڪنهن گوشي ۾ ويهي چِپ چاپ لِکي ٿو وڃي ۽ پوءِ جيئن ڦُڙي ڦُڙي تلاءُ ٿيندو آهي، هو ههڙا ڪتاب ٿو جوڙي وٺي.

هي ڪتاب **ساحل پبلڪيشن** پاران پهرين جنوري 2023ع ۾ **ساحل پرنٽرز حيدرآباد** وٽان ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون مور ساگر جا، جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي ۽ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.


**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ❖ مهاڳ | نصير مرزا | 13 |
| ❖ پيش لفظ | ڊاڪٽر آزاد قاضي | 20 |
| ❖ پنهنجي پاران | مور ساگر | 24 |

✓ **نٽي دِل مان نِڪرين ٽنڊي ڄام وانگي** **25**

- روانگي 25
- هي ٻنيون ٻارا وڻ ٽِڻ هِنن ۾ ڇا آهي؟ 26
- ظالم زميندار 27
- شيخ پرڪيو آچاري تان پيرو 27
- ٻُڪيرا ۾ شام جو پهر ۽ چانهہ جو چَسڪو 28
- لي آئوٽ ساڳيون ئي آهي 29
- قائم الدين جو مقبرو ٻُڪيرا جي پِر ۾ 30
- ٽنڊو قيصر، پهرين ’قيصر‘ هاٽي ’آسي‘ جو شهر 31
- مانيءَ گهر جي، شادي ڳوٺ ٻاهران وٽندي آهي 34
- ٽنڊي ڄام جي هوائن ۾ 36
- زرعي يونيورسٽي ٽنڊو ڄام ۽ پُراڻي ياد 36
- صوفي محفل ۽ چرسائي ڇوڪرا 37
- جڏهن گُلشير لوچي جي شادي ٿي هُئي 38
- اي ڊبليو هيوز جي وقت جو ٽنڊو ڄام 39





sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ✓ چوهڙ تان چڪر 41


- روانگي 41
- جتي علم ادب جي ڪوٽ آ، اُهو منهنجو ڳوٺ آ 42
- مُلا حسن درگاهه جو ديدار 43
- مولوي علي محمد مهيري هِتي سُتل آهي 44
- حمل جت ۽ راڏي جت جا زبون حال مقبرا 45
- ڪورواهه ڪي به گُهمي ڏِٺوسين 47
- ڪورواهه جي قديم مسجد ڏِٺيسين، 48
- سجڻ منهنجي وفائن ڪي مري ويندس ته سارينديس 49
- جڏهن رزاق مهيري جو عشق عيان ٿيو 50
- شوڪت حسين شوري جو اهو ڳوٺ آهي 51
- پبلڪ لائبريري سجاول ۾ ڳولياسين ڪِتاب 52
- چوهڙ جمالي جُوءَ ۾ 53
- حُب مان مِلياسين حافظ حبيب سان 54
- چوهڙ جمالي تي نالو ڪيئن پيو؟ 55
- ابن شاهه جا تڪر ڏِٺاسين 55
- راڃن شاهه جا تڪر به ڏِٺاسين 57
- جلالي بابا جي جُوءَ ۾ 58
- اوهان جي پانڌُن ۾ سُتا يار هئاسين 59
- شاهه عقيق جي مزار مهندا جو منظر 60
- لاڏيون، جتي جيل ۾ به قتل ٿيا هئا 61
- ڇڇ جهان خان ڪان اڳيان عثمان شاهه جا قُبا ڏِٺا 62
- پردي پُنيان عجيب قسم جا آواز 62




sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

✓ ٻڙ جو ڏورو ۽ گنگا جو گام 65

- روانگي 65
- تنهن ڪري تصوير تنهنجي مون ٻڌائي ڪانہ هُئي 66
- پريس ڪلب بدين ۾ ماما مجيد سان ملاقات 67
- لنواري شريف مان شرف الدين شامل ٿيو 68
- لنگهياسين لنواري شهر مان 69
- خواجہ محمد الزمان جي درگاهہ ڪنهن ٻي پيري 69
- ڪهي لٿاسين ڪڍڻ ۾ 70
- ڪڍڻ پريس ڪلب، ڪجهہ گهڙيون ڪچهري 70
- سيف الملوڪ واءِ ۾ ڪنڌيءَ جو وڻ 72
- سني گُوني ۾ گهڙياسين 75
- علي بندر! صفا ايئن 75
- سفاري پارڪ بنا سونهن جي 76
- ڳوٺ عبدالرحمان جت 77
- عبدالعظيم جت جنهن ’شاهہ جو گنج‘ لکيو 78
- ڏاڏي گنگا جتڻ لطيف جي حافظ ۽ عاشق 79
- ٻڙ جو ڏورو ۽ شاهہ لطيف جو کوهہ 80
- ايل بي او ڊي جيڪا اُبتو وهي رهي هئي 80
- اڄ بہ ڀهراڙين ۾ وڃي مهمان ٿجي 81
- رڻ جا راهي 82
- شيخاڻي گهاڙي ۾ ناٿو فقير لُنڊ 82
- رِڻ جي رات ۾ برسات 84
- برسات جون ڪجهہ گهڙيون بصر ملاح ۾ 85
- هڪ رات مٿان برسات ۾ رستو گُم 86
- رات جي رهاڻ ساڻ شرف الدين جي اوطاق تي 86

## ✓ موراِن ميھڙ 89


- روانگي 89
- اسان لاءِ هِندوروِاھو ڄامشورو 90
- ڀان سيد آباد ۾ مِلياسين مُنير سان 91
- ھلي آ ھلي آ دادو، دادو 92
- خدا آباد، ڪلھوڙا دؤر جي گادي جو ھنڌ 93
- او شوخ ھوا، او شوخ ھوا مخدوم بلاول کي چئجان 95
- ڪڪڙ، محسن ڪڪڙائي جو ماڳ 97
- جڏھن خانپور جو لڳل بورڊ پڙھيو 97
- خيرپور ناٿن شاھ آثم ۽ وفا جو شھر 98
- موراِن ميھڙ 99
- ميھڙ ۾ منھنجا دوست 100
- ميندي ۽ مائي جي شھر ميھڙ ۾ 101
- ايڊوانس بُڪنگ اِن اولياءَ 101
- پرو چانڊيو کي ھِن جاءِ تي ماريو ويو ھو 102
- اوھان جي ڳوٺ جي صفا ويجھو 103
- شمس الدين شمسي جي قبر آھي 103
- شاھ پنجو سلطان 104
- آياسين عبد جي ڳوٺ سوڀو خان مگسي ۾ 105
- سعيدي موساٽي ۽ رات وِچ ۾ آپريشن 106
- رزق ۾ رازق جڏھن برڪتون پريندو آھي 107
- اکيون لڳيون پيون ھونديون ھيون 108
- سائين ھاٽي اسانکي اجازت ڏيو 108
- رات رھياسين راڌڻ ۾ 109
- راڌڻ اسٽيشن تان صبح جو سلام 111




sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

✓ من منهنجو موهن آ 113

- روانگي 113
- سوپي سان مختصر ملاقات 114
- هر حساب پاڻ رکو 114
- موهن جي دڙي جو ديدار 115
- ڪنگ پريسٽ جي پاسي ۾ 116
- اسٽوپا ڏانهن اڳيان وڌياسين 116
- سمبارا سان سيلفي 117
- موهن ميوزيم ۾ موڪلاڻي 117
- موهن دڙي مان مِليل شيون ڏِٺيون 118
- عاشق نظاماڻي سان چاهه جون چار گهڙيون 119
- منهنجا ياڳ ڀلا، بس آئون پهچان ٿو 120
- سر شاهنواز ڀٽو ميموريل لائبريري ڏِٺيسين 120
- موراِن ملائيشيا تحفي طور ڏِنم 121
- نئون ديرو ڪي بہ نظرن ڏِٺو 122
- شهيدن جو ڳوٺ ڳڙهي خدابخش 123
- شهيدن جو آستان 123
- چڙهي تاج محل جو ڏيک ڏي ٿي 124
- شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي قبر تي قُل پڙهياسين 125
- بيگم نصرت ڀٽو بہ پر ۾ سُتي پئي آهي 128
- شهيد بينظير ڀٽو عرف پنڪي 128
- مير مرتضيٰ ڀٽو زنده هجي ها تہ ... 133
- شهيد شاهنواز ڀٽو کي بہ ياد ڪيوسين 135

## ✓ سکر سيئي ڏينهن 137


- روانگي 137
- احسان راهوجي جي شهر مدئجي مان متياسين 138
- سکر شهر پهتاسين 139
- گُلشن جو هي حال آهي تہ ويراني جو ڇا هوندو 140
- معصوم شاھ جي مناري مٿي 141
- جيڪو سکر واري پُل تي 142
- روهڙي ۾ رهياسين پَل هِڪڙو 143
- بيدل جو قسم، بيڪس جو قسم 144
- ’بيڪس‘ سونهن پرست هو 146
- سکر بئراج سھٽي منهنجي سنڌ جو 147
- لبِ مهراڻ، ’مِنا مهراڻ ۾ مِلبو‘ 149
- من ۾ هِڪڙو خيال جو پکي 150
- نيڙهي شهر مان گُذرياسين 151
- زم زم ۾ رهياسين رات هِڪڙي 151


## ✓ ڪجين جي شهر خيرپور ۾ 153


- روانگي 153
- ڊاڪٽر مشتاق ڦُل واقعي مشتاق دوست آهي 154
- ڪيڏانهن مُنهن مريم جو 155
- صفي الله شر، صحافي بہ آهي شاعر بہ آهي 156
- ريڊيو پاڪستان خيرپور ۾ ڪي پل 157
- هي نشا ڪنول آهي 158
- سچل سرمست لائبريري 159
- فيض محل واقعي ئي محل آهي 160
- ناز باليءَ جا نينهن نظارا 162




sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- دِل پئي چوي تہ وري پيهر اهڙي رياست جُڙي 164
- چانھہ پيتي ڊاڪٽر مشتاق جي گهر 164
- ڪوٽ ڏيجي ڪان اڳ ڏِنل قلعا 165
- احمد آباد عرف ’ڪوٽ ڏيجي قلعو‘ ڏِنوسين 166
- ڪُنب ۾ ٽنڊو تاڏل ۾ ظهر جي نماز 168
- راڻيپور پهتاسين تہ ... 168
- درازا سچل سائين جي جنم ڀومي 169
- سچل سائين جي حضور ۾ 170
- سچل جي آڳند اڳيان 172
- يار ڪي هر هنڌ ڳوليم 172
- جڏهن اڌ پنڌ تي پهتاسين... 174
- مٽياري جو مائو وٺي، مونکي وِساري ويا 175

✓ **مثالي ماڳ ٽنڊو سومرو** **177**

- روانگي 177
- زرداري روڊ، اسين، سفر ۾ ظفر 178
- رکيوسين رُخ مثالي ماڳ ٽنڊو سومرو ڏانهن 178
- نيٺ پهتاسين مثالي ماڳ ٽنڊو سومرو 179
- مانجهاندو ۽ معلومات گڏ گڏ 180
- ٻہ ماڙ مورچي تان ڳوٺ جو نظارو 181
- اُها مسجد جنهن تي شاگردن اُٺ چاڙهيو 181
- رئيس امداد خان ۽ عاصم سان مختصر ملاقات 182
- نصير ڪئنال جو نظارو 182
- عاصم ايگريڪلچر فارم تان ڦيرو 183




sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

✓ دودي جي ديس ساحلي پٽي جو سير 185

- روانگي 185
- مڇي لڏم پٽ تان، مڇي ڏِنم شعيب کي 186
- برياني ورتيسين بدين مان 186
- سيراٽي شهر ۾ مجيد مهراٽوي سان مِلياسين 187
- پڳڙا ميمڻ ڏانهن ويندي واٽ 187
- ڳوٺ دينار ٽالپر ۾ جمع نماز 188
- ايم اي انگلش معنيٰ چريو! 188
- شيخ ڪرهيو پانڌاري درگاهه جو ديدار 189
- ايل بي او ڊي عرف ارڙ بلا 190
- پرديسي پکي 191
- چنيسر جي ٻه وارثي ٿي وئي 192
- مڙس ته ڪو دودو آهين۔ دودو سومرو 194
- ڳوٺ غازي ملاح مان پکي ورتا 198
- ال آصف فش فارم تي شام جا آخري پهر 198
- واپسي 199



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## مهاڳ

مورَ جو نالو منهنجو مطلب آهي، پياري مورَ ساگر جو نالو. جڏهن جڏهن بہ اکين آڏو اچي ٿو يا پوءِ سندس جُواڻ جماڻ خوش ادا چهرو! خوامخواهہ بہ چپن تي اچيو وڃيم.

مورَ ٿو ٽلي راٽا، مور ٿو ٽلي،
راٽا راٽا، مور پلي ٿو ٽِلي گُجر جو.

۽ هيءَ بہ، چا تہ سُهٽي ڳالهہ، گذريل ڪجهہ سالن کان سنڌ جي هن نشانبر پبلشر، جنهن جو پنهنجو اشاعت خانو آهي: ”ساحل پرنٽرس“. پڪي پُختي عزم سان، ساري سنڌ جو سئر سفر ڪري، ساٽيهہ ياترا بابت ههڙا سفرناما لِکڻ جو شروع ڪري ڏِنا آهن، تہ پاسيم، اڙي واهہ، هي مور تہ سچ ۾ واقعي بہ پيو چڻ: ”ٽِلي ٽِلي“.

مٿان هي بہ سندس چا تہ مستحڪم ارادو، تہ حياتي بخير، هو ساري سنڌ جي چَپي چَپي جو سئر ڪري پنهنجي محبوب مشاهدن جا موتي ميڙي ڇُهندڙ ۽ دِل وٽندڙ نثر ۾ پوئي، بصورت ڪتاب، سنڌي ادب جي شيلف لاءِ هو ههڙا سياحت ناما لِکندو ئي رهندو.

اجهو ان ڏِس ۾ مُڙي، ماضيءَ ڏانهن ٿو ڏِسان، تہ اسان جي عظيم ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن تہ، لوڪ ادب ۽ لوڪ سُگهڙائپ جا هيرا جواهر ميڙڻ لاءِ، سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ جو سئر ڪيو ۽ اسان توهان لاءِ چا تہ شاندار ۽ شاهڪار ڪتاب مُرتب ڪري، سنڌي ادب جي جهول کي ڪنا تار پري ڇڏيو هو.

اسان جي هِن يار پياري مورَ ساگر وري پنهنجي رنگ ۾ يارن جي منڊليءَ سان گڏجي سنڌ جند جي سئر سفر، منظرن ۽ اهنجن بابت احوال

لِکڻ جو ھي خاص سعيو ڪري، هِن هر سال باقائده ھھڙا ڪِتاب لِکڻ جو ارادو/عزم جو ڊيڪاريو آھي، تہ هِتي ڇا لِکان. هِن لاءِ سواءِ ڪيس ھھڙي دُعا ڏيڻ جي

جاڏي پيرُ تاڏي خير...
تڪُ ڏِنان ڏنِ!

ياد پيو اچيم، ان ڏس ۾، ھيءَ بہ ڪيڏي نہ سھڻي روايت، تہ ڪجھ سالن کان ڪيئي سنڌي قلمڪارن، پنھنجن پنھنجن ضلعن ۽ ڳوٺن بابت علمي، ادبي، تاريخي ۽ ثقافتي پس منظر ۾، پيرائتا احوال لِکي ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرائڻ بہ تہ شروع ڪري ڏِنا آھن. جيڪا پڻ ڏاڍي سُٺي روايت. پانئيان ٿو تہ سِيني اھڙن ڪتابن جي حيثيت ۽ اھميت پڪ سان تہ ايندڙ زمانن ۾ زبردست تاريخي ليکبي.

اجھو ان ڏس ۾ اسان جي مور، سنڌ جي سئر سياحت بابت ھيءَ تہ صفا ڪا نئين طرح ايجاد ڪئي ٿي ڏِسجي ۽ ان ڪم لاءِ زندگيءَ جي ڪاروھنوار مان ڪي ڏھاڙا پاڇي ڪري، ھو يارن سان سنگ سنگ، کُليل اکين ۾ ڪئميرا ۽ بئگ ۾ قلم ڪاڳر رکي، سيلاني بڻجي نِڪري ٿو پوي ۽ رات وقت پوءِ سارا پنھنجا مشاھدا، منظر ۽ يارن جون دِلچسپ ڳالھيون، ڪنھن گوشي ۾ ويھي چِپ چاپ لِکي ٿو وجي ۽ پوءِ جيئن ڦُڙي ڦُڙي تلاءُ ٿيندو آھي، ھو ھھڙا ڪتاب ٿو جوڙي وٺي.

پر يارو، اُن کان اڳ جو مورَ جي ھن سنڌ ياترا جي ورقن ۾ آئون لھان، مون هِن جا، ڇا تہ مزيدار مزيدار ۽ شاعراڻن عنوانن وارا ھي بہ سياحتناما، ڪنھن وقت اڳي ئي پڙھي ورتا ھئا:

”حيدرآباد کان ھنزه تائين“
۽ بيو ”مورَرُان ملائيشيا“.

پانئيان ٿو، سنڌ کان ٻاھر وارا، اھڙا سئر سپاٽا ڪندي پڪَ سان تہ مور کي خيال آيو ھوندو تہ ٻاھرين دُنيا گھڻي ئي مون گُھمي ڦِري ڏِٺي، سو ڇو نہ، پنھنجي سياڳي سدوري سنڌ جا سُھڻا من مھڻا، گڏوگڏ ڏکڻا سڪڻا منظر بہ تہ ھلي ملي وجي ڏِسجن ۽ شھر شھر، ڳوٺ ڳوٺ جي ملوڪ ماڻھن سان ڪي روح رچنديون ڪچن ۽ سندن حال احوال بہ ويھي لِکجن.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ بس، ڪيئي سال اڳي اهڙي سنڌ ياترا شروع ڪري، ساڻيهہ بابت پهريون پُستڪ جيڪو هِن لِکيو ان جو نالو رکيائين: ”زندگيءَ جا پَل، جي مون گهاريا پنڌ ۾“.

بيشڪ، پيارو مور... ڇمندي ڇام سياح مزاج... سئر سفر جو شائق، سنڌ جي سِرَ سِرَ تي پير رکڻ جو مشتاق، پر سندس نثر جي نٽنگ ۽ عنوانن ۽ تصويرن جا سندن تجويز ڪيل جيڪي ڪئپشن ۽ انهن ۾ سہ حرفي نما سُريلي ٻولي جو پڙهيم... تہ لڳو مور تہ پورو پورو شاعر سياءُ نثر نگار... اجهو هتي مثال طور سندس اهڙن شاعرائڻن عنوانن جا هي ٿورا ڪي نمونا بہ ڏِسو...

سُهڻي منهنجي سنڌ...

جي مون گهاريا پنڌ ۾.

يا اختصار سان ڪن تصويرن هيٺان ڏنل سندس ڪئپشنز جو ڍنگ بہ ڏسو:

راهوڪيءَ جي راهہ تي

گورک ڏانهن گهٽ

منصوره ڏانهن مُنهن

پِٽ تان پيرو

ڪلانڪر ڪَپ تي

مور جي سفرن جي هيءَ بہ ڪيڏي نہ سُني ڳالهہ. تہ هر سفر جي ابتدا ۾ هو سفر واري دُعا پڙهڻ قطعي نٿو وِساري. واٽ ۾ نماز جو وقت اچي ٿو تہ اُها بہ هو ضرور ٿو پڙهي... سفر جي سلسلي ۾ سندس هي بہ. ڇا تہ اسان توهان لاءِ مشورو تہ سفر ڪجي تہ سياري ۾، جو گُهمڻ ڦِرڻ، کائڻ پيئڻ ۽ ويندي ڪمبل ويڙهي سُمهڻ جو بہ جهڙو مزو سياري ۾ ايندو آهي، ٻي ڪنهن بہ موسم ۾ اصل نہ!. مور جي سنڌ ياترا واري هن تئين ياڳي ڪي پڙهندي ان ڪي ڪو ڪتاب ڪِٿي پئي مون جاتو پانئيم ڪا سواري آهي ۽ ٽِپ ڏيئي آئون اُن ۾ مور جي پر وٽي ويهي رهيو آهيان ۽ سفر ۾ سندس ٻي سنگت سان آئون بہ همسفر آهيان ۽ پياري مور جي اکين سان سڀ ڪجهہ ڏِسندو پيو وڃان، اِجهو هي سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊو ڄام جا ساوا ستابا باغ، وڻ ٽِڻ، سُهڻا نظارا، نظارا ئي نظارا ۽ مٿان واٽ ۾ کهڙا کهڙا نہ ڏيک ڄڻ ڇيخوف جي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن ناول جو باب پيو پڙهان. اجهو هي شيخ ۾ ڪيي واري بزرگ آچاريءَ جو مُقبرو ۽ اُن بابت مور جو دِلچسپ بيان پوءِ بُڪيرا شريف.... اِيلي ڙِي، اُن ديار ۾ بہ افغاني پٺاڻ جي چينڪ ۽ ڪير پٽي چانهہ جو ڍاپو! معنيٰ تہ اِهي ماري اِتي بہ پهچي ويا. پوءِ داستان گو حاجي حقير ابن مگڻ وارو ٽنڊو قيصر، جتي هر طرف صوفي پيرن ۽ انبن جا باغ. سهڻي شاعر آسي زمينيءَ جي اوطاق ۽ آس پاس ڪان ايندڙ قنبراڻين جا آواز شيدي باشا هم باشا..... وري اُن ديار مان ڦِرندا، اچو تہ چوهڙ جمالي، اڙي واهہ، هن ڳوٺ ۾ ڪنهن وقت، ڇا تہ اندين پَٽي وارين پيڙين جا ٻاڏو رهندا هئا ۽ ڇا تہ سمارٽ ۽ نازڪ پيڙيون ٻڏندا هئا، صفا هالي ووڊ، بالي ووڊ جي فلم هيروئنز جينا لولو ۽ ايشوريا جي چيلهہ جهڙيون پيڙيون.... چوهڙ جي اهڙين نازڪ پيڙين ڪي ڏِسي سدائين چپن تي هي گيت ايندو هئم: ”پتلي ڪمر هئہ، تِرڇي نظر هئہ، آجا ميري من پائي بالم، آجا تيرا آنکهون مين گهر هئہ...“ ’چوهڙ تان چڪر‘ ماتلي ڦاٽڪ اڳيان گُذرڻ وقت، مور ٻُڌائي ٿو، ڪنهن وقت هِتي ڪو بزرگ رهندو هو ”مولوي نظر محمد“، ان جو جنازو ڪجاڙو تہ ڪانڌي ڇا ڏسن، سوين پکي اُن جي ڏوليءَ مٿان ڇانوَ ڪندا پيا هلن. پوءِ ڪڙيو گهنور ۽ اُن جي پرسان ڳوٺ سهراب خان نظاماڻي، اڙي بابا، هي ناميارو شاعر حافظ نظاماڻي ان ئي تہ ڳوٺ جو آهي، جنهن هي ڇا تہ يادگار نظم لِکيو آهي ”ڪو آ رحمان جي پاسي، ڪو آ ڀڳوان جي پاسي“.... پوءِ سجاول ڏانهن ويندي دولهہ دريا خان پُل، پوءِ سجاول پبلڪ لائبريري... ۽ ايئن جتان جتان بہ مور وٽي پئي هليو، اُتان اُتان جا ڪيئي تاريخي حوالا ۽ سنڌ گزيٽيئر مان گُفتا بہ ٻُڌائيندو ٿو رهي. پوءِ بدين سامهون ”ٻڙ جو ڍورو“ سبحان الله. لطيف سائين جي ياد حافظ مائي گنگا جتڻ وارو گام. اڳيان دودي شهيد واري روپا ماڙي، پوءِ شيخاڻي گهاڙي... جتي لطيف ايوارڊ يافتہ ناٿو فقير لُنڊ رهندو هو. ڪيڏا منهنجا ڀاڳ، ٿورا ئي سال اڳ، مون شاهہ سائين جي ميلي ۾ روبرو هِن کي ڏِٺو هو ۽ ايوارڊ وٺڻ وقت، هزارن جي هجوم ۾ سندس تعارف بہ مائيڪ تي مون ئي پڙهيو هو. اجهو بدين جي ئي سياحت دوران مور، لواريءَ جي لعل خواجہ محمد زمان قدس سره جي مزار جو منظر بہ ڏيکاريو آهي، تڏهن يڪدم ئي شاهہ صاحب جو سندن بابت هي بيت بہ ياد اچي ويم:



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون سي ڏنا ماءِ، جنين ڏٺو پرين کي.

وچ ۾ ”ڪڍڻ“ جو ديار، اُهو تہ ڇڻ بدين جي دل ۾ هو. جيڪو عظيم شاعر شمشير الحيدريءَ جو جنم شهر آهي. ياد آيم ڪنهن وقت شمشير کِلي کِلي چوندو رهندو هو:

”بديڻان نہ ديکا، تو ڪُڇھ ڀي نہ ديکا“

وِچ وِچ ۾ مور ڪيڏيون نہ مزيدار مزيدار ڳالهيون بہ گوشِ گذار ڪندو ٿو هلي، مثال طور، پيرو جي پَٽن تان لنگهندي، هِن ٻڌايو پئي.... ”مڇي ڪنيم پَٽ تان، مَڇي ڏِنم شعيب کي...“ ۽ ايئن مور کي هي مڇي ڇا مِلي هئي، ڄڻ ”لڇمي“ ديوي مِلي وئي هئي.

اجهو ڳوٺ دينار ٽالپر ۾ ڪچهري دوران جڏهن سيني سان تعارف ٿيو تہ هِڪ دوست جي لاءِ وينلن چيو سائين هي ماستر آهي، هِن سان ڪچهري ڪريو. جنهن ٻڌايو تہ هو ايم اي انگلش آهي، ڊاڪٽر عبدالجبار فوراً چيو ’معنيٰ چريو‘ تڏهن سڄي ڪچهريءَ ۾ ٺهڪڙو مَچي ويو.

يا الله، اڳتي مور پوءِ هي بہ ڪهڙي نہ عجيب ديار جو قصو ڇيڙيو.... اهڙي ديار، جو جِتي ايل. بي. او. ڊي ڇڻ ڪو ارڙ بلا ۽ مٿان هي قصو تہ ڪنهن وقت شديد سامونڊي طوفان آيو هو تہ سڀ ڪجھ ملياميٽ ۽ هر طرف وٽن ۾، ماڻهن جا لاش ئي لاش! اُن ديار ۾ هاڻي مور سان گڏ سنڌ جي ٽئين نمبر وڏي شهر سکر ۾ داخل ٿيس تہ. سامهون لئنسڊائون پُل.... ۽ ڇپن تي جيڪو لوڪ گيت، اهو هي ”او جيڪو سکر واري پُل تي ـــ هو جمالو ۽ جنهن جي سوني مُنڊي ڇيچ ۾ـــ هو جمالو.“ اجهو سکر بئراج جا هي ڇا تہ 66 جهريل دروازا ۽ ڪُنڊ تي يادگار ميوزيم. جتان سڌ پنڌ تي درياھ سنڌ. وچ ۾ ”ساڌ بيلو“ جتي پاڪندي بابائن جو پراچين مندر.. جنهن جي باغ ۾ ڪُنڊ سان لال گلال گُلن سان پريل ”بنفشه“ جا وڻ. پوءِ پُراڻو سکر جتي جنات چوڪ ۾ شيخ اياز صاحب جو گهر. سکر پرسان بسنت بهار رُت جهڙو شڪارپور جو شهر. سامي، شيخ اياز صاحب ۽ آغا سليم جو جنم ديار ۽ جنهن کي مور جي اکين پرسان ويهي ڏٺم، تہ کنڊر کنڊر.. تباھ حال ۽ سارو شهر اُجاڙ اُجاڙ. جتي عظيم ليکڪائن روشن آرا مغل ۽ بادام ناتوان جون حويليون، جن جي در درين مان ايندڙ سرگوشيون جا ههڙا آواز


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو وڇوڙيا سوين اي زمان،ا هاڻ زمانا.

پوءِ خيرپور... جتي مور سان گڏجي مون مريم توب ڏِٺي ۽ هي محاورو يادم آيم "ڪاڏي مُنهن مريم جو ڪاڏي الهيار..." پوءِ ياد آيو. دؤرِ حاضر وارو هي زبردست سُگهڙ خليل ڪوسو اُن ئي تہ الهيار واري شهر جي مِٽيءَ آهي، جنهن سنڌ جي ٽنڊن بابت هڪ طويل نظم ۾ سنڌ جي سيني ٽنڊن جو چا تہ دلپذير انداز ۾ بيان لکيو آهي. پوءِ خيرپور شهر اندر بهترين پبلڪ لائبريري، مير واهہ ڪِناري، صفحہ هستيءَ تان گُم ٿي ويل عظيم شاعر ڊاڪٽر تنوير عباسي صاحب وارو "سرمد جو گهر" پوءِ دُور درازا اندر سچل سرڪار جي مزار جتان سندن آواز ايندڙ

بي فائدو بازار گُهمين ٿو

يار ملي ڪک پن ۾ الا،

محبوب ڳولي ڏس.

۽ اُن ئي رستي جي پاسي کان، شاندار ڪوٽ ڏيجي وارو ويران قلعو... ۽ مور جي، مور پرن جهڙي رنگين نثر ۾، هاڻ وي جي ٻنهي پاسن کان، باغ ئي باغ ۽ رنگ ئي رنگ ٿو ڏسان ۽ ڪجين جا ڏوڪن ۽ ڏنگن سان پريل وڻ.... اُتان پوءِ درياهہ جي پار وني ويندي مور ڳالهين ئي ڳالهين ۾ سنبارا... "دي ڊانسنگ گرل" واري اُجاڙ شهر موهن جي دڙي ۾ گُهمائڻ لاءِ وني ٿو هلي، جتي ويران کنڊرن جي پرسان درياءِ سنڌ سان لڳولڳ سُپت سنڌو تهذيب جا آثار. جنهن سڄي دنيا ۾ اسان سنڌ واسين کي نمايان سُڃاڻپ ڏياري ڇڏي آهي. موهن جي دڙي وارن انهن کنڊرن ۾ مور سان گڏ داخل ٿيندي، مکيہ دروازي وٽ هڪ اوچي چبوتري تي پروهت بابا يعني ڪنگ پريسٽ جو وڏو شاهي مجسمو... جيڪو کنڊرن مان مليل اصل مورتيءَ کي ڏِسي ناميار مجسما ساز پياري دوست نعمت خلجيءَ وڏو وڏو ٺاهي ان هنڌ تي نصب ڪرايو هو.

موهن جي دڙي مٿان استوپا واري هنڌان، مور سان گڏجي دور دور چا ٿو ڏِسان.... درياهہ سنڌ، ڪُميت ۽ ابلخ گهوڙي کان بہ تيز تر، سکر بئراج ڏانهن ڊوڙندو ٿو نظر اچي ۽ پرسان ڳوٺ "ٻنڊي" جيڪو ڪامريڊ سوڀي


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گيانچنداڻيءَ جو جنم هنڌ ۽ پوءِ اُتي ئي چِتا کي اگني سنسڪار بعد، هو پسمر تي ويو هو.

اجهو هن سنڌ ياترا ۾، مور ساگر سان گڏ گڏ، سفر ۾ ڪنهن شهر ۾ صبح ٿو ٿئي، تہ ڪنهن ۾ شام، ڪِٿي واٽُون ويران تہ ڪِٿي رستا خراب ۽ سفر دوران ڪنهن وقت مٿان ڏِسان، چا چاندوڪيون راتيون تہ ڪنهن وقت وري گجگاهہ اونداهيون راتيون ۽ هر اهڙي صورتحال ۾ بہ مور جو سفري بيان جاري و ساري، يعني ڳالهہ مان ڳالهہ ۽ قصي مان قصو ۽ بس ايئن ڏِسندي ئي ڏِسندي.. سنڌ ياترا بابت پاڳي ٿئين وارو هي سفرنامو تمت بالخير ”يار زنده صحبت باقي.“ تڏهن ويندي ويندي ۽ موڪلائيندي پياري مور وچن بہ تہ مون سان ڪيو، ٿوري آرام ۽ ساهيءَ بعد ههڙو سفر وري آئون ڪندس ۽ سنڌ ياترا جو ههڙو چوٿون پاڱو پڻ ضرور لِکندس سال بہ سال... جي حياتي بخير، وري بہ اسين گڏ هونداسين.

تڏهن ”سنڌ منهنجي جند“ واري هن سفر جي پُڄاڻي جڏهن ٿي ۽ پنهنجي پنهنجي اسٽاپ تي هِڪ ٻئي کان اسين جُدا ٿياسين تہ چيومانس چڱو پيارا مور، توهان پنهنجي گهر خوش ۽ آئون پنهنجي گهر!

**نصير مرزا**
حيدرآباد
10 ڊسمبر 2022ع

**پيش لفظ**

# ساگر جو سفر، ساگر جون لهرون

سرسبز ۽ شاداب آهن، پئي ڪنڌيون مهراڻ جون،
روز شب آباد آهن، پئي ڪنڌيون مهراڻ جون.
’سرويچ‘

ون يونٽ واري دؤر ۾ جڏهن سنڌ جو نالو وٺڻ به ڏوهه جو ڪم تصور ڪيو ويندو هو. ان وقت محمد ابراهيم جويي صاحب رسالي مهراڻ ۾ تصويري اسڪيچن ۽ دِلڪش نظارن ۽ سُونهن ورُنهن واري شعر شاعري ۽ آڪاٽين رستي سنڌ وطن لاءِ اُتساهه پيدا ڪندڙ ۽ اندر ۾ اُڌما ڏياريندڙ مواد لِکرائي، ان وسيلي سنڌ جي ياد تازي ڪرائڻ وارو ڪم ڪيو هو. جويي صاحب جهڙي داناءَ دانشور پاران اختيار ڪيل اهو انداز سنڌ جا نت نوان نرالا رنگ ۽ روپ نِکيري نِروار ڪرڻ سان پنهنجي وطن لاءِ حُب پيدا ڪرائڻ جو هڪ ذريعو هو.

ان دؤر ۾ اهڙن خيالن جي اظهار جو واضح مقصد اهو ئي هيو ته، جهڙي ريت هڪ حڪمت عمليءَ سان سنڌ جو نانءُ نشان متائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي ويئي، اهڙي رجحان کي روڪڻ ۽ پنهنجي قومي ورثي کي پنهنجو سمجهي پنهنجو ڪرڻ واري ان عمل سان سنڌ جي عام و خاص ماڻهوءَ ۾ سنڌ جي ماڳن ۽ مڪانن جي معلومات ملڻ ۽ تصويري نمائش وسيلي پنهنجي شين لاءِ اُتساهه ۽ انهن سان پريت وارو پيچ پائڻ جهڙو رجحان پيدا ٿيو. ان وقت جڏهن سنڌ جو نالو نشان متائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي ويئي، تڏهن اهڙا عمل ڪري سنڌ ۽ سنڌين جي عظمت واري ورجاءَ وسيلي اُتساهه پيدا ڪرائڻ جي اها ڪامياب ڪوشش ڪئي ويئي.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بعد ۾ عوامي اُمنگن ۾ سماڄي ويل سنڌ جي ذري ذري سان عشق وارو عمل ۽ سنڌ جون مختلف حوالن سان ثنائون ۽ سِرَ گهور ڪرڻ واريون صدائون، دراصل انهن ابتدائي ڪوشش جو ئي نتيجو هُيون.

سنڌ جي سونهن ۽ سنڌين جي سچيتائي جا ڪيئي رنگ ۽ ڍنگ آهن سنڌ جي ثقافتي ورثي ۽ روايتن جا ڪيئي روپ آهن، جن کي نِکيري نِروار ڪرڻ جي اڄ به اوتري ئي ضرورت آهي جيتري ڪالهه هئي.

مسجد ۽ مندر ۾ روشن هڪ ڏيئي جهڙي رواداريءَ جو درس ڏيندڙ سنڌ، جنهن ۾ وقت، حالتن ۽ بدلجندڙ ماحول (جيڪو قابض قوتون بدلائڻ جون ڪوششون ڪري رهيون آهن) سڀ اڳوڻا محبت ۽ مهمانوازي، قرب ۽ ڪچهرين وارا قدر متاثيندو پيو وڃي. اهڙي ماحول ۾ دوست مورساگر پنهنجي دِل گهُرين دوستن کي ساڻ ڪري، سنڌ جي رونقن ۽ روايتن کي سمجهڻ واري سفر جي شروعات ڪئي آهي. اڄ ڪلهه جي نفسانفسيءَ واري ماحول ۾ سندس اهڙو عمل ساراهه جوڳو آهي.

شايد ئي ڪو اهڙو سنڌي هجي جيڪو ’سنڌ منهنجي جند‘ جهڙو جملو ورجائيندو نه هجي، پر عشق جو اظهار ڪرڻ ۽ اُن تي عمل پيرا ٿي اڳتي وِک وڌائڻ، اهي به بنهه ڌار لقاءَ آهن. مور ساگر پنهنجي پاران چونڊ ڪيل ساٿين سان انهن بنهي لقائن جي لست وٺندي، جيڪو سُرور محسوس ڪري ٿو ان جا اُهڃاڻ سندس قلم بند ڪيل هن تاثراتي مواد جي جهروڪن مان جهاتيون پائيندي نظر اچن ٿا.

ساگر جون لهرُن ته هر ڪنهن ڏِٺيون هونديون، پر اُنهن لهرُن جي ڌار ڌار لرزش، رنگن ۽ ڍنگن بابت شايد ڪن ٿورن ئي ويچاريو هجي، سانتيڪو ساگر، لهرن جي لپيٽ، ڪڏهن مانار ته ڪڏهن اُپار، ساگر جو اهو انداز ڏاڍو دِلڪش ۽ من ۾ کُپي، موهي ڇڏيندو هوندو آهي. جنهن کي ڏِسڻ سان دِل کي آسيس ۽ اڪين کي سُڪون مِلندو آهي. دوست مور ساگر پاران امڙ سنڌ جي مختلف رنگن، روپن، نيڻهن نظارن ۽ دوستن يارن بابت تعارفي نوعيت وارو لکيل هي مواد، سچ ته ساگر جي لهرن واري ڏِکَ ڏيئي ٿو. جنهن جي پڙهڻ سان هن مسافر جي سفر هيٺ آيل سنڌ ڌرتيءَ جي مختلف رنگن ۽ رونقن جي ته خبر پوي ئي پوي ٿي، پر ان سان مسافر جي باذوق ۽ با شوق هئڻ جو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڻ بخوبي اندازو ٿئي ٿو. پاڻ شاعر هئڻ ڪري شاعراڻي انداز ۾ سنڌ ڌرتيءَ جي سونهن جي ڳالهه ڪندو رهي ٿو.

سنڌ جي ڪُنڊ ڪڙڇ ۾ اهڙا ڪيترائي نوجوان آهن، جيڪي سير و سفر سان دِلچسپي رکڻ ڪري گهمڻ ڦرڻ سان دِل وندرائن ٿا، پر اُهي پنهنجي اهڙن سفرن جو احوال ٻين جي دِلچسپي وڌائڻ خاطر قلم بند ڪونه ٿا ڪن. ان ڪري وقت ۽ ماحول جي تبديل ٿيڻ سان سهڻي سنڌ جي متجندڙ ۽ نئين جنم وٺندڙ ماحول بابت ڪيتري ئي معلومات تاريخي رڪارڊ طور محفوظ ٿيڻ کان رهجي وڃي ٿي، ان حوالي سان مور ساگر جو قلم بند ڪيل هي پورهيو موجوده دؤر ۾ نه، پر ايندڙ دؤر جي پڙهندڙن جي لاءِ سير و تفريح سان گڏ ادبي ۽ سماجي مواد پيش ڪرڻ جي سلسلي ۾ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو.

ساگر پنهنجي سفر واري هن مواد کي تفريحي انداز ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ڪٿي به تحقيقي ۽ تنقيدي تارازيءَ ۾ تورڻ واري عمل کان پاسو ڪيو اٿس، سنڌ جي مختلف حِصن ۽ ان ۾ موجود تاريخي ماڳن ۽ مڪانن جو تفريحي انداز ۾ سير ته سڀ ڪو ڪندو آهي، پر اهڙن نوَن رنگن ۽ رونقن کي ڪو ڪو ئي قلمبند ڪندو آهي. اهڙي نوعيت جو سير سفر ڪندڙ دوست جيڪڏهن مور ساگر جيان پنهنجا سفر، جيئن اُهي ڪن ٿا، اهو تاريخ وار تفصيل قلمبند ڪندا رهن ته سُهڻي سنڌ جي وقت ۽ حالتن، موسمن ۽ مُندن جي روشنيءَ ۾ تبديل ٿيندڙ زندگي ۽ متجندڙ ماحول جي معلومات گڏ ٿيندي رهندي، جيڪا اڳتي هلي محققن لاءِ بنيادي ماخذ وارو ڪم ڏيندي. مور ساگر پاران ڪيل اهڙي سفر جا، اجا ته ٿي حِصا شايع ٿيا آهن، اجا ته سنڌ جا ڪيئي حِصا سندس نينهن واري نهار جا منتظر هوندا. خدا ڪيس خوش رکي ۽ اهڙي همت ڏئي، جو اڃ واري سنڌ جو مختصر ئي صحيح، پر هو اهڙو دِلچسپ معلوماتي مواد مڪمل ڪري سگهي.

**ڊاڪٽر آزاد قاضي**

راڌڻ اسٽيشن


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## پنهنجي پاران

روز نَهون ۽ وري ڍَهون ٿا سکي!
تو پُڇيو آ تہ ڪيئن جيئون ٿا سکي!

بِلڪُل مٿين سِٽن وانگي زندگيءَ جي مشق جاري آهي. ٺهڻ، ڍهڻ، ڍهڻ، ٺهڻ. سو بہ وري زندگيءَ سفر ۾ روان دوان رهي. سفرنامو آهي ئي تجربي گاهہ. مشاهدا ماڻڻ، لقاءُ پَسڻ، ماڻهن ڪي، شين ڪي، تهذيب ڪي، رهڻي ڪهڻي ڪي ويجهي کان ويجهو ڏِسڻ ۽ پوءِ اُن کي قلم بند ڪرڻ.

سنڌ جي سفر ۾ ڪيئي لقاءُ بہ ڏِسڻ لاءِ مِلن ٿا. ڪِٿي زندگي بهار جي موسم جيئن پاسندي آهي ۽ ڪِٿي خزان ۾ سُڪل وڻن/پنن وانگي وڏين وارتائن مان گُذرندي ڏِسندا آهيون. اسان جو سنڌ وطن ۽ ملڪ پاڪستان قدرتي وسيلن سان مالا مال آهي، پر...

اردو جو هِڪڙو گانو آهي:

*تجھ کو دی صورت پری سی، دِل نہیں تجھ کو دیا،*
*مِلتا خدا تو پوچھتا، یہ ظلم تو نے کیوں کیا۔*

وانگي آئون پنهنجي پروردگار کان پُڇان ٿو: "اي خدا!، سنڌ وطن ۽ پاڪستان کي پُرڪيف بڻائي، سڀئي سونهن جون صورتون عطا ڪري، سڀني قدرتي وسيلن سان مالا مال بڻائي، حڪمران هِڪ ٻِن کان سواءِ سڀ حرامي ڏِنئي............ اِهو ڇا ڪيئي.!!!"

سنڌ جي پنڌ جو پاڳو ٻيو 'سهڻي منهنجي سنڌ' بہ پهرين پاڳي 'زندگيءَ جا پَل جي مون گهاريا پنڌ ۾' جيئن پڙهندڙن پاران ساراهيو ويو پڙهندڙ دوستن جا وڏا وڙ... ساڳين ئي اُميد سان سنڌ جي پنڌ جو هي ٽيون پاڳو 'سنڌ منهنجي جند' بہ اوهان پڙهندڙ پيارن لاءِ لِکي/ڇپائي ڪٺي آيو آهيان.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن مَن ماڪوڙي، ڪڏهن ڪيهر شينهن. (شاهه)

سو بَس ايئن پنهنجو پاڻ سان وڙهندي، جهيڙيندي، نيٺ سنڌ جي سفر جو هي پاڱو ٽيون ’سنڌ منهنجي جند‘ واعيدي مطابق اوهان تائين پهچايو اٿم. ڪجهه مهينن جي دير ضرور ٿي آهي، پر سال نه بدليو آهي. باقي دير ٿيڻ جو هِڪڙو واضع سبب اِهو آهي ته:

جڏهن ڇپجڻ جو مرحلو آيو ته مُلڪ ۾ منهگائي جي اُٿيل طوفان سبب پيپر ڪي اهڙا ٻَرَ لڳا جو اسان جي اُڏام اُتي ئي رُڪجي وئي، گهڻن پڙهندڙ دوستن جي پُڇائن ڪانپوءِ ۾ سائين ڊاڪٽر عبدالجبار ’قاسم‘ نظاماڻي، شيخ عبدالله ڪوهستاني ۽ ادا منظور جي تعاون سان نيٺ هي سنڌ منهنجي جند جي سفر جو پاڱو ٽيون ڇپجي اوهان جي هٿن تائين پهتو آهي.

هر پاڱي ۾ اِهو عرض رکيو اٿم ته منهنجو هي ڪتاب سفرنامو آهي، ڪا تاريخ ناهي، پر تاريخي حوالا ضرورت مطابق ضرور ڏِنا اٿم. اُن لاءِ ڪوڙ ڪتاب پڙهيم، گوگل، وِڪي پيڊيا، انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا ۽ روبرو رايتون به ٻُڌيون هونديون. سو اِن حوالي سان ڪِٿي ڪا ڪمي ڪوتاهي هُجي ته ضرور رهنمائي ڪجو.

ٿورائتو پياري سائين نصير مرزا جو جنهن ڪتاب ڪي پيار سان پڙهي مهاڳ لِکيو، آزاد قاضي جا به قرب ڪِٿي ٿا وِسرن. جنهن به ٽي لفظ لکيا ۽ بيڪ ٽائٽل لِکڻ لاءِ آپا نذير ناز جا به وڙ. محترم يوسف سنڌي جا قرب جنهن هِڪ نظر ڏِنو ۽ دِلبر دوست ايڇ. بي بلوچ جو به ته دِل سان ٿورائتو جنهن خوشيءَ مان آخري پروف ڏِسي ڏِنا.

پڙهندڙن کي هِڪڙي گُذارش عرض آهي ته پڙهڻ ڪانپوءِ هيٺ ڏِنل نمبرن تي تنقيدي اصلاح ضرور ڪن. ڪوڙ خاميون هونديون. جِن کي صحيح ڪري ايندڙ ايڊيشن/پاڱي ۾ وڌيڪ بهتري آڻي سگهجي. ✍

اوهانجو پنهنجو

**مور ساگر**

03332634650
03002634650



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



# نٿي ڊِل مان نِڪرين ٽنڊي ڄام وانگي

## روانگي

اُتر جا واءُ وريا آهن، اکين کي ٺنهنجوا وسيئڙو،
ڏيئي وانگي ٻَريا آهيون، سدائين پيار جي پنڌ ۾.

سياري جي سرد موسم شروع ٿي چُڪي آهي، هاڻي اسانجي رولاڪين جي مُند بہ جڻ شروع ٿي وئي آهي، اسين گرمين کان وڌ سرديءَ جي موسم ۾ گُهمڻ ڦِرڻ کي سُٺو سمجهندا آهيون. سرديءَ جي موسم تہ منهنجي وڻندڙ موسم آهي، هِن موسم ۾ ماحول صاف سُٿرو، اُجرو اُجرو، ماڻهو جهڙو گهران وهنجي نِڪري شام ساڳيون ئي موٽي اچي، هاري ناري، مزدور ڪُڙمي، ڪيترو بہ ڪم ڪن، پر پوءِ بہ پگهر ۾ پُسي پريشان يا بيهوش نہ ٿين، نہ ئي ڪم ڪندي ايتري ٿڪاوَٽ ٿئي، مطلب تہ ڪم ڪرڻ، گُهمڻ، ڦِرڻ، کائڻ، پيئڻ، سُمهڻ، مڪمل پسنديده موسم آهي.

آئون، ادا منظور، سائين ڊاڪٽر عبدالجبار نظاماڻي، سجاد حسن، ديدار ميمڻ پنج ئي گڏجي روانا ٿياسين، ٽنڊو محمد خان کان اڳيان شيخ پرڪيو ڏانهن نِڪرندڙ روڊ تي گاڏي کي موڙيوسين، سڀني سفر جي دُعا پڙهي.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## هي ٻنيون ٻارا وڻ ٽِڻ هِنن ۾ ڇا آهي؟

روڊ جي ٻنهي پاسن کان تمام سُنيون آباد ٻنيون ۽ روڊ جي ٻنهي پاسن کان سفيدن جا وڻ ۽ ساوڪ، ماحول ڏاڍو سُنو پيو لڳي، روڊ جي ٻنهي پاسن کان وڻن جي سُهٽي بيهڪ روڊ جو خوبصورت نظارو پئي پسايو ادا منظور چيو 'ديدار گاڏي روڪ تہ فوٽو ڪڍون' ديدار چيو 'منظور تون جهڙو ڪراچي جهڙي شهر جو رهندڙ هجين، هي ٻنيون ٻارا وڻ ٽِڻ هِنن ۾ ڇا آهي؟' مون وچ ۾ ڳالهائيندي چيو 'ديدار تون جي اسان وانگر سڄو ڏينهن خفن ۽ ڪمن ۾ دماغ هٽي، سويري گهران نِڪري دُڪان ۾ بند هُجين اڌ رات جو واپس گهر اچين تہ توکي بہ خبر پوي تہ هنن نظارن جو مزو ڇا آهي، تون سڄو ڏينهن وتين ٻهراڙين ۾ رُلندو هنڌين ماڳين گُهمندو تڏهن توکي مزو نٿو اچي، ڳالهہ ۾ وزن تہ آهي.

ٿورو اڳيان هلون ٿا، ديدار چوي ٿو 'هيڏانهن هِڪڙو ٽيوب ويل ۽ تلاءُ آهي، اُتي هل تہ نظارو ڏيکاريائين،' سڄاد مُسڪرائيندي چيو 'اوڏانهن الائي ڪيئن ٿو هلي،' مون سڄاد کي چيو 'ڇا مطلب اهڙو ڇا آهي،؟' سڄاد وري مُسڪرائيندي چيو 'هي باقر نظاماڻي ۽ پريان ٻيو بہ ڳوٺ راڄو نظاماڻي جو آهي ٻنهي ڳوٺن جون عورتون گاڏيون ڀري اچي اِن ٽيوب ويل (تلاءُ) تي پسار ڪنديون آهن. سائين عبدالجبار ڳالهہ کي اڳتي وڌائيندي چوي ٿو 'اِهي ٻئي ڇاڇو ڀائٽو هئا ۽ بندوق جي ٺڪاءُ تي ڳوٺ ٻَڌائون،' مون وري سوال ڪيو 'سائين اِهو وري ڪيئن،؟ چيائين 'ڇاڇي چيو آئون هِتي ٿو ويهان ۽ بندوق جو فائر ٿا ڪريون جستائين آواز وڃي اُن جاءِ تي تون پنهنجو ڳوٺ اڏ.' بقول ڊاڪٽر عبدالجبار نظاماڻي جي تہ اِهي ٻئي ڳوٺ ايئن وجود ۾ آيا.

اڳتي وڌون ٿا، ديدار کي چوان ٿو 'ديدار مورائي آباد فاران شگر مل اچي تہ ٻُڌائجان اُتي، منهنجي دوست جو موٽر سائيڪل شوروم آهي، اُتي بريڪ ڪرڻو آهي،' پر ديدار چيو مورائي آباد تہ موري ۾ آهي، 'چيم يار اُن موري واري همراه جو ئي تہ مورائي آباد آهي،' غلام نبي مورائي جون هِتي ٻنهي پاسن کان زمينون آهن. مهراڻ تي وي واري غلام نبي مورائي جون. اِهو بہ اُن دوست علي نواز سهتي ٻُڌايو هو چيائين تہ فاران شوگرمل پرسان آس پاس سڀ زمينون غلام نبي مورائيءَ جون آهن.

## ظالم زميندار

ٽورو اڳيان وڌياسين ديدار چيو ’هي باغ هي زمينون سڀ غلام حسين ڪوڪر جون آهن. ظالم وڏيرو هو،‘ سائين عبدالجبار ٻڌايو ته: ’غلام حسين ڪوڪر هارين تي ڏاڍا ظلم ڪندو هو. ڪنهن غريب کي پاڻي به نه ڏيندو هو. آس پاس جي ننڍين زميندارن پاڻي نه مِلڻ ڪري زمينون پوکڻ ڇڏي ڏِنيون. ’مون چيو ايترو ظالم هو تڏهن تي انهي ڪِردار تي ڊرامون به ٺاهيو ويو. اُن ڊرامي ۾ غلام حسين ڪوڪر جو ڪِردار گلاب چانڊيو ادا ڪيو هو.‘

ڳالهيون ڪندي شيخ پرڪيو شهر اچي پهتاسين. علي نواز سهتي کي فون ڪيم. پر ڪو به ريسپانس نه مِليو. ٻيو پيرو نمبر ڊائل نه ڪيم. سپني چيو ته نمبر ڊائل ڪر ته بريڪ ڪريون. چانهه به پيئون. مِليو هلون. چيم نه آئون فون صرف هڪ دفعو ڪندو آهيان. اڳيون جي سمجهندو ته ضرور ريپلائي ڪندو. جي نه ته بس. هر هر فون ڪبي ته لازمي بيزار ٿي فون ڪٽندو جيڪو عمل مونکي ڪڏهن ناهي وڻندو.

## شيخ پرڪيو آچاري

هاڻي درگاهه جي ديدار لاءِ گاڏي کي موڙيوسين. درگاهه جي گيٽ اندر گاڏي بيهاريسين. اندر رش لڳي پئي هُئي شايد هِڪ ٻن ڏينهن ۾ ميلو لڳڻ وارو هو. اڏاوَت زور شور سان جاري هُئي. اڳيان وڌون ٿا ته ’شيخ آچاري‘ جي مقبري جي احاطي ۾ مايَنَ (عورتن) جي وڏي پيڙ هئي جيڪي اُن مهل برياني کائي رهيون هيون. ديڳ وچ تي رکيل هئي. ٻن ٽولن ۾ ورهايل فيمليون شايد آس پاس جون نه هيون. ڪِٿان پري کان آيل هيون جو هِتي برياني جي ديڳ گهرائي پي کاڌائون. سڀ شهري فيمليز ڏِسڻ ۾ پي آيون. اجا اڳيان وڌون ٿا مزار ويجهو مزار تي مٽي همراه بلب جهرمر لڳائي رهيا هئا. مزار کي رنگ روپ به تازو ئي ٿيل هو. ڪجهه هفتا پهرين به هِتي اچڻ ٿيو هو. تڏهن حاڪم اسان سان گڏ هو. اُن وقت رنگ نئون ٿيل ڪونه هو. مزار اندر آياسين ڦُل پڙهي پوءِ ٻاهر نِڪتاسين. سيلفيون. فوٽوگرافي ڪري آياسين ٻاهر. مزار جي ڪوٽ اندر ئي وضو خانا ٺهيل هئا. وضو ڪري وچين نماز هِتي ئي پڙهيسين.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهاڻ هيرن ڪاڻ جي ٻن پاڳن ۾ پڙهيو هُيم ته: شيخ پرڪيو آچاري جو ڏهين صديءَ هجريءَ جي پلارن بُزرگن ۾ شُمار ٿئي ٿو. هِڪ قلمي ڪتاب ۾ لکيل آهي ته هندو شيخ پرڪيو کي ’راجا وير‘ ڪري مڃيندا آهن.

تحفته الڪرام ۾ هِن جو پورو نالو شيخ پرڪيو ولد شاهو ڪاتيار لِکيل آهي ۽ سندس والده جو نالو ساران هو. سندس نالو جيڪو عام ۾ مشهور آهي اُهو ’شيخ پرڪيو آچاري‘ آهي، جنهن مان اِهو اندازو لڳايو ويو آهي ته شيخ پرڪيو پنهنجي وقت جي آچار وارن جا فيصلا نبيريندو هو ۽ حق وارن کي حق ڏياريندو هو.

شيخ پرڪيو لاءِ چوَن ٿا ته هن بيت به لِکيا آهن. جيڪي قاضي قادن جي بيتن سان گڏ ’پرڪڻ‘ جي نالي سان مِلن ٿا. ’پرڪڻ‘ مان مُراد پرڪيو ورتي وئي آهي. ’پرڪڻ‘ لفظ جي معنيٰ ’راضي ٿيو‘ ٻڌائي وئي آهي.

شيخ پرڪيو آچاري تي سال ۾ ٻه ڀيرا ميلو لڳندو آهي، هِڪڙو رمضان شريف ۾ جيڪو سندن ولادت جو مهينو چيو وڃي ٿو. ٻيو رجب ۾ جيڪو سندن وفات جو سال ٻڌايو وڃي ٿو. شيخ پرڪيو جي وفات 3 رجب المرجب 998هه تي ٿي.

### ٻُڪيرا ۾ شام جو پهر ۽ چانهه جو چَسڪو

روانا ٿياسين اڳتي، اسانجي منزل هئي ٻُڪيرا شريف. ٻُڪيرا شريف به هن ئي روڊ سان آهي، ڪچهري ڪندا رهياسين. ڪجهه پنڌ اڳيان هلڻ کان پوءِ ٻُڪيرا شريف آيو پهرين سيني جي صلاح هئي ته چانهه پيئون ڳوليسين ڪا چڱي هوٽل. ڪجهه اڳيان ٿياسين ته پناڻ جي هوٽل نظر آئي اندر وڏي اسڪرين واري ايل سي ڊي لڳل هُئي ٻاهر ڪُرسيون پيل هيون صاف سٿري. اها تقريبن هر شهر ۾ پناڻن جي ڪوالٽي آهي ۽ انهي ڪري ماڻهو هر شهر ۾ ڳولي ٿو پناڻن جي هوٽل. سامهون سهڻي نهيل مسجد نظر آئي جنهن جو ٻيهر ڪم هلندڙ هو. هوٽل تي چانهه کان پهرين پڪوڙا کاڌا. چانهه پي رهيا هئاسين ته پريان ڪمند سان پريل چنگچي رڪشا ايندي ايندي اڳيون ٽائر مٿي تي پُٺ پر اُپو ٿي ويو. مون سندس فوٽو ڪڍي ورتو. اڄڪلهه چنگچي رڪشا تي سوزوڪي جيترو وزن کنيو وڃي ٿو.

## لي آئوٽ ساڳيون ئي آهي

هاڻي روانا ٿياسين مقبري طرف بس شهر کان ٻاهر ٿياسين تہ اڳيان بورڊ نظر آيو. گاڏيءَ کي موڙيوسين اُن طرف، جنهن طرف تير جو اشارو ڏِنل هو. ٿورڙو ئي پنڌ اڳيان هلياسين تہ سامهون درگاهہ هئي، ادا منظور چيو ’لي آئوٽ ساڳيون ئي آهي، شيخ آچاري وارو‘ اسان جو ڪم ڪِتاب ڇاپڻ آهي تنهن ڪري لفظ ’لي آئوٽ‘ جو استعمال ٿيو اِهو فطري عمل آهي تہ جنهن بہ ڪم سان ماڻهو لاڳاپيل هوندو آهي، پنهنجي گُفتگوءِ جملن ۾ ڪِٿي نہ ڪِٿي اُهي لفظ استعمال ڪري ئي وجي ٿو. نہ تہ ان لاءِ لفظ ’لينڊ اسڪيپ‘ استعمال ٿئي ٿو. اِن تي مونکي هِڪڙو لطيفو ٿو ياد اچي، جيڪو محترم الطاف شيخ منهنجي ڪتاب ’حيدرآباد کان هنزه تائين‘ جي مهاڳ ۾ ڏِنو آهي.

”هڪ نئين شادي ٿيل ڪنوار پنهنجي گهوٽ سان شڪايت ڪندي چيو تہ: ’آخر اِهو ڇو آهي جو منهنجي ساهيڙيءَ جو مڙس هِن کي هر وقت منهنجي نيراني هير، ماهتاب، منهنجي ڳَتي ۽ ٽيڙو، ماڪ ۾ ڀنل رابيل، منهنجي شفق.. وغيره وغيره. جهڙين پيارين شين سان مخاطب ٿئي ٿو ۽ هِڪڙو تون آهين جو هر وقت مونکي جانورن جي نالن سان سڏين ٿو.. منهنجي ٿلهي ڳابي، منهنجي ڪاري مينهن، منهنجي موڳي رڍ، منهنجي ٻ ٻڪري‘...!

مڙس چيس: ’ اِها تہ ڪا اهڙي ڳالهہ ناهي، جهڙي هوءَ پنهنجي مڙس کي پياري آهي، اِهڙي تون بہ مونکي پياري آهين. پر هِن جو مڙس تہ ٿيو موسميات کاتي جو آفيسر ۽ ماهرِ فلڪيات. سو ظاهر آهي هو سج، چنڊ، تارن، ڳتين، ٽيڙوئن، ڪهڪشائن جي ڳالهہ ڪندو ۽ جاني! توکي تہ خبر آهي تہ تنهنجو مڙس ڊاڪٽر ڍور (جانورن جو ڊاڪٽر) آهي، سو ظاهر آهي هِن جي وات تي هر وقت ڳابي، مينهن، رڍ، ڏاچي ۽ ٻڪري رهي ٿو‘...“

سو اسين بہ ٿياسين ڪِتاب ڇپيندڙ تنهن ڪري اُها ئي ٻولي ڳالهائينداسين، جنهن سان روزمره جو واسطو هوندو. خير اسين اُن طرف مُڙياسين جنهن طرف نمن جا وڏا وڻ نظرن جي آجيان ۾ اُڀا هئا ۽ اُنهن نمن جي وڏن وڻن جي وچ ۾ هِڪڙو وڏو مقبرو هو، جيڪو پُٺ پري کان نظر اچي رهيو آهي، جنهن کي ڏِسڻ لاءِ اسين اوڏانهن وڃي رهيا آهيون.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## قائم الدين جو مقبرو ٻُڪيرا جي پر ۾

مقبري اڳيان نمن جا وڏا وڻ، وڻن هيٺ گاڏي پارڪ ڪئي اندر آياسين مقبري جي اڳيان جيڪو ڇڄو ٺهيل هو تنهن تي ڪاٺ جو ڪم تمام سهڻي نموني جو ٿيل هو. ڪاٺ تي ٺهيل ڊزائن مان اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ مقبرو تمام پُراڻو آهي.

اي ڊبليو. هيوز جي لکيل ’سنڌ گزيٽيئر‘ ۾ تہ مون هيئن پڙهيو آهي، ”هن شهر ۾ چار مقبره آهن. اُنهن مان هڪڙو مقبرو **’شيخ پانپوتا‘ (عرف شيخ پانهون)** جو آهي. هن مقبري لاءِ چيو وڃي ٿو تہ 500 سئو سال پُراڻو آهي. ٻيو مقبرو **’پير فاضل شاهہ‘** جو آهي، هن بابت چون ٿا 400 سئو سال پُراڻو آهي. ٽيون مقبرو **’قائم شاهہ قريشيءَ‘ (المعروف قائم الدين قلندر)** جو آهي، جيڪو ستر ورهيہ اڳ جو ٻُڌايو ٿو وڃي ۽ چوٿون مقبرو **’پير فاضل شاهہ‘** جو آهي جيڪو هاڻي ويهہ ورهيہ پُراڻو چيو وڃي ٿو. (هِتي مونکي وڌيڪ معلومات ناهي، پر سنڌ گزيٽيئر ۾ پروف جي غلطي آهي يا ٻہ پير فاضل شاهہ آهن، ڇو تہ ٻي نمبر تي بہ پير فاضل شاهہ لکيل آهي جيڪو 400 سال پُراڻو آهي ۽ چوٿين نمبر تي بہ پير فاضل شاهہ لکيل آهي).

”ٻُڪيرا شهر لاءِ چون ٿا تہ قائم شاهہ قريشيءَ 700 سال اڳ اڏرايو هو. هي شهر ٽنڊي الهيار تعلقي ۾ آهي، ٽنڊو الهيار کان فاصلو پنج ميل (اٺ ڪلوميٽر)، جڏهن تہ حيدرآباد کان 18 ميل ٻُڌايو ٿو وڃي.“

هن ٻڪيرا شهر جي آبادي اُن وقت 700 لکيل آهي ۽ اُن وقت رهندڙ ذاتيون ٻڪيرا، ميمڻ ۽ خاصخيلي آهن. اُن وقت لکيل آهي تہ هنن ماڻهن هن 700 جي آبادي واري شهر ۾ ڪو بہ ماڻهو سرڪاري عملدار نٿو رهي، هتي جي آباديءَ جو گُذر سفر صرف زراعت، واپار ۽ مڇي مارڻ تي آهي.

اسين هن وقت جنهن مقبري ۾ موجود آهيون، سو قائم الدين جو آهي، جيئن ئي مقبري ۾ داخل ٿياسين تہ بہ همراه بيٺل هئا جن مان هڪ همراه ادا منظور کي سُڃاتو جيڪو هِتي هن مقبري جو خدمتگذار آهي، سُٺي نموني مِليو. پوءِ مقبري اندر وٺي هليو. مقبري ۾ قائم الدين (قلندر قائم الدين)، مقبري ٻاهران پٽي تي اِهو نالو لڳل آهي قلندر قائم الدين جڏهن تہ سنڌ گزيٽيئر ۾ صرف قائم الدين قريشي لکيل آهي.) جي مزار سان گڏ ٻيون بہ

ست مزارون لائن ۾ هيون، جيڪي سندس پائرن، مِٽن ۽ اولاد جون ٻڌائي رهيو هو. مقبري جي پاسي کان اُتر طرف لڳ مسجد اڏيل آهي، جيڪا اسان جي ڳوٺ ميون ملوڪ ۾ مخدوم امام تي اڏيل آهي، سان مشابهت رکي ٿي. اها ٺڙائن ۽ اُهو ڪاٺ، ساڳئي انداز بيهڪ ۽ گُلڪاري. مقبري جي ڏکڻ طرف هاڻي جي اڏيل مسجد جتي خاصخيلي ذات جي خدمتگذار جي پويان اسان سانجهيءَ جي نماز پڙهي. پوءِ ڪائنس موڪلائي آياسين، هاڻي رات ٿي چُڪي آهي ۽ اسان اڳيان آسي جي شهر قيصر جي ٽنڊي ڏانهن وينداسين.

## ٽنڊو قيصر، پهرين 'قيصر' هاڻي 'آسي' جو شهر

ورتوسين رستو ٽنڊو قيصر جو جيڪو هِتان کان پنج ڇهه ڪلوميٽر ٻڌايو پيو وڃي. خير ته ٿي ڳالهيون، احوال تيستائين ٽنڊو قيصر ۾ پهچي وياسين. پُڇا ڪئيسين رئيس منظور نظاماڻيءَ جي گهر ڏي ويندڙ گلي جي، ٻڌايائون اِها ئي آهي. سِڌو پهتاسين رئيس منظور جي اوطاق اڳيان، سائين فون ڪئي، منصور نظاماڻي نِڪري آيو. ياڪر پائي مِليو، حالي احوالي ٿياسين، اوطاق جو دروازو کوليائين اجا ويناسين ته چيائين جيڪڏهن پهرين نماز پڙهو ته جماعت جو وقت ٿي ويو آهي. چيوسين هلو اسان ته پنج ئي نمازي هئاسين، چيائين ان ڪري اوطاق جو دروازو کوليو ته ٿي سگهي ڪي نماز نه پڙهندا هُجن. جي اِها خبر هُجي ها سيئي نمازي آهيو ته پهرين هلون ئي مسجد ڏانهن ها، سيئي گڏجي کِلياسين. ها ابا اسين سيئي نمازي آهيون، ڪو پنج وقتي، ڪو چار وقتي، ڪو ٽي وقتي، پر نمازي آهيون. گڏجي هلياسين سومهڻي نماز پڙهي واپس آياسين.

هاڻي منصور پُڇيو ڏيو خبر پيٽ پوڃا ڪبي يا ڪچهري سيئي خاموش رهياسين. سائين عبدالجبار نظاماڻي ڳالهايو 'پهرين پيٽ پوڃا ٿا ڪريون، منصور روانو ٿيو ماني جو بندوبست ڪرڻ. جڏهن گاڏي ٻاهر ڪڍيائين آئون ته سمجهي ويس ماني ونڻ هوٽل تان پيو وڃي، خير اسين پنهنجي ڪچهري ۾ هُئاسين، ته رئيس منظور نظاماڻي به اچي ويو. سيني سان سُٺي نموني مِليو ۽ پوءِ ڪچهري ڪرڻ لڳاسين. منهنجي ذهن ۾ هو ته رئيس ٿو سڏجي، سو جيئن رئيس هوندا آهن، ايئن ئي هوندو پر هي همراه

تہ جڏهن اسان جو اڳ ۾ ئي دوست هو. پڙهيو لکيو ۽ ڪچهري دوران ئي ڄاتم تہ پُراڻو ڪامريڊ رهيو آهي، فاضل راهو جي دؤر ۾ پوءِ رسول بخش پليجو وارن سان گڏ. پاڻ ڪچهري دوران شاهہ جا شعر، هِڪڙو آڪاش انصاري جو نظم بہ ٻُڌايائين اُهو بہ آزاد نظم ۽ آزاد نظم جي پهرين ئي مخالفت ڪري ويٺو هو تہ ”اڄڪلهہ جا شاعر گهٽي محنت ڪي پُڄن ڪون پوءِ آزاد نظم لکيو ڇڏين پيا آزاد نظم بہ ڪا شاعري آهي“ ۽ هاڻي جڏهن آڪاش انصاري جو نظم پڙهائين مون فورن چيومانس سائين هي جيڪو شعر اوهان ٻُڌايو آهي اِهو تہ آزاد نظم آهي، اوهان تہ آزاد نظم کي پسند بہ نٿا ڪريو ۽ هي ياد بہ اٿو. چيائين هن نظم ۾ ڪا ڳالهہ آهي، ڪو پيغام آهي. اِن ڪري ياد رهيو اٿم.

مون چيومانس سائين جيڪڏهن سائين آسي زميني جو گهر ويجهو هُجي ۽ سولائيءَ سان اچي سگهي تہ پيا ڪيس گهرائي وٺو. ڪچهري ٿي ويندي ۽ هن بہ چيو ’ها فون ڪريون ٿا اچي ويندو‘ نمبر مون وٽ بہ هو، ملايم تہ نمبر بند پيو هو. رئيس منظور نمبر ملايو اُهو بہ نمبر بند پيو هو. نمبر ملائڻ دوران ئي ٻُڌايائين تہ اڳين جمع تي هڪڙو همراه آيو، نالو ورتائين تہ ”سائين آسي زميني سان تہ ملايو يار آهي اسان جو“ چيائين مون بہ ڪٽي فون ڪئي. آسي زميني بہ ٿورو دير ڪري پُهچي ويو. پر هي جڏهن مِليا تہ مون محسوس اِهو ڪيو تہ هي ٻئي همراهہ هڪٻئي کي سُڃاڻين ئي ڪونہ ٿا، خير ويناسين مون چيو تہ هڪٻئي جا دوست آهن پاڻهي ڪچهري ڪندا، پر همراه هڪٻئي ڪان پري پري، پوءِ چيائين مزو مونکي بہ نہ پيو اچي، تيستائين همراه موڪلايو. پوءِ آسي سان ڪچهري ڪيم. ڪِٿي اوهان سان بہ اِهو مسئلو تہ ناهي“ چيم نہ سائين آسي کي گهڻو سُڃاڻو. تڏهن ڪان سُڃاڻو جڏهن آسي زميني اِهيو غزل لکيو هو:

آءُ گهڙي ڪن هيٺ لهي آ، پنهنجو جوڙيل ڏيهہ ڏِسي وَڃ.
مونکي هِڪڙي ڳالهہ ڏسي وڃ، منهنجي هِڪڙي ڳالهہ ٻُڌي وَڃ.

هِڪڙا ماڻهو ننڍڙا ماڻهو، هِڪڙا ماڻهو وڏڙا ماڻهو
کهڙا ماڻهو تنهنجا ماڻهو، پنهنجن تي نشان هڻي وَڃ.

پيرين اُگهاڙو پيٽ بُکايل، نتهڻ اُس ۾ هرڙو هلائي،
ڪاري ڳُڙ سان سُڪل پورا، هڪڙو ويلو تون بہ چکي وَڃ.

لوئي ليڙون ڦاٽل چولو، انگ اُگهاڙي ڪنهن جي جائي،
ڏارين آڏو جهول جهلي پئي، پنهنجي ڪي خيرات ڏئي وَڃ.

آسي ڪي جا ذات ڏِني ٿئي، سا ئي لُڇي ٿي سا ئي پُڇي ٿي،
آءُ چو ڏهريو ڪافر سڏجان، مونکان پنهنجي ذات وٺي وَڃ.

جڏهن فنڪار الهڏنو جوٽيجو جي آواز ۾ اِهو غزل ٻُڌو هو تہ پوءِ اِن غزل جا جڻ تہ عاشق ٿي پيا هئاسين، جنهن تنهن شادي ۾ الهڏنو جوٽيجو کي ان غزل جي فرمائش ڪندا هُئاسين.

ٽنڊو قيصر ڳوٺ کي مُراد قيصر خان نظاماڻي تعمير ڪرايو پر هِن ٽنڊو قيصر جو نالو مون پهرين قيصر نِظاماڻي (اداڪار) جي نالي کان پوءِ ٻُڌو هو، عبرت مئگزين ۾ سندس انٽرويو ڇپيو هو جنهن ۾ هِن پاڻ کي ٽنڊي قيصر جو ٻُڌايو هو ۽ پوءِ محمود آسي زميني جي ڪري بہ ٽنڊو قيصر جي سُڃاڻپ ٿي (مون وٽ). ظاهر آهي تاريخي حوالي سان تہ ٽنڊو قيصر جي سُڃاڻپ صوفي پيرن جي شهر طور بہ آهي، جيڪي چوَن ٿا تہ پهرين صوفي پير ٽنڊوقيصر ۾ پيدا ٿيا. (ولاالم). هِي ڳوٺ ٻن واهن جي وچ تي آباد ڪيو ويو آهي، ’نعر واهہ‘ هي ڳوٺ جي بلڪل ويجهو هو ٻيو ’نصير واهہ‘ جيڪو هڪ ڪلوميٽر جي فاصلي تي اُتر طرف هو. اِهي ٻئي واهہ ڦُليلي مان نِڪرندا هئا. 1932ع ۾ جڏهن بئراج وهڻ شروع ڪيو تہ هي ٻئي واهہ بند ٿي ويا. ماضي ۾ هي ڳوٺ/شهر لاڙ ۽ اُتر کي ملائيندڙ حيدرآباد ۽ بمبئي کي ملائيندڙ رستي جي وچ تي هو جيڪو هاڻي صرف ماضي جو قصو آهي.

هِن ڳوٺ جي بناوَت گهٽين جي حوالي سان ڏاڍي بيڪار آهي، گهٽيون سوڙهيون، هيٺ مٿي، آڏيون ڦِڏيون، ڦيريدار مطلب تہ نئون ماڻهو ڪنهن جو پُڇي اچي پوءِ پيو گلين ۾ گُهمي يا وڏي گاڏي واري لاءِ بہ مسئلو آهي.ڪلهوڙا دؤر ۾ جڏهن نئو پرڳڻو هو تہ هي چاڪر هالا ۾ شامل هو پوءِ جڏهن حيدرآباد وجود ۾ آيو تہ پوءِ هي حيدرآباد جي تپي ’گدوبندر‘ ۾ شامل

ڪيو ويو. ڪلهوڙا ۽ ٽالپر دؤر دوران چوَن ٿا تہ هِن ڳوٺ ۾ گهڻا فيصلا ٿيا هُئا. سنڌ جي راڄڌاني حيدرآباد هو پر رئيس قيصر خان ۽ رئيس الودو خان نظاماڻي هِتي رهندا هُئا. تنهن ڪري، چوَن ٿا ٽالپر حُڪمران تہ صلاح مشوَري لاءِ بہ هِتي ٽنڊوقيصر ۾ انهن مٿين همراهن وٽ ايندا هُئا.

هِن ڳوٺ جي وچ تي بہ باغ هوندا هُئا هِڪڙو باغ قيصر خان جو ٻيو باغ الودي خان جو ٻنهين باغن جي وچ تي هِڪڙو ڪاري پاڻيءَ جو کوهہ پُڻ هو هِتي انبن جي باغن سان گڏ صوفي پيرن جا بہ باغ هوندا هُئا. روايت موجب صوفي پيرن جي شروعات هِتان کان ٿي، جيڪا رئيس احمد خان ڪئي. انگريزن جي دؤر ۾ هِتان جا انب ۽ صوفي پير بمبئي ويندا هُئا. هِن ڳوٺ ۾ بہ سرداري نظام هلندو هو جنهن جو پهريون سردار رئيس ڳاڙهو خان هو اُن کان پوءِ سندس پُٽ الودو خان اُن کانپوءِ قيصر خان ٿيا، اُن کانپوءِ الودي جو پُٽ غلام محمد پوءِ اُن جو فرزند احمد خان احمد خان کانپوءِ غلام علي خان ٿيو. جنهن سرداري نظام کي ختم ڪري پٽيل نظام آندو. جيڪو شايد اڄان تائين پنهنجي وجود ۾ قائم آهي. (معلومات: تذڪره ٽنڊوقيصر)

پڪا ڳاڙها پير، آئي مُند بهار جي،
آئون اوهان جي آسري، سگهو اچ سوير،
متان ڪرين دير، متان مُند مَٽي وڃي. (م. س)

## مانيءَ گهر جي، شادي ڳوٺ ڀاهران وڻندي آهي

منصور بہ ماني وٺي موٽيو تي پاڇيون هيون، پر ماني مڪمل هوٽل جي ئي هُئي، گڏجي کاڌيسين. اصل ۾ اوطاق تي هوٽل جي ماني کائڻ ۽ گهر جي ماني کائڻ جو لُطف الڳ الڳ هوندو آهي. جيڪو سواد گهر جي ماني مان مِلندو آهي سو هوٽل جي ماني مان ڪڏهن بہ نہ. اِهو سواد ايئن آهي جيئن اڄڪلهہ شاديون سيئي شادي هالن ۾ ٿين ٿيون، جنهن جو حُسن، جمال، رنگ روپ سڀ ڦِڪا ڦِڪا آهن. اُن شادي جي بنسبت جيڪا ڳوٺ ٻاهران شاميانو لڳائي رچائي ويندي آهي. هال واري شادي صفا ايئن ئي لڳندي آهي تہ ماڻهو ڪنهن سُني هوٽل ۾ ماني کائي ۽ بل پيڊ ڪري هليو آيو. صفا بيسواد شادي جو اصل رنگ روپ، حسن و جمال ڳوٺ ٻاهران شاميانو لڳائي

ڪرڻ ۾ آهي. پر هاڻي ماڻهون گهٽي خفي ۽ محنتن ڪان لهرائين ٿا. جنهن ڪري تهيل ٿُڪيل شادي هالن ۾ وقت تي گهوٽ سان گڏ اچن ۽ دعوت جو وقت پورو ٿئي ته بيگ ڪڇ ۾ ڪريو روانا ٿيو وڃن.

رئيس منظور پُڇيو چانهه پيبي يا ٿڌو سيني چيو چانهه صحيح آهي، منصور کي چيائين ابا ڏِس جي گئس نه هُجي ته پوءِ هُتان وٺي اچ. سيني چيو سائين چانهه نٿا پيئون. منصور کي فون ڪري چيائين ته ابا چانهه ته همراه منع پيا ڪن. پر تو پاڻي ۽ کجور ته آندي ڪونه. اُها ته کڻي اچ. ٿوري دير کان پوءِ منصور پاڻي ۽ کجور کڻي آيو. جيڪو به عمري تان موٽي ٿو ته مبارڪ ڏيڻ لاءِ آيل سيني ماڻهن کي کجور ۽ پاڻي پيش ڪيو ويندو آهي، جيڪي ويجها هوندا آهن اُنهن لاءِ ته مختلف تحفا ورتا ويندا آهن. جنهن ۾ ٽوپي، مصلو ۽ تسبيح ته لازمي هوندي آهي.

هاڻي رئيس منظور ۽ منصور بئي اسان سان گڏ اوطاق کان ٻاهرين دروازي تائين آيا، موڪلايوسين. روانا ٿياسين ٽنڊو ڄام گلشير لوچي پاران مچايل 'صوفي محفل' ۾ شرڪت لاءِ.

مون چيو: 'الطاف شيخ هِڪ ڪتاب ۾ لکيو آهي ته "جيڪڏهن اوهان گهمڻ لاءِ نِڪرو ته پيٽ کي وِساري ڇڏيو ته پوءِ گهڻو گُهمي سگهو ٿا. پر جي پيٽ کي اهميت ڏنوَ ته اوهان وقت وڌيڪ وڃائيندا، پر گُهمي گهٽ سگهندا. تنهن ڪري هميشه رستي هلندي ڪجهه نه ڪُجهه کائي پي ڇڏيو. سُٺي هوٽل ڳوليندا، سُٺي ماني جي تلاش ڪندا ته اُهو وقت به وڃائيندا ۽ سُٺي ماني اوهان کي دير سان به مِلندي. تنهن ڪري پيٽ کي پاسيرو رکي پوءِ گُهمون" الطاف شيخ جي ان ڳالهه سان آئون سئوسيڪڙو متفق آهيان ۽ سفر ۾ آئون سيني دوستن کي اِها ڳالهه ضرور ٻُڌائيندو آهيان. پر عمل نه ڪري سگهندا آهيون. اُن ڪري جو الطاف شيخ اڪيلو اڪيلو سفر ڪندو آهي، جڏهن ته آئون پوري جوڙ سان گڏ گُهمندو آهيان.

هاڻي اسين اُن ٽنڊي ڄام وڃي رهيا آهيون جنهن لاءِ منهنجي محبوب دوست محبوب درس هيئن چيو آهي ته:

مِٺي ٿي لڳين تون مِٺي طعام وانگي،
نٿي دِل مان نِڪرين ٽنڊي ڄام وانگي.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### ٽنڊي ڄام جي هوائن ۾

ڪچهري، لطيفا ڪِل ٿيوگ ٽنڊو ڄام ڏانهن ويندڙ رستو ۾ اسين، اچي ٽنڊوڄام ورڪشاپ وٽ پهتاسين. وقت ڏِٺوسين اجا گهڻو پيو آهي، سائين عبدالجبار چيو ته ’منهنجو دوست هِتي رهي ٿو ظفر ٻائي جيڪو اردو ڳالهائيندڙ آهي، ماتلي ڪاليج ۾ ليڪچرر آهي. ڪيس فون ٿا ڪريون ساڻس مِلون ٿا، ڪچهري ڪريون ٿا.‘ ظفر کي فون ڪيائين ته فوراً سائين کي چيائين بس اِتي ئي بيهو آئون اچان پيو. ٿوري دير بعد پهچي ويو. هوٽل تي وٺي آيو. گهڻو زور پريائين ماني کائڻ لاءِ، پر سختي سان منع ڪيوسين، صرف چانهه پيئنداسين، سڀني جي صلاح هُئي. پر پوءِ چانهه سان گڏ نان کتائي زبردستي گهرايائين. بهرحال ظفر ٻائي، کُليل دِل وارو ۽ کِل مُک ڏسڻ ۾ آيو. بي حجاب، بي تڪلف ڳالهائڻ جو انداز سندس. ڪچهري جو دِل ته چوي پئي واقعي هِن شخص سان ويٺو ڪچهري ڪجي.

### زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام ۾ پُراڻي ياد

جيئن ئي زرعي يونيورسٽي جي ٻر پُهتاسين ته آئون هليو ويس ماضي جي غِفائن ۾، ذهن اسڪرين تي بِلڪل صاف صاف نظر پيو اچي ته ’سرواڻ سنڌي، اياز امر شيخ کان ڪارڊ پيو وٺي ۽ مونکي هاسٽل جي دروازي کان گُذاري ٿو اياز امر کي چوَي ٿو آئون مور ساگر کي روم تي ڇڏي ڪارڊ موٽائي ڪٽي ٿو اچان پوءِ وري تون اچجان، مونکي روم تي وٺي آيو اجا سرواڻ موٽيو ئي نه هو ته اياز امر به پهچي ويو. سرواڻ پُڇيو تون ڪِٿان آئين، چيائين ديوار ٽِپي آيو آهيان. (ڪارڊ ڪانسواءِ شاگرد هاسٽل ۾ اجازت نه هوندي آهي).

هاسٽل جو روم هو، سرواڻ سنڌي هو، اياز امر شيخ هو حفيظ باغي هو اسد چاچڙ هو ۽ هي ناچيز بندو هو، ٻي شاعري هُئي، مشاعرو هو جِتي پنج شاعر هِڪ روم ۾ گڏ هُجن ته اُتي روم ۾ اگر بتين جي خوشبوءَ نه پر شاعري جا خوبصورت احساس ڪمري جي ديوارن سان ٽڪرائبا. سو رات هُئي ۽ اسين هُئاسين، شعر به هُئا ته ٿهڪ به هُئا، ٿهڪن ۾ سرواڻ سنڌي سڀني کي پوئتي ڇڏي ٿو وڃي. سڀني پنهنجي پنهنجي شاعري ٻُڌائي، ڪچهري ٿي،

ڪجهه ادب تي، ڪجهه شاعري تي، ڪجهه دوستن تي، ڪچهري هلندي رهي، گهڻي رات گذري چڪي هئي پوءِ سيني جي يڪ راءِ سان سُمهڻ لاءِ ڪچهري کي گُل ڪيوسين.

اسان سان ڪچهريون ڪريو دوستو،
هليا ويندا سين اوچتو اوچتو!
(استاد بخاري)

### صوفي محفل ۽ چرسائي چوڪرا

ظفر کان موڪلايوسين، پُڄا ڪئيسن زرعي يونيورسٽي ڪالوني جي جنهن جا گيٽ الاهي هئا، هِڪڙي گيٽ تي بينر بہ لڳل هو دروازي پرسان چوڪيدار بہ ويٺل هو اُن دروازي مان اندر روانا ٿياسين ڪالوني تمام وڏي پکيڙ تي پکڙيل آهي، مختلف روڊن رستن تان گهمندا پُڇندا پوءِ وڃي 'چلڊرين پارڪ' پُهتاسين جِتي صوفي محفل هُئي. بس مانجهي فقير هاڻي ئي پهريون صوفي ڪلام چئي رهيو هو. جنهن وقت اسين اچي پهتاسين. اڳ ۾ شايد ڪي تقريرون وغيره هونديون. ٽائيم تہ رات 8:30 وڳي هو پر اسان کي گُهمندي ڦِرندي دير ٿي وئي. جيئن ئي اندر داخل ٿياسين وڏي رش لڳي پئي هُئي، تمام گهڻا ماڻهو آيل هئا. پيو تہ وڏيڪ تعداد يونيورسٽي جي ملازمن ۽ شاگردن جو بہ هو. اڳتي ماڻهن جي رش کي هٽائيندا وڌياسين، اڳيان گلشير لوچي بيٺو هو ماڻهن جي آجيان لاءِ، پري کان ڏِسي وڏا ٻاڪر پائي مِليو مونکي ڳچي تي چُمي ڏِنائين جنهن مان سندن خوشيءَ جي اظهار جي خبر پئي. ٻي همراهہ کي چيائين تہ ادا پريان گِلم ڪٽي مهمانن کي وِڇائي ڏي، اسين اُن همراه جي پويان، گِلم ڪنيائين پري لڳائي ڏِنائين ۽ اُتان کان ڪنات بہ ويڙهيائين، ڇو تہ رش تمام گهڻي هئي، اسٽيج نظر ئي نہ پئي آيو. هِڪڙو پيو صوفي ڪلام جنهن ۾ نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي ساراهہ هئي، اُهو ٻُڌي اُٿياسين، اُن جو سبب اسان جي پاسي کان يونيورسٽي جا شاگرد اچي ويٺا، جيڪي برگر يا بگڙيل چئجن، هِڪڙا چرس پريندا آيا، هِڪڙا پيئندا آيا، چرس جي ڌپ اهڙي جو اسان جو ويهڻ محال ٿي پيو. تنهن ڪري مجبور ٿي اُٿياسين.

ادا منظور چيو ’مائٽ ڪيترو خرچ برداشت ڪري اولاد کي پڙهڻ لاءِ موڪلين ٿا، هي هِتي موالي ٿيو چرس پيئندا وتن.‘ ڳالهه بِلڪُل دُرست ڪيائين. مائٽ ويچارا سمجهندا ته اسانجو اولاد يونيورسٽيءَ مان پڙهي وڏو علم حاصل ڪري ڊگري وٺي موٽندو، اِهو ڪو به مائٽ تصور نه ڪندو ته منهنجو اولاد يونيورسٽي وڃي موالي ٿي موٽندو. بس سڀ ڪنهن کي الله پاڪ سمجهه ڏئي عقل ڏئي علم ڏئي، سڀني جي سوچ مثبت هجي، سُٺي هُجي سڀ جي لاءِ.

## جڏهن گُلشير لوچيءَ جي شادي ٿي هُئي

هاڻي جڏهن زرعي يونيورسٽي ڪالوني مان ٻاهر نِڪري رهيا هئاسين ته مونکي ياد آيو ’هِن ڪالوني ۾ آئون پهريون ڀيرو، تڏهن آيو هئس جڏهن گُلشير لوچيءَ جي شادي ٿي هُئي. شادي جي دعوت تي آيو هئس. اُن وقت منهنجي پريس ’ساگرپريس شاهه لطيف روڊ بدين‘ ۾ هئي ۽ بدين کان حيدرآباد ڪم نهرائڻ ايندو هئس. گُل شير لوچي سان منهنجو تعلق اُن کان به پهرين هو. جڏهن هو ماهوار مئگزين ”ڪاڪ“ نالي سان ڪڍندو هو. اُهو مئگزين همت پريس تي ڪمپوز ٿيندو هو. جڏهن ادا منظور، غلام مصطفيٰ، جمن ۽ فدا مرزا آپريٽر طور ڪم ڪندا هئا. ’ايپل ميڪناتوش‘ بليڪ اينڊ وائٽ ڪمپيوٽر هوندا هئا. جن جي شايد ڇهه انچ جي اسڪرين هُجي. مون به 1997ع ۾ ڪجهه مهينا هِتي ڪمپيوٽر تي ڪم سِکيو هو. اُنهن ڏينهن ۾ به گلشير سان روز ڪچهري ٿيندي هُئي. ۽ مرحوم اسرار شام اُهو وري ٻارڙن جو رسالو ڪڍندو هو.

هِتي همت پريس تي منهنجي جِن اديبن سان ملاقات ۽ ڪچهري ٿيندي هُئي اُنهن ۾، منصور قادر جوڻيجو گُلشير لوچي، جامي چانڊيو، حسن درس، بخشڻ مهراڻوي، حفيظ ڪنير، اسرار شام ۽ ها آسي زميني سان به پهريون ڀيرو هِتي ئي ملاقات ٿي هُئي، اُها ملاقات اسرار شام ڪرائي هُئي. اُن ۾ آسي زميني سان سُٺي ڪچهري ٿي هُئي. انهن مان هڪ اهڙو به شاعر هو جنهن سان همت پريس ڇڏڻ ڪانپوءِ جتي به ملاقات ٿيندي هُئي ته ايئن چوندو هو ’يار معاف ڪجو مون سُڃاتو ڪونه‘ هئه هئه... اهڙيون الائي ڪيتريون يادون، اِهي جڏهن آتم ڪٿا لِکيم ته اُن ۾ لِکندس.

### اي ڊبليو هيوز جي وقت جو ٽنڊو ڄام ۽ اسان جي واپسي

واپسي تي ڪچهري ڪندا آياسين ۽ اڄ جو سفر ڪيئن رهيو بابت گُفتگو ڪرڻ شروع ڪئيسين. مون وري سائين پروفيسر ڊاڪٽر عبدالجبار قاسم نظاماڻي کان ٽنڊو ڄام جي تاريخ پُڇي سائين مختصر ٻُڌايو ته: ’ٽنڊو ڄام مير محمد خان ولد مير ڄام خان تعمير ڪرايو‘.

’سائين مون سنڌ گزيٽيئر ۾ ٽنڊو ڄام بابت هيئن پڙهيو آهي، جيڪو 1876ع جي دؤر ۾ اي ڊبليو هيوز لِکيو هو: ”ٽنڊو ڄام حيدرآباد تعلقي جو وسيل ڳوٺ آهي، جيڪو حيدرآباد کان ٽنڊي الهيار ۽ ميرپورخاص ويندڙ مُک رستي تي واقع آهي، ۽ حيدرآباد کان جنهن جو فاصلو ڏهه ميل ٿيندو. ٽنڊي ڄام سان ملندڙ جن ڳوٺن ۽ شهرن جون حدون آهن اُنهن ۾ هوسڙي، تاج پور، ٽنڊو قيصر آهن. اُن وقت ٽنڊو ڄام ۾ ڪو به سرڪاري عملدار نه رهندو هو پر هِڪڙو سرڪاري اسڪول ورنيڪيولر نالي ضرور قائم هو. اُن وقت اي ڊبليو هيوز جيڪا ٽنڊي ڄام جي آبادي ڄاڻائي آهي اُها 1897 ڪُل ٻُڌائي آهي، جن ۾ 937 مسلمانن جو تعداد لِکيو اٿس ۽ اُنهن ۾ جيڪي قبيلا ٻُڌائي ٿو اُنهن ۾ نظاماڻي، سيد ۽ خاصخيلي آهن. هِتي خاناڻي ٽالپر آکه پُڻ رهندڙ ٻُڌائي ٿو، جنهن جو سردار احمد خان ۽ محمد خان هو. هندن جو تعداد 960 لکيو اٿس، جن ۾ اڪثريت لوهاڻن جي هئي. شهرين جو مُک ڌنڌو زراعت لِکي ٿو اُن وقت جي ٽنڊي ڄام جي اهڙي ڪا به ڏيان طلب شئي نٿو ٻُڌائي ۽ نه ڪو اهڙو ڌنڌو جنهن سان شهر جي سُڃاڻپ هُجي“. ’سائين هِن وقت 2017ع ۾ ٽنڊو ڄام ڪِتي بيٺو آهي‘.

سائين چوي ٿو ’هِن وقت زرعي يونيورسٽي ئي وڏي سُڃاڻپ آهي ٽنڊي ڄام جي، ’بلڪل سائين صحيح ٿا چئو‘ مون جواب ڏيندي چيو: ’زرعي يونيورسٽي وڏي درسگاهه آهي جنهن ۾ فيڪليٽي آف اينيمل هسبنڊري، زرعي انجنيئرنگ وارو ورڪشاپ پڻ آهي. اُن کان علاوه هاڻي هِتي هاءِ اسڪول ۽ ڊگري ڪاليج پُڻ آهي، سنڌ رورل ڊولپمينٽ اڪيڊمي به آهي. ٽنڊو ڄام ۾ هِن وقت مختلف مسلڪن جون پنج عدد جامع مسجدون آهن ۽ هڪ ڪليسا به آهي جِتي عيسائي عبادت ڪندا آهن.‘


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## جيڪي سفر ۾ همسفر هئا

**پروفيسر ڊاڪٽر عبدالجبار 'قاسم' نظاماڻي:** ماتلي سان تعلق رکندڙ معزز شخصيت، پيشي جي لحاظ کي ليڪچرار گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج ماتلي، پاڻ سُٺا ليکڪ ۽ تاريخ سان دِلچسپي رکندڙ تاريخ لِکندڙ ماتلي جي تاريخ لِکي اٿس، اُن کان علاوه حافظ نظاماڻي جي شاعري جا مجموعا "باغي آ عشق منهنجو"، "تاريخ آهي شاهد" پڻ هِن جا سهيڙيل آهن. نظاماڻي ذات تي "تذڪراءِ نظاماڻي" وڏو ڪِتاب لِکيو اٿس، جنهن ۾ پوري نظاماڻي قبيلي جا شجرا ڏِنا اٿس. اُن کان علاوه کوڙ ٻيا بہ ڪيترائي ڪتاب لِکيا، سهيڙيا ۽ مُرتب ڪيا اٿس. "محمد صديق مسافر جي علمي، ادبي، تعليمي، صحافتي ۽ سماجي خدمتن جو تحقيقي مطالعو" جي عنوان سان محمد صديق مسافر تي پي ايچ ڊي ڪري ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪئي اٿس.

**محمد سومار (سجاد حسن) جوڻيجو:** شهر ماتلي جي غريب آباد پاڙي جو رهندڙ ۽ منهنجو سڳو سئوٽ، پاڻ سجاد پرنٽنگ پريس ماتلي جو مالڪ آهي، گُهمڻ ڦِرڻ جو ذوق رکي ٿو.

**ديدار ميمڻ ماتلي:** اصل رسول آباد کنڊيارو جو آهي، ننڍي هوندي کان هِتي ماتلي ۾ رهيو آهي، پهرين مور پريس تلهار اسان هِن جي حوالي ڪئي هئي، هاڻي هِن وري اها سندس ياءُ جي حوالي ڪري پاڻ، گاڏي (ڪيري) ٽيڪسي ۾ هلائيندو آهي..

**منظور احمد جوڻيجو:** ماتلي شهر سان تعلق رکندڙ منهنجو ياءُ آهي، سُٺي دِل رکندڙ آهي، سندس حيدرآباد ۾ "الرزاق پرنٽرز" آهي، پنهنجي ڪاروبار ۾ ڪامياب آهي. گُهمڻ جو شوق هوندو اٿس، ۽ هميشہ چوندو آهي، گُهمڻ جو پروگرام ٺاهيو گاڏي منهنجي حاضر آهي.

**مور ساگر:** 'ڪي جاڻا مين ڪوڻ ٻُليا'

**[24 نومبر 2017ع-ضلع بدين-ٽنڊوالهيار-حيدرآباد]**



درگاھ شيخ پير ڪيو آچاريا جي آڳنڊ تي سجاد حسن جوڻيجو سان گڏ




زرعي يونيورسٽي ٽنڊو ڄام جي سينٽ هال ٻاهران ڊاڪٽر عبدالجبار نظاماڻي بہ گڏ



# چوهڙ تان چڪر

**روانگي**

چوهڙ تان چڪر، اڄ اسانجو آهي،
سٺائو سفر، ڪجائين ڪريم تون.

سياري جي سرد موسم ته مهينو پهرين موڪلائي وئي، هاڻي اسين بهار جي ياڪُر ۾ پهريون سفر سنڌ جي ڏاڪٽين لاڙ پٽي جي پَٽن تي پير پائڻ لاءِ آئون، ادا منظور، پروفيسر ڊاڪٽر عبدالجبار 'قاسم' نظاماڻي صبح 7:00 وڳي روانا ٿياسين. اڄ اسانجي منزل چوهڙ جمالي ۽ آسپاس جا آثار ۽ قديم جايون گُهمڻ آهي. هن سنڌ منهنجي جِند جو هر ماڳ، واهڻ، وستي، شهر، بحر، ڍورا ڍنڍون، روهه، راهون، گس، گهٽيون، گُهمڻ جي خواهش ڪٽيون سيني ۾ هلندو رهيو آهيون. گڏوگڏ اِها دُعا به گُهرندو رهندو آهيان ته 'الله پاڪ ايتري مُهلت ضرور ڏجائين، جو هِن جِند جهڙي سنڌ جي سونهن پنهنجي هِن اکين سان ڏِسي ۽ هٿن سان لِکي سگهان.'

باءِ پاس پيٽرول پمپ تي گاڏي ۾ 2700 سئو جو پيٽرول وجهرايو. ادا منظور چيو 'ميٽر نوٽ ڪيو ڏِسنداسين ته اڄ گهڻا ڪلوميٽر ٿا سفر ڪريون ۽ پوءِ ريڊنگ نوٽ ڪري سفر جي دُعا پڑهي روانا ٿياسين.

ماتلي ڦاٽڪ ڪراس ڪيوسين تہ سائين عبدالجبار ’قاسم‘ نظاماڻي حسبِ عادت تاريخ جا ورق کولڻ شروع ڪيا. ڦاٽڪ کان ڏکڻ طرف وڏو قبرستان آهي، جنهن ڏانهن اشارو ڪندي ٻڌايائين تہ: ’اِهو قبرستان مولوي نظر محمد نظاماڻي جي نالي سان آهي ۽ اِن قبرستان لاءِ مولوي نظر محمد نظاماڻي پنهنجي زمين مان 8 ايڪڙ ڏِنا ۽ چيائين تہ مونکان شروعات ڪجو ۽ پوءِ ٿيو بہ ايئن.‘ سائين اڳتي ٻڌايو تہ: ’جڏهن مولوي نظر محمد نظاماڻي جو جنازو کنيو ويو تہ جنازي مٿان پکين جو ٽولو هلڻ لڳو پکي ڪانگ جي نموني هئا، پر ڪانگ نہ هئا ۽ جنازي ۾ هلندڙ ماڻهو سڀ حيران هئا، پر پکين جي سُڃاڻپ ڪنهن بہ نہ ڪئي، جڏهن جنازو دفن ڪيو پي ويو تہ اُهي جنازي سان گڏ هلندڙ پکي پري هڪ وڻ تي وڃي ويٺا، جڏهن جنازو دفن ڪري دُعا پڙهي ماڻهو سڀ روانا ٿيا تہ پکي بہ اُڏامي هليا ويا.‘ سائين ٻڌايو تہ اِها ڳالهہ 1918ع جي آهي‘.

متارو اسٽاپ کان اسانجي گاڏي ڪڙيي گهنور جو رُخ رکيو ان ڪري جو اڳيان اسانکي شاعر حافظ محمد نظاماڻي کي ساڻ کڻڻو هو. سائين عبدالجبار کيس فون ڪئي تہ ’حافظ صاحب تيار ٿي ويهہ اسان هاڻي اوهان ڏانهن اچون پيا.‘ حافظ چيو تہ ’اڄ منهنجي طبيعت ٺيڪ ناهي.‘ پر سائين عبدالجبار چيو تہ ’رستي ۾ گوري دوا ڪندا هلنداسين، پر هلڻو ضرور آهي.‘

## جتي علم ادب جي کوٽ آ، اُهو ئي منهنجو ڳوٺ آ

ڪڙيي گهنور کان ٿورو پهرين ڳوٺ سهراب خان نظاماڻي جو بورڊ لڳل آهي، اُن بورڊ طرف اسانجي گاڏي مُڙي، آياسين حافظ نظاماڻي جي ڳوٺ سُهراب خان نظاماڻي، اوطاق تي سندس فرزند اويس مِليو اُن اسانکي اوطاق ۾ رکيل کٽ تي ويهاريو پاڻي پياريو اُن ئي ساعت سنڌ جو سرمايو لاڙ جو سچل سڏيو ويندڙ سائين حافظ محمد نظاماڻي بہ اچي ويو اويس چيو ’اوهين ڪچهري ڪريو تيسيتائين آئون چانهہ ٺو ڪٽي اچان‘ اسان سڀني جي راءِ هُئي تہ چانهہ کي ڇڏيون ٿا، اڳتي ڪِٿي رستي ۾ پي وينداسين، چانهہ کي ڇڏيوسين ۽ ويٺاسين گاڏي ۾. رستي ۾ ڪڙيو ۽ کوراهہ جي وچ تي پٺيهل دريا جا آثار سائين عبدالجبار ڏيکاريندو هليو

## مُلا حسن جي درگاهہ جو ديدار

ڪجهہ مِنٽ لِنڪ روڊ تان ۽ پوءِ وري هيٺ ڪچي پوئيءَ تان گاڏي کي گُهمائيندا اچي پهتاسين ملا مخدومن جي ڳوٺ. ڳوٺ پڪو ۽ وڏو پيو نظر اچي. جيئن ئي ڳوٺ ۾ داخل ٿياسين تہ اُتر طرف مُلا حسن جي درگاهہ ۽ پر ۾ اولهہ طرف کان مسجد آهي، پهرين مسجد ۾ آياسين، مسجد ڏِٺيسين، قديم نظر اچي رهي آهي. مسجد منجهان رستو بہ نِڪري ٿو ملا حسن جي مزار طرف، جيڪا مسجد کان اوپر طرف آهي، ملا حسن جي مزار ۽ مسجد جي وچ تي هِڪڙو زمين ۾ مينار نموني نهيل آهي، جنهن لاءِ سائين وارن ٻُڌايو تہ 'چوَن ٿا هِن جاءِ تي مُلتان وارو غوث بهاءُالدين ۽ ملا حسن ڪچهري ڪندا هئا، تنهن ڪري اِن جاءِ تي يادگار طور اِهو مينار اڏي ڇڏيو اٿن.'

ملا حسن جي مزار اندر ڦُل پڙهي ٻاهر نِڪتاسين، دروازي وٽ ئي هِڪڙي قبر واٽيين جي آهي، جنهن جي تصديق اُتي موجود مجاوَر کان ڪئيسين. اُن ٻُڌايو تہ: 'هي واٽيون جاتي جو آهي ۽ هي سائين ملا حسن جو مريد هو جڏهن هي گُذاري ويو تہ واٽين جي رسم موجب هِن کي ساڙڻ لاءِ رکيو ويو تہ اوچتو اُتان کجي اچي هِتي دفن ٿيو ۽ هي قبر نهي وئي'. ڏند ڪٿا آهي يا حقيقت، خُدا ئي بهتر ٿو ڄاڻي.

ملاحسن جي مزار جي اوپر ۾ هِڪ ڄار هُئي، جنهن تي موڙ پيل هُئا. حافظ محمد نظاماڻي ٻُڌايو تہ 'مَلڪاڻي ذات جي ماڻهن ۾ جڏهن بہ شادي ٿيندي آهي تہ پهرين هن مزار تي اچي حاضري ڀريندا آهن. پوءِ گهوٽ ۽ ڪنوار اِن ڄار کي سَت ڦيرا ڏيندا آهن. آخر ۾ گهوٽ پنهنجا موڙ لاهي اِن ڄار تي رکي ويندو آهي.' مون چيو 'سائين بس عجيب رسم و رواج هوندا آهن، مختلف هنڌن تي مختلفن نمونن جا'.

هِڪ ڀيرو ميان مير چانڊيي سان فون تي ڪچهري ڪندي انهيءَ واقعي جي تصديق خاطر پڇيومانس، ڏاڍو کِليو ۽ پوءِ چيائين تي سگهي ٿو، اڳي ايترو علم نہ هو ماڻهن کي، تي سگهي ٿو مون چيومانس 'سائين اڳي تہ اڳي، پر آئون هاڻي موجوده وقت جي ڳالهہ ڪري رهيو آهيان، مون پنهنجي اکين سان ڄار تي نوان موڙ ڏِٺا'. وري بہ ميان مير کِليو، چيائين: 'بلڪل بلڪل مور تون صحيح پيو چوين.'



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## مولوي علي محمد مهيري هِتي سُتل آهي

مسجد جي ديوار لڳ اُتر طرف وقت جي وڏي عالم بزرگ مولوي علي محمد مهيري جي قبر آهي، اُن تي بہ قُل پڙهياسين. سائين عبدالجبار ٻڌايو تہ ’مولوي علي محمد مهيري دودي مهيري جو تڙ ڏاڏو آهي‘. پر مونکي سندس قبر جي حالت ڏِسي ڏُک ٿيو تہ شايد هِن قبر تي وارث اچن ئي ڪونہ ٿا.

حافظ محمد نظاماڻي جيڪا ڳالهہ ٻڌائي تہ: ’مولوي علي محمد مهيري جو پُٽ هو مولوي عارف اُن لاءِ سعيد پور جي يعقوب ٽيپي هِڪڙي روايت ٻڌائي هُئي تہ ’سعيد پور ڪاليج ۾ ڪُتا تمام گهڻا ٿي ويا پوءِ سيني صلاح ڪئي تہ ڪُتا مار دوا وٺي هِنن کي ڏِني وڃي تہ جان ڇُٽي، سو ٻوڙ رڌائون اُن ۾ ڪُتا مار دوا وِڌائون ٻوڙ ڊِڪي رکيائون. مولوي عارف ٻاهران پيٽ آيو اُن کي خبر نہ هئي اُن هنڌي (جنهن ۾ ٻوڙ پيو هو) جو ڊِڪ لاهي اُن مان ٻوڙ وڏي ڪاڏو، ڪائي دنگ ڪيائين پوءِ اُنهن همراهن ڏِنو جن دوا وِڌي هئي. هاڻي هي سڀ پريشان هئا ۽ مولوي کي ڏِسندا رهيا تہ ڪنهن وقت ٿو ڪجهہ ٿيئي، پر مولوي عارف کي ڪجهہ بہ نہ ٿيو ۽ هنن ڏِٺو تہ مولوي عارف مُصلو وِڇائي نماز پڙهي رهيو آهي. اِهو ڏِسي سيني کي تسلي ٿي.‘

هِڪ ٻيو واقعو فيس بڪ تي پڙهيم ”هڪ دفعو بہ چور ڍڳو چوري ڪري جهنگ ۾ ٻَڌي پاڻ ماني ڪائڻ لاءِ مولوي صاحب جي اوطاق تي آيا. پر هو مولوي صاحب کي سُڃاڻندا ڪونہ هئا. رمضان جو مهينو هو. مولوي پاڻ تہ روزائتو هو. پر مولوي صاحب گهران ماني بہ ڪٽيو آيو تہ گاهہ جو ڀاڪر بہ ڪٽيو آيو ڇو تہ مولوي صاحب کي ڪِتان خبر پئجي وئي تہ هنن جهنگ ۾ ڍڳو بہ ٻَڌو آهي. چورن پُڇيو تہ سائين گاهہ ڇو آندو اٿوَ. مولوي صاحب چيو تہ ’اوهان ماني ڪائو ٿا تہ هن گُگَدام کي بہ بُک لڳي هوندي ان لاءِ گاهہ آندو اٿم‘ وڌيڪ ڪجهہ ڪونہ چيائين. چورن ماني ڪائي مولوي صاحب کان معافي ورتي ۽ ڍڳو ڀاڳين کي واپس ڪيو ۽ وري چوري ڪرڻ کان توبہ ڪري ڇڏيائون!“

اِهي تہ هُئا اُن وقت جا انسان، پوءِ بُزرگ هُجن يا چور هُجن. پر اُنهن ۾ اخلاقيات ۽ اصول هوندا هئا. هِن دؤر ۾ تہ اُنهن ٻنهي عملن کان ماڻهو وانجهيل نظر ٿا اچن. گاڏي ڏانهن وڌندي پنهنجا ويچار سنگت سان ونڊيم.

## حمل جت ۽ راڏي جت جا زبون حال مقبرا بہ ڏِٺاسين

درگاهہ ملا حسن کان ڪجهہ فاصلي تي اُتر طرف ڏانهن جڏهن اسانجون نظرون ويون تہ اسانکي پري کان زبون مقبرا نظر آيا. جيڪي واري جي دڙي تي موجود آهن. اسانکي حافظ محمد نظاماڻي ٻڌايو تہ: ’سامهون ٻن غدارن جون قبرون آهن. هلو ڏِسڻ تہ هلون.‘ مون چيو ’هلو سائين ڏِسڻ گُهرجي باقي تاريخ سڀ ڪنهن جو فيصلو ڪري ڇڏيندي آهي. جيڪي غدار هوندا آهن اُنهن کي غدار لِکندي آهي. جيڪي رهبر هوندا آهن. اُنهن کي رهبر ۽ رهزنن کي رهزن لِکندي آهي. تاريخ هِڪ حقيقت آهي ۽ هر حقيقت اُگهاڙي هوندي آهي. جنهن کي ڪنهن جو بہ حياءُ يا ڪنهن کان بہ حِجاب ناهي هوندو‘.

تاريخ نہ ڪنهن تي ترس سِکي،
هر سِٽ جنهن پنهنجي صاف لِکي.

حافظ گاڏيءَ مان لهندي پنهنجي شعر جو بند پڙهيو. گاڏي کي ٿورو پرپرو روڪيوسين. مقبرن تائين گاڏيءَ جو رستو نہ هو واري جا دڙا هُئا. هِتي اسانکي ٿوهر بہ نظر آيا. ’پِتل ول‘ پيلن گُلن سان بہ نظر آئي. واريءَ تان پيرِ پائي اسين اندر مقبرن ۾ وياسين. مقبرا صفا زبون حالي جو شڪار. قبرن تي ڪِچرو پيل. ڌٽل ۽ پکين جون وِٺيون وغيره وغيره.

حافظ محمد نظاماڻي ٻڌايو تہ ’هي اُهي ٻئي غدار آهن جِن شاهہ عنايت سان غداري ڪئي ۽ اُنهي جي ڪيترن ئي فقيرن کي قتل ڪيو. حمل جت ۽ راڏو جت اُن وقت موجود جَتي جا سربراهہ هُئا ۽ ٻيو ڪِردار نور محمد پليجو بہ ٻُڌايو وڃي ٿو انهي ڪُڌي عمل ۾ اُهو بہ شامل آهي.‘

اها ڳالهہ انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا ۾ مون هيئن پڙهي آهي ”سيد عبدالواسع شاهہ. نور محمد پليجو ۽ حمل جت پاڻ ۾ ڳٺ جوڙ ڪري ٺٽي جي مغل نواب مير لطف علي خان وٽ شاهہ عنايت ۽ سندس فقيرن جي شڪايت ڪٽي آيا. نواب لطف علي خان بنا ڪنهن جاچ جونچ جي ٺنهي کي اجازت ڏني تہ صوفي شاهہ عنايت ۽ سندس فقيرن سان جيئن وڻين، تيئن وڃي مُنهن ڏين. نواب لطف عليءَ طرفان اهڙي اجازت لِکت ۾ ملندي ئي، سيد عبدالواسع، نور محمد پليجي ۽ حمل جت، صوفي شاهہ عنايت


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي خانقاهہ تي پنهنجن ماڻهن سان حملو ڪري ڏنو جنهن حملي ۾ صوفي صاحب جا ڪيترائي درويش فقير مارجي ويا. انهيءَ واقعي جو جڏهن مغل شهنشاهہ وٽ فرياد پهتو تہ ان حُڪم جاري ڪيو تہ بيگناهن کي ’خون بها‘ ڏني وڃي. اهڙيءَ ريت قاتلن جون زمينون، شاهہ عنايت جي ساٿي مقتولن جي وارثن حوالي ڪيون ويون.“

اِن مٿين پڙهيل تاريخ ۾ مونکي راڏي جت جو ذڪر نہ مِليو جڏهن ميان مير چانديو سان اِن موضوع تي گُفتگو ٿي تہ اُن بہ اِها ئي ڳالهہ ڪئي تہ راڏي جت جي باري ۾ تاريخ ڪجھہ نٿي لِکي، اِهو واقعو شاهہ عنايت جي رهائش ميرانپور جي ميدان تي آڪٽومبر 1717ع ۾ پيش آيو.

هاڻي اسين گاڏي ۾ ويٺاسين ۽ حافظ صاحب کان شعر مڪمل ٻُڌڻ جي فرمائش ڪئيسين:

تاريخ نہ ڪنهن تي ترس سِڪي
هر سِٽ جنهن پنهنجي صاف لِکي

هُن دودو چنيسر ڏار رکيا،
هُن فاضل جا فرزند لِکيا،
هُن جي ڏوراپي کان ڏيهہ ڏڪيا،
هُن کا نہ رعايت ڪنهن تي رکي.

هُن سرمد چڙهندي سوري ڏِٺو
هُن دولهہ خان جو درد سَنو
هو جهوڪ ۾ جو جونجهار ڪُٺو
هُن تنهن جي ڪئي تعريف تِکي.

مخدوم بلاول کي ويئي مَچي،
جنهن ڪوڙن جا چڙيا ڪنڌ پَچي،
تون ويجهو ٿي ڏِس تنهن کي وَڃي،
جيڪو گهاڻي جا ويو گهاءُ چَکي.

مڪمل شعر ٻُڌي اسان واهہ واهہ ڪري کيس داد ڏِنو ايئن اسان پنهنجي منزل طرف روانا ٿياسين.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪوررواهہ ڪي بہ گُهمي ڏِٺوسين

هاٽي ٻيهر مين روڊ تي گاڏي ڊوڙڻ لڳي. ڪوراهہ ڏانهن ويندي رستي ۾ حافظ ڪي فون آئي، چيائين تہ ’اسان ڪوررواهہ ۾ چانهہ ٿا پيئون. تون اُڏامي پهچي وڃ.‘ فون بند ڪري ٻُڌايائين تہ ’عبدالرزاق مهيري بہ هلڻ ٿو چاهي،‘ سڀ خوش ٿياسين ’سائين اِهو تہ بهتر آهي، هونئن بہ ماما مجيد پاڻ سان بيوفائي ڪئي، تنهن ڪري هڪ ماڻهو جي جاءِ بہ خالي آهي.‘

ڳالهہ هُئي ڪوررواهہ ۾ چانهہ پيئڻ جي تہ سوچيم چو نہ ميان مير چانڊيو کان پُڇي ونجي، جي شهر ۾ آهي تہ ساڻس بہ مِلي ونجي. فون ڪيومانس ٻُڌايائين ڪنهن دوست سان شهر جي آخري چيڙي تي ويٺو آهيان، چيومانس ’اسين عثمان پنهور جي اسٽور تي ٿا ويهون. دِل چيو اوهان سان مِلي وٺون،‘ چيائين ’ٺيڪ آهي آئون اچان پيو جِتي چئو.‘

اسانجي گاڏي اچي سبحان الله ميڊيڪل اسٽور اڳيان بريڪ ڪيو. لٿاسين ميڊيڪل اسٽور تي ننڍڙو ڇوڪرو ويٺل هو، سندس اخلاق ڏِسي ڏاڍي خوشي ٿي، اسانکي اسٽور طرف ايندو ڏِسي، ڪُرسي تان اُٿي اسٽور مان ٻاهر نِڪري اچي مِليو. هِن دؤر جي اِن عمر جي ٻار جو اخلاق الله پاڪ ڪيس هميشہ اهڙو ٻڌائي رکي، پاڻ سيني سان مِلي ويهڻ لاءِ چيو، هڪ بہ ڪُرسيون پاسي واري دُڪان تان پڻ ڪٽي آيو همراهہ گهٽا هُئاسين.

ميان مير چانڊيو بہ اچي ويو. ساڻس گڏ سُٺو شاعر اسماعيل اُداسي بہ هو. مِلياسين، ڪچهري ڪئيسين، ڪجهہ ئي گهڙين ۾ عبدالرزاق مهيري بہ پهچي ويو ۽ اسٽور جو مالڪ عثمان پنهور بہ اچي ويو. هڪ ٻيو نوجوان عبدالله پنهور جيڪو شوقيہ ڳائيندو آهي، تنهن حافظ نظاماڻي جو گيت جهونگاري ٻُڌايو.

ميان مير چانڊيي، اسماعيل اُداسي، عثمان پنهور، سبحان الله پنهور ۽ عبدالله پنهور کان موڪلائي روانا ٿياسين. اڳيان ويهاريوسين رزاق مهيري کي اُهو رستن، گهٽن، گهيٽن جو وڏيڪ واقف هو.

منهنجو اهو چوڻ آهي تہ جنهن بہ علائقي، تر ۾ گُهمجي تہ اُتان جي مقامي ماڻهوءَ کي ضرور گڏ ڪجي، نہ تہ اوهان ٻُڌل شيون ڏِسندا تہ اُن جي آس پاس ۾ ڪجهہ شيون ضرور رهجي وينديون، سو سفر ۾ اُتان جي مقامي ماڻهوءَ کي ضرور شامل ڪرڻ گهرجي.

## ڪورواهه جي قديم مسجد ڏِٺيسين ، هِڪ روايت ٻڌيسين

عبدالرزاق مهيري پهرين اسان کي وٺي هليو ڪورواهه جي قديم مسجد ڏيکارڻ لاءِ. مسجد ۾ داخل ٿياسين ته اُتي موجود همراه حافظ نظاماڻي سان ادب احترام سان مِليو. حافظ اسانکي ٻڌايو ته: ’هي آهي عبدالرؤف نورنگزادو جيڪو هِن مسجد جي سار سنڀال ڪندو آهي،‘ ساڻس ڪچهري ٿي، پاڻ ٻڌايائين ته هو به ڪنهن وقت ۾ ’هزار داستان‘ ۾ لکندڙ هو.

عبدالرؤف نورنگزادي هِن مسجد جي باري ۾ ٻڌايو ته: ’هي مسجد 1238هه ڌاري مُڪمل ٿي، هِن مسجد ۾ هِڪ به سِر بنا وضوءَ جي ناهي لڳل، جيڪي به ڪم ڪندڙ رازا، مستري هُئا پهرين وضو ڪري پوءِ ڪم شروع ڪندا هئا.‘ مسجد جي ڇِت جو ڪاٺ ۽ اڏاوت جو نمونو اهڙو ئي ساڳيو هو جهڙو اسانجي ڳوٺ ميون ملوڪ ۾ موجود مخدوم امام جي مسجد ۾ استعمال ٿيل آهي، پر هِن ۾ به اهڙا داسا هُئا، جيڪي وچ ڪان چيريل هُئا ۽ هيٺان ڪان ڪاٺ جي ٻڌائين وارا به پيلر ڏِنل هئا. اُنهن بابت عبدالرؤف ٻڌايو ته: ’حافظ محمد عثمان نورنگزادو ڪنهن ڪم سانگي شهر ڏانهن وڃي رهيو هو ۽ رازن کي چئي ويو ته جيستائين آئون نه اچان اِهي داسا نه رکجو پر سندس اچڻ ۾ ڪجهه ڏينهن لڳي ويا، هي ڪوٺي ٿيو وينا هئا سوچيائون ته به داسا آهن رکي ٿا ڇڏيون، ڪم کي اڳتي هلايون. جڏهن بزرگ موٽي آيو، ڏِٺائين ته داسا منهنجي غيرموجودگي ۾ رکيا اٿن، سو چيائين ته هنن جي عمر گهٽ ٿيندي تنهن ڪري به بيون ڪاٺ جون ٿوڻيون يا ٿنڀ ٻڌائين سان نهرائي رکيائين. پوءِ جڏهن هِن دُنيا ڇڏي ته اُن ڏينهن اُهي ٻئي داسا نڪا ڏئي ٽُٽا، ماڻهو سڀ گڏ ٿي ويا، پاڻ جيڪي ڪاٺ جا به ٿنڀ نهرائي رکي ويو هو، اُهي وڏي مشڪل سان ماڻهن داسن هيٺان سپورٽ طور ڏِنا جيڪي اڄ ڏينهن تائين جيئن جو تيئن موجود آهن. (روايت)

سنڀاليندڙ هِن مسجد جي اصليت برقرار رکڻ ۾ ناڪام ويا آهن، ٻاهر به نئين سِر ريپيئرنگ ڪرائي اٿن ۽ اندر ڪاٺ کي به آئيل پينٽ ڪرايو اٿن، جنهن ۾ هِن ڪاٺ جي اصليت ختم ٿي وئي آهي، ڪاٺ بابت ٻڌايائين ته هي اُهو ڪاٺ آهي جيڪو دُنيا جي صرف ٻن مُلڪن ۾ ٿئي ٿو، ڪينيا ۽ آسٽريا ۾. عبدالرؤف نورنگزادي ڪان موڪلايوسين.

## سچڻ منهنجي وفائن کي مري ويندس تہ سارينديِن

رستي هلنديِ بنوري کان پهرين روڊ جي ڏکڻ طرف هڪ ڳوٺ اچي ٿو جنهن طرف حافظ محمد نظاماڻي اِشارو ڪندي ٻڌايو تہ ’امرخورشيد شاهہ جو ڳوٺ اِهو آهي، جنهن ماڪن شاهہ رضوي سان شادي ڪئي آهي.‘ ڳوٺ جو نالو آهي ’شاهہ محمد اولياء‘. ڳوٺ جو نالو تہ مون اڄ ٻڌو آهي، پر سائين ماڪن شاهہ کي تہ اُن وقت کان سُڃاڻون جڏهن کان اسان ريڊيو ٻڌڻ شروع ڪيو هو ۽ امر خورشيد شاهہ کي وري تڏهن کان سُڃاڻو جڏهن کان ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان پروگرام سُڳند ۾ سلسلو ’سُرهي سُرهي سوچ‘ هلندو هو اُن ۾ سائين ماڪن شاهہ خاص تحرير پڙهندو هو تہ ’لاڙ پيچاڙ کان امر خورشيد شاهہ لکي ٿي‘ ايئن چئي تحرير پڙهڻ شروع ڪندو هو. پنهنجي ڳالهہ کي اڳتي وڌائيندي ٻڌايم ’هِن ئي سال ۾ امر خورشيد شاهہ جو ڪِتاب ”آئون ڪو جاڳان پنڌ ڪيچ جو“ شروع ڪيو آهي، جيڪو سال جي آخر ۾ يا وري 2019ع جي پهرين مهيني ۾ شايع ٿي ويندو.

هِن ئي ڳوٺ جي هِڪڙي مشهور شاعر ’علڻ شاهہ بنورائي‘ جو تعارف امر خورشيد شاهہ پاڻ ڪرايو تہ ’منهنجو بابا بہ وقت جو وڏو شاعر هو. علي ڏِنو عرف ’علڻ شاهہ بنورائي‘ جنهن جا ڪيترائي ڪلام مشهور آهن.‘ چيم ڪنهن هِڪ ڪلام جون بہ سِٽون‘؟ پاڻ ٻڌايائين تہ:

’سچڻ منهنجي وفائن کي، مري ويندس تہ سارينديِن،
ڏِڪارين ٿو مگر دِلبر، وري واٽون نيهارينديِن.‘

ٻيو شعر مون ڪنٽينيو ڪيو:

’علڻ‘ آيا نہ ڪِي ايندا، مُئا موٽي مُقامن مان،
ڏيئي ٻهاريون پڙهي ختمہ، ڏهاڙي ڏيال بارينديِن.

چيم ’بس هِڪڙو اِهو گيت ئي گنج آهي،‘ ۽ پوءِ آئون ماضي جي غُفائن ۾ گُم ٿي ويس. جڏهن ثمينہ ڪنول جي سنهڙي آواز ۾ ٽيپ کي گهر جي اڳيان اڏيل گهڙن جي دِڪي تي مٿي رکي فُل آواز ۾ اهو ڪلام ٻڌندو هئس، مونکي پنهنجي ننڍپڻ جو زمانو ياد اچي ويو. تيستائين حافظ صاحب جو آواز ڪنن تي پيو ’مور ساگر ميرپور بنورو شهر ۾ پهچي وياسين.‘ ۽ آئون جڻ ننڊ مان ڇرڪ ڀري جاڳي پيس..... هاءِ بنورو.....

## جڏهن رزاق مهيري جو عشق عيان ٿيو

بنوري شهر جي وِچان ڪِراس ڪيوسين، روڊ جي اُتر طرف رزاق مهيري اشارو ڪندي ٻڌايو تہ اِها مهر شاهہ جي درگاهہ آهي، جنهن جي پِڙ ڪٽڻ دوران هِن سال بہ ماڻهو شهيد ٿي ويا. پڙ ڪٽڻ وقت رسم آهي تہ فائرنگ ڪندا آهن، سو هِڪ پوليس اهلڪار جيئن ئي فارنگ ڪئي تہ ڪلاشن سنڀالي نہ سگهيو ۽ هيٺ ڪِري پئي بہ ماڻهو شهيد ٿي ويا هڪڙو زخمي ٿيو.

عبدالرزاق مهيري سان مختلف موضوعن تي ڪچهري ڪندي جڏهن عشق جي ڳالهہ تي آياسين تہ مهيري ٿڌو ساهہ ڀريندي چيو: 'مون عشق اُن سان ڪيو جنهن شادي وچي ٻي سان ڪئي.'' اِهو وري ڪيئن؟' مون ڪيس کولڻ جي ڪوشش ڪندي سوال ڪيو ۽ جڏهن رزاق مهيري اُن ڇوڪريءَ جو نالو ڪنيو ۽ پار پتا ۽ پاڙو ٻڌايو تہ پوءِ آئون بہ ڪجهہ گهڙيون ماضيءَ ڏانهن موٽي ويس، عجيب اتفاق اِهو ٿيو تہ جنهن ڇوڪريءَ جو ذڪر مهيري صاحب ڪيو اُن ڇوڪري سان ڪا ننڍڙي ياد منهنجي بہ سلهاڙيل هُئي، جڏهن بدين ۾ شاهہ لطيف روڊ تي 'ساگر پريس' هوندي هُئي ۽ ساڳين روڊ تي ساگر پريس جي سامهون سِکيا لاءِ ڪمپيوٽر سينٽر قائم هو. هوءَ ڇوڪريءَ ڪمپيوٽر سينٽر ۾ ڪمپيوٽر سِکڻ ويندي هئي. هڪ ڀيري ڪمپيوٽر سينٽر تان موڪل ڪانپوءِ واپس گهر ڏانهن وڃي رهي هُئي تہ آئون ساگر پريس جي گيٽ تي بيٺو هئس، مونکي ڏِسي مُسڪرائي شرمائي پويان اچڻ جو اشارو ڪيائين، ۽ پوءِ سندس گهر تائين گڏيو ويس، خير اُها تہ هُئي ننڍڙي ياد. پر مهيري صاحب تہ اُن ڇوڪريءَ جي عشق ۾ هِڪڙو خوبصورت گيت پُڻ لِکيو جيڪو پوءِ هلندي سفر اسان کي سڄو گيت ٻڌايائين:

چيو تو تہ ويندين کهڙو فرق پوندو.
چيو مون مگر ڪوئي تنها تہ ٿيندو.

هي رنگين شامون، هي چنچل هوائون،
هي جيڏين جا ڪجڪا، هي نازڪ ادائون،
انهي ويل ڪوئي تہ سُڏڪي سڏيندو.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نظر ڪنهن جي ڪنهن ڪي، ڳوليندي ئي رهندي،
۽ تنهائي وڏا ڏنپ ڏيندي ئي رهندي،
انهيءَ پل دِل ۾ ڪيڏو درد هوندو.

جيئن ئي شام لڙندي، تيئن ئي ياد وڌندي،
ڪٽي گهاءُ گهرا، اونداهي به ايندي،
سڄي رات ايئن ڪو تڙپي گٽيندو.

الڳ تي پاٽيءَ ڪان ڪشتي نه هلندي،
گُلن ڪان سواءِ خوشبو نه گهُلندي،
ملندئي ”مهيري“ تڏهن چين ايندو،
چيو تو ته ويندين، ڪهڙو فرق پوندو.

ڪجهه اڳيان هلياسين ته روڊ جي اُتر طرف هڪ ٻي پڪي ڳوٺ ڏي اشارو ڪندي سائين عبدالرزاق مهيري ٻڌايو ته:

## شوڪت حسين شوري جو اِهو ڳوٺ آهي

شوڪت حسين شورو جو نالو مون پهريون پيرو پي ٽي وي تان هلندڙ مشهور ڊرامو ناٽڪ رنگ ۾ پروڊيوسر توڙي رائيٽر طور پڙهيو هو ۽ پوءِ جڏهن ڪِتابن جي دُنيا ۾ داخل ٿياسين ته پڙهيوسين: شوڪت حسين شورو جولاءِ جي چوٿين تاريخ اوڻيهه سئو سٺيتاليهه ۾ پيدا ٿيو. تعلقي سجاول جي ڳوٺ حاجي نور محمد شورو ۾ عبدالڪريم شوري جي اڱڻ تي.

مهيري صاحب شوڪت حسين شورو جون ڪهاڻيون پڙهيون اٿئي؟ ’ڪو ڪِتاب ته نه باقي رسالن ۾ پڙهيو اٿم‘ مهيري جواب ڏِنو ’هِن جي ڪهاڻين جا چار ڪتاب ڇپيل اٿئي‘ ٻڌايومانس: ’گونگي ڌرتي ٻوڙو آڪاس‘، ’اکين ۾ تنگيل سپنا‘، ’گم ٿيل پاڇو‘، ’رات جو رنگ‘، مون پنهنجي معلومات مطابق کين ٻڌايو ته: ’ماهوار ’گُل ڦل‘ جو ايڊيٽر به رهيو آهي، سنڌ يونيورسٽي ۾ سنڌالاجي ڊپارٽمينٽ جو ڊائريڪٽر پڻ رهيو آهي.
اُن ڪان اڳتي دڙي موري، آمڙا اسٽاپ ۽ ٻيا ڳوٺ ڪِراس ڪياسين.

## پبلڪ لائبريري سجاول ۾ ڳوليا سين پنهنجا ڪِتاب

سجاوَل شهر ۾ داخل ٿياسين. شيخ عبدالله وارن سان رابطو ڪيوسين. چيائون ’اسان ڪي اجا پندرنهن ويهه منٽ لڳندا.‘ مون چيو چو نہ تيستائين پبلڪ لائبريري ڏِسي وٺجي. اياز امر شيخ کي فون ڪيم. فون نمبر نہ لڳو سورج سجاوليءَ کي فون ڪيم پاڻ گهر هو چيائين انتظار ڪريو تہ آئون اچان ٿو. چيم ’تڪليف نہ ڪريو اسان بہ ٿي منٽ آهيون. وچون پيا چوهڙ‘ ٻڌايائين تہ ’عبدالعزيز منڊرو جو پُٽ شاهد عزيز منڊرو انچارج آهي، لائبريري شهيد بينظير پٽو پبلڪ پارڪ جي اوپر ۾ آهي.‘ آياسين. لائبريري کي تالو هو. اُتي موجود همراه ٻڌايو تہ هاڻي هاڻي انچارج بند ڪريو ويجي. پوءِ رزاق مهيري جي دوست اُن انچارج کي فون ڪري گهرايو. جنهن اسان کي لائبريري ڏيکاري انچارج شاهد عزيز ٻڌايو تہ ’هِن لائبريري ۾ 27000 هزار کان مٿي ڪتاب موجود آهن. الماريون ۾ ڪتاب جنهن جنهن گفٽ ڪيا هُئا، اُنهن جي نالن سان رکيل آهن. حافظ محمد نظاماڻي سندس ڪتاب تلاشيو ۽ مون منهنجو ڪتاب. مونکي منهنجو ڪتاب ’حيدرآباد کان هنزه تائين‘ ٽئين ڪمري ۾ رکيل نظر آيو. حافظ کي سندس ڪتاب نظر نہ آيو.

موجوده انچارج جيڪو اُن هر دلعزيز شخصيت عبدالعزيز منڊرو جو پُٽ شاهد عزيز هو. جيڪو ڪتابن سان چوَن ٿا تہ بي انتها عشق ڪندو هو پنهنجو سمورو وقت لائبريري لاءِ وقف ڪيائين. تنهن ڪري پاڻ جڏهن دُنيا ڇڏي تہ پوءِ لائبريري جو نالو بہ سندس نالي پٺيان رکيو ويو. هاڻي هي لائبريري پبلڪ جي بجاءِ ’عبدالعزيز مينڊرو لائبريري‘ جي نالي سان سڏجي ٿي. شاهد کي ٻڌايم تہ ’اوهان جو والد صاحب هڪ ڀيرو منهنجي پريس تي، اياز امر شيخ وارن سان يا سورج سجاولي وارن سان گڏ. پر آيو هو.‘ ساڻس گڏ فوٽو ڪڍي ڪائنس موڪلايوسين.

هاڻي سجاول شهر کي ڇڏي اسين اسانجي منزل طرف روانا ٿياسين. ادا منظور شيخ عبدالله جي گاڏي هلائي. شيخ عبدالله ادا منظور جي گاڏي ۾ وينو يعني مونسان گڏ. هي گاڏي وري مون هلائي. شيخ عبدالله جي خواهش هُئي تہ حافظ محمد نظاماڻي، عبدالجبار ’قاسم‘ نظاماڻي ۽ رزاق مهيري سان ڪچهري ڪريان. جيڪي اسانجي گاڏي ۾ هُئا.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## چوهڙ جمالي جُوءِ ۾

’چوهڙ جي شهر ۾ داخل ٿيڻ کان پهرين رينجرس جي چوڪي آهي جيڪي ماڻهن کي، گاڏين کي چيڪ ڪري پوءِ اڳتي ڇڏيندا آهن.‘ اِهو ٻُڌايو رزاق مهيري، جيڪو مون سان گڏ اڳينءَ سيٽ تي ويٺل هو تنهن ڪري اسان به اچي چوڪي تي بريڪ ڪيو پر نوجوان چوڪرو بيٺل هو جنهن اشارو ڪندي چيو اوهان وڃو ۽ بنا چيڪنگ جي اسان پهتاسين چوهڙ جمالي جي پهرين اسٽاپ تي، حافظ فضل الله فياض (اسانجو اڄ جو ميزبان) اسان کي وٺڻ لاءِ انتظار ۾ بيٺل هو.

اسانکي اشاري سان پويان اچڻ لاءِ چيائين. پاڻ اڳيان موٽر سائيڪل تي هليو. چوهڙ جمالي شهر جو رستو به سوڙهو رش به گهٽي اسان لاءِ شهر به نئون، ادا منظور لاءِ شيخ عبدالله جي آٽوميٽڪ گاڏي به نئين ۽ مون به اهڙي ڪنهن سوڙهي روڊ يا گهٽين ۾ ڪرولا پهريون ڀيرو پي هلائي. بهرحال الله جي مهرباني سان بغير ڪجهه ٿيڻ جي صحيح سلامت منزل تي پهتاسين. هِڪڙي مسجد هئي ’جامع مسجد عثمان‘ اُن جي پاسي ۾ خالي پيل پلاٽ ۾ اسانکي گاڏيون پارڪ ڪرايائين. پوءِ وٺي آيو گهر. ماشاءَالله گهر تمام بهترين نهرايو اٿس. ادا منظور جي گهر کانپوءِ گهر نهرايو اٿس. اسان اوطاق جي ڪمري ۾ ويناسين اُهو به اهڙو ٿڌو پي لڳو جو اسان چوڌاري ديوارن تي پي ڏٺوليو ته اي سي ڪِٿي لڳل آهي. شايد پويان ڇڏيل گيلري جو ڪمال هو جنهن مان هوا اچي رهي هُئي.

هِتي سيئي جيئن ئي پنهنجي پنهنجي جاين تي ويٺا حال احوال ڪري سيئي موبائلن ۾ لڳي ويا. وري مون اِها ڳالهه چيڙي ته ’ڪهڙو دؤر آهي، ڪيڏا پنڌ ڪري ماڻهو ڪِٿي اچي ٿو سنگت سان ڪچهري ڪرڻ، حال احوال ڪرڻ پر سيڪو پنهنجا موبائل هلائي رهيو آهي. سيئي هِڪٻئي سان گڏ هوندي به جڻ هِڪٻئي سان گڏ ناهن.‘ اِها ڳالهه سيني محسوس ڪئي، ڪجهه دير لاءِ ته سيني پنهنجا موبائل وڏا کيسن ۾. هاڻي ڪچهري، کِل ڀوڳ، لطيفا ۽ هِتان هُتان جون ڳالهيون. فضل الله فياض کي چيوسين ته ’اسانکي حافظ حبيب سنڌي ضرور ملائجان.‘ چيائين ته ’مون اُن کي پهرين ئي چئي ڇڏيو آهي، هو جمع نماز پڙهي ماني پاڻ سان گڏ اچي کائيندو.‘

## حُب مان مِلياسين حافظ حبيب سان

جمع نماز جو وقت بہ ٿي ويو سيئي روانا ٿياسين مسجد جي طرف، جامع مسجد عثمان ۾ جمع نماز ادا ڪئيسين. اسان جي نماز سفر هُئي تنهن ڪري ٻہ رڪعتون فرض سفر پڙهي نِڪري آياسين. وري بہ اچي ڪچهري ڪئيسين ۽ حافظ حبيب سنڌي جو انتظار ڪرڻ لڳاسين. فضل الله فياض ٻڌايو تہ چوڪرو موڪليو اٿم حافظ حبيب سنڌي اچڻ وارو هوندو. بس ٿوري ئي دير ۾ حافظ حبيب سنڌي اچي سلام ورايو. سيئي ساڻس سِڪ، حُب ۽ احترام سان مِلياسين. حال احوال ٿيو.

احتشام الحق ڪتي عرف ’حافظ حبيب سنڌي‘ ڪتي پاڙي چوهڙ جمالي ۾ محمد عثمان ڪتيءَ جي اڱڻ تي 22 فيبروري 1954ع ۾ پيدا ٿيو. هِن ابتدائي تعليم سان گڏ عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم ۾ مولوي فاضل جو امتحان ڏِنو. اُن ڪانپور ۾ مدرسہ داالعلوم عثمانيہ نئي مان ’سندالفراغ‘ بي اي جي مساوي ڊگري حاصل ڪئي.

’سائين حبيب صاحب اوهان جا هيسيتائين گهڻا ڪتاب شايع ٿي چُڪا آهن؟‘ ڪچهري ڪي اڳتي وڌائيندي ڪائنس سوال ڪيم. ’ڪُل ملائي 22 ڪن ٿيندا‘. ’ڪُل ملائي مطلب؟‘ مطلب تخليق، ترتيب، ترجما سيئي ملائيندا سين تہ 22 ڪن ٿيندا. ’ماشاءَالله‘ چيم. ’۽ اجا جيستائين سَنڌَن ۾ ساهہ آهي، لِکڻ پڙهڻ هلندو رهندو‘. ’الله پاڪ اوهان جي صحت هميشہ سلامت رکي‘.

’سائين اوهان ٻوليءَ تي شايد ڪم ڪيو آهي، ڪو ڪِتاب وغيره لِکيو آهي؟‘ ’جي ها ٻوليءَ تي ”ماڇر، ڪڪرالي ۽ ڪاري جي ٻولي“ نالي سان ڪِتاب لِکيو اٿم. جيڪو لئنگئيج اٿارٽيءَ اداري ڇپرايو آهي‘. ’ان کان علاوه تاريخ تي بہ ڪم ڪيو آهي، ’ڪتري قوم جي تاريخ‘ نالي ڪِتاب بہ ڇپيل آهي‘. ماشاءَالله. ايئن سائين سان ڪچهري بہ ٿيندي رهي، سوال جواب بہ تہ پريان وينل دوستن جا ڪي جملا، ڪي لطيفہ، ڪي محاورا، ڪي چوٽيون، ۽ اُن سان گڏوگڏ ميزبان سائين فضل الله فياض پاران خدمت ۾ ڪنهن وقت جوس تہ ڪنهن وقت بوتلون بہ مِلنديون رهيون. مطلب تي ڪچهري مان خوب لُطف اندوز ٿيندا رهياسين.

## چوهڙ جمالي تي نالو ڪيئن پيو؟

فضل الله فياض پهرين سائين کان سوال ڪيو ته سائين ’چوهڙ جمالي تي نالو ڪيئن پيو؟‘، سائين عبدالجبار نظاماڻي چوي ٿو ته ’چوهڙ واڍيو هو جمالي سندس پارٽنر هو ٻئي پاڻ ۾ گڏ ڪاروبار ڪندا هُئا. اُنهن جي نالن پٺيان چوهڙ جمالي نالو پيو.‘ فضل الله چيو ته ’آئون ان تي متفق نه آهيان جيستائين اوهان نٽا ٿيو حافظ حبيب وراڻيو ’چوهڙ خان جمالي نالي همراهه هو جنهن جي هي سڄي جاگير هُئي ۽ انهيءَ جي پٺيان شهر جو نالو به پيو‘.

المدينه مسجد. هِن شهر جي تمام وڏي ۽ جامع مسجد آهي ۽ هڪ پُراڻو مندر به موجود آهي، هِن وقت هِن شهر جي آبادي 40 هزار جي لڳ ڀڳ ٿيندي، تعلقي شاهبندر جو هي وڏو شهر آهي، هِن علائقي کي آباد ڪندڙ ’ستاهه واهه‘ نالي درياهه مان نڪرندڙ واهه آهي جيڪو 35 ميل ڊيگهه رکندڙ ۽ هن شهر کي آباد ڪندڙ آهي. هي سجاول ضلعي جو شهر آهي.

سيئي اُٿياسين اندر هال ۾ ماني کائڻ لاءِ، اندر به گهر ماشاءَالله تمام سُٺو هو نقشو اهڙو نهيل هو جو سڄو گهر بنا اي سي جي به ٿڌو لڳو پيو هو. ماني ۾ کوڙ طعام نهرايا هُئائين، منهنجي ته طبيعت ٺيڪ نه هُئي، ٻيو ته جڏهن به گهڻا طعام نهيل هوندا آهن ته مونکي ماني تمام ٿورڙي وڻندي آهي، ها باقي لسي جا ٻه گلاس پري پيتم. لسي به بهترين نهيل هُئي. ماني کائي دُعا پڙهي اچي ويناسين. فضل الله فياض گاڏي واري کي ڪئي فون، گاڏي ڪٺي آيو هاٽي تي ڪرولا ڪارون ٿيون، هِڪٻئي جي پويان روانا ٿياسين.

## ابن شاهه جا ٽڪر ڏٺاسين

ڏهه پندرنهن منٽ جي فاصلي تي گاڏيون ڊوڙڻ ڪانپوءِ هڪڙا وڏا ٽڪر / جبل نظر آيا. ويجها ٿياسين ته هي پٿر اسانکي ڪارونجهر جي پٿرن جهڙا لڳا. خدا جي قدرت سڄي زمين سريڪي ۽ زرعي زمين نه جابلو سلسلو نه جابلو زمين. بس هي وچ تي جڻ هٿ سان ناهيا ويا هُجن. گاڏيون گهمي اچي ابن شاهه جي ٽڪر پر بيٺيون. مٿي سيڙهيون چڙهٽيون هيون. هيٺ بورڊ پڙهيوسين لِکيو پيو هو. ابن شاهه قريشي ’100 سيڙهيون والا روحاني سرجن.‘ اسانکي حيراني ٿي، هِڪٻئي کي چيوسين ته سيڙهيون ڳڻجو 100

ٽين بہ ٽيون يا نہ. اسان سيڙهيون مٿي چڙهڻ شروع ڪيون. اسان مان حافظ حبيب سنڌي ۽ شيخ عبدالله ٻئي مٿي نہ چڙهيا. باقي اسان سيئي ساٿي چڙهي وياسين. مٿي پهتاسين ڪجهہ دوست سهڪي پيا. ٿڪجي پيا. مٿي بہ عجيب رنگ لڳا پيا هُئا. مايون/عورتون هِتي بہ موجود هيون. پاڻ ۾ ڪچهري ڪري رهيون هيون. ڪِن سيلفيون پي ڪيون. مزار تي اندر قُل پڙهياسين. مزار جي پڃري ۾ تمام گهڻي تعداد ۾ بند تالا هِڪبئي ۾ لڳا پيا هُئا. اهي شايد ماڻهو پنهنجون مُرادون ڪٽي ايندا آهن تہ: ابن شاهہ اسانجي قسمت جو تالو پاڻ کوليندو. 'توبهہ توبهہ' جهالت جي بہ حد هوندي آهي. الله پاڪ کي ڇڏي هنن زمين دوز درويشن کان ٿا گُهرن. جيڪا ڳالهہ نہ هنن درويشن، بُزرگن کي قبول آهي ۽ نہ وري الله پاڪ کي.

ابن شاهہ بزرگ شيخ بهاءُالدين ذڪريا ملتان واري جي اولاد شيخ اسماعيل جو فرزند هو. هي درگاهہ تعلقي شاهبندر، ضلع سجاول ۾ آهي.

حافظ حبيب ٻُڌايو تہ 'هن جو اصل نالو عبدالله شاهہ عرف ابن شاهہ قريشي آهي، آئون انهيءَ خاندان مان آهيان. هي اصل ۾ مُلتان کان آيل آهن. هن جي وفات 804 هجري جي آهي.'

فوٽوگرافي ڪري هيٺ لٿاسين. مون وري بہ سيني کي چيو 'بابا سيڙهيو ڳڻجو.' مون بہ ڳڻيون پر وچ تي عبدالجبار 'قاسم' نظاماڻي چيو تہ 'پاسي کان هِڪڙي قبر نهيل آهي، اوڏانهن هلون' مون چيو نہ سائين گس ڏکيو آهي، انهي ڪري مون جيڪي ڳڻيون اُنهن ۾ سئو نہ ٿيون ممڪن آهي مون غلط ڳڻيون هجن.

هيٺ جيئن ئي لٿاسين شيخ عبدالله ڪير واري قلفي چوپي رهيو هو. مون چيو سائين شيخ صاحب ياد ڪريو هي راضي شاهہ وارو ساڳيو ساڳيون منظر آهي، اُهو بہ مٿي سيڙهين تي هو اوهان مٿي نہ چڙهيا هيٺ ويٺا هئا. جڏهن اسان مٿان ٿي آياسين تہ اوهان سيني کي اهڙيون ڪير واريون قلفيون ڪارايون هُيون. شيخ عبدالله، حافظ حبيب ۽ فضل الله فياض کِلي پيا. چو تہ هِن ڀيري خرچ شيخ عبدالله نہ پر فضل الله فياض پيو ڪري چو تہ سائين عبدالجبار 'قاسم' نظاماڻي پيسا ڪيسي مان ڪڍيا. پر فضل الله منع ڪري ڇڏي ۽ سيني کي بہ بہ قلفيون ڪارايائين.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## راڄڻ شاهه جا ٽڪر ۽ ڏِٽاسين

وري گاڏين کي گول چڪر ۾ ڦيرائي آياسين راڄڻ شاهه جي ٽڪرن تي، جيڪي پري کان ئي اچا مقبرا نظر اچي رهيا آهن. هي جبل هُن کان ٿورو هيٺ هئا. تنهن ڪري شيخ عبدالله ۽ حافظ حبيب سنڌي پُٺ مٿي تائين هليا. پهرين مسجد ڏِٺيسين جيڪا ڇت بنا ٺهيل آهي، شايد عيد گاهه ٿي لڳي، پوءِ ٿورو اڳيان هِڪڙو ٿلهو ٺهيل آهي، جنهن کي چؤطرف کان گوڏي جيتري ديوار ڦِريل آهي، ٻن پاسن کان آمهون سامهون دروازا ڇڏيل آهن. پوري وچ تي گول ڪڌ ٺهيل آهي، جنهن ۾ حافظ حبيب ٻُڌايو ته ’تاندو ٻاريندا آهن ۽ هِتي ساليانو سماع جي محفل ٿيندي آهي. انهي گول ڪڌ ۾ تاندا ٻاري پوءِ چوڌاري ڦِري ويهي ذڪر الله ڪندا آهن.‘ مٿي چڙهياسين. هِڪبئي جي سامهون ٻه مقبرا هئا، اُتر ۾ مقبري ۾ وياسين حافظ حبيب ٻُڌايو ته ’هن مان هي اولهه طرف واري قبر مخدوم محمد جلال ڪتي جي آهي، جيڪي مخدوم معين ٺٽوي جا اُستاد ٿي گُذريا آهن. جڏهن ته اوپر واري قبر فيضل الله پير قريشي جي آهي.‘

ڏکڻ طرف ۾ راڄڻ شاهه قريشي جن جون قبرون آهن. جيڪي اصل ۾ ملتان کان آيل آهن. هن جي وفات 1760ع ٻُڌائي وڃي ٿي، هن جا مريد گهڻا جهالو ڪيٽي بندر کان ايندا آهن. هر سال سفر مهيني جي 12 تاريخ تي هِتي ميلو لڳندو آهي. وڏيڪ حافظ حبيب سنڌي ٻُڌايو ته ’هي ديهه ٻچل جمالي آهي ۽ هِن ديهه ۾ اهڙا ٽوٽل ست 7 ٽڪر مِلن ٿا.‘

هاڻي اسان وري ٻه ساڳيو روڊ شاهه بندر وارو ورتو جيڪو چوهڙ شهر منجهان نِڪري ٿو اسان جي هاڻي منزل شاهه عقيق هو. مون پڇو ’اصل نالو شاهه عقيق آهي يا شاهه يقيق؟‘ سيني چيو هلون ٿا اڳيان بورڊ لڳل هوندو پاڻهي خبر پئجي ويندي، مون چيو ’مئگزين جيڪو نِڪرندو آهي، انهي جو نالو ’عقيق ميگزين‘ آهي. عقيق ميگزين جو هِڪڙو پرچو مون ٻه ڇپيو هو.‘

شاهه عقيق جو فاصلو چوهڙ کان ست ڪلوميٽر ٻُڌايو پيو وڃي، اسانجي اڳيان فضل الله فياض وارن جي گاڏي هُئي، جنهن سان گڏ حافظ حبيب سنڌي جيڪي اڄ جا گائيڊ ۽ رهنما هُئا، اُهي جڏهن شاهه عقيق جي درگاهه کان اڳتي گاڏي هلائي ويا ته اسان چيو الائي ايڏانهن وري ڇا آهي شاهه عقيق جي درگاهه ته ڇڏيو وڃن. گاڏي وڃي بازار جي وچ چوڪ تي بريڪ ڪيو.

## جلالي بابا جي جوءِ ۾

گاڏين مان لٿاسين، چؤطرف جيئن ميلن جي اڏاوت ٿيندي آهي، ايئن اڏاوتون ٿيون پيون آهن، تنبُن اندر ڪٿون پيون آهن ۽ ڪٿن تي فيمليون ويٺيون آهن. پُڇڻ تي خبر پئي تہ ماڻهو مُرادون وٺڻ لاءِ هِتي اچي رات ترسندا آهن، تنهن ڪري هي سيئي وڏا هال اُنهن ۾ پيل ڪٿون هِڪ رات جي مسواڙ تي مِلنديون آهن. اڳتي هلياسين ور وڪڙ گهٽين مان ٿيندا اچي درگاهہ تي پهتاسين، جنهن بابت حافظ حبيب سنڌي ٻُڌايو تہ: ’هي شاهہ عقيق جو وڏو ياءُ آهي، جنهن جو اصل نالو عبدالله شاهہ عرف تلڻ شاهہ آهي، پر هاڻي ٿوري عرصي کان هِن کي ’جلالي بابا‘ جي نالي سان مشهور ڪيو ويو آهي.‘ مون بہ ڪنهن ڪتابچي ۾ پڙهيو آهي تہ: ’شريف الدين بُخاري جي (جيڪو افغانستان جو ٻُڌايو وڃي ٿو)، اڳڻ تي اڪيون ڪوليندڙ عبدالله شاهہ جيڪو پوءِ تِلڻ شاهہ اُن ڪانپوءِ هاڻي ’جلالي بابا‘ جي نالي سان مشهور آهي. عبدالله شاهہ عرف ’جلالي بابا‘ شاهہ عقيق جو وڏو ياءُ آهي. اُن ڪتابچي ’تذڪره حضرت شاهہ عقيق بابا اور جلالي بابا‘ اردو ۾ لِکيل آهي، جنهن ۾ ڪجهہ ڪرامتون بہ لِکيل آهن، جيڪي هِتي نٿو لِکان.

اسان سيني جُتيون هِڪ پاسي لاٿيون، جِتي جُتون رکڻ وارو موجود هو. درگاهہ اندر وڃڻ وقت واڪ ٿرو گيٽ لڳل هئا. ڪم بہ ڪيائون ٿي يا الائجي نلها لڳل هُئا، پر هڪ پاسي کان بہ ليڊي پوليس اهلڪار ويٺل هُيون، ٻي پاسي کان مرد پوليس اهلڪار بيٺل هُئا، جن اسانجي چيڪنگ ڪئي. هي مزار گهڻو کُليل ميدان تي هُئي پريان ديوار جي پاسي کان پوليو ڦُڙا پيارڻ وارا ويٺل هئا. اُنهن جي پاسي کان هِڪڙو ڏنو مُنو نوجوان جنهن کي ساڄي ٻانهن ۽ ٽنگ ۾ گڏ زنجير پيل هُئي ۽ پِٽ تي مٿو ٽيڪي ليٽيو پيو هو. ڏِسڻ ۾ تہ چريو نہ پئي لڳو پر خُدا ٿو ڄاڻي.

مزار اندر آياسين قُل پڙهياسين، پر آس پاس حالت، ڏاڍي خراب پئي لڳي، هِڪ تہ رڳو عورتن جي رش ٻيو تہ هِڪ نوجوان ڇوڪري پڇري ۾ زنجير سان ٻَڌل هُئي، جنهن جلالي بابا کي ٻُجا پئي ڏِنا ۽ ٺُڪون پئي اُڇلايون تہ مونکي ڪولين ڇو ڪونہ ٿو. مونکي ايڏي حيراني ٿي/عجب لڳو هِڪ ٻي بہ نوجوان ڇوڪري جنهن جا ٻئي هٿ پويان زنجير سان ٻڌل هُئا، اُنهن جون رڙيون پئي پيون ۽ گاريون پئي ڏِنائين، هڪ هنڌ کان ٻي هنڌ تائين هلي پئي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موبائل جي ڪيمرا آن ڪري هِڪ ٻہ فوٽو ڪڍيم. تيستائين هِڪڙو همراه اچي پهتو. چيائين موبائل رکي ڇڏ. فوٽو ڪڍڻ سخت منع آهي. سندس چهري ۾ غور ۾ ڪاوڙ سان ڏِٺم ۽ پوءِ موبائل بند ڪري کيسي ۾ وِڌم. پهرين تہ خيال آيو اهڙو ڪيس ڳالهائجي، پر وري سوچيم آئون تہ هِتي صرف پنج ڏهہ منٽ لاءِ ڏِسڻ آيو آهيان. ڦڏو ڪرڻ نہ ۽ ميزبان بہ الائي ڇا سمجهن تہ خوامخواهہ ڦڏو ٿي پوَي. جلالي بابا تي بہ آخري نظر هٽي ٻاهر نڪتاسين. گيٽ وٽ هڪ عورت مونکي ڪلهو هنيون مُڙي ڏِنومانس تہ هُن بہ مُڙي ڏِنو. آئون ڪنڌ هيٺ ڪري اڳتي نِڪري آيس. هِتي آس پاس جو ماحول ۽ هلندڙ گُهمندڙ مايون ڏاڍيون عجيب لڳي رهيون هيون. لڳو ايئن پي تہ هِتي ايندڙ سيئي نہ تنڌهن بہ اڪثريت ايئن ئي آهن. ٻاهر پناڻ ڏنا مُنا چورا نظر آيا. فضل الله ٻُڌايو تہ ٿوري وقت کان اِهي پناڻ هن جلالي بابا تي قبضو ڪري اچي ويهي رهيا آهن. گهر ٻار پُڻ هِتي اڏيو مڏيو وينا آهن. اِها ڳالهہ بہ عجب جهڙي آهي، ڪِٿي اچي رهيا آهن. سو بہ درگاهہ تي قبضو ڪري.

## اوهانجي ٻانهن ۾ سُتا يار هُئاسين.

جيئن ئي ٻاهر چوڪ تي گاڏي وٽ پهتاسين. اُتي بيٺل چنگچي رڪشا ۾ فُل آواز تي منهنجو گيت فنڪار الهڏنو جي آواز ۾:

**اوهانجي ٻانهن ۾ سُتا يار هُئاسين. اهڙي ننڊ مِٺڙي وري ڪونہ آئي. سوا تو سجڻ کهڙا سانوَڻ سيارا. اسان آهي هرڪا موسم آزمائي.**

هلي رهيو هو. اُن وقت اتفاق سان هَلي بہ نالي واري مصرع پي:

**مِٺا پيار پنهنجو امر آ ۽ رهندو. زماني کان هرگز جُدا ڪين ٿيندو. سجڻ بس اسانجو ساهہ آهي تو ۾. هر پَل اوهانجي آهي ياد دِل ۾ تون ئي پنهنجي دِل جي ڪاڳر تو او مِٺڙا. نالو ’مور ساگر جوڻيجو‘ لِکي ڇڏ. هوندو پيار دِل ۾ تولئہ تا قيامت. هوندي دِل ۾ تولاءِ حسرت اُها ئي.**

سيني ٻُڌي چيو واهہ مور واهہ. اهو منهنجو گيت 1999ع ۾ فنڪار الهڏنو جوڻيجي ڳايو هو جيڪو ايترو مشهور ٿيو جو ننڍو وڏو ٻار ٻچو پيو جهونگاريندو هو اج تائين بقول فنڪار الهڏني جي تہ ان گيت جي ٻُڌڻ لاءِ فرمائش ٿيندي رهي آهي.

## شاهه عقيق جي مزار مهندا جو منظر

حافظ فضل الله وارن چيو ’شاهه عقيق جي مزار تي بہ هلندا يا هليا هَلون؟‘ چيوسين ’سائين اسان تہ اڄ تائين صرف شاهه عقيق ئي ٻڌو هو. هي جلالي بابا تہ هِت اچي خبر پئي، تنهن ڪري شاهه عقيق جي حاضري ڀرڻ تہ ضروري آهي.‘ وري گاڏين ڪي ڦيرائي آياسين شاهه عقيق جي مزار طرف. مزار کان پهرين مسجد اچي ٿي وچين نماز جو وقت بہ ٿي ويو آهي، سڀني پهرين وضو ڪري نماز ادا ڪئي. پوءِ آياسين شاهه عقيق جي مزار تي، هي مزار تہ ننڍڙي هُئي، هِتي رش بہ نہ هئي، هِتي واڪ ٿرو گيٽ لڳل هو. پاسي ۾ بہ چوڪريون پوليس واريون ويٺل هُيون. هِڪڙي صفا سنهڙي ويچاريءَ جا ڏند نِڪتا پيا هُئا، هِڪڙي وري اهڙي موٽي جو ڪُرسي کان بہ ٻئي پاسا ٻاهر نِڪتل هئس، مون غور سان ڏِٺو ۽ سوچيم عجيب پوليس واريون آهن، هِڪڙي ايتري ٽڪلڙي آهي، جيڪا ايمرجنسي ۾ ٿورو ڊوڙِي تہ ٽڪجي پوندي ۽ ٻي وري ايڏي ڳري جو ڊوڙِي ئي ڪونہ سگهندي.

هِتي بہ گيٽ پرسان پوليو ڦُڙا پيارڻ وارا ٽيبل ڪُرسي رکيو ويٺا هئا، هِڪ چوڪري بہ چوڪرا جنهن مان هِڪڙو فضل الله فياض جو دوست هو جيڪو اُتي آيو. سڀني کي هٿ ڏنائين. پوءِ فضل الله فياض سان ڪو پي ڪچهري ڪيائين. اسين اندر مزار مان ٿي موٽي آياسين.

انسائيڪلوپيڊيا ٻُڌائي ٿو تہ: شاهه عقيق ڇهين صدي هجري/ٻارهين صدي عيسويءَ ڌاري بُخارا ۾ جائو ٻن سالن جي عمر ۾ پنهنجي مائٽن سان گڏ پهرين هندستان ۽ پوءِ اُچ شريف ۾ رهيو. پاڻ اُچ جي سيد جلال الدين بُخاري سرخ پوش جي اولاد مان هو. اُچ کانپوءِ حضرت خواجہ معين الدين چشتيءَ جي حڪم سان ٺٽي ۾ دين جي تبليغ لاءِ اچي رهيو. ٽِن سالن کانپوءِ سندس والد ۽ والده وفات ڪري ويا. شاهه عقيق مختلف مزارن تي فيض حاصل ڪرڻ لاءِ ويندو رهيو. هُن ميين عثمان کان بہ درس ورتو.

18 سالن جی عمر ۾ سندس شادي سندس استاد ميين عثمان جي ڌيءَ سان ٿی، جنهن وقت سندس نڪاح پئی پڙهيو ويو تہ وچ ۾ ير واري ڳوٺان هڪ بيواهه عورت فرياد ڪٺی آئی تہ ڌاڙيل منهنجی پُٽ کی اغوا ڪري ويا آهن ۽ اڄ رات تائين وڏي رقم ڏيڻ جو مطالبو ڪيو اٿن. ٻيءَ

صورت ۾ منهنجي پُٽ کي قتل ڪري ڇڏيندا. فريادي عورت کي شاهه عقيق جي پائرن ۾ دوستن سمجهائي واپس موڪلڻ پئي چاهيو پر فريادي عورت واپس ويندي چيو تہ توهان پلي شاديءَ جون خوشيون ملهايو. آئون ماتم ڪرڻ وڃان ٿي. شاهه عقيق اهو ٻڌي حق جو نعرو هڻي اٿي ڪڙو ٿيو ۽ فريادڻ سان گڏجي هليو ويو ۽ ڌاڙيلن سان وڙهندي شهيد ٿي ويو.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تحقيق موجب ”سندس شهادت 854هه 1450ع جي شروع ۾ ٿي. سندس مقبرو چوهڙ جمالي ضلعي ٺٽي ۾ آهي، جتي هر سال وڏو ميلو لڳندو آهي ۽ ٻارهوئي اُتي عقيدت مندن جا ميڙ لڳا پيا هوندا آهن.“ جيڪي اڄ اسان بہ پنهنجي اکين سان ڏِٺا. اجا هِتي جي شايد چنڊ جي چوڏهين رات جا ڪي ٻيا رنگ ٻڌايا وڃن ٿا. ڪهڙا رنگ آهن. اِهي وري زندگي رهي تہ ڪڏهن ڏِسي ونبا.

### لاڏيون، جتي جيل ۾ بہ قتل ٿيا هئا

هاڻي اسانجون گاڏيون عثمان شاهه جا قُبا ڏِسڻ لاءِ اوڏانهن جي رُخ روانيون ٿيون. پهرين هڪڙو روڊ نِڪري ٿو جيڪو ٻڌايائون تہ هي روڊ جاتي وڃي ٿو. اُن ڪان اڳتي هڪڙو اسٽاف اچي ٿو بلڪِ ’شهر لاڏيون‘ جيڪو نالو اسانجو گهڻو ٻڌل هو. هِن پاسي جا شادي ڪارڊ ڇپيندا هُئاسين اُنهن ۾ اهي هنڌ نالا ۽ ذاتيون اسانجي ذهن ۾ محفوظ ٿيل آهن. لاڏيون لاءِ اڳيان ويٺل عبدالرزاق مهيري ٻڌايو تہ ’هي سامهون زبون حال جڳهيون ڏِسو پيا اهي انگريزن جي دوُر ڪان بہ پهرين جون آهن. ٿاڻا بہ هئا تہ جيل بہ هُئي.‘ وڌيڪ ٻڌايائين تہ ’بہ واڻيا پائر بہ هن جيل ۾ ماريا ويا هئا. گرفتار تہ ڪنهن ٻي پاسان ڪري آيا هُئا. پر هن جيل ۾ آڻي پوءِ گوليون هڻي ماري ڇڏيائون.‘ مون چيو ’ويچارا واڻيا اڳي ئي هئا. وري جو پوليس ڪيو هوندو تشدد تہ هو پاڻ ئي مري پيا هوندا. پوءِ ويچاري اسان جي معصوم پوليس هنيون هونديون گوليون. ڏيکاريو هوندائون تہ جيل مان پڄڻ جي ڪوشش دوران مقابلي ۾ مارجي ويا‘ مهيري وراڻيو ’هي واقعو ڪافي پُراڻو آهي، وڌيڪ مونکي ڄاڻ ڪانهي‘. ’سائين اِها تہ آهي عام ڳالهہ ضروري ناهي اِن واقعي ۾ ايئن ٿيو هُجي، پر ايئن بہ ٿيندو آهي.‘

## چڇ جهان خان کان اڳيان عثمان شاهہ جا قُبا ڏِٺا

لاڏيون کان پوءِ جيڪو استاپ آيو اُهو استاپ ۽ شهر هو ’چڇ جهان خان‘ جنهن لاءِ چياٽون پيي تہ پري آهي اڄ هِڪڙي ڏينهن ۾ نہ ڏِسي سگهندا. چڇ جهان کان ڪِراس ڪيوسين تہ اسان کي وري بہ ريڊيو جو دؤر ياد آيو ريڊيو تي هلندڙ پروگرام سُڳنڌ جيڪو سموري سنڌ ۾ مشهور هو ۽ سڄي سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن کان پُڏندڙ خط لِکندا هئا. ۽ ايئن اسان جي ذهنن تي اُهي پُڏل نالا تري ٿا اچن. ڪجهہ وقت اڳتي هلياسين. جيستائين سڄ بہ لهي چُڪو هو ۽ پٽائي جو بيت منهنجي من اڳڻ تي ڪبوتر تي لٿو جڻ:

لٿو سڄ لَڳَن تان، راسيون رتائين،
مونکي مارياٽين، آيل اونڌاهي ڪري.

عثمان شاهہ جي مزار اڳيان گاڏين اچي بريڪ ڪيو. مسجد ۾ مولوي بانگ ڏئي رهيو هو. پهرين وضو ڪري نماز پڙهيسن. هِتي رڻ ۾ بہ اسانکي پٺاڻ ۽ پنجابي نظر آيا. پنجابي مايون هِتي مجردانيون بڏيو بارن کي سُمهاريو پاڻ رڌ پچاءُ ڪري رهيون هُيون. جڻ تہ گهر ٺي هِتي اٿن.

## پردي جي پُٺيان عجيب قسم جا آواز

پهرين جنهن قُبي ۾ اچون ٿا اُن لاءِ حافظ حبيب پُڌائي ٿو تہ ’هي ميان ميين صديق عباسي جو فرزند ميان محمد عثمان عباسي آهي. جيڪو پنهنجي وقت جو سُنو ليڪ بہ رهيو آهي.‘ انهي مزار منجهان دروازو اڳتي نِڪري ٿو اڳيان بہ مزار نهيل آهي. جنهن بابت حافظ حبيب پُڌايو ’هي مخدوم محمد ابراهيم عباسي آهي. جيڪو پنهنجي وقت جو وڏو حڪيم هو ۽ ميان محمد عثمان عباسيءَ جا فرزند هئا. سندن وفات 1176ع ۾ ٿي.‘ انهن ٻنهي جي اوپر طرف ۾ تي بہ زيارت هُئي. جنهن ۾ اندر وياسين تہ مزار جي پريان هِڪڙو پردو ڇت کان هيٺ فرش تائين لڙڪي رهيو هو اُن پردي جي پُٺيان عجيب قسم جا آواز اچي رهيا هئا. مون هيڏانهن هوڏانهن لوٽا هڻڻ شروع ڪيا ۽ آوازن جي ويجهو وڃڻ چاهيم. تيستائين هِڪڙي چادري ۾ ويڙهيل نوجوان ڇوڪري سهڪندي ٻاهر نِڪتي. پويان هلڪي ڏاڙهي وارو ڇوڪرو جنهن جي هٿ ۾ پاڻي جي بوتل هئي. اُنهي جي پويان نِڪتو. ڇوڪري ٿِڙندي ٿِڙندي ٻاهر هِڪڙي دِڪي تي وڃي ويهي رهي. آئون ٻنهين کي غور سان ڏِسندو اڳتي هليو ويس.

اسان جي اڄ جي سفر جي هي آخري منزل هُئي، هاڻي رهيل آهي جاتي، جِت اڄ تہ ڪُجھہ بہ ڏِسي گُهمي نٿا سگهون صرف شهر مان گذري سگهون ٿا. حافظ فضل الله فياض وارن چيو هلو جاتي روڊ تائين اوهان سان گڏ ٿا هَلون. جاتي روڊ تي پهتاسين سيني هڪبئي کان موڪلايو. شيخ عبدالله چيو تہ 'پاڻ کي ميرپوربٺورو هلڻو آهي جتي هڪڙي دوست دعوت ڪئي آهي انهي ۾ ضرور شريڪ ٿيڻو آهي،' اسان چيو 'سائين اوهان وري بہ سجاول کان ويندا ٿاٽي بولا خان اسين هِتان جاتي کان کوروواهہ، کوروواهہ کان ڪڙيو جتي حافظ محمد نظاماڻي ۽ عبدالرزاق مهيري کي ڇڏينداسين. اسان کي جاتي وٺان ويجهو پنڌ پوندو انهي ڪري پنهي لاءِ بهتر آهي تہ هِتان ئي موڪلايون.' انهن کان بہ موڪلايوسين. حافظ صاحب جي طبيعت بہ گهڻي خراب هُئي ۽ هاڻي منهنجي طبيعت بہ ساٿ نہ پئي ڏئي. جاتي کي ويجهو پُهتاسين تہ سيني چيو رسول بخش تميمي يا ذاڪر حسين ڪٽي کي فون ڪريون، جيئن 'پياٽي' جو ميلو بہ ڏِسيو هلون. پهرين سائين رسول بخش تميمي کي فون ڪيم جنهن چيو 'ٺيڪ آهي، اچو آئون ماني جو بندوبست ڪريان ٿو' چيم 'سائين ماني بلڪل نہ کائينداسين،' چيائين 'ڀلا چانهہ تہ پيئندو' چيم 'چانهہ بہ نہ' چيائين 'ڀلا ٽڏو پي وٺنداسين، مِلي وٺنداسين. پر اچو ضرور' جڏهن شهر پهتاسين تہ ادا منظور جو موڊ بدلجي ويو. چئي ڪونہ ٿا هلون شهر ۾ رش آهي، ذاڪر حسين ڪٽي کي فون ڪيم. ذاڪر چيو 'نيشنل بينڪ وٽ اچو آئون اچان ٿو. گهر پاسي ۾ آهي،' ذاڪر حسين ڪٽي اڳ ۾ بيٺل نہ هو. تنهن ڪري هنن بہ منٽ گاڏي روڪي وري هليا. چيائون ذاڪر کي بہ منع ڪري ڇڏ. اُن وقت وري منهنجو موڊ خراب ٿي ويو. پر خير هر سفر ۾ واپسي ايئن ئي هوندي آهي. سو ماٺ ٿي ويس. گاڏي اڳتي هلي وئي پويان ويچارو ذاڪر ڪٽي پهتو چيائين 'ڪِٿي آهيو؟' چيم 'اڳتي نِڪري ويا آهيون' چيائين 'اڳيان ٻاهر پيٽرول پمپ آهي اُتي ضرور بيهو.' ٻاهر پمپ تي بيٺاسين اُتي پنڌ اچي پهتو سيني سان مِليو ڪجهہ گهڙيون بيٺي بيٺي ڪچهري ٿي پوءِ موڪلايوسين. چيائين 'سياٽي پروگرام ۾ ضرور شريڪ ٿجو.'

واپسيءَ جو پنڌ ۽ اسين ....

## جيڪي سفر ۾ همسفر هئا:

**حافظ نظاماڻي:** قرآن جو حافظ آهي، پنج وقت نماز پڙهندڙ آهي، پر مولوي صفا ناهي. ڏاڙهي به اڇي وڏي اٿس، صوفي مڙس، سنگت ساٿ وارو، سدائين پروگرامن ۾ سفر ۾ سنڌ جو تمام وڏو نالو آهي شاعري ۾ حافظ نظاماڻي جو. سندس تعلق سهراب خان نظاماڻي ڳوٺ لڳ ڪڙيو گهنور سان آهي. سندس ڪتاب "باغي آ عشق منهنجو" ڇپيو جيڪو ٿوري ئي وقت ۾ وڪامجي ويو اُن کان پوءِ ٻيو ڪتاب "تاريخ آهي شاهد" جنهن جو بيڪ ٽائٽل لکڻ جو اعزاز هن ناچيز (مور ساگر) کي حاصل آهي. حافظ نظاماڻي جي شاعري اسان جڏهن هاءِ اسڪول ۾ پڙهندا هئاسين تڏهن کان فنڪار الهڏنو جوڻيجو جي آواز ۾ ٻڌندا هُئاسين.

**حافظ حبيب سنڌي:** حافظ حبيب جو تعلق چوهڙ جمالي شهر سان آهي، سندس پورو نالو احتشام الحق ڪٽي عرف 'حافظ حبيب سنڌي'، ڪٽي پاڙي چوهڙ جمالي ۾ محمد عثمان ڪٽي جي اڱڻ تي 22 فيبروري 1954ع ۾ پيدا ٿيو. هِن ابتدائي تعليم سان گڏ عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم ۾ مولوي فاضل جو امتحان ڏِنو اُن ڪانپوءِ مدرسه داالعلوم عثمانيه ٽنڊي ٽتي مان 'سندالفراغ' بي اي جي مساوي ڊگري حاصل ڪئي.

**پروفيسر ڊاڪٽر عبدالجبار 'قاسم' نظاماڻي:** ماتلي سان تعلق رکندڙ معزز شخصيت، پيشي جي لحاظ کي ليڪچرار گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج ماتلي، پاڻ سُٺا ليکڪ ۽ تاريخ سان دِلچسپي رکندڙ تاريخ لِکندڙ ماتلي جي تاريخ لِکي اٿس، اُن کان علاوه حافظ نظاماڻي جي شاعري جا مجموعا "باغي آ عشق منهنجو"، "تاريخ آهي شاهد" پڻ هِن جا سهيڙيل آهن. نظاماڻي ذات تي "تذڪراءِ نظاماڻي" وڏو ڪِتاب لِکيو اٿس، جنهن ۾ پوري نظاماڻي قبيلي جا شجرا ڏِنا اٿس. اُن کان علاوه کوڙ ٻيا به ڪيترائي ڪتاب لِکيا، سهيڙيا ۽ مُرتب ڪيا اٿس. "محمد صديق مسافر جي علمي، ادبي، تعليمي، صحافتي ۽ سماجي خدمتن جو تحقيقي مطالعو" جي عنوان سان محمد صديق مسافر تي پي ايچ ڊي ڪري ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪئي اٿس.

**عبدالرزاق مهيري:** هن جو تعلق ڳوٺ مولوي حاجي علي محمد مهيري سنهڙو شريف سان آهي، جيڪو ڪڙيي گهنور جي پرسان آهي. سندس تعليم بي ايڊ آهي، پاڻ پيغمبري پيشي سان وابسطه رهيو آهي، هن وقت رٽائرڊ پرائمري ٽيچر آهي. ڪجهه ڪهاڻيون به لکيون اٿس، بوسڪي جو پٽڪو هن جي سُڃاڻپ ايئن آهي، جيئن اجرڪ جو پٽڪو علڻ فقير جي سُڃاڻپ.

**شيخ عبدالله 'ڪوهستاني':** ٽاٽي بولا خان سان تعلق رکندڙ انتهائي سُٺو سماج سُڌارڪ، پاڻ پيشي جي لحاظ کان عربي ٽيچر آهي، سدائين سفر ۾ ننڊ ڪندو آهي، نه ته بس زندگي جي سفر ۾ هل هلان اٿس، ڪنهن وقت ڪِٿي ته ڪنهن وقت ڪِٿي، سدائين سماجي ڪمن جي پويان، سندس مختلف ڪمن ۾، فري ميڊيڪل ڪئمپون لڳائڻ، غريبن جي سهائتا ڪرڻ کان علاوه جيڪو ڪم هن جي سُڃاڻپ بڻيو آهي سو آهي، اجتماعي شاديون ڪرائڻ، هي غريب بي سهارا خاندانن جي غريب نياڻين جون شاديون ڪرائيندو آهي، ۽ ڪين پورو پورو ڏاج به ڏِنو ويندو آهي.

**سرور خاصخيلي:** سندس تعلق ٽاٽي بولا خان سان آهي، سُٺو ماڻهو آهي، پيشي جي لحاظ کان پرائمري ماستر آهي، صحافت به ڪندو آهي، ۽ شاعر پڻ آهي.

**فضل الله فياض ميمڻ:** چوهڙ جمالي شهر جو رهندڙ انٽر پاس، سينيئر صحافي ۽ پنهنجو ڪاروبار ڪندڙ النور پبلڪ اسڪول جو اونر، جمعيت علماءَ اسلام ضلعي سجاول جو جنرل سيڪريٽري.

**منظور احمد جوڻيجو:** ماتلي شهر سان تعلق رکندڙ: منهنجو ياءُ آهي، سُٺي دِل رکندڙ آهي، سندس حيدرآباد ۾ "الرزاق پرنٽرز" آهي، پنهنجي ڪاروبار ۾ ڪامياب آهي. گُهمڻ جو شوق هوندو اٿس، ۽ هميشه چوندو آهي، گُهمڻ جو پروگرام ناهيو گاڏي منهنجي حاضر آهي.

**مور ساگر:** 'ڪي جاڻا مين ڪوڻ بُليا'.

**[16 مارچ 2018ع ـ ضلعو بدين ـ سجاول]**



عبدالرزاق مهيري، فض الله فياض ميمڻ، حافظ حبيب سنڌي ۽ منظور احمد سان گڏ
ابن شاهه جي ٽڪر تي قائم درگاهه پر ۾ گروپ فوٽو



ڪوِرواهه شهر ۾ محمد عثمان پنهور جي ميڊيڪل اسٽور تي سڄي سنگت سان گڏ
اسماعيل اُداسي، منظور احمد جوڻيجو، محمد عثمان پنهور، ميان مير چانڊيو عبدالرزاق ميهري
پروفيسر عبدالجبار ’قاسم‘ نظاماڻي، حافظ محمد نظاماڻي ۽ عثمان پنهور جو ننڍڙو پُٽ


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



# ٻڙ جو ڏورو ۽ گنگا جو گام

**روانگي**

جوڳُ نہ جوڳو ٿُون، ڳَرين ڀَچارُون جوڳِيين،
هِڪِڙو پَندُ پَرِيَن ڏي، ٻِي تَتِي پُون.

بدين ڪان پريان تَتِي پُون، ٻڙ جو ڏورو، گنگا جو گام، ناٿي فقير لُنڊ سان رهاڻ ڪاڻ رڻ ڪڇ ڏانهن ڪاهي اچ 17 آگسٽ 2018ع جمع جي ڏينهن، سفر تي سنبرياسين. آءٌ ادا منظور ڏهين وڳي گهران نڪتاسين. ڪاليج وٽان سائين پروفيسر ڊاڪٽر عبدالجبار 'قاسم' نظاماڻي کي کنيوسين.

سهڻي منهنجي سنڌ جي پنڌ تي ڪيڏانهن بہ ڪاهيون، اسين ٽيئي گڏ گڏ هوندا آهيون. باقي ڪڏهن هڪ، ڪڏهن بہ ٻيا ساٿي سفر ۾ همسفر ٿيندا آهن. پنڌ ويجهو هوندو آهي تہ پنج، گنج تي هلندا آهيون. جي پري جو پنڌ پَٽڻو هوندو آهي تہ پوءِ چار يار سولا آسوده ويٺا هوندا آهيون. ايئن اسان جي زندگيءَ/گاڏيءَ جو سفر روان دوان رهندو آهي. اڄ اسان سان چوٿون يار سنڌ جو بيباڪ شاعر حافظ محمد نظاماڻي آهي، جنهن کي ويندا سين سندس ڳوٺان ونڻ لاءِ. گاڏي ۾ پيٽرول پرائي سفر جي دُعا پڙهي، ٽيئي نڪتاسين چوٿين يار جي پار.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## تنهن ڪري تصوير تنهنجي مون بنائي ڪانہ هُئي،

ڳوٺ سهراب خان نظاماڻي جو لڳل بورڊ پڙهي گاڏي کي لِنڪ روڊ تان هيٺ لاٿوسين. هي ڳوٺ اسانجي اُن چوٿين يار سفر جي ساٿي، سنڌ جي بيباڪ شاعر حافظ محمد نظاماڻي جو ڳوٺ آهي. جيڪو ڪڙيو گهنور روڊ تي، ڪڙيو شهر کان ٿورو پهرين اچي ٿو. جيئن ئي حافظ محمد نظاماڻي جي اوطاق اڳيان گاڏي روڪي هيٺ لٿاسين تہ حافظ صاحب اوطاق جي اڱڻ تي اڳ ئي انتظار ۾ وينو هو. اسانکي ڏِسي گاڏي تائين ايندي، الهہ بچايو جوٽيجو جو هي شعر:

جنم جوڙون جوڙ ۾ جانب جُدائي ڪانہ هئي.
’تنهن ڪري تصوير تنهنجي مون بنائي ڪانہ هئي‘

چوندي حُب مان ڀاڪر پائي مِليو. (الهہ بچايو جوٽيجو منهنجي ڳوٺ ميون ملوڪ جي سرزمين تي پيدا ٿيو انتهائي پڪو پُختو مولوي حاجي احمد ملاح جي جوڙ جو شاعر هو) حافظ ٻُڌايو تہ ’اسان سڀ هڪ ئي جوڙ ۾ هوندا هُئاسين، تنهن ڪري تصوير تنهنجي مون بنائي ڪانہ هئي. اِها سِٽ الهہ بچايو جوٽيجو طرح طور ڏِني هُئي پوءِ سيئي شاعر ان سِٽ تي پنهنجا پنهنجا شعر لِکي آيا هئا.‘ اُن کان پوءِ پاڻ سندس نڪورو غزل ٻُڌايو:

عشق جو اوتار منهنجي زندگي.
دشمني جو خار منهنجي زندگي.

ڪالهہ جنت ۾ هُيس ۽ اڄ هِتي،
آ وڏو تڪرار منهنجي زندگي.

ناهي ٻي جو آ مون تي ٽيڪو هليو
رب جو ڏِس اعتبار منهنجي زندگي.

پنهنجي صورت ۾ ڏِنم ڪئي صنعتون،
ٿي وڏي بازار منهنجي زندگي.

واهہ جي ’حافظ‘ حياتي آ مِلي،
ماءُ جي ڪر پيار منهنجي زندگي.

اُن کان پوءِ حال احوال ڪندي، چار ئي يار ڀُتاسين ڀريان بدين.

## پريس ڪلب بدين* ۾ ماما مجيد سان ملاقات

بدين پريس ڪلب پهچي پڇيوسين ماما مجيد جو. جيڪو هَڪيو تَڪيو هِتي حاضر هو. (ماما مجيد سينيئر صحافي ۽ هن پريس ڪلب جو بُنيادي ميمبر پڻ آهي. 1976ع ۾ جڏهن هن بلڊنگ پريس ڪلب جو بُنياد پيو اُن وقت عبداللطيف زرگر، هاشم ميمڻ، محمد خان جوڻيجو عبدالمجيد ملاح، ياسين آرائين، الله رکيو نعيم، زاهد ملاح، ملڪ الياس، عبدالجبار عارفاڻي، شريف کوسو انور شاهه، الله بخش اعوان بُنيادي ميمبر هئا. ماما مجيد پنهنجي صحافتي شروعات گمبٽ مان هفتيوار 'ناظم' اخبار کان ڪئي ۽ پوءِ روزنامه 'سنڌ ٽائمز' محمد عثمان ڏيپلائي جي اخبار کان ڪئي).

ماما مجيد اسان کي ريفريشمنٽ ۾ مرچائي پڪوڙا، ساده پڪوڙا، ڪيڪ، چانهه ۽ ڪمند جو جوس پياريو. حال احوال ٿيا، پوءِ چرچا پڻ. تيستائين شوڪت ميمڻ به آيو. جنهن به اچي ڪچهري ۾ حصو ورتو ۽ پوءِ فوٽو گرافي ڪئي. ماما مجيد کان مُرڪي موڪلايوسين.

گاڏيءَ ۾ ويهندي حافظ سائين سان هِڪڙي ياد شيئر ڪيم. جيڪا بدين پريس ڪلب سان سلهاڙيل آهي: '17 جون 2001ع جمعي جي ڏينهن هِڪڙو ليڪچر پروگرام سنڌي ادبي سنگت شاخ بدين طرفان هن ئي پريس ڪلب ۾ رکيو ويو اُن وقت هن هال جي سيٽنگ ڪانفرنس واري وڏي گول ٽيبل واري هئي. سنڌي ادبي سنگت شاخ بدين جو سيڪريٽري اُن وقت آئون هئس، مون سيڪريٽري ٿيڻ کانپوءِ پهرين ئي گڏجاڻي ۾ ٻارهن مهينن جو شيڊول پڌرو ڪيو. جنهن ۾ پهرين مهيني جو اهو ليڪچر پروگرام "بدين ضلعو تاريخ جي آئيني ۾" هو. ليڪچر ڏيندڙ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو صاحب ۽ خاص مهمان ڊاڪٽر نجم جوڻيجو صاحب هئي. ڪجهه سينيئر دوستن هرويرو انا جو مسئلو ٺاهي منهنجي پروگرام کي مڪمل ناڪام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، صرف اِهو سوچي ته اسان روايتي طريقي سان گڏجاڻيون ڪندا رهيا آهيون. هي ڪالهه جو جونيئر

---

* بدين شهر ۽ بدين شهر ۾ موجود گهٽين شين جو احوال منهنجي ڪتاب 'سهڻي منهنجي سنڌ' سنڌ جي سفر جي ڀاڱي ٻي ۾ 'بدين تان پيرو' صفحو 153 کان 193 تائين ۾ شامل آهي. يا وري 'سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام' ويب سائيٽ تان هِن لنڪ https://books.sindhsalamat.com/author/28 تان به پڙهي سگهو ٿا.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاعر پهريون پيرو ئي اچي اسان جا رڪارڊ ٽوڙڻ جي ڪوشش ٿو ڪري. تنهن ڪري هنن پريس ڪلب جي دوستن کي به چيو ته هِن ليڪچر پروگرام ۾ شرڪت نه ڪجو ۽ پوءِ ايئن ئي ٿيو پريس ڪلب جا ڪجھ صحافي جيڪي اُن وقت موجود هئا، هال وارو دروازو بند ڪري اندر ويٺا رهيا، پر ڪلاڪ ٻن جي پروگرام ۾ شرڪت نه ڪيائون. پوءِ پروگرام ته جيئن جو تيئن ڪري ويس، باقي اهو ٻارهن مهينن وارو شيڊول ڦاڙي ڪٽي ڦِٽي ڪيم. صرف اِهو سوچي ته منهنجو هي ڪو ذاتي معاملو آهي ڪونه، نه ئي اَنا جو مسئلو آهي، هي سڀني جو گڏيل ادارو / معاملو آهي، ٻيا ميمبر نٿا چاهين ته پلا آئون خوامخواهه ڇو مخالفت ڪيان.

## لنواري شريف مان شرف الدين شامل ٿيو

لنواري پهچڻ کان پهرين رستي ۾ ڊاڪٽر شرف الدين کي فون ڪيم: ’اسان بدين مان نِڪري چُڪا آهيون، پهرين ويندا سين ڪڏڻ پريس ڪلب، سائين عبدالله چانڊيو انتظار پيو ڪري، اُن کي چيو هيم تاريخي ماڳ گُهمائڻ لاءِ، واپسي ۾ مزار تان حاضري ڀريندا سين.‘

’ٺيڪ آهي، پر رات واري ماني مون وٽ کائڻي آهي،‘ شرف الدين وراڻيو ’ٺيڪ آهي‘ جواب ۾ چيومانس.

فون بند ڪرڻ ڪانپوءِ وري حافظ کي چيم: ’پاڻ جي شرف الدين کي سفر ۾ ساڻ وٺي هلون ته وڌيڪ بهتر ٿيندو. هن کي شين جي باري ۾ وڌيڪ معلومات به هوندي،‘ حافظ چيو: ’نمبر ملائي،‘ نمبر ملايم.

’شرف الدين اسان رات واري ماني هِڪڙي شرط تي کائينداسين. جي تون اسان سان گڏ سفر ۾ هلين ته. تنهن ڪري تون جلد تيار ٿي ٻاهر بيهي اسين پهچڻ وارا آهيون‘. حافظ سائين چڻ شرف الدين کي حُڪم ڪيو.

لنواري شريف شهر ۾ داخل ٿيون اِن کان پهرين ڊاڪٽر شرف الدين کي ڏِسڻ جو شرف حاصل ٿيو پر بائڪ به گڏ هُيس، ڪيس سِڪ سلهاڙيل ڀاڪرن ۾ ڀريوسين، ملياسين، چيوسين، ’بائڪ کي جلد گهر ڇڏي اچ‘. بائڪ کي گهر ڇڏي آيو. هاڻي شرف الدين اسانجي اڄ جي سفر جو پنجون ساٿي ٿي ساڻ هلڻ لڳو حال احوال ڪندا لنواري شهر مان لنگهياسين.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## لنگهياسين لنواري شهر مان

هي شهر ڪو خاص وڏو شهر ناهي، جيئن ڀهراڙيءَ جا ٻيا شهر هوندا آهن، بلڪل ايئن ئي بي ترتيب، سادا اڌيل دُڪان. پر هي تاريخي شهر ضرور آهي، جنهن جي شاهدي طور خواجه محمد الزمان جي درگاهه جو هجڻ پري کان پڌرو آهي. هن شهر جو بُنياد پڻ خواجه محمد زمان، 1150هه مطابق 1743ع ۾ رکيو. هي شهر يونين ڪائونسل لنواري جو مرڪزي شهر آهي ۽ بدين شهر کان تقريبن تيرهن ڪلو ميٽر جي مفاصلي تي آهي. هِن شهر جي رهندڙ رهواسين ۾ نوي سيڪڙو کان مٿي اُتر سنڌ جا ماڻهو آباد آهن، تنهن ڪري هِن شهر ۾ انسانيت جو رت به گهٽيو وهيو آهي ۽ انهيءَ دُشمني جي دونهين ۾ هِن شهر کي به تي ڀيرا ساڙيو/ ٻاريو ويو آهي، پر پوءِ به هِڪڙي خوشبختي هِن شهر جي اِها به آهي ته ڀٽ جو بادشاهه شاهه عبداللطيف پنهنجا پير هِن شهر جي پَٽن تان پائي ويو آهي، جڏهن شاهه لطيف پنهنجي عمر جي آخري ڏهاڪي ۾ خواجه محمد زمان سان مِلڻ جي خواهش کڻي هِتي پهتو هو. ملاقات ڪانپوءِ شاهه لطيف هِن شهر/هن پَٽ لاءِ ڇا چئي ويو، اِهو ذڪر گهڻن ڪتابن ۾ مِلي ٿو، پر پاڻ ته بس اِهو ئي ٿا چئون ته شاهه لطيف اِن پهرين ملاقات ڪانپوءِ پنهنجي سُر ڪاهوڙي داستان پهرين ۾ هي بيت خواجه محمد زمان کي خراج طور ارپي ويو.

’مُون سي ڏِٺا ماءِ، جَنِي ڏِٺو پِرينءَ کي،
تَنِي سَندِي ڪاءِ، ڳري نه سگهان ڳالهڙي.

## خواجه محمد الزمان جي درگاهه، ڪنهن ٻي پيري

درگاهه پرسان گُذرياسين درگاهه کي ڏِسڻ جو پروگرام واپسي ۾ هو. پر ڊاڪٽر شرف الدين ٻُڌايو ته ’درگاهه کولڻ تي بندش پيل آهي.‘ سائين حافظ چيو ’اوهانکي درگاهه ڏِسڻي هُئي ته مونسان ڳالهه ڪريو ها، مون وٽ به اهڙا ماڻهو آهن، جيڪي پاڻ کي درگاهه کولي گُهمائي سگهن ٿا.‘ شرف چيو ’ها بلڪل، هاڻي ته صرف ٻاهران کان ڏِسي سگهنداسين‘. چيم: ’ٻاهران ته هاڻي به ڏِسي رهيا آهيون‘. درگاهه کي ٻاهر کان ريپيٽر ڪيو پيو وڃي. حافظ چيو: ’درگاهه گُهمڻ جو پروگرام ڪنهن ٻي پيري ٿاهينداسين.‘


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪمي لڌاسين ڪڍڻ ۾

سنڌ جي ڏکڻ ۾ بدين تعلقي جو هي وڏو شهر هِتي آباد آهي. هِن شهر جي تاريخ تہ تاريخدان ئي ٻڌائيندا پاڻ تہ بس اوهان کي ايترو ٻڌائيندا سين تہ هِن شهر کي آءٌ شمشيرالحيدري جي جنم ڀومي ۽ عبدالله چانديو الهبچايو جمالي، غفور چانديو ڊاڪٽر علم الدين انصاري، اصغر انصاري، حسن درس جي گھڻي شاعري ياد رکندڙ عاشق انصاري (جيڪو جواني ۾ ئي وِڇوڙي جا ورلاپ آلاپي اُلهي ويو سانوڻي سج وانگي)، سرواڻ سنڌي، سليم جمالي، ۽ ملاقات جي خواهش رکندڙ اڄ تائين نہ مِلي سگھندڙ منتظر چانديي* جي شهر طور سُڃاڻان.

## ڪڍڻ پريس ڪلب، ڪجھہ گهڙيون ڪچهري

ڪڍڻ شهر جي جيئن ئي ويجهو پهتاسين عبدالله چانديو جي فون آئي، ’مور ساگر ڪِٿي پهتا آهيو؟‘ چيم: ’بس اوهان جي سامهون.‘ منهنجو ايئن چوڻ سيئي صحافي دروازي کان ٻاهر نِڪري بيٺا. اسان بہ اچي بريڪ ڪيو. سيئي صحافي دوست وڏي سِڪ ۽ حُب سان مِليا.

اندر ويناسين. عبدالله چانديو چوڪري کي موڪليو تہ وڃي سُٺي چانهہ ٺهرائي اچ ۽ بسڪيٽ وٺي اچ. جيستائين چانهہ اچي، تيستائين بِسڪيٽ کولي اڳيان رکيا ويا. ڪِن دوستن چانهہ کان پهرين کاڌا ڪِن چيو تہ اسان چانهہ مان ٻوڙي کائيندا سين. اِن تي حافظ هي چرچو ٻڌايو: سنڌ جو دوست ٻاهر ڪنهن ملڪ ۾ رهندڙ دوست سان مِلڻ ويو. حال احوال ٿيا. ڪچهري دوران پُڇائين:

’ڏي خبر پنهنجا سنڌي ٻائر سُڌريا آهن؟‘

’ها بلڪل‘ دوست وراڻيو.

’ٻلا چانهہ ۾ بسڪيٽ ٻوڙي کائيندا آهن؟‘

’ها بلڪل.‘

’پوءِ ڏوڙ مان سُڌريا آهن.‘ سيئي دوست کِلڻ لڳاسين.

---

* (جڏهن بدين شهر ۾ شاهہ لطيف روڊ تي ساگر پريس هوندي هئي، اُن تي ڪڍڻ شهر کان ڪمي منتظر چانديو بہ پيپرا پريس تان پير گھمائي، چِني چڏي ويو هو تہ مِلڻ جي خواهش هُئي، پر مِلي نہ سگهياسين).



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سو حقيقت ايئن بہ ناهي تہ چانھہ مان بسڪيٽ ٻوڙڻ نہ ڪائڻ سان ماڻهو وڏي ترقي ڪري ٿو. اِهي تہ بس ايئن ئي چوڻ جون ڳالهيون آهن. سو چانھہ بہ آئي ڪجھہ دوستن بسڪيٽ چانھہ مان ٻوڙي کاڌا، ڪِن بسڪيٽ ايئن ئي، کاڌا، چانھہ سُٺي نهيل هُئي.

غفور چانڊيو چوڪري کي پيسا ڏيندي چيو ’وڃ سُنا ڪيلا ڏِسي وٺ اچ.‘ ڪجھہ دير ڪانپوءِ چوڪرو ڪيلا وٺي آيو. عبدالله چانڊيي سيڻي کي ڪيلا ورهائي ڏِنا. غفور چيو ’بسڪيٽ تہ چانھہ مان ٻوڙي کائبا آهن، پر ڪيلا چا مان ٻوڙي کائجن.‘ سيئي گڏجي کِليا. ايئن ڪجھہ هِتان هُتان جون ڳالهيون ڪيون، حافظ نظاماڻي پنهنجو غزل ٻُڌايو. پوءِ دوستن کان موڪلائي روانا ٿياسين.

شهر جي آخري ڇيڙي کان پهرين ڊاڪٽر علم الدين انصاري جي ڪلينڪ آهي، حافظ چيو ’ڊاڪٽر علم الدين سان مِليو هلون ها الائي هوندو نہ،‘ شرف الدين چيو ’ٺيڪ آهي ڏِسون ٿا،‘ ٽيستائين منهنجي نظر پئي ڊاڪٽر وينو هيو. چيم: ’ڊاڪٽر علم الدين سامهون وينو آهي،‘ حافظ چيو ’ادا منظور گاڏي روڪ.‘ لٿاسين جيئن تہ علم الدين جي نظر اسان تي پئي تہ پاڻ بہ ڪُرسي تان اُٿي ٻاهر اچي مِليو. ڊاڪٽر چيو

’اندر هلو ويهون ڪا خدمت ڪريون.‘

سيڻي چيو ’نہ ڊاڪٽر اسان جي منزل پري آهي، خدمت ٻي پيري‘

’نہ نہ ايئن نہ ٿيندو، ڪجھہ نہ ڪجھہ ڪائبو پيئبو‘

’نہ ڊاڪٽر سائين وري ٻي پيري‘

’پيلا جي ڪجھہ بہ خدمت جو موقعو نٿا ڏيو تہ آءٌ اوهان سان گڏ ٿو هلان، ايئن خدمت بہ ٿي ويندي،‘ ڊاڪٽر جي واتان گڏ هلڻ جو ٻُڌي اسان سيڻي کي خوشي محسوس ٿي.

امجد انصاري (ڊاڪٽر علم الدين جو ننڍو ڀاءُ) گاڏي ڊرائيو ڪئي، شرف الدين ڊاڪٽر علم الدين سان گڏ وينو اڳيان هنن جي گاڏي پويان اسانجي گاڏي. پهرين رُخ رکيوسين سيف الملوڪ واءِ جو. رستي ۾ ايندڙ پهريون تاريخي ماڳ اِهو ئي هو. پهريان هڪ رستي تي هلڻ لڳاسين، پر پريان ايندڙ همراه کان پڇياسُون اُنهيءَ وري واپس ورايو.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سيف الملوڪ واءِ ڪنڊيءَ جو وڻ

روڊ ڇڏي هيٺ ڪچي ۾ لٿاسين. ڪجهه فاصلو طئه ڪيوسين اڳيان پٿون نظر آيون. اسان سيني چيو سبحان الله هِتي بہ ٿر موجود آهي. پوءِ واري جو پنڌ شروع ٿيو جيئن جيئن اڳيان پي وياسين تہ واري اهڙي جهڙي اَڇڙي ٿر ۾ هوندي آهي. ڪِپون، ٿوهر ۽ ڪنڊي جا وڻ بہ موجود هئا. بروهين جي ڳوٺ اڳيان پرائمري اسڪول تائين گاڏيون هلي سگهيون. اڳيان واري ايتري هُئي جو گاڏين جو هلڻ مشڪل هو. گاڏين کي اُتي ئي ڇڏيوسين.

آءُ هليو ويس ماضي جي ميلي ۾. جڏهن سيف الملوڪ جي ڍنڍ ڏسڻ لاءِ 2006ع ۾ ناران ويا هئاسين. چوطرف وڏا وڏا پهاڙ ۽ انهن جي چوٽين تان ڳرندڙ برف ۽ وچ ۾ وهندڙ صاف شفاف پاڻيءَ جي ندي، عجب ۽ خوبصورت منظر سامهون هو. اکين جي ۽ ذهن تي اهو پرَين جو ٽولو بہ تري آيو جيڪي پريون بديع الجمال سان گڏ وهنجڻ ايندميون هيون. اصل ۾ هن ئي جهيل سان هڪڙو لوڪ داستان وابستہ آهي، جيڪو ٿورو هن طرح آهي تہ: ”شاهہ عاصم نالي هڪڙو بادشاهہ هو جنهن کي سِڪي پني هڪڙو پُٽ ڄائو هو. جنهن جي خوشيءَ ۾ بادشاهہ ڇا ڇا نہ ڪيو هوندو. خير پوءِ جوتشي ۽ نجومي پُڻ گهرايا ويا. جن ڪيس نالو بہ ”سيف الملوڪ“ تجويز ڪري ڏنو ۽ ڪجهه ڊيڄاريندڙ اڳ ڪٿيون پُڻ ڪيائون. واقعي بہ ايئن ٿيو جڏهن سورهن سالن جو ٿيو تڏهن عشق ۾ اڙجي ويو سو بہ پري ذات سان. هڪ ڀيري سير تفريح لاءِ نِڪتو ۽ پري ڪنهن پهاڙي تي ڪوئي آواز ٻُڌي انهي طرف وڌيو جيڪا ’بديع الجمال پري‘ گُنگنائي رهي هئي.

شهزادي بي اختيار ٿي وڃي پريءَ جي ڪُلهن تي هٿ رکيو ۽ پوءِ اُتان کان عشق جي اُماڙي شهزادي جي بادشاهي زندگي کي باهہ جو سيڪ ڏيڻ لڳي. هاڻي هن جو سُک، چين، آرام اُڏامي چُڪو هو. اُن پري جي پويان ۽ آخر هڪ ڏينهن سندس هڪڙي درويش سان ملاقات ٿئي ٿي. اُهو ڪيس سندس مُنڊي ڏي ٿو ۽ پوءِ هي اُن درويش جو ٻڌو ٻانهون ٿي رهيو ۽ انهيءَ ئي ڪيس رَستو ٻُڌايو. انهيءَ پريءَ تائين پهچڻ جو. اُهو رستو ڪيترو پُرخطر ۽ اُهي منظر ڪيترا ڀوائتا هئا، اهڙا سڀ ڀوائتا منظر پار ڪري آخر اچي انهيءَ جهيل تي پهتو جيڪا هن جي آخري منزل هئي. جتي هن جي پري


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بديع الجمال سان ملاقات ممڪن ٿئي. (قصو وڏو آهي) *

ڪو درد ٿو ماڻهو کي ناهي ڇڏي،
ڪو درد ٿو پاڻ سان وٺي گڏ وڃي.

ڊاڪٽر علم الدين پريان ايندڙ ٻن ڇوڪرن کي سڏ ڪيو ۽ چيو: 'اسان جا مهمان آيا آهن، هنن کي سيف الملوڪ واءِ تي وٺي هلڻو آهي.' اُنهن مان هِڪڙي ٻي کي پنهنجي بروهڪي ٻوليءَ ۾ چيو ۽ ڇوڪرو اسان جي اڳيان اڳيان هلڻ لڳو. پنڌ ٻه ڪلوميٽر کان وڌيڪ هو سو ٻه واري ۽ دڙن جو چڙهائي وارو پنڌ. پر جيئن جيئن مٿي چڙهندا وياسين، موسم خوشگوار، جهڙالو ٿيندو ويو.

هِڪ گرمي جو قهر آ، ٻيو ڇا هئي پلا،
هي واريءَ جو سفر آ، ٻيو ڇا هئي پلا،
تتيءَ ڏينهن ۾ آئي، جُهڙالو ڪري وئي،
تنهنجي ياد جو سحر آ، ٻيو ڇا هئي پلا.

مٿيون قصو 'جهيل سيف الملوڪ' جنهن جو پنڌ پهاڙ جو آهي ۽ جيپن تي ڪبو آهي، جڏهن ته هِتي واري جو پنڌ سو به پيرن پيادل نيٺ اچي پهتاسين سيف الملوڪ واءِ تي، واقعي به حيران ٿي وياسين. پڪي سِرن جي واءِ ٻڌل آهي، پر صديون پُراڻي ٻُڌائي وڃي ٿي. جيڪا اجا تائين ريٽي، ميٺي، لَٽي ناهي، توٽي جو واري جي دڙي تي آهي، هوائن ۾ وڏا کوهه لٽجي وڃن ٿا ۽ ٻي حيران ڪُن ڳالهه اِها هُئي ته هيٺ تر تائين اسانجي نظر پهچي نه پئي سگهي، سيني واري واري سان ڪوشش ڪئي، پر تر تائين نظر نه پئي وڃي سگهي، ايتري هيٺ اونهي هُئي.

هِن واءِ سان به منسوب هِڪڙو اهڙو ئي داستان ڪنن سان ٽڪرائجي ٿو ته. جهڙو مٿي ذڪر ڪيو اٿم. ساڳي طرح "سيف الملوڪ واءِ جتي ڪيڙ وهندو هو، جنهن جو هڪ ٻڙ وارو ڊورو اُن پٽ جي بلڪل پرسان اُتر طرف کان وهندو هو، پٽ جي اوپر ۾ هيٺاهين تي هِڪ ترائي آهي، جنهن

---

□ مڪمل قصو پڙهڻ لاءِ منهنجو سفر نامو "حيدرآباد کان هنزه تائين" پيج نمبر 87 کان 92 تائين، ڪتاب تان پڙهو يا اِي ايڊيشن 'سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام' تان يا وري گوگل تي وڃي هن لنڪ https://books.sindhsalamat.com/book/51/read/1330 تان پڙهي سگهو ٿا.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي چئوطرف پٿون آهن، جنهن لاءِ مشهور آهي تہ اهو پرين جو تلاءُ هو جنهن تلاءَ ۾ بديع الجمال پري پنهنجي سهيلين سان گڏجي وهنجڻ ايندي هئي. شهزادو سيف الملوڪ بديع الجمال پري جي تلاش ۾ ان پٽ تي اچي پنهنجو پڙاءُ ڪيو ۽ ان ئي پٽ جي چوٽيءَ تي اها پُراسرار واءِ تعمير ڪرائي ۽ ان واءِ مان هڪ زيرِ زمين سرنگهہ پڻ تعمير ڪرائي هئي، جنهن سرنگهہ جو مُنهن اوپر طرف پرين واري تلاءَ تائين هو. رات جي چانڊوڪين ۾ بديع الجمال پري جيئن ئي ان تلاءُ ۾ سهيلين سان گڏ وهنجڻ ايندي هئي تہ شهزادو سيف الملوڪ ان واءِ/کوهہ ۾ داخل ٿي ان سرنگهہ رستي بديع الجمال پري جو وجي ديدار ڪندو هو.“

اِهو قصو ٻڌڻ کان پوءِ مون تصور ۾ ايئن ڏٺو تہ هُتي وڏن پهاڙن جي وچ ۾ **’ڍنڍ‘** آهي، هِتي واري جي پٽن وچ ۾ **’واءِ‘** آهي، هُتي پاسي کان وهندڙ ڪنهار درياء آهي، هِتي پُراڻ درياء جا پار هئا. هُتي پهاڙ جو پنڌ آهي، هِتي واري جو پنڌ آهي، هُن جو سدائين سدا بهار رهڻ جو سبب پاڪستان جي ترجيح آهي، هي سنڌ جي سينڌ ۾ آهي، تنهن ڪري اُجڙيل ۽ ويران آهي. جنهن جو ڪارڻ ڪجهہ تہ اسانجا حڪمران بہ آهن ۽ ڪجهہ وفاق جي بہ اڪيائي آهي. وفاق ڪي سنڌ جي سونهن نہ وسيلا ٿا گهرجن.

سيف الملوڪ واءِ جي پر ۾ ئي موجود گنبذي جو وڻ، جيڪو چوڌاري نظر گُهمائڻ سان اِهو اڪيلو وڻ ئي نظر اچي پيو. هن وڻ لاءِ بہ چوَن پيا تہ بہ ٽي صديون پُراڻو آهي، اڳي سِڌو بيٺل هوندو هو هاڻي هيٺ لڙي پيو آهي ايترو فرق آيو آهي، باقي اجا تائين سائو ۽ چانوَ ڏيندڙ آهي، اسان سيني ڪنبذي جي وڻ هيٺان بيهي ڪجهہ ٿڌي هوا جو لُطف بہ ورتو، فوٽو گرافي بہ ڪئي. هِتي لڳندڙ هوا اسانجي گاڏين ۾ هلندڙ اي سي کان سوين ڀيرا وڌيڪ ٿڌڪار ۽ راحت ڏيندڙ هُئي. اسان سان گڏ جيڪو گائيڊ طور بروهي ڇوڪرو آيو هو اُن کان نالو پُڇومانس مُنير احمد بروهي ٻڌايائين. هي تاريخي ماڳ ديهہ سينگاري، تعلقي ڪيڙڻ ۾ موجود آهن.

هاڻي وري واپس اچي گاڏين وٽ پهتاسين. ڊاڪٽر علم الدين پُڇيو ڏيو خبر مزو آيو؟ چيم: ’ڊاڪٽر صاحب اسان کي مزو تہ ڇا راحت ايندي آهي، تاريخي ماڳ ڏِسڻ ۽ گُهمڻ ۾‘.

## سني گُوني ۾ گهڙياسين

اڳيان گاڏي علم الدين وارن جي ۽ پُٺيان اسين. پنڌ کي پٽيندا، ٻنهي سائڊن کان ويران ٻنيون ٻارا ڏِسندا، افسوس ڪندا اڳتي وڃي رهيا هئاسين. ڪجھ ڪلوميٽر طئي ڪرڻ کان پوءِ هِڪڙو ٻهراڙي جو ننڍڙو شهر آيو جنهن مان صرف اسان گُذرياسين بورڊ تي نالو پڙهيوسين، ’سني گوني‘ نالو ته پُراڻو ٻُڌل آهي، پر شهر مان اڄ گُذر ٿيو آهي. هي شهر به بلڪل اهڙو ئي آهي، جهڙو ڪنهن پسمانده علائقي جو ڳوٺاڻو شهر هوندو آهي. اسانجون گاڏيون وري به فاصلن کي ويڙهنديون اڳتي هلي رهيون هُيون، اڳيان وري به پٽن جو نظارو ڏِسڻ لاءِ مليو جنهن روڊ تي وڃي رهيا هُئاسين، اُهو به اڳيان مٿي هو، گاڏيون مٿانهين طرف هلڻ لڳيون، اڳيان پُل آئي، ڪِراس ڪري هُن پاسي گاڏين کي بريڪ ڪيوسين، اُتي لڳل بورڊ پڙهيم، لکيل هو علي بندر 00 ڏيپلو63 ڪلوميٽر، هِتان کان مِني ڏانهن پُڻ رستو وڃي رهيو هو.

## علي بندر! صفا ايئن

اسان جي سوچ ۾ بلڪل به ايئن نه هو ته علي بندر صفا ايئن هڪ چونڪي، هڪ هوٽل، هڪ ننڍڙ مسجد کان سواءِ ويران نظر ايندو. ڇو ته علي بندر تاريخي بندر ۽ ماضي ۾ وڏو واپاري مرڪز سڏيو ويندڙ شهر هو. جنهن کي ايئن ويران ڏِسي اعتبار ئي نه پيو اچي. ته هي آهي علي بندر.

تعلقي ڏيپلي ۾ ايندڙ علي بندر دراصل بدين جي ڏاکڻي سرحد تي پُراڻ ۽ هاڪڙي جي ميلاپ واري هنڌ موجود هو/آهي. علي بندر ڏانهن اچڻ لاءِ لنواري، ڪيڏڻ کانپوءِ جيڪو اسين رستو ڏٺي آيا آهيون، ٻيو ننڍو شهر کان ۽ کوسڪي شگرمل کان به رستو اچي ٿو. جڏهن علي بندر جو عروج هو تڏهن هِن جي اولھ کان ’ڪيلڙي‘ نالي شهر آباد هو ۽ پوءِ جڏهن ڪيلڙي شهر ختم ٿي هڪ يادگار آثار ٿي ويو ته اُن کي ’ڳاڙهو پڙو‘ سڏيو ويو. علي بندر جو عروج پُراڻ درياءَ جي پورن تائين هو پُراڻ پُور چڙهيا ته علي بندر به اُجڙي ويو.

هڪ ڏند ڪٿا آهي ته: ”ڪشمير جو هڪ سوداگر هو، جيڪو زال سميت هِتي آيل هو ۽ پوءِ اُن سوداگر جي زال هِتي جي هڪ سنڌي ٻڪراڙ


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان عشق ڪري ويئي ۽ شادي ڪري ڇڏيائين. زال جي انهيءَ بيوفائي تي ڪشميري سوداگر پنهنجي ڪاوڙ پُراڻ کي پورائي پوري ڪئي. چون ٿا ته پنهنجي ڪيسي جي خرچ سان پُراڻ جي مُنهن ۾ مِٽي وجهرائي بند ڪرائي ڇڏيائين، ايئن پوءِ پُراڻ به پورو ٿيو ته علي بندر جو اوج به ختم ٿيو.“ هڪ ٻي ڪتاب ۾ پڙهيو هيم ته 1819ع ۾ هڪ وڏو زلزلو آيو هو جنهن پُراڻ کي مڪمل پوري پورو ڪري ڇڏيو. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا ۾ وري هيئن پڙهيو اٿم ته: ”علي بندر جو اوج سنڌو درياهه جي رُخ نه بدلائڻ تائين قائم رهيو. پر ميان غلام شاهه جي زماني ۾ درياهه پنهنجو رُخ مٽائي ٻئي گس سان وهڻ لڳو. جنهن جي نتيجي ۾ پُراڻ جو وهڪرو بند ٿي ويو ۽ هي علي بندر زوال پذير ٿي ويو.“

هِتي به هوائون وٽندڙ لڳي رهيون هُيون. علي بندر پُل تي بيهي اسان گروپ فوٽو ڪيڊرايو. انهي دوران هِڪڙو چاچو اچي مِليو. جنهن جو تعارف ڪرائيندي ڊاڪٽر علم الدين انصاري چيو ’هي آهي هِتي جو مشهور شِڪاري، پر هِن پيري مونکي تِتَر نه کارايا اٿس.‘ چاچي چيو ’حاضر بابا تِتَر کوڙ.‘ چاچي جو نالو مصري نوتيار آهي.

### سفاري پارڪ، ٻِنا سونهن جي

علي بندر کان واپس ايندي سفاري پارڪ جي چاري ڦِريل ديوار ڏِسندا آياسين. جيڪا علي بندر ڏي ايندي پري کان ڏِسي رهيا هئاسين ۽ خبر نه هئڻ ڪري ڏُڪا/ٺُڪا هڻي رهيا هئاسين ته اهو ڇا ٿي سگهي ٿو. الائي ڪيترن ڪلوميٽرن تائين اُها چاري جي ديوار ڏِنل آهي. واپسي ۾ انهي ديوار جي پر ڏئي آياسين جڏهن ديوار جو دنگ آيو ته گاڏيون اولهه طرف مُڙيون. ٿورو اڳيان هلياسين مين گيٽ اڏيل هو. دوستن ٻُڌايو ته هي آهي سفاري پارڪ جيڪو آپا فهميده ۽ ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا جي دؤر جو وڏو منصوبو هو. هن تي به ارب خرچ ڏيکاريل آهي. پر جي رڳو هڪ ارب به خرچ ڪن ها ته ماڻهو تفريح لاءِ اچن ها. پر سمجهه ۾ نٿو اچي ته ڇو وزير ايترا پيسا کائڻ جي باوجود به اُها اسڪيم برقرار رکي نٿا سگهن. جنهن اسڪيم جي مَد ۾ ڪروڙين روپيا کائن ٿا.

## ڳوٺ عبدالرحمان جت

سفاري پارڪ کان جيئن ئي نِڪتاسين سِڌو گاڏين بريڪ اچي ڪيو وڏن وڻن هيٺ، سامهون بورڊ پڙهيم لِکيو پيو هو ڳوٺ عبدالرحمان جت. گاڏيون جن وڻن هيٺان پارڪ ڪيون هُيون، اُنهن وڻن ۾ نمن جا وڻ، ڄمن جا وڻ، سفيدن جا وڻ، ڪجين جا وڻ، مطلب تہ ماحول ڏاڍو خوبصورت هو جڏهن اندر اوطاق ۾ آياسين تہ صفائي بہ واهہ. ڪچي پٽين سان ۽ مٿان بانس جي ڇڙهُن ۽ پکن سان تمام وڏو هال ٺهيل هو. لڳي ٿو ڪنهن NGOs جي تعاون سان ڪو ڪميونٽي هال جُڙيل آهي، پر وڏن وڻن جي وچ ۾ ۽ ايئن خوبصورت جُڙيل هال ۾ ڏاڍو مزو آيو. دوست سڀ ويٺا ٽيبل ڪُرسيون اڳ ئي موجود هيون.

سائين پروفيسر ڊاڪٽر عبدالجبار ادا منظور ۽ مون سامهون ٺهيل مسجد ۾ نماز پڙهي، هي مسجد بہ واهہ سبحان الله ڀرڪاڙي جي ڳوٺ جي مسجد بہ اهڙي خوبصورت. هن جي اڱڻ ۾ ڪجين جا وڏا وڻ جنهن کي وڍڻ بجاءِ برقرار رکيا اٿن ۽ اُنهن ٿُڙن وٽان ٽائل نہ لڳايا اٿن. يعني ٽائلز واري فرش جي وچ تي ڪجين جا ٿـڙ (وڻ) مونکي ڏاڍو ماحول وڻيو. هن مدينہ مسجد ۾ اسان ظهر سفر قصر پڙهي ۽ عصر سفر پڙهي. مسجد جا ٻاهران ايندڙن لاءِ بہ گيٽ ٺهيل هئا. جنهن تي گول نمونې چارين جا وڻ هُئا. جيئن شهرن ۾ پارڪ تي ڪونو جي وڻ جا گُل يا خود وَل ايندي آهي، اُنهي جا ٺهيل ايئن گول دروازا يا گُل هوندا آهن. پر هي چارين مان ٺهيل اِهو بہ مون لاءِ تجسس جو سبب بنيو.

واپس آياسين تہ اُتي موجود ڳوٺاڻن اسانجي آجيان ڪئي، جنهن ۾ چاچو محمد حسن جت، جمعون جت ۽ ذوالفقار علي عرف پٽو جت جيڪو ماستر عبدالرحمان جت جو فرزند آهي ۽ ٻيا موجود هئا. چاچي محمد حسن جت هِڪڙي ڳالهہ ٻُڌائي مولوي حاجي احمد ملاح جي عاشق احمد جت جي، جيڪو حاجي احمد ملاح جي پرسان دفن ٿيل آهي. احمد جيڪو انڊيا مان آيل هو. هڪ ٻيو بہ ساٿي هُيس، محمد حسن ٻُڌايو: ’هو هِتي سرحد ٽپي آيا. جيڪي اسانجي ڳوٺ ۾ آيا اسان بہ سُڃاتا تہ ماڻهو نوان آهن ڪِٿان جا آيل آهن. ٿوري دير ۾ رينجرس وارا اُنن تي چڙهي اچي هنن وٽ پهتا. حال

احوال ڪيائون، هنن ٻڌايو تہ اسان برابر آيا هُن پار ڪان آهيون، پر اسان وٽ هُن پاسي جي ڪا بہ شئي ناهي، اوهان تلاشي وٺي سگهو ٿا، باقي اسان کي روڪيو نہ. هنن تلاشي وٺي ٻنهي همراهن کي ڇڏي ڏِنو هي روانا ٿيا، پوپان رينجرس وارن سوچيو تہ هنن کي ڇڏي ڏيڻداسين تہ پنهنجي نوڪري ويندي هلي، وري هنن جي پوپان ويا، ڪافي منزل طئي ڪري ويا، هنن اڳيان اُٿ آٽي بيهاري ڇيائون تہ ٻئي هنن اُنن تي چڙهو هلو صاحب وڏي وٽ. هن همراهہ جنهن جو نالو احمد هو، چيائين صاحب اسان ڇيو تہ اسان کي منزل تائين پهچڻ ڏيو اسان ڏوهاري ناهيون، پر هنن نہ مڃيو احمد وٽ ڪلهي تي پيپل چادر هئي جيڪا مٿان وجهي ليٽيو هنن سمجهو تہ شايد ننڊ ٿو ڪري، ٿوري دير ڪان پوءِ ٻي ساٿي کي رينجرس وارن چيو تہ هِن کي اُٿار تہ هلون، اُن ساٿي جيئن ئي چادر مُنهن تان هٽائي تہ همراه پنهنجي منزل ڏانهن وڃي چُڪو هو. پوءِ رينجرس وارن کي اچي ڊپ ورايو اُن جو ڪفن دفن بہ پاڻ ڪيائون ۽ ڪٽي وڃي مولوي احمد ملاح جي پرسان دفن ڪيائون.“ مونکي تہ هي ڪهاڻي ٻڌي عجب پي ٿيو پر چاچو محمد حسن جت چوي تہ هي سچو واقعو منهنجي اکين اڳيان ٿيو هو. آءُ اُنهي واقعي جو اکين ڏِٺو شاهد آهيان.

## عبدالعظيم جت جنهن ’شاهہ جو گنج‘ لِکيو

اسان ڪچهري ڪري اُٿياسين هنن همراهن مان بہ اسان سان گڏ هليا. چاچو محمد حسن جت ڊاڪٽر علم الدين جي گاڏيءَ ۾ چڙهيو ذوالفقار جت اسان جي گاڏيءَ ۾ چڙهيو. ذوالفقار جت گاڏيءَ ۾ ويهندي ئي لطيف سرڪار جو بيت ٻڌايو:

اُٺ ڏِسي اکيون نريون، لتا ڏير لُڏي،
جَتن منهنجي جيءَ سان، کمڙي راند ڪُڏي،
گوندر جي گُڏي، هوت رکي ويا هٿ سان.

وري ٻيو بيت ٻڌايو:

اُٺ نہ وڃي وڳ سان، لُڏيو هٽي لانگ،
ڪاهي ايندا قطار مان، پلي سيئي سانگ،
جڏهن ڇجندي منجهان چانگ، وري نہ ويندي وڳ ۾.

ايئن وري ٽيون ۽ چوٿون، چيوسين آرام سان ٻڌائي ته نوٽ ڪريون، چيائين ’اسان وٽ بيتن جا پنڌار آهن، ڪيترا ياد ڪندا.‘ ٽيستائين پهچي وياسين ديوين وچ ۾، هي هن ڳوٺ وارن جو قبرستان پڻ آهي، جيڪو هنن جي ڳوٺ جي بلڪل پر ۾ آهي. چؤڪنڊي مٿي نه پر زمين ۾ ٺهيل اُن جي وچ ۾ موجود قبر عبدالعظيم جت جي آهي، جنهن تي لڳل بورڊ ۾ لکيل آهي ’سيد عبدالعظيم ڀٽائي‘، پر هِتي جا لوڪل ماڻهو ۽ جت هن کي بلڪل ئي رد ڪن ٿا، اِهو ڪم اُن وقت جي دُر محمد ڪمال جو ڪمال هو، جنهن جت کي سيد ۽ ڀٽائي جو لقب ڏنو. شاهه عبداللطيف ڀٽائي جڏهن پنهنجو سمورو ڪلام ڪراڙ ۾ اُڇلي ڇڏيو ته پوءِ ڀٽ شاهه تي اهو فيصلو ڪيو ويو ته ٻيهر شاهه جو ڪلام گڏ ڪرڻ جو ڪم فقير عبدالعظيم حوالي ڪيو ويو، جنهن کي ڀٽائي گهڻو ياد به هو ته ٻين جتن وٽان به هن شاهه جا بيت هٿ ڪري هِڪڙو گنج لکيو، جيڪو اڄ به ڀٽ شاهه تي موجود آهي، جنهن کي پهريون قديم رسالو ’گنج شريف‘ سڏيو ويو ٿو.

## ڏاڏي گنگا جتڻ لطيف جي حافظ ۽ عاشق

عبدالعظيم فقير جي چؤڪنڊي کان هيٺ پاسي ۾ هِڪڙي ننڍڙي قبر ٺهيل آهي، جنهن جي لاءِ چون ٿا هي مائي ڏاڏي گنگا جتڻ آهي.

ڏاڏي گنگا جتڻ، جنهن کي ڀٽائي جي حافظ ۽ عاشق عورت سڏيو ويو ٿو جڏهن شاهه لطيف هن وٽ، هن جي پڪي اڏيل گهر ۾ لنگهي آيو هو ۽ هِن کان پاڻي گُهريو هئائين، ڏاڏي چوڪرين کي چيو ته گرمي آهي، خالي پاڻي تڪليف ڏيندو، تنهن ڪري اُن ۾ ٿورو کير ملائي ڏيوس. پکي جو اڏيل گهر جنهن ۾ ٿڌي هوا لڳي رهي هئي ۽ پاڻي ۾ ملايل کير پيئڻ کانپوءِ لطيف کي وڏو سُڪون مِليو اُن کانپوءِ اُتي هي بيت چيائين.

ڪوهه محل ڪوهه ماڙيون، پڪا سندن پن،
اُست جو اُنين جو ماڪيري جو من،
جيءُ ۾ جت رهن، ٻي پروتڻي سپ پاسي.

هر سال شاهه لطيف جڏهن ڪڇ ويندو هو ته گنگا جتڻ کيس پنهنجي هٿن سان ٺهيل 'کيس' تحفي طور ڏيندي هئي.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٻڙ جو ڍورو ۽ شاهه لطيف جو کوهه

’هاڻي اسان کي شاهه لطيف جي نالي سان منسوب کوهه ڏسڻو آهي،‘ ميزبانن کي چيوسين. ويناسين گاڏين ۾ ٿوري ئي فاصلي تي ٻڙ جو ڍورو موجود هو جِتي گاڏي کي بريڪ ڪيو. پهرين هِڪڙو ريٽيل کوهه آهي جنهن تي وني اچي بيٺا، جتن ٻڌايو تہ چون ٿا هن کوهه مان شاهه عبداللطيف پاڻي پيئندو هو ۽ هِتي پريان موجود (آڱري جي اِشاري سان ٻڌائيندي) ٻڙ جو وڏو وڻ هوندو هو جنهن هيٺ شاهه لطيف پنائي ويهي بيت جوڙيندو ۽ ٻڌائيندو هو.

ڍورو تہ سُڪل حالت ۾ موجود آهي، پر ٻڙ جو ڪو نام نشان ئي موجود نہ هو. جنهن تي جتن ٻڌايو تہ هي وڻ صرف برساتي پاڻي تي زنده رهيو هو جڏهن کان ڇُڙيو/موڪ پاڻي آيو تہ وڻ آهستي آهستي سُڪي ويو ۽ گورنمينٽ اُن جو ڪاٺ بہ وِڪرائي ڪٽي وئي. انهن ڳالهين ۾ ڪيتري حقيقت آهي، خُدا ٿو ڄاڻي، اسان تہ اُتي موجود ۽ جيڪو ڪتابن ۾ لکيل آهن، اُهو ڏِسڻ ٿا چاهيون. هي ٻڙ جو ڍورو جتي اسان هينئر بيٺا آهيون، بدين کان ڏکڻ طرف 20 ميل پري آهي، هن کي دريا جو پُراڻو ڍورو سڏين ٿا.

## ايل بي او ڊي جيڪا اُبتو وهي رهي هئي.

ڪڇي جو ڪجهه پنڌ ڪري هِڪڙي زبون پُل تان گُذرياسين. هُن طرف رينجرس جي چونڪي آهي، جنهن وٽ امجد گاڏي کي بريڪ ڪيو اسان بہ لٿاسين مون لهندي ئي ايل بي او ڊي جا فوٽو ڪڍيا. هڪڙو رينجرس وارو جنهن جو نالو علي شير پنهور هو جنهن جو تعلق ضلعي دادو سان آهي، جنهن چيو ’ادا اسان جو فوٽو نہ ڪڍجان، سرڪاري ملازم آهيون‘ چيم ’نہ نہ.‘ بيو چڪوال جو پنجابي هو جنهن اسان کي ٻڌايو تہ ’هِن پُل ۾ هِڪڙي ڊِڳي ڪِري هئي ۽ هِڪڙو اُٺ ڦاٿو هو جن کي اسان وڏي مشڪل سان ٻاهر ڪڍيو هو هي پُل ڪنهن بہ وقت ڪِري نقصان ڪري سگهي ٿي.‘ پاڻي اُبتي وهڻ جا سبب پُڇياسين، چيائين ’اسان کي هِتي عرصو ٿيو آهي، اسان روزانو پاڻي کي ايئن ابُتو ۽ سُبتو وهندي ڏِٺو آهي،‘ هن ٻڌايو تہ ’روزانو ڇهہ ڪلاڪ اُبتو وهي ٿو ۽ ڇهہ ڪلاڪ سُبتو ٿو وهي ٿو.‘ اِهو بہ عجيب منصوبو آهي ۽ عجب تجسس پڻ.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فقير ناٿو لُنڊ جنهن بابت چوندا آهن تہ لاڙ جي زندهہ انسائيڪلوپيڊيا آهي. اُن فقير ناٿي لُنڊ هنن ايل بي او ڊي ڊزائن ڪندڙ انجنيئرن کي گهڻو ئي چيو هو تہ هي منصوبو ناڪام منصوبو آهي، هي پاڻي سمنڊ ۾ وڃڻ بجاءِ ماڻهن کي ٻوڙيندو. تنهن ڪري هن منصوبي کي واپس ڪٽي وڃو پر لکين روپيا ڪائيندڙ انجنيئر هن ٻوناٽي جي ڳالهہ ڪِٿي ٿا مڃين. پوءِ اڄ اُها ئي ناٿي فقير واري اڳڪٿي سچ ثابت ٿي. جنهن بہ سال برساتون گهٽيون پوَن ٿيون تہ ايل بي او ڊي اُبتو وهڻ شروع ٿئي ٿي ۽ ڪيترائي ڳوٺ ٻوڙي ٿي، ماڻهن کي دربدر ڪري ٿي. ڪيترائي ماڻهن لُڙهي بہ وڃن ٿا، هي خونخوار منصوبو آهي، جيڪو حڪمرانن خبر ناهي تہ ڇو جوڙيو. هي اصل ۾ وفاق جو منصوبو آهي، جنهن ذريعي پنجاب جون ڇنڊڻون سنڌ جي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪرڻ لاءِ هي بلا اسان بدين وارن جي ڳچي ۾ وِڌي وئي آهي.

## اڄ بہ ٻهراڙين ۾ وڃي مهمان ٿجي

رستي ۾ وري بہ وقفي وقفي حافظ نظاماڻي شاعري بہ ٻڌائيندو هليو ۽ ڪنهن ڪنهن وقت ڪو لطيفو تہ ڪنهن وقت سياسي گفتگو بہ هلي رهي هُئي، ايئن منزل کي ويڙهيندا اڳتي وڃي رهيا آهيون. رستي ۾ ادا منظور چيو منهنجي شگرلو Low ٿي رهي آهي، ڪِٿي ڪو دُڪان ڏِسو تہ ٻُڌائجو. بريڪ ڪريون بسڪيٽ وغيره وٺنداسين. ڪجهہ پنڌ ڪانپوءِ هڪڙو ڳوٺ نظر آيو ويجهو آياسين تہ دُڪان بہ هو روڊ جي پر ۾. گاڏي کي جيئن ئي هيٺ لاٿوسين، تہ ٻوناٽا ويچارا سادا ماڻهو محبتون ڏيندڙ سيئي دُڪان مان اُٿي ٻاهر آيا مِلڻ. اسانکي تہ صرف بسڪيٽ، دال ڀُڙيون ۽ ڪجهہ ٽافيون وٺڻيون هيون. پر هنن سمجهيو تہ شايد اسان وٽ ڪي مهمان اچي رهيا آهن. بهرحال اهڙيون محبتون ۽ خلوص ڏِسڻو آهي تہ اڄ بہ ٻهراڙين ۾ وڃي مهمان ٿجي. بلڪل خلوصِ دِل سان خدمت ڪندا آهن. هِن ڳوٺ جو نالو چاچي ڪان پڇيوسين چيائين عبدالحق ملاح جو ڳوٺ آهي. اهڙن لاءِ لطيف چيو آهي:

ايندي چوَن آءُ، ويندي چوَن ويهہ،
ڇڏي سارو ڏيهہ، اگڻ اچج اُن جي.

## رڻ جا راهي

اسانجو هاڻي سفر هو شيخاڻي گهاڙي ۽ اسان ورتو ايل بي او ڊي جو ڪِنارو ايل بي او ڊي جي هُن پاسي رِڻ ئي رِڻ هو اڌ پنڌ تي وياسين. ڊاڪٽر علم الدين جنهن جي گاڏي اڳيان اڳيان هلي رهي هُئي، تنهن گاڏي کي بريڪ ڪيو اسان بہ اچي پر ۾ بيهاسين. چيائين رڻ جي هوائن جو مزو وٺون، پوءِ ٿا هلون. واقعي ئي هوائون تہ اهڙيون وٽندڙ ۽ ٿڌيون هُيون جو دِل پئي چوَي ڪي گهڙيون هِتي ويهي گُذارجن. شرف الدين پري کان نظر ايندڙ وڏن وڻن ڏانهن هٿ ڪڍي پُڇيو 'اِهي اوهانکي وڏا وڻ نظر اچن پيا؟' 'ها،' 'نہ اِهي وڏا وڻ ناهن اِهي ننڍڙا ٻوٽا آهن. اهو رڻ جو اِهو ڪمال آهي، جو ننڍڙا ٻوٽا پري کان وڏا وڻ نظر اچي رهيا آهن.' هن رڻ کان اڳيان انڊيا جو بارڊر آهي، جنهن جون بتيون رات جي وقت ڏِسڻ ۾ ايندڙيون آهن ۽ سُٺو منظر پَسائيندڙيون آهن. فوٽوگرافي ڪئيسين، وري بہ ويناسين گاڏين ۾ ۽ سفر هو اڳتي هلندا رهياسين.

## شيخاڻي گهاڙي ۽ ناٿو فقير لُنڊ

هاڻي ايل بي او ڊي تي اڏيل پُل ڪِراس ڪري ٻي پاسي ٿياسين پوءِ اسانجون گاڏيون هيٺ لٿيون، ڪچي رستي طرف. جيڪو ڪنهن ڳوٺ ۾ وڃي رهيو هو. ڪجهہ پنڌ اڳتي هلياسين، تيستائين ڊاڪٽر علم الدين گاڏيءَ کي بريڪ ڪيو. پريان مال چاريندڙ همراهہ جنهن جي هٿ ۾ ريڊيو هو، اسان طرف اچي رهيو هو. اسان سان اچي مِليو. ڊاڪٽر علم الدين هن جو تعارف اسان سان ناٿي فقير لُنڊ جي پُٽ محمد علي طور ڪرايو.

علم الدين سان گڏ گاڏي ۾ ويٺو آياسين هِڪڙي اوطاق اڳيان بريڪ ڪيوسين، اوطاق تي اڱ ۾ ئي ڪٿون پيون هُيون، صاف سٿرو ماحول لڳو پيو هو. ڪجهہ دير ويناسين، امجد گاڏي ڪڍي ويو فقير ناٿي کي وٺڻ لاءِ.

هي ڳوٺ چوَن پيا تہ پاڪستان جي هن طرف جو هي آخري ڳوٺ شاد مان لُنڊ آهي، هن کان پريان پندرهن سورهن ڪوهہ ڪانپوءِ انڊيا جو بارڊر آهي. هِن ڳوٺ جي اولهہ ڏکڻ ۾ اوپر کان رڻ جو گهيرو آهي ۽ ڳوٺ جي اُتر کان وري ايل بي او ڊي جو راڪاس، جنهن کي هاڻي هاڻي اسين ڪِراس


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري آيا آهيون. هِن مانڊر ۽ ولاسي جي واهڻ، وستين جا ستم ۽ سور سُٺا هُجن ته فقير ناٿي لُنڊ کان پُڇجن، هِن ڳوٺ کان پکين جي وِڇڙي وڃڻ جو درد به فقير ناٿو ئي ڄاڻي ٿو. توٽي جو هِن جي عمر هاڻي سئو سال کي پهچڻ تي آهي، پوءِ به هو پُراڻين يادگيرين جون ڳنڍيون ايئن ٿو اُڪيلي، جيئن لغڙ اُڏائيندڙ ٻار مانجهي کي منٺ ۾ کولي ڇڏي ٿو.

غلام حسين لُنڊ جي گهر ۾ جون جي ستين تاريخ 1926ع تي اکيون کوليندڙ فقير ناٿو لُنڊ، جنهن سان اڄ اسين ڪچهري ڪرڻ/ملڻ آيا آهيون. ڪجهه دير کان پوءِ فقير ناٿو به اچي ويو. ڪيس هٿ کان وٺي پيا اچن، هاڻي نظر به گهٽو گهٽجي وئي اٿس، اسان اُٿي اڳتي اچي ڪيس ڀاڪر پائي مِلياسين ۽ پنهنجو پنهنجو تعارف ڪرايوسين. سيئي کٽن تي ويٺاسين، فقير ناٿي لُنڊ سيني سان حال احوال بعد ٻاڻ ٻُڌايا ته آءٌ ٻڪريون چاريندو هئس، اُن کان پوءِ پڙهڻ لاءِ اسڪول ۾ وينس، اُن وقت استادن اسڪول ۾ منهنجي عمر 1926ع لکي آهي، تعليم ۾ هن فائنل پاس ڪيو هو. اُن کان پوءِ هن کي ماستري مِلي، هِن ڪچهري دوران سياست، سماج ۽ ڪجهه پُراڻيون يادگيريون دُهرايون جنهن ۾ خاص پاڪستان ۽ هندوستان جو وِرهاڱو هو. جنهن ۾ هن جو دوست ۽ اُن جي ڏيءَ جيڪا هن جي ڪِلاس فيلو هئي، گڏ پڙهندي هُئي. ڪجهه پيا به نالا وٺي اکيون آليون ٿي ويس.

فقير ناٿي ٻُڌايو ته: ’منهنجا دوست اُستاد واڻيا جهامن داس ۽ گنگا رام پنهنجي سنڌ وطن کان وِڇڙڻ ويل هِتان روئيندا پي ويا. اُهي لمحا لفظن ۾ بيان نٿا ڪري سگهجن.

هڪ ڏينهن اسان کی سائين گنگارام لوهاڻی چيو ته منهنجی گهر جو سمورو سامان آڻی ٻاهر رکو ته نيلام ڪريون. اسان شاگردن سائين جی چوڻ تی سندس گهر جو سمورو سامان آڻی ٻاهر رکيو. جنهن ۾ هندورا، کٽون، هنڌ ۽ ٻيو گهر جو سامان هو سائين سامان ڀر ۾ پٿلی هڻی ويهی رهيو. اسان کی اُن وقت اها سمجهه نه هئی ته سائين گنگارام گهر جو سامان ڇو پيو نيلام ڪري؟ سيراڻی ۽ آس پاس جا ماڻهو سائين گنگارام کان اڌ رقم کان به گهٽ رقم تی سامان وٺندا ويا. سائين گنگارام نماڻين نگاهن سان رڳو ڏسندو رهيو. جنهن جيتري رقم ٿي چئي، سائين گنگارام جي وات مان آواز


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو نہ ٿي نِڪتو، رڳو هٿ جي اشاري سان پئي چپائين ڪٺي وڃ. آءُ بہ سائين گنگا رام جي نماڻين نگاهن ۾ نهاريندو ئي رهجي ويس. پر هن کان پُڇي نہ سگهيس تہ سائين اهو سامان ڇو ٿو نيلام ڪرين؟ اِهو پُڇائيندي فقير ناٿي جون اکيون آليون ٿي ويون.

ڪچهري ڪرڻ دوران ئي هَلڪي هَلڪي برسات وسڻ شروع ٿي، چانهہ بہ اچي وئي، سيني چيو فقير سائين هاڻي موڪلاڻي جي دُعا گهرو تہ موڪلايون. فقير ناٿي اُٿي بيهي دُعا گُهري، دُعا سندس ئي شاعري ۾ هئي، پر ايتري تہ ڏکهي دُعا هُئي جو دوستن جا ڄڻ هٿ ئي ٽڪي پيا، اُن ڪانپوءِ وري ڪجهہ آيتون بہ پڙهيائين. وري سنڌي ۾ الله پاڪ کي سوال ڪيائين. ايئن دُعا پوري ٿي، چانهہ پيتي، فوٽوگرافي ڪري موڪلايوسين.

### رڻ جي رات ۾ برسات

ايل بي او ڊي جي پُل ڪراس ڪري دنگ ڪئي تہ امجد کي سندس موبائل فون ياد آيو، جيڪو فقير ناٿي جي اوطاق تي وِساري آيو هو. وري واپس ويو، اسان گاڏي روڪي. پندرهن کان ويهہ منٽ اُتي لڳي ويا. واپسي ۾ ڪچي جو رستو، پهريان ايل بي او ڊي جو ڪِنارو وٺي آيا هُئاسين. پر هن وقت برسات وسڻ سبب رِسڪ نہ ڪنيوءِ مٿان آياسين. پر اُهو رستو بہ تمام خراب هو، جنهن ڪري گاڏيون صفا آهستي آهستي هلي رهيون هُيون. وري جو امجد چريائي ڪئي جلدي پُهچڻ جو سوچي وچان پوئو ورتو. جيڪو اڳيان هلي تمام گهڻو خراب هو، جڏهن مٿي ڪچي روڊ تي ٿي چڙهياسين، تہ گاڏي گپ ۾ ڦاسي پئي، نہ پئي چڙهي، تيستائين خبر ناهي ڪِٿان اوچتو چار همراه اچي نِڪتا. شايد اسانجي مدد لاءِ الله سائين موڪليا هُئا. ڊاڪٽر علم الدين جي گاڏي کي ڌِڪي مٿي بونڊري تي چاڙهي، وري اسانجي گاڏي ڏي آيا. اسانکي بي پاسي کان وٺي آيا. پر اُتان بہ گاڏي سِلپ ٿي وئي، پوءِ اسين لٿاسين. گاڏي ڌِڪي مٿي چاڙهي. هاڻي هنن همراهن بنين جي وچان ويندڙ بونڊري جو ڏَس ڏِنو تہ اِن تان وڃون باقي ڪِٿان بہ نٿا وڃي سگهو. اُن بونڊري تان گاڏيون هلڻ شروع ٿيون. پر اڳيان هلي گاڏي بني ۾ لهڻ واري هُئي تہ منظور بريڪ هنيو. پر اڳيون ٽائر اهڙي طرح لٿو نہ پويان ٽئي نہ


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڳيان، پوءِ اسان سيني گڏجي سائيڊ کان زور لڳائي گاڏي مٿي بونڊري تي چاڙهي، تيستائين ڏٺوسين ته پوين ٽائر پنڪچر ٿي چڪو هو. هاڻي وري ٽيون مسئلو. هتي ته ڪچي ۾ ٽائر بدلائي به نٿو سگهجي، اسان سڀ لٿاسين، پنڌ هلياسين ادا منظور رم تي گاڏي کي آهستي آهستي هلائي اچي سم جي ڪپ تي چاڙهي، پر ڪجهه پٿرن وچيل روڊ اجان به اڳتي هو پوءِ وري به اهڙي گاڏي ئي ڪٽي اڳتي هليو اسين سڀ پويان پنڌ پنڌ. پٿرن وٽ گاڏي اچي بيهاري، ڊِڳي کولي ٽائر ٽي ڪڍيو اسپيئر ٽائر به صفا پنڪچر لڳو پيو هو عجيب صورتحال ٿي وئي، مٿان برسات ۾ اڳتي هلڻ جو سبب به نه رهيو. خبر ناهي ته شهر اجا ڪيترو پري آهي. ڊاڪٽر علم الدين واقعي ئي مڙس ماڻهو هو چيائين هاڻي اوهان هِتي ويهو. ٽائر ڏيو مونکي ته آءُ ٿو نهرائي اچان، ٽائر ڊاڪٽر علم الدين کنيو نهرائڻ لاءِ نڪتو.

## برسات جون ڪجهه گهڙيون بصر ملاح ۾

وسندڙ برسات، پيو رڻ، ٽيون رات، چوٿون پيرين پنڌ ۾ اسين، ٿورو فاصلو ڳپ هاڻي ڳس تان گُذري اڳيان ٿياسين ته پري کان هلڪي هلڪي روشني نظر آئي، واهه جي ڪپ تي اڏيل ڪچي ڦُڙ (موري) مَٿي هيٺ هٽ تي پهتاسين، اُتي موجود ماڻهن اسان کي کِلي کيڪاريو بئنچن تي ڪپڙو هٽي صاف ڪري ويهڻ لاءِ چيو. اسان سندن ٿورا مڃيا. اسانکي پاڻي پيارياڻون ۾ ماني جو پُڇيو ويو پر اسان ماني يا ٻي ڪنهن به تڪليف ڪرڻ کان سخت منع ڪئي ۾ پوءِ کين اسان سان ٿيل وارتا ٻُڌائيندي چيوسين ته بس اجهو دوست ٽائر نهرائي پهچن ٿا ته اسين روانا ٿي ويندا سين. اسان کان دوست تعارف پُڇيو سيني پنهنجو پنهنجو تعارف ٻُڌايو پاڻ ٻُڌايائين ته منهنجو نالو ابراهيم ملاح آهي، هي هَٽ ۾ اوطاق منهنجي آهي، چيم ’هِن ڳوٺ جو نالو ڇا آهي؟‘ چيائين ’ڳوٺ بصر ملاح‘ وري چيائين پلا جيستائين دوست ٽائر نهرائي اچن چانهه نهرائي وٺان، چانهه جي صلاح دِل سان ڪيائين، پر اسان صاف انڪار ڪيو. ههڙي موسم (وسندڙ برسات) ۾ ايئن اچانڪ ڪنهن کي تڪليف ناهي ڏِبي.

## هِڪ رات مٿان برسات ۽ رستو گُم

دوستن کي گهڻي دير تي چُڪي هُئي، هِتي اسين پاڻ پريشان هئاسين ته الله پاڪ خير ڪري، برسات وسي پئي، موبائيل رابطو به منقطع آهي، هاڻي ڪنهن نموني يا ڪهڙي طرح خبرچار وٺجي، اسين هر هر اچڻ واري رستي ڏانهن ٻاهر نِڪري پيا روشني تلاشيون ته ڪِٿان ڪا گاڏي نظر اچي، گهڻي دير کان پوءِ پري کان روشني نظر آئي، ڪجهه ويجهو اچڻ کانپوءِ اسان کي پڪ ٿي ته ها هاڻي اِها جيڪا سامهون گاڏي اچي پئي اِها ئي ڪار آهي، نيٺ انتظار جو انت ٿيو. ڊاڪٽر علم الدين ۽ امجد ڪيئن ۽ ڪِٿان ڪار جو ٽائر ٺهرائي آيا، اِهو مرحلو ڏُکيو هو ئي هو هِن وسندڙ برسات ۾، پر جڏهن هِنن ٻُڌايو ته برسات وسڻ جي ڪري رستي جا نشان مِٽجي ويا هئا، اسين ڪنهن ٻي رستي تي ٻي پاسي ڏانهن نِڪري وياسين، پوءِ هِنن کي واپسي اسان تائين پهچڻ وارو رستو ڳوليندي ڳوليندي گهڻي دير ٿي وئي. گاڏي ۾ ٽائر لڳايوسين، اڳتي سفر سٽائو ٿئي دُعا پڙهي روانا ٿياسين.

برسات جي رات جو سفر ۾ اسين، ڊاڪٽر علم الدين انصاري جي شهر ڪيڏڻ ۾ نيٺ اچي پهتاسين ته جڻ اسان جي چهرن تي هِڪڙي سرهائي محسوس ٿي. ڊاڪٽر علم الدين اسپتال مان ڪجهه رکڻ يا کڻڻ لاءِ ويو اسين پير ۾ هوٽل وٽ ويٺاسين، هڪ همراه اچي اسان سان مِليو تعارف ڪرائيندي ٻُڌايائين ته اصغر انصاري ڊاڪٽر علم الدين جو ننڍو ڀاءُ اُن سان گڏ هڪ ٻيو سهڻو جوان ويٺو هو، اصغر اُن نوجوان ڏانهن اشارو ڪندي چيائين هي، راول ڪلهوڙو آهي ۽ تمام سُٺو شاعر به آهي، ڪلهوڙو ٻُڌم ته يڪدم پُڇيم 'ابن ڪلهوڙي جا ڇا ٿيو؟' 'ابن منهنجو مامو آهي' راول وراڻيو مُسڪرائي ڪيس ڀاڪر پاتم ۽ ابن لاءِ سلام چيامانس، اصغر ۽ راول گهڻو ئي اسرار ڪيو ته ٻه ٽي منٽ ويهو چانهه گڏ پي وٺون، پر اسان معذرت ڪندي چيو 'اسان جو پنڌ اڃا اڳتي ۽ رات گهڻي گُذري ويندي پهچندي پهچندي' ايئن اسان هِنن دوستن کان موڪلايو، هاڻي اسان جي اڳين منزل لنواري شريف آهي.

## رات جي رهاڻ ماني ساڻ شرف الدين جي اوطاق تي

لنواري ۾ پهتاسين ته ٻيهر وري برسات وسڻ شروع ٿي وئي. گاڏيون اوطاق جي ديوار لڳ ويجهو بيهاري ۽ تڪڙو تڪڙو هيٺ لهي اندر اوطاق ۾ آياسين.

شرف الدين جو وڏو ڀاءُ عبدالقادر ٽالپر پنهنجو تعارف ڪرائيندي اِهو چيو ته 'ڀاڻ ڪچهري به ڪنداسين ماني به کائينداسين گڏ گڏ. چو ته ماني به تي ڪلاڪن کان اوهان جو انتظار پئي ڪري. هاڻي اِهي ٻئي ڪم گڏ هلندا.' سيئي ڪمري اندر فرش تي وِڇايل چادرن تي ويٺاسين ۽ ماني لڳي. بهترين ماني ٺهرائي هُئي دوست ڊاڪٽر شرف الدين. هاڻي اسان واقعي ئي ماني به کاڌي ۽ ڪچهري به ڪئي. ٻئي ڪم گڏ ڪياسين. اسان عبدالقادر ٽالپر کي سچي وارتا ٻُڌائي ۽ دير ٿيڻ جو سبب به اِهو ئي هو. هِن اسان جي ڪهاڻي ٻُڌي افسوس ڪيو. ماني کائي پوءِ هِڪڙي روايت آهي ته ماني ۾ پلي ست رڇي طعام هُجن. پر جيستائين ماني مٿان مهمان کي چانهه نه پيارجي تيستائين نه مهمان کي مزو اچي نه ميزبان مطمئن ٿئي. اسان کي دير به گهڻي ٿي چُڪي هُئي. برسات به وسي رهي آهي، پر پوءِ به ميزبان جي اسرار تي اها به حامي ڀري ته حاضر پلي، پر جلدي ٿي وڃي ته بهتر. چانهه پي دوست ۽ اڄ جي سفر ۾ همسفر ڊاڪٽر شرف الدين ٽالپر ۽ سندس وڏي ڀاءُ عبدالقادر ٽالپر کان ڪِلي موڪلايوسين.

قاضيه واهه جي پُل تي پهچي گاڏين کي بريڪ ڪيو. ڊاڪٽر علم الدين ۽ امجد چوَن هاڻي آخري چانهه اسان جي پي پوءِ وڃو چيوسين اوهان جو چاهه ئي گهڻو مِليو. هاڻي چاهه مٿان چانهه جي ضرورت صفا ڪونهي، وري ڪنهن ٻي ڀيري. ايئن قاضيه واهه جي موري مٿان بيهي ڀاڪرين مِلي موڪلايوسين. هو شاهه لطيف روڊ وٽي اُولهه طرف روانا ٿيا. اسين قائداعظم روڊ وٽي اُتر طرف آياسين. پيروءَ کي پوئتي ڇڏي، تلهار مان تيز گُذري، مٽارو کان موڙيوسين گاڏي کي گولاڙچيءَ گس ڏانهن. اڄ جي سفر جي چوٿين ساٿي، حافظ محمد نظاماڻي کي سندس ڳوٺ سهراب خان نظاماڻي ۾ ڇڏي، موٽي آياسين پنهنجي ماڳ ماتلي.

# جيڪي سفر ۾ همسفر هيا:

**حافظ نظاماڻي:** حافظ نظاماڻي، قرآن جو حافظ آهي، پنج وقت نماز پڙهندڙ آهي. ڏاڙهي به اڇي وڏي اٿس، پر مولوي صفا ناهي، صوفي مڙس، سنگت ساٿ وارو، سدائين پروگرامن ۾ سفر ۾ سنڌ جو تمام وڏو نالو آهي شاعري ۾ حافظ نظاماڻي جو. سندس تعلق سهراباڻي ڳوٺ لڳ ڪڙيو گهنور سان آهي. سندس ڪتاب ”باغي آ عشق منهنجو“ ڇپيو ٿوري ئي وقت ۾ وڪامجي ويو اُن کان پوءِ ٻيو ڪتاب ”تاريخ آهي شاهد“ جنهن جو بيڪ ٽائيٽل لکڻ جو اعزاز هن ناچيز (مور ساگر) کي آهي. حافظ نظاماڻي جي شاعري تي اسان جڏهن هاءِ اسڪول ۾ پڙهندا هئاسين تڏهن کان فنڪار الهڏنو جوڻيجو جي آواز ۾ ٻُڌندا هُئاسين.

**پروفيسر ڊاڪٽر عبدالجبار ’قاسم‘ نظاماڻي:** ماتلي سان تعلق رکندڙ معزز شخصيت. پيشي جي لحاظ کي ليڪچرار گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج ماتلي، پاڻ سُٺا ليکڪ ۽ تاريخ سان دِلچسپي رکندڙ تاريخ لِکندڙ. ماتلي جي تاريخ لِکي اٿس. اُن کان علاوه حافظ نظاماڻي جي شاعري جا مجموعا ”باغي آ عشق منهنجو“، ”تاريخ آهي شاهد“ پڻ هِن جا سهيڙيل آهن. نظاماڻي ذات تي ”تذڪراءِ نظاماڻي“ وڏو ڪِتاب لِکيو اٿس. جنهن ۾ پوري نظاماڻي قبيلي جا شجرا ڏِنا اٿس. اُن کان علاوه کوڙ ٻيا به ڪيترائي ڪتاب لِکيا، سهيڙيا ۽ مُرتب ڪيا اٿس. ”محمد صديق مسافر جي علمي، ادبي، تعليمي، صحافتي ۽ سماجي خدمتن جو تحقيقي مطالعو“ جي عنوان سان محمد صديق مسافر تي پي ايڇ ڊي ڪري ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪئي اٿس.

**ڊاڪٽر شرف الدين ٽالپر:** غلام نبي ٽالپر جي گهر اڱڻ ۾ 01 _ 01 _1974 ۾ جنم وٺندڙ ڊاڪٽر شرف الدين ٽالپر، اڪيڊمڪ تعليم ايم اي سنڌي ۽ سنڌ جي اساسي شاعر ۽ معروف بزرگ سلطان الاولياء خواجه محمد زمان لواري واري جي موضوع تي پي ايڇ ڊي، پروفيشنل تعليم بي ايڊ ۽ ايم ايڊ آهي. پيشو تعليم کاتي ۾ پرائمري استاد آهي، هِڪ بهترين انسان ۽ سُٺو دوست آهي، هِن جي هِن وقت رهائش لواري شريف شهر آهي.

**ڊاڪٽرعلم الدين انصاري:** ڊاڪٽر علم الدين انصاري ڪيڙ شهر ۾ لڳ ڀڳ 20 ويهن سالن کان ڊاڪٽري جي پريڪٽس ڪري ٿو ان کان علاوه پاڻ پيڙهيل طبقي جو ڪڙهيل شخص آهي، سندس دوستي جو حلقو اڪثريت، ادب شناس دوستن سان آهي. شيخاڻي گهاڙي کان ويندي ٻڙ جي ڊوري تائين، هر شخص سان سندس ڏيٺ ويٺ آهي. هن وقت سندس ڊيوٽي حيدرآباد ۾ آهي، پر هر هفتي ۾ ڪجهه ڏينهن ڪيڙ ضرور ايندو آهي.

**منظور احمد جوڻيجو:** ماتلي شهر سان تعلق رکندڙ: منهنجو ياءُ آهي، سُٺي دِل رکندڙ آهي، سندس حيدرآباد ۾ ”الرزاق پرنٽرز“ آهي، پنهنجي ڪاروبار ۾ ڪامياب آهي. گُهمڻ جو شوق هوندو اٿس، ۽ هميشه چوندو آهي، گُهمڻ جو پروگرام ناهيو گاڏي منهنجي حاضر آهي.

**امجد انصاري:** امجد انصاري ڊاڪٽر علم الدين جو ننڍو ياءُ آهي پاڻ اينٽراپالاجي جو شاگرد آهي، سفر موسيقي ۽ تاريخي جڳهيون گُهمڻ سندس مشغلو آهي.

**مور ساگر:** ’ڪي جاڻا مين ڪوڻ بُليا‘

**[ 17 آگسٽ 2018ع _ ضلعو بدين]**



’علي بندر بدين‘ تي ڊاڪٽر شرف الدين ٽالپر، ڊاڪٽر عبدالجبار نظاماڻي،
منظور احمد جوڻيجو حافظ محمد نظاماڻي، ڊاڪٽر علم الدين انصاري سان گڏ



’ٻڙجي ڍوري ڪپ‘ تي منظور احمد جوڻيجو ڊاڪٽر شرف الدين ٽالپر،
ڊاڪٽر عبدالجبار نظاماڻي، ڊاڪٽر علم الدين انصاري ۽ مڪامي جت سان گڏ



# مور اِن ميهڙ

## روانگي

مور ماڻهن سان مِلڻ، مور آ ميهڙ ويو،
ڏينهن ميهڙ کي ڏِسي، رات راڏڻ ۾ رهيو.

مون پنهنجي سنگت سان صلاح ڪئي ته ميهڙ ۾ مونکي ڪتاب جي مهورت ۾ شرڪت جي ڪوٺ آهي، خاص مهمان طور، سو مونکي ته وڃڻو آهي، جيڪڏهن اوهان به هلڻ چاهيو ته پوءِ ميهڙ، لاڙڪاڻو سکر، خيرپور به تي ڏينهن لڳائي گُهمي اچون. دوست هوئڻ ئي گُهمڻ لاءِ چوَن پيا ته اچو چڪر لڳائي وڃو چيائون ’ٺيڪ آهي، اسين تيار آهيون‘ 07 اپريل 2019ع آچر جي ڏينهن ميهڙ جي شهر ۾ حبيب حضوري جي ڪِتاب ”قرآن شريف ۽ شاهه لطيف“ جي مهورتي تقريب جي دعوت ۾ شرڪت لاءِ حافظ نظاماڻي، خليل ڪوسو ۽ مون لاءِ سائين حبيب حضوريءَ ٽيڪسي به موڪلي آهي، جنهن ۾ اسين ٽيئي ويندا سين ميهڙ.

آئون، ادا منظور، ڊاڪٽر عبدالجبار ’قاسم‘ نظاماڻي اڄ 7 اپريل تي صبح جو فجر نماز پڙهي روانا ٿياسين. حافظ نظاماڻي وارن سان رابطو ڪيوسين، ٻُڌاياڻون ته حيدرآباد پهچڻ وارا آهيون. اسان حيدرآباد پهتاسين، تيستائين هو ڄامشورو ڪان گهڻو اڳتي نِڪري چُڪا هئا.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## اسان لاءِ هِندورو اِهو ڄامشورو

جڏهن بہ ڄامشوري مان گُذر ٿيندو آهي يا ڄامشوري ۾ ايندو آهيان، ويجهو اچڻ سان ئي ياد ناهي شعر ڪنهن جو آهي، پر بي اختيار زبان مان نِڪرندو آهي. ”ڄامشوري نہ وڃ، هانوَ ڪوري نہ وڃ.“

سنڌ يونيورسٽي جو ڄامشورو، ’پوري ڇوڪري حق جي ڳولاءِ ۾‘ ناول پڙهائيندڙ علامہ آءِ آءِ قاضي ۽ اُن جي محبوب ونيءَ ايلسا قاضي جو ڄامشورو، لوڪ ادب جي برک نالي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جنهن کي بہ ڄامشوري جي زمين پنهنجي هنج ۾ سُمهاريو آهي، تہ وڏي دانشورو محمد ابراهيم جويي جي آخري آرام گاهہ بہ ڄام شوري ۾ آهي. اُن ڊاڪٽر اين اي بلوچ، محمد ابراهيم جويو جو ڄامشورو، مهراڻ يونيورسٽي جو ڄامشورو ۽ پياري ڀاءُ دِلبر دوست پروفيسر ڊاڪٽر انعام ڀٽي جو ڄامشورو، سو ڄامشورو سنڌ جي سينڌ ۾ جهومر جيان جهلڪندو آهي، تنهن ڪري وڻندو آهي، تڏهن تہ حليم باغي بہ هيئن چئي وينو تہ:

وڃي ڪو اڏي گهر پلي ڪهڪشان ۾،
اسان لاءِ هِندورو اِهو ڄامشورو.

ڄامشوري کي ڇڏي اڳتي نِڪري وياسين لاڪڙا پاور هائوس کان اڳيان، حبيب الله ور وٺ، الفريد شينوار هوٽل تي چانهہ پيئڻ لاءِ گاڏي کي هوٽل اڳيان روڪيوسين. ڪجھ گهڙيون ويناسين چانهہ بسڪيٽن سان گڏ پيتيسين، وري بہ اڳتي سفر لاءِ روانا ٿياسين. اڳيان خاٽوٽ ڪِراس ڪيوسين، ننڍا وڏا ڳوٺ ڪِراس ڪندا وڃي لڪي شاهہ صدر* جيڪو جبل جي هنج ۾ موجود آهي، درگاهہ اڳيان روڊ جي پر ۾ بريڪ ڪيو پوءِ اڳيان نِڪري وياسين.

سيوهڻ جي ويجهو پهتاسين، تہ مير حاجن مير جي ياد آئي، فون ڪيومانس تہ: ’مير ميهڙ هلين تہ گُهمائي اچائين،‘ چيائين ’نہ يار اوهان ٿي اچو منهنجو ننڍڙو نيڪ ناهي، ڊاڪٽر ڏانهن ٿو وڃي وڃان، باقي اوهين گهڙي پل سيوهڻ ۾ ترسو، ناشتو پاڻي ڪري پوءِ اڳتي وڃو‘ چيم، ’نہ مير تون گڏ نٿو هلين باقي پوءِ اسين ڇو ترسون، زندگي رهي تہ ميلا ٿيندا رهندا.‘

---

☐ لڪي شاهہ صدر تي بہ پيرا اڳي اچي چُڪو آهيان، ڀيو تہ هِن جو احوال سنڌ جي سفر ڀاڱي ٻي ۾ ’گورک ڏانهن گُهت‘ سفر ۾ صفحي نمبر 44 تي ڏئي چُڪو آهيان، جيڪو 2015ع ۾ ڪيو هيم.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٻيان سيد آباد ۾ مِلياسين مُنير سان

ٻيان سيد آباد ۾ ٻه اسان جا گهڻا ئي دوست رهن ٿا. جِن ۾ پهريون ته مُنير سيال، ڪي ٽي اين رپورٽر پرديپ، ۽ ٻيو عرفان مينگل. جنهن جو والد رٽائرڊ ڊاڪٽر محمد هاشم مينگل آهي. جنهن پنهنجي يادگيرين جو ڪتاب ”دکهون کي داستان“ ڇپرايو. اُن جو ٻيو حصو وري سنڌي ۾ ”ڏکن جو داستان“ جي نالي سان ڇپيو هيم. اُهو ٻه هميشه چوندو آهي ته ٻيانن ڪڏهن ٻه اچڻ ٿيئي ته اسانکي خدمت جو موقعو ضرور ڏِجو. پر اسان اڄ جنهن دعوت ۾ وڃي رهيا آهيون، اُتي وقت تي پهچڻ تمام ضروري آهي. باوجود اُن جي ادا منظور منير سيال کي فون ڪئي، ته مُنير ٻه ضد ڪيو ته اوهان ٻاءِ پاس تان پيا گُذرو آءٌ ٻه ٻاءِ پاس تي ئي آهيان. تنهن ڪري منهنجي چانهه ضرور پي وڃو. پوءِ ٻيانن جي ٻاءِ پاس تي هوٽل اڳيان گاڏي بيهاري. تيستائين مُنير سندس پُٽ کي موڪليو. جنهن اسان کي روڊ کان ٿورو هيٺ وٺي اچي هِڪڙي زيرِ تعمير بنگلي اڳيان بيهاريو. دروازي اندر جيئن ئي داخل ٿياسين چيوسين هي ٿاٽي ۾ چو وينو آهي. تيستائين ٻاڻ ٻه ڪمري کان ٻاهر اچي مِليو. ايس ايس پي جي وردي ۾. مِلياسين ۽ کِلياسين ’منير هِتي ٻه ٿاٽو ناهيو وينو آهين. اصل ۾ هِن وقت ڪي ٽي اين تي مشهور ڊرامو ’گناهه‘ هلي رهيو آهي. جيڪو پُڻ منير جي ڊائريڪشن ۾ تيار ڪيو ويو آهي. اُهو تقريبن ٿاٽي، ڪورٽ ۽ ڏوهه جهڙي موضوع تي تمام سُٺو هلي رهيو آهي. جنهن ۾ منير جو مين ڪردار ايس ايس پي جو هوندو آهي.

منير ٻه کِلندي ٻُڌايو ته ’گناهه وارو سڄو ڊرامو هِتي ئي ته رڪارڊ ٿيندو آهي‘. پوءِ اندر ڪمري ۾ وٺي هليو. جتي اسپتال جا بورڊ، ڪورٽ جا بورڊ ۽ ڪورٽ جا ڪٺهڙا سڀ ڏيکارياءِين. هِڪڙي ٽيبل تي ٻارڙن جي راند ڪيڏڻ وارا هٿيار سٽيا پيا هئا. جن ۾ ڪلاشنڪوف ۽ پسٽل تمام گهڻا هئا. ڏسندي کِل پئي آئي. ٻاهر ورانڊي جي اڌ حِصي ۾ ايس ايس پي آفيس ۽ اڌ حِصي ۾ لاڪپ ٺهيل آهي. لاڪ اپ جو صرف دروازو آهي جيڪو اُتي رکي ۽ ڪيمرا اهڙي جڳهه تي رکي وڃي ٿي جو ٽي وي تي هڪڙو مڪمل لاڪ اپ نظر ٿو اچي. منير سندس پُٽ کي گهران چانهه ۽ بسڪيٽ آڻڻ لاءِ چيو. منير جو گهر ٻه سامهون ئي آهي ۽ هي اسين ٻيان سعيد آباد جي جنت ڪالوني ۾ وينا آهيون.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منير سندس ٽيم کي چيو تہ جلدي تياري ڪري وٺو تہ سنگت بہ ڊرامي جي شوٽنگ ڏِسندي وڃي. جيستائين چانھہ آئي تيستائين اسان ڊرامي "گناھہ" جي شوٽنگ ڏِٺي. شوٽنگ ڏسندي ۽ ٽي وي تي ڊرامو ڏسڻ ۾ رات ڏينھن جو فرق آهي. شوٽنگ دوران هڪڙو مزو ٿيو جنھن وقت سپاهي قيدي کي ڪُٽيندي سندس اڱوڙا جو ڏس ٿو پُڇي، اُن وقت قيدي جو اڳٿ ڪُلي ٿو وڃي. سپاهي کي چيائين جهل جهل اڳٿ تہ ٻڌان. وري اُن سين کي واپس ٻيھر رڪارڊ ڪيو ويو. سيئي ڏاڍو کِلياسين. چانھہ پي پوءِ ڊرامي جي ٽيم سان گڏ گروپ فوٽو ڪڍرايو ۽ سنگت کان موڪلائي اڳتي سفر لاءِ روانا ٿياسين.

## هلي آ هلي آ دادو، دادو

استاد بُخاري ۽ منظور سخيراڻي جي شهر دادو جي مين گيٽ وٽان گُذرون ٿا تہ مونکي اُستاد بُخاري جو گيت جيڪو منظور سخيراڻي ڳايو آهي، زبان مان جهونگارجي وڃي ٿو.

هلي آ هلي آ دادو، دادو

دادو هئہ دادو، دادو ۾ يار منهنجو، دادو ۾ آ دِل قابو.

هلي آ هلي آ دادو، دادو

دادو ۾ منهنجو دِل گھريو دوست علي محمد درد سولنگي ۽ رجب آزاد رهن ٿا، جن کي بہ هوائن هٿان سلام مُڪان پيو. باقي اُستاد بخاري جنهن جادو جي ڳالھہ ٿو ڪري اُهو ڪنهن ڏينهن هلي وڃي ڏِسبو. ڏِسبو تہ اُستاد بخاري جي شهر دادو ۾ ڪهڙو جادو آهي، يا ڪهڙي جادو جي ڳالھہ ڪري ٿو زندگي جي اجازت سان اِهو بہ انشاءَالله هڪ ڏينهن ڏِسي وٺبو.

بقول بخاري جي:

هڪ عمر ۾ جاني چا جيئندس،
ڪم ڪار ڪندس يا پيار ڪندس،
مونکي عمريون هُجن ها سئو سھٽا.
مونکي عمريون هُجن ها سئو سھٽا.

تنهن ڪري نہ چاهيندي بہ اُستاد بخاري ۽ منظور سخيراڻي جي دادو کي ۽ دادو جي جادو کي پري کان سلام ڪري اڳتي وڌون ٿا.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## خدا آباد، ڪلهوڙا دؤر جي گادي جو هنڌ

ڪلهوڙن جي دؤرِ حڪومت جي گادي جو هنڌ خدا آباد هو. ڀيون نِشانيون تہ آهن يا ناهن، پر هي خدا آباد واري مسجد ڪلهوڙا دؤرِ حڪومت جي شاهد بڻي بيٺي آهي، مسجد جي پر ۾ گاڏي بيهاري مسجد جو هڪ دروازو بند پيل هو ٻي دروازي کان آياسين. مسجد وڏي ايراضي ۾ ٺهيل آهي ۽ تمام مضبوط ٺهيل آهي، مسجد اندر داخل ٿياسين. تہ مسجد جي هڪڙي حِصي ۾ نوجوان ڇوڪريون قرآن شريف پڙهي رهيون هيون. ٻي حصي ۾ مسجد جي اندر رپيئرنگ جو ڪم پي هليو رنگن سان چٽ سالي جو ڪم، پر بلڪل اصل صورت ۾ هن کي ٻيهر بحال ڪرڻ جي ڪوشش ٿئي پئي، تمام سُني ڳالهہ آهي، گهڻين ئي جڳهين تي اهڙو ڪم ڏِٺو اٿم. جو اهڙين يادگار مسجدن، جڳهين، قبرستانن ۾ قبرن تي اڏيل گنبذن کي اصلي صورت ۾ آڻڻ جي ڪوشش ٿئي پئي، جيڪو ساراهڻ جهڙو ڪم ٿي رهيو آهي. اسان اندر فوٽوگرافي ڪئي، ٻاهر نِڪتاسين مسجد جي ٻاهران سامهون يا مسجد جي اڳڻ ۾ ڇئجي بهترين پارڪ ٺهيل آهي، ڇٻر بہ پوکيل آهي، گرينري تمام سُني آهي، وڻن جي ڪٽنگ پڻ ٿيل آهي. جنهن سان اکين کي هڪڙو خوبصورت منظر ڏِسڻ لاءِ مِلي ٿو. ڪو مسافر اچي ساهي پٽي تہ چانوَ ملي ٿي وڃي ۽ مسجد جي خوبصورتيءَ ۾ پڻ اضافو محسوس ٿي رهيو آهي. وڪي پيڊيا مونکي خدا آباد بابت ڪجهہ هيئن ٿو ٻُڌائي:

”گهڻا تاريخدان خدا آباد ثاني شهر جو بُنياد وجهڻ جو سَهَرو ميان سرفراز ڪلهوڙي تي رکن ٿا. ڪجهہ محقق وري ان راءِ سان متفق نہ آهن. انهن جو خيال آهي تہ ان شهر جو بُنياد نور محمد ڪلهوڙي رکيو. ڪن هنڌن تي خدا آباد جو باني ميان مرادياب کي ٻڌايو ويو آهي. ڪي ڄاڻو هن شهر کي خدا آباد ثالث لکن ٿا. تاريخ جي اڪثر ماهرن جو رايو آهي تہ ميان سرفراز 1188هہ- ڊسمبر 1774ع ۾ هن شهر کي پنهنجو تختگاهہ بڻايو. ميان سرفراز جي ڏينهن ۾ ڪلهوڙا حڪومت سُنو نالو ڪمايو. ساڳئي وقت هن جي ڏينهن ۾ ئي ڪلهوڙا خاندان جي وچ ۾ ويڙهہ شروع ٿي. نتيجي ۾ ڪلهوڙن پنهنجو تخت وڃايو. سنڌ جا حاڪم ٽالپر ٿيا. دين محمد وفائي جو خيال آهي، تہ خدا آباد جو بُنياد ميان نور محمد ڪلهوڙي


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏو هو هن ’لُطف اللطيف‘ جي انين باب ۾ ذڪر ڪيو آهي تہ: ميان نور محمد ڪلهوڙي هالن لڳ نئين خدا آباد وسائي. ڊاڪٽر گربخشاڻي بہ هڪ هنڌ خدا آباد جو ذڪر ڪندي لکيو آهي، تہ: خدا آباد ۾ ميان نورمحمد ڪلهوڙو حڪومت ڪندو هو. پر هن ڪٿي بہ ان خدا آباد جي جاگرافيائي هنڌ جو ذڪر نہ ڪيو آهي. هو لکي ٿو: شاهہ جو ٽيون دشمن ميان نور محمد ڪلهوڙو (1718ع – 1755ع) هو جيڪو سنڌ جو حاڪم ۽ ڪلهوڙن جو مهندار هو. ڪلهوڙا تن ڏينهن ۾ وڏي اوج تي رسيل هئا. منجهن پيري مريدي پئي هيون. سندن گادي جو هنڌ خدا آباد هو جيڪو تڏهن عاليشان شهر ليکبو هو.“

خدا آباد ثاني کي تخت گاهہ بنائيندڙ ميان سرفراز ڪلهوڙو ئي هو. اهڙي ڪابہ ثابتي نہ ملي آهي تہ: هن خدا آباد شهر وٽ ميان سرفراز ڪلهوڙي جي تختگاهہ بنائڻ کان پهريائين بہ ڪا وسندي آباد هئي، ڇو تہ ميان نور محمد ڪلهوڙي جي دؤر ۾ بہ هن شهر جو ذڪر مائي گُلان جي حوالي سان ملي ٿو. ميان نورمحمد جي وفات 1753ع ۾ ٿي آهي. جيئن تہ ميان غلام شاهہ ڪلهوڙو، نور محمد ڪلهوڙي ۽ مائي گُلان جو پُٽ هو. ميان غلام شاهہ 1153هہ ـ 1740ع ۾ يرغمال ٿي پنهنجن ڀائرن سميت نادر شاهہ سان ايران ويو جتي اٺ سال گذاري 1163هہ ـ 1749ع ۾ واپس وريو. ميان نور محمد جي وفات بعد ميان غلام شاهہ 1762ع ۾ سنڌ جو حاڪم ٿيو ۽ 1772ع ۾ وفات ڪيائين. اهڙيءَ طرح رڳو غلام شاهہ جو ايران وڃڻ ۽ مرڻ وارو عرصو ٽيهہ سال بيهي ٿو. جيئن تہ خدا آباد شهر جو بُنياد غلام شاهہ جي مرڻ کان ٻہ سال پوءِ 1774ع ۾ رکيو ويو. جنهن ڪري غلام شاهہ جو ايران وڃڻ ۽ خدا آباد جو تختگاهہ بنجڻ وارو عرصو چوٽيهہ سال بيهي ٿو. ان مهل تائين مائي گُلان جيڪڏهن جيئري هجي ها تہ اها پيريءَ ۾ پير پائي چُڪي هجي ها. گُلان کي ايتري وڏي عمر ۾ خدا آباد تخت بنجڻ يعني 1774ع کان پوءِ اُتي ڪوٽ ٺهرائڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي. ان مان لڳي ٿو تہ هتي اڳ ئي ڪو شهر آباد هو. مائي گُلان ان کي سرفراز ڪلهوڙي جي تخت گاهہ بنائڻ کان اڳيئي ڪوٽ جوڙايو ويني هئي.هوئن بہ ارضيات جا ماهر هن علائقي کي سترهين صدي جي شروعات کان وٺي زرخيز ۽ آبادي وارو سڏين ٿا.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## او شوخ هوا، او شوخ هوا، مخدوم بلاول کي چئجان

مخدوم بلاول شهيد جي حاضري بہ ضرور پرڻي آهي، چو تہ واپسي وري هِن روڊ تان نہ ٿيندي، تنهن ڪري اسان کي هِتي حاضري ڏيڻي ئي آهي، پُڇا ڪئسين، ٻُڌايائون تہ هي رستو وني وڃو ٿوري ئي پنڌ تي شهيد بلاول جي درگاھ آهي، گاڏي کي موڙيوسين، درگاھ تہ خير پري ڪان ڏِسجي ٿي، پر ايترو پري بہ ناهي. جيئن ئي درگاھ جي ويجهو پُهتس تہ مونکي حليم باغي جو اِهو نظم ياد آيو جيڪو شفيع فقير ڳايو آهي.

شوخ هوا، او شوخ هوا، مخدوم بلاول کي چئجان،

توڙي جو سج پنهنجي آب تاب سان چمڪي رهيو هو پوءِ بہ زائرين جا ٽولا ٽولا نظر آيا، مونکي اِها ڳالھ سمجھ ۾ نٿي اچي تہ مخدوم بلاول تہ اسان هميشہ انقلابي اُهجاڻ پڙهيو ۽ ٻُڌو آهي، پوءِ هي ماڻهو مايون، پر خير ٿي سگهي ٿو اسان وانگر مخدوم بلاول کي ڏِسڻ ۽ گُهمڻ آيا هجن. اسان مخدوم بلاول جي تربت تي ڦُل پڙهيا، ٻاهر نِڪتاسين، مقبري اڳيان فوٽوگرافي ڪئي، پر ۾ اڏيل خوبصورت مسجد ڏِٺيسين، مخدوم بلاول سان منسوب ڪيل ڪوھ / واءِ ڏِٺيسين. ڪتابن ڪان جڏهن پُڇيم تہ ڪتابن ٻُڌايو:

حضرت مخدوم بلاول شهيد856 ھ بمطابق1451 ع ۾ حسن سمون جي گهر ۾ هاڙوڪي ڄامشورو ضلعو جي ڳوٺ تلٽيءَ ۾ پيدا ٿيو. سندس تعلق سنڌ جي سما حڪمران گهراڻي سان هو. سندس وڏا اصل ۾ لسٻيلي جا رهاڪو هئا ۽ سومرن جي سنڌ تي حڪومت واري دؤر ۾ اُتي حاڪم طور مقرر هئا. مخدوم بلاول جو ننڍپڻ ۾ ديني ۽ اسلامي تعليم ڏانهن گهڻو لاڙو رهيو. شروعاتي تعليم سيد شهاب الدين شاھ بخاري پاران قائم مدرسي ۾ سيد نور حسين شاھ بخاري وٽان حاصل ڪيائين. مخدوم صاحب ناظره قرآن ۽ فقھ جي ڪتابن سان گڏوگڏ عربي ۽ فارسي علم پرايائين. ديني تعليم پرائي پنهنجي وقت جو وڏو شرعي علم جو ماهر ۽ فقيہ بڻيو. سدائين عبادت زهد ۽ تقويٰ ۾ گذاريائين. سندس ناماچار سڄي هندستان ۾ ڦهلي.

جنت السنڌ ۾ مولائي شيدائي لکي ٿو تہ: مخدوم بلال رح تلٽيءَ جو وينل هڪ وڏو عارف ڪامل ٿي گذريو آهي. ظاهري علمن جو وڏو عالم ۽ علامہ هو. ’تاريخ معصومي‘ وارو بزرگ لکي ٿو تہ، هڪ دفعي مخدوم بيڙي ۾



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوار تي سيوهڻ وڃي رهيو هو مير بحر خوب گارين ڏيئي رهيو هو ۽ ڪنهن جو ڇيو نہ ٿي ورتائين. مخدوم صاحب ڇا ڪيو جو پنهنجي ٽوپي ڪڍي سندس مٿي تي رکيائين تہ مهاڻو جهٽ گارين ڳنڍن کان خاموش ٿي ويو ۽ اُتي جو اُتي قرآن ۽ حديث جو واعظ شروع ڪري ڏنائين. 'مقالات الشعرا' ۾ لکيل آهي تہ مخدوم بلال علم حديث جو وڏو عالم ۽ تفسير جو وڏو ماهر هو ۽ پنهنجي زماني ۾ وڏي ڪان وڏو عالم ليکجڻ ۾ آيو ٿي. ڪڏهن ڪڏهن شعر بہ موزون فرمائيندو هو.

"مخدوم بلاول شهيد جي مزار دادو ضلعي جي ڳوٺ مخدوم بلاول ۾ آهي، جيڪو دادو کان اٽڪل 10 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي اُتر طرف انڊس هاءِ وي سان واقع آهي. سندس مزار تي هرمهيني ماهہ پيرو جمعو لڳندو آهي. مخدوم بلال جي مزار دادو تعلقي ۾ "باغبان" ۾ آهي، جنهن تي ڪنڌي ڳوٺ جي محمد بخش ولد الهہ بخش پنهور 1990ع ۾ عاليشان مقبرو تعمير ڪرايو آهي. سال 1995ع ۾ پنهور صاحب شيشي جو ڪم بہ مڪمل ڪرايو. ان کان اڳ سال 1928ع ۾ لاڙڪاڻي جي محبوب خان ولد الله بخش خان وڳڻ هتي هڪ خوبصورت مسجد ٺهرائي، جا اڃا سلامت بيٺي آهي. مخدوم صاحب جي عقيدتمند مخدوم دانيال 912ھ ۾ وفات ڪئي، جنهن جو مقبرو اُتر ۾ (مخدوم بلال جي) ڪچهہ وکن تي موجود آهي. هيءَ اڏاوت بہ تازي دؤر ۾ ٿي آهي."

**هت ڪالهہ بہ منهنجي پيارن جون، ويچارن جون پڪارن جون،**
**چيرن سان ڇاتيون ڇاٽيون ويون، سينن تي بندوقون تاڻيون ويون،**
**پٽڪن جي ورن ڪي ڦاڙيون ويو، پوتين جي پلن ڪي ساڙيون ويو،**
**مينار ڪڙا ٿيا لاشن جا، ۽ تاج جهليا بدمعاشن جا،**
**هن پونءَ تي ڪڙي ڇا تہ ويا، او شوخ هوا او شوخ هوا،**
**مخدوم بلاول کي ڇئجان، ٿلتي جا ڏٽي ڪا واهر ڪر.**

حليم باغي جي نظم جو اهو بند مخدوم بلاول جي مقبري تي لڳندڙ شوخ هوائن کي ڇئي اسان موڪلايوسين. ۽ پنهنجن لاءِ هي پيغام ڇڏيم.

بلاول ٻڌجي ڪريو بغاوت، - هوشو جهڙي ڏاريو طاقت،
سنڌ آزاد ٿي ويندي جي، - پنهنجو پاڻ ۾ آڻيو صداقت.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪڪڙ محسن ڪڪڙائي جو ماڳ

جڏهن اسان ڪڪڙ منجهان گُذرون ٿا تہ مونکي محسن ڪڪڙائي جي ياد ٿي اچي محسن ڪڪڙائي وفا ناٿن شاهي، آٿم ناٿن شاهي ۽ نشتر ناٿن شاهي وارن جي جوڙ جو شاعر آهي، عبرت مئگزين ۾ ڪڏهن ڪڏهن اسان جي شاعري گڏ ڇپبي هئي، اُمنگون، ليلا جا خط، سوري سچ ڇيو سونهن جي ساڃاهہ ڪنهن جي ماٺ ميار، سندس تخليقون /ڪتاب ڇپيل آهن ۽ جڏهن محسن ڪڪڙائی ياد اچی تہ سندس شعر ياد نہ اچی،اِهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي.

ڇڏيو تہ سونهن جی هڪڙي جهلڪ ڏسی تہ وٺان،
خدا جو نور اڪين سان سهي، چُمي تہ وٺان.

ڇوڙ جی ڳالهہ سدائين ڇوڙ ڪان رهجی وئی،
اڪيون، اڪين ڪي پڙهن ٿيون تہ پوءِ پڙهي تہ وٺان.

اسان جو پيار بہ گونگو تہ هوءَ بہ چُپ چُپ آ،
چلو، اُميد جي ٽانڊن مٿان پَچي تہ وٺان.

نہ ذڪر سونهن جو ڪُٺندو، نہ ٿيندو ڳڪ 'محسن'،
اچا بہ دِل تي چوي، سونهن تي لِکي تہ وٺان.

## جڏهن خانپور جو لڳل بورڊ پڙهيو

ڪي اين شاهہ جي حدن ۾ هلندي جڏهن خانپور جو بورڊ پڙهيم تہ امير بخش جوڻيجو ۽ عبدالعزيز جوڻيجو ذهن تي آيا. امير بخش جوڻيجو لاءِ مشهور آهي تہ هي وڏو سخي مرد ٿي گُذريو آهي، ٻڌو آهي تہ سندس اوطاق تي 24 ڪلاڪ مهمان يا مسافر ايندا رهندا آهن ۽ هر وقت مهمانن ۽ مُسافرن ڪي ماني مِلندي رهندي آهي ۽ سندس پُٽ انجنيئر عبدالعزيز جوڻيجو جنهن پنهنجي ڊيوٽي تان رٽائر ٿي سياست شروع ڪئي، جيڪو گُذريل پيري اليڪشن ۾ ڪٿي بہ آيو آهي. هِتي خانپور ۽ آسپاس جا ماڻهو هنن کي چاهين ٿا. سندن تعلقو ڪي اين شاهہ آهي ۽ سندن مقابلو لياقت جتوئي سان هوندو آهي.

## خيرپور ناٿن شاهه آٿم ۽ وفا جو شهر

مونکي دُنيا وفا پئي سڏي،
تنهنجي محبت جو ڪرشمو آهي.

خيرپور ناٿن شاهه عرف ڪي اين شاهه مان گُذرون ٿا ته مونکي وفا ناٿن شاهي، آٿم ناٿن شاهي، راز ناٿن شاهي ياد اچي ويا. اِنهن مان ملاقات صرف وفا سان هُئي، وفا شاعر وفائن جو هو. هونئن ته مشتاق علي قريشي هو جيڪو هندوستان جي شهر امرتسر جي ننڍڙي ڳوٺ ڪڪڙان والا بنديالا ۾ 15 مئي 1934ع ۾ پيدا ٿيو پر هن جي نصيب ۾ سنڌ وطن ٿي هو ۽ سنڌ کي ٿي هن پنهنجو وطن سمجهو سنڌي ٻولي کي نه صرف پنهنجي ٻولي سمجهيائين، پر سموري شاعري به سنڌي ۾ ڪيائين. سندس تخيّل کي پکين وارا پَر هوندا آهن، پڙهڻ سان واهه واهه بي ساخته زبان مان نِڪرندي آهي.

جسم پورو لباس ڪاري ۾،
برف باري نه ڪر سياري ۾،
چند ساهن جي ڪشمش ۾ آهي،
جي پُڇو زندگيءَ جي باري ۾.

آٿم ناٿن شاهي، جو هِڪڙو ڪتاب مون به ڇپيو هو 'سامرين جي شهر ۾ جيڪو محترم يوسف سنڌي پنهنجي سنڌي ادبي سنگت جي سيڪريٽري جنرل جي ٻن سالن جي مُدي دوران سنگت مرڪز پاران ڇپرايو. هونئن ته هِن جا ٽي ڪتاب ٻيا به ڇپيل آهن. جڏهن اُلا اُپ ۾، لهرون لهرون لاٽ ۽ ڇا ڇيس آئيني. تعلقي خيرپور ناٿن شاهه جي ننڍڙي ڳوٺ 'ڪاتڙي' ۾ الله بخش سولنگي جي اڱڻ تي 2 جنوري 1937ع تي اکيون کوليندڙ غلام رسول سولنگي جڏهن آٿم ناٿن شاهي سڏائڻ لڳو ته پوءِ ڪجهه هينئن چيائين:

پٿر ٿا هٽن مون کي شيشي مان نهيل ماڻهو،
دِل ۾ ٿا وڃن لهندا، وسڪيءَ ۾ ٻُڏل ماڻهو.

يا

تنهنجو چهرو گُلاب جهڙو آ.
ڪنهن مقدس ڪتاب جهڙو آ.
هُن جو مونسان ملڻ اچا تائين،
ڪنوارپڻ جي حجاب جهڙو آ.

## موراڻ ميهڙ

جيئن ئي ميهڙ پُهتاسين تہ پاڪيزه هوٽل جي پُڇا ڪئي، اُن ڪري جو ڪلاڪ پهرين سائين حبيب حضوري جي پوسٽ آئي هئي تہ ڪتاب جي مهورت جو هنڌ تبديل ڪري پاڪيزه هوٽل مقرر ڪيو ويو آهي. تنهن ڪري اسان پاڪيزه هوٽل جي پُڇا ڪئي، اسان کي اڳتي ٻُڌايو ويو اسين گهڻو اڳتي شهر ڏانهن نِڪري وياسين، جڏهن تہ پاڪيزه هوٽل شهر کان ٻاهر ۽ شهر کان پهرين آهي.

پروگرام ۾ پهتاسين پروگرام تہ اڳ ۾ هلي رهيو هو اسين پويان ڪُرسين تي ويناسين، سائين حبيب حضوري جي نظر پئي، تنهن سڪندر ڪوسي کي موڪليو تہ مور ساگر کي وٺي اڳيان اچي ويهار، مونکي اڳيان وٺي آيا، هِتي سائين عبد مگسي اڳ ۾ ئي ويٺل هو، تنهن اُٿي ڀيهي آڌر ڀاءُ ڪيو، سائين کان پُڇيم پروگرام گهڻو هليو آهي؟ چيائين 'هي پهريون مقرر آهي، جيڪو تقرير ڪري رهيو آهي.' چيم 'ٺيڪ آهي گهڻو دير ناهي ٿي،' تقرير پوري ٿيڻ کانپوءِ ڪتاب جو مهورت ڪيو ويو. اُن کانپوءِ وري بہ تقرير ۽ پوءِ لاڳيتو چار پنج شاعرن جي شاعري ٻُڌڻي پئي. سائين عبد کان پُڇيم تہ ڪتاب جي مهورت سان گڏ امين مگسي سان شام بہ آهي ۽ مهورت سان گڏ شام ۾ ٻنهين سان گڏ مشاعرو بہ آهي، تہ سائين عبد مگسي مُسڪرائيندي چيو: 'هِتي اهو رواج آهي تہ ڪهڙو بہ پروگرام هجي، پر اُن ۾ مشاعرو بہ شامل هوندو آهي. شعر پڙهڻ لاءِ ايندڙ دوستن ۾ منهنجا دوست جيڪي شعر پڙهندا ۽ پوءِ مونسان مِلندا ويا. اويس قرني، نماڻو صديق مهيسر، ذوالفقار گاڏهي، احمد شاڪر.

پروگرام تمام سُنو ٿي ويو اڄ جي خاص مهمانن ۾ خليل ڪوسو محفل کي مست ڪري ويو واهہ جا شعر ٻُڌايائين، واه واه ٿي وئي، مونکي بہ پهرين پليڪار ڪئي وئي، پيهر اسٽيج تي گهرائي اجرڪ اوڍائي وئي ۽ پوءِ تقرير لاءِ پُڻ موقعو ڏِنو ويو ڪجهہ لفظ ڳالهايم ۽ پوءِ جاءِ ورتم. حافظ نظاماڻي اڄ جي هن محفل جي صدارت ڪري رهيو هو اُن کان پهرين سائين حبيب حضوري تقرير دوران منهنجو هڪ پيرو ايئن ذڪر ڪيائين تہ 'منهنجا سمورا ڪتاب ساحل پبليڪيشن جي مالڪ مور ساگر ڇپيا آهن، جيڪو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي سامهون ويٺو آهي، ‘ ٻيو پيرو ذڪر ڪندي چيائين ته ’مور ساگر جو هاڻي نئون ڪتاب آيو آهي ”موراِن ملائيشيا“ پر مان چوان ٿو ايندڙ ڪتاب هجي ”موراِن ميهڙ“‘ مون موٽ ۾ چيو ’انشاءَالله.‘ حافظ نظاماڻي ٻه ڪتاب تي گهٽ ڳالهايو، پنهنجي شاعري وڏيڪ ٻڌائي، چو ته ماڻهو هِتي گهڻو ڪري سندس شاعري ٻڌڻ آيا هئا. پروگرام تقريبن شام جو پوڻين پنجين وڳي تائين هليو، اُن ڪانپوءِ منجهند جي ماني مِلي،

سائين حبيب حضوري ڪان موڪلايم. سائين عبد مگسي مونسان گڏ گڏ هو، چوَي پيو اج هلون ٿا ڳوٺ رات اُتي رهنداسين، تيستائين سائين عبدالجبار نظاماڻي، قاضي آزاد راڌڻ واري سان رابطو ڪري ورتو، اُن ڪي چيائين ته رات تو وٽ رهنداسين، پوءِ سائين عبد مگسي ڪي چيوسين ته سائين اوهان اسانکي صرف ميهڙ جو سير ڪرايو، باقي رات وجي راڌڻ ۾ رهنداسين. سائين عبد گهڻو زور ڀريو رات رهڻ لاءِ، پر اسان اِهو ئي چيو ته اوهان جون لک مهربانيون بس، اسان ڪي صرف ميهڙ گُهمائي، سائين عبد سندس ننڍڙي ڪي چيو تون ٻلي بائيڪ تي هل آءُ دوستن سان گڏ ٿو اچان.

## ميهڙ ۾ منهنجا دوست

گاڏيءَ ۾ وهندي مونکي ’ميهڙ ۾ منهنجا دوست‘ سڀ ياد اچي ويا، هونئن ٻه جنهن شهر ويجهي ته اُتي جي مور ماڻهن ڪي ضرور ياد ڪجي، ميهڙ شهر ۽ تعلقي ۾ مونسان محبتون ڪندڙ ڪوڙ سارا پيارا ڀرين رهن ٿا، جن مان سنڌي ٻوليءَ جو ڀهڳڻو شاعر سائين عبد مگسي (جيڪو هن وقت اسان سان همسفر آهي)، پروفيسر عبيدالله لاڪير (سماجي سُڌارڪ)، ڊاڪٽر قاضي آزاد (ليڪڪ ۽ پي ايچ ڊي ڊاڪٽر)، منصور قادر جوڻيجو (بهترين ليڪڪ/شاعر) هِن وقت حيدرآباد ۾ رهي ٿو اصل هِتان جو آهي، محبوب علي محبوب ڏيپر (سگهڙ ۽ شاعر) جنهن جا هيستائين 13 ڪتاب ڇپي چُڪو آهيان، حبيب الله حضوري (ٽيچر) ليڪڪ ۽ شاعر)، اظهر آدرش، (ليڪڪ)، اويس قرني (شاعر)، نماڻو صديق مهيسر (شاعر)، زخمي زاهد سهارڻ (شاعر)، طفيل مگسي (بهترين ترجمه نگار)، احمد شاڪر (شاعر)، جان محمد جوڻيجو (سياسي سماجي شخصيت)، سهراب جوڻيجو نجم الدين جوڻيجو.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ميندي ۽ مائي جي شهر ميهڙ ۾

روانا ٿياسين ميهڙ شهر ڏانهن. شهر جي پاڙي مان وي آءِ پي روڊ تان ٿيندا هڪڙي دڪان ’سپنا ميندي سينٽر‘ تي اچي بيٺاسين. سائين عبد ٻڌايو تہ ’هي بهترين سينٽر آهي، هن تان خالص ميندي مِلندي آهي‘. ميندي جو اڌ اڌ ڪلو وارا ڇهہ پيڪيٽ ورتا.

ڪڪول واهہ جي پُل ڪراس ڪري هيٺ لهون ٿا. هِڪڙو چونڪ اچي ٿو جنهن جي لاءِ سائين عبد ٻڌايو تہ ’هِن کي سئنيما چونڪ چيو ويندو هو‘ سامهون پيٽرول پمپ ڏانهن اِشارو ڪندي چيائين تہ ’هن جاءِ تي رئيس عبدالحميد جتوئي جي سئنيما هوندي هئي، تنهن ڪري هِن چونڪ کي سئنيما چونڪ سڏيو ويندو هو پر جيئن تہ هاڻي نہ سئنيما رهي نہ ئي هن چونڪ جو نالو هاڻي هن کي دُعا چونڪ چيو وڃي ٿو. جڏهن کان دُعا وارا هٿ لڳايا ويا آهن. اُن پيٽرول پمپ جي پرسان ئي ڪارخانو آهي جيڪو بہ رئيس عبدالحميد جتوئي جو ٻڌايو وڃي ٿو اسان جنهن روڊ سان هلي رهيا آهيون، انهي روڊ کي بيٽو روڊ سڏيو وڃي ٿو. سيشن ڪورٽ بہ هن روڊ تي آهي، اڳيان ڪجهہ پنڌ شهر کي ڇڏي اڳتي هلجي ٿو تہ:

## ايڊوانس بُڪنگ اِن اولياءَ

حاجن شاهہ جو قبرستان رستي ۾ اچي ٿو. هن قبرستان ۾ هِڪڙو خوبصورت مقبرو ٺهيل آهي، سائين عبد کان پُڇيم ’سائين هي ڪنهن جي مزار آهي‘، پاڻ کِلندي چيائين ’سائين اجا تہ ڪنهن جي بہ ناهي، هي ايڊوانس بُڪنگ آهي، جنهن همراهہ اِهو مقبرو پاڻ لاءِ اڳواٽ ٺرايو آهي، اِهو اجا زندهہ ويٺو آهي،‘ اِهو ٻڌي منهنجي حيرانگي جي حد نہ رهي. ’ايئن بہ ٿيندو آهي؟!!!‘

اهڙو هِڪڙو واقعو مون اڳي بہ ٻڌو هو جڏهن اچڙي ٿر جي سفر تي، ارباب نيڪ محمد هِڪ قبر ڏانهن هٿ ڪڻندي ٻڌايو تہ:

”ها هي حضرت پير فقير مير محمد نقشبندي، عرف ’ميرل مست‘ جي مزار آهي. جنهن پنهنجي جيئري ئي قبر تيار ڪرائي هئي.“*

---

* فقير ميرل مست جي باري ۾ وڌيڪ پڙهڻ لاءِ منهنجي سنڌ جي سفر ياڱي ٻي ’سهڻي منهنجي سنڌ‘ جي سفر ”اُڏار اچڙي ٿر ڏانهن“ سفر ۾ صفحي نمبر 94 تي پڙهندا. يا اِي ايڊيشن پڙهڻ لاءِ سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام تي وڃي ”مور ساگر جا ڪتاب“ سرچ ڪري پڙهي سگهو ٿا.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### پرو چانڊيو کي هِن جاءِ تي ماريو ويو هو

اسين اڳتي هلندا هلون ٿا. هِڪڙي قديم بستي ڏانهن اِشارو ڪندي چيائين اِهو پنيور جو شهر آهي، انگريزن جي دؤر جو اُن کان اڳيان پُٽ سرائي، پُٽڙن جو ڳوٺ اچي ٿو. اڳتي هلي هِڪڙو ڳوٺ اچي ٿو، سائين عبد ٻڌائي ٿو ’هي ڳوٺ پرو چانڊيو ڌاڙيل جي دوست ڪِشو چانڊيو جو آهي. جنهن پرو ڌاڙيل کي جيل ٽوڙي ڀڄايو هو.‘ اُن وقت ڌاڙيلن جي جڻ حڪومت ئي پنهنجي هوندي هُئي، فوج مقابلي لاءِ ايندي هُئي، پر ڪڏهن ڪڏهن اُنهن کان بہ هٿيار ڦُري کين مارڪُٽ ڪري ڀڄايو ويندو هو. اجا اڳتي هلجي ٿو تہ سائين عبد هڪ چونڪ ڏانهن اشارو ڪندي ٻڌائي ٿو تہ ’پرو چانڊيو کي هِن جاءِ تي ماريو ويو هو، سو بہ سندس ڪنهن ساٿي جي غداري جي ڪري،‘ هميشہ ائين ٿيو آهي، جڏهن ڪو وڏو نالو قتل ٿيو آهي تہ اُن جي پويان سبب اِهو ئي ويجهن جي ويساگهاتي هوندو آهي.

”پريل عرف پرو چانڊيو جنهن کي فوجين1983ع ۾ مُخبري ڪرائي ماريو. ان جي لاءِ مشهور هو تہ غريبن جو هڏ ڏوکي هو. هو وڏيرن جو پاليل نہ هو. پر وڏيرن جو دشمن هو ۽ وڏيرن وٽان ڌاڙا هڻي غريبن ۾ ورهائيندو هُو. پرو چانڊيو ڪيترن ئي غريب ماڻهن جي نياڻين جي شادين لاءِ سمورو ڏاج جو سامان مدد طور ڏيندو هُو ۽ فوجي مارشلا ۾ هو فوجين خلاف بہ ڪارروايون ڪندو هُو.“

مون تہ رڳو پرو چانڊيو جي فلم ڏِٺي ۽ ڪتابن ۾ پڙهيو جي اُن وقت آءٌ بہ هِن کي سُڃاڻان ها/هجان ها تہ شايد آءٌ بہ سندس جنازي ۾ شريڪ ٿيان ها ۽ سندس مٿان اجرڪ وجهان ها. جڏهن اها ڳالهہ ٻُڌم/پڙهيم تہ پرو چانڊيي جي لاش تي يارهن سئو اجرڪون پيون هيون. ماڻهن جي محبت هڪ ڌاڙيل سان نہ، پر هِڪ ڪِردار سان هئي، هُن جو ظاهري روپ تہ ضرور ڌاڙيل جو هو پر هُن جو ڪِردار ڪئين اشرافن کان مٿانهون، هڪ مسيحا جهڙو هو ۽ هِن وقت بہ سنڌ کي اهڙي ڪوڙ سارن ڌاڙيلن جي ضرورت آهي. پر هِن وقت جيڪي موجوده ڌاڙيل آهن، اُهي سڀ جا سڀ ڪنهن نہ ڪنهن جا پاليل پالتو آهن. ۽ پالتو پاڻ کي پلي ڏهيسر سڏائي پر اصل ۾ گدڙ جي برابر هوندو آهي. ۽ گِدڙيا غدار ڳالهہ مڙئي هِڪڙي ئي آهي.

## اوهان جي ڳوٺ جي صفا ويجهو

سائين عبد ٻُڌائي ٿو تہ ’سائين عبيد الله لاکير جو ڳوٺ بہ اِهو پرسان ئي آهي.‘ تيستائين سائين عبيد جي فون بہ آئي.

چيائين: ’سائين مونکي دير سان خبر پئي، اوهان ميهڙ آيل هئا، هاڻي ڪِٿي پهتا آهيو؟‘

چيم: ’سائين بس واهہ جو ياد ڪيو اٿوَ اوهان جي ڳوٺ جي صفا ويجهو.‘

’اڇا اڇا پوءِ ڪيڏانهن جو پروگرام آهي؟‘

چيم: ’سائين عبد جي وس آهيون، فلحال شاهہ پنجو سُلطان.‘

’چيائين: ’ها ها ڀلي وڃو، اوهان پنهنجي شيڊول سان هوندا!‘

چيم: ’ها بلڪل سائين پنهنجي شيڊول سان آهيون.‘

’ٺيڪ آهي ٺيڪ آهي، ڀلي وڃو.‘

سائين عبيدالله لاکير سان تمام پُراڻي نيازمندي آهي، جڏهن پاڻ پروفيسر هئا ۽ هاڻي هِن وقت پرنسپال آهن، سائين جن جڏهن ميهڙ ڪاليج ۾ ليڪچرار هئا، تڏهن هڪڙو ڪاليج مئگزين بہ ڇپرايو هو ’سالاري مئگزين‘ اُن ڪانپوءِ پرنٽنگ جي حوالي سان يڪوئي مون سان لاڳاپيل رهيو آهي، هڪ بهترين انسان، بهترين دوست آهي. اڄ پهريون ڀيرو سندس ڳوٺ جي ڀر ڏئي گُذريس تہ اُن ئي وقت سائين جو بہ فون آيو.

## شمس الدين شمسي جي قبر آهي

رستي ۾ هڪڙي قبرستان پرسان گُذر ٿيو سائي رنگ جي چبوتري هيٺ نهيل قبر ڏانهن سائين عبد مگسي اشارو ڪندي چوي ٿو ’مور ساگر اِها سائين شمس الدين شمسي جي قبر آهي، جنهن جي شاعري جو ڪتاب ”گُلزارِ شمسي“ پاڻ ڇپيو هو‘ مون چيو ها سائين شمسي صاحب اِتي مدفون آهي ۽ اُن جي ڀر ۾ ٻي قبر ڏانهن اِشارو ڪندي ٻڌائي ٿو تہ ’پنهنجي دؤر جو وڏو شاعر ٿي گُذريو آهي، عبدالقادر چاڪي ميمڻ.

سائين عبد مگسي پنهنجي معلومات مان اسانکي مستفيد ڪندو هليو اصل ۾ رهنماءَ اهڙو ئي ڳڻ هُجي جيڪو رستي ۾ ايندڙ هر شئي جي باري ۾ ٻُڌائيندو هلي، اُن سفر جو مزو ئي الڳ هوندو آهي.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## شاهہ پنجو سلطان

ميهڙ شهر کان ست ڪلوميٽر مفاصلو طئہ ڪري اچي پهتاسين شاهہ پنجو سُلطان جي احاطي ۾. گاڏي سائيڊ ڪري پارڪ ڪئيسين. اسان جيئن ئي مزار اندر وياسين تہ عورتن جي وڏي رش نظر آئي، ڪي ڀرواڙي جون ميرا ڪپڙا، وِکريل وار، تہ ڪي ست ست سينگار ڪيل. ميڪ اپ سان مُنهن ٺاهيل شهري عورتون بہ نظر آيون، ڪي تہ هنڌ بسترا ڪريو سُتيون پيون آهن، سندن من جون مُرادون، رسمون رواج ڇا آهن، خُدا ٿو ڄاڻي، باقي جيئن هر هنڌ سڀ رنگ هوندا آهن، ايئن هِتي بہ "تنهنجي دُنيا سڀ رنگ سانوَل" لڳي پئي هُئي.

مزار جي اڳڻ تي چار جو وڏو پُراڻو وڻ بيٺل آهي، جنهن ۾ رنگ بہ رنگي تعويذ ٻڌل نظر آيا، ماڻهن جا عقيدا، اُميدون الله ئي ڄاڻي، پر اسان کي تہ اِهو سڀ ڪجهہ جهالت ٿي نظر اچي. علم ۽ شعور جي کوٽ، ڇو تہ جڏهن الله پاڪ بندي سان هر وقت، هر هنڌ گڏ گڏ آهي. بندي کي چوَي ٿو تہ 'آءٌ تنهنجي شهہ رڳ کان بہ تو کي ويجهو آهيان'، پوءِ هي مزارن تي راتيون جاڳڻ، سُمهڻ، باسون باسڻ، گُهرڻ، پنڻ هي سڀ جهالت ۽ لاعلمي جي نشاني ئي تہ آهي. اِها بہ خبر نٿي پئجي سگهجي تہ هِنن کي هِتان ڪجهہ مِلڻ جي لالچ آهي يا صرف عقيدت/اُنسيت.

انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا مونکي هيئن ٿو ٻڌائي: "شاهہ پنجو سلطان ڏهوٽ قبيلي مان هو. ميان نصير محمد ڪلهوڙي جي 'ميان وال تحريڪ' جو اهم رُڪن هو. هن گاجي شاهہ سان گڏ مغلن خلاف تحريڪ ۾ سرگرم رُڪن ۽ اڳواڻ جي حيثيت ۾ حصو ورتو.

ميان نصير محمد ڪلهوڙي جڏهن مغلن کان آزادي حاصل ڪري ڳاڙهيءَ کي پنهنجي عبوري انقلابي حڪومت جو مرڪز بنايو تہ شاهہ پنجي کي سلطان جو لقب ڏئي کيس خيرپور ناٿن شاهہ ۽ ميهڙ جي ميداني علائقن ۽ ڪاڇي ۾ پنهنجو نائب مقرر ڪيائين. سندس عاليشان مقبرو راڌڻ اسٽيشن کان اوير ۾ سندس نالي پويان سڏجندڙ ڳوٺ ۾، شاهہ پنجي ريلوي اسٽيشن کان 3، 4 ڪلوميٽرن جي پنڌ تي موجود آهي. مقبري جي مرمت ٿيندي رهي ٿي، ان ڪري اصل صورت ۾ مقبرو موجود نہ آهي، پر پوءِ بہ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مقبري ۾ ڪلهوڙا دؤر جي اڏاوتن جون ڪافي وصفون آهن. روضو ۽ ان جي پويان جاڙي تجر سُٺي حالت ۾ موجود آهن. روضو چورس آهي، جنهن ۾ وڏو لنگهه ڏنل آهي. مقبرو احاطي اندر آهي. اصل لنگهه مقبري جي ڏکڻ ۾ آهي. جنهن ۾ هاڻي ڪافي اڏاوتي اضافا ڪيا ويا آهن. اندر ٻيون ٻه قبرون آهن. پر چٽي سان قبر شاهه پنجي سلطان جي آهي. مقري کي ٻاهران ٽائيلن ذريعي خوبصورت بنايو ويو آهي. مهاڙي ۾ ڦاٽڪ جهڙي دروازي جي مٿان تاج ڏنل آهي. اندران گُنبذ جوڙون ڏيئي مٿي ڇت کي انڪندو ڪري، ڍڪ (Drum) سورنهن ڪنڊون ناهي، ان جي مٿان گنبذ رکيو ويو آهي. 1876ع هڪ انگريز ڪليڪٽر جي رپورٽ موجب هي روضو 1730ع ۾ ٺاهيو ويو هو جنهن جي ڏکڻ اُبرندي گُنبذ تي لنگر خانو جوڙيل هو، جيڪو هن وقت ڊهي چُڪو آهي. هي ڪلهوڙا دؤر جو اڏاوتي نمونو آهي. هر مهيني جي پهرئين آچر تي هتي ميلو لڳندو آهي.“

### آياسين عبد جي ڳوٺ سوڀو خان مگسي ۾

شاهه پنجو مان جوکيا هَٽ تان ماڻو ورتو رستي ۾ ڪائڻ لاءِ. ڳوٺ سوڀو خان مگسي وارو روڊ ورتوسين. سائين عبد جي ڳوٺ جو روڊ. سوڀو خان مگسي پهتاسين. بازار ۾ هڪ هنڌ بريڪ ڪيوسين. جِتي نوجوان شاعر زخمي زاهد سهارڻ وينو هو. جنهن کي ٻه سائين عبد ورتو چيائين ’هليا ته مهمانن کي سعدي موساٽي تان گُهمائي اچون‘. هاڻي اسان سان گڏ زخمي زاهد به هليو. ڳوٺ سوڀو خان مگسي به ڀراڙي جي شهرن جيان ننڍڙو شهر ئي آهي، پر علم ادب جي آبياري جي حوالي سان به هن ڳوٺ جو نالو نروار آهي. سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي شاخ ’سنڌي ادبي سنگت ڳوٺ سوڀو خان مگسي‘ جي نالي سان رجسٽرڊ آهي. سائين عبد اُن جو سرگرم ڪارڪن ۽ سيڪريٽري رهيو آهي. سائين عبدالستار ’عبد‘ تمام سُٺو شاعر آهي. سندس شاعري جو هڪڙو مجموعو به ’سحرا ۾ سِج‘ ڇپجي چُڪو آهي. اُن کان علاوه س.ا. س جو ضلعي رابطه سيڪريٽري رهڻ دوران سندس ڪارڪردگي تي هِڪڙي رپورٽ ’وِک وڌي ٿي‘ ۽ اُن کانپوءِ سندس يادگيرين تي سهڙيل ’پيرين آءٌ نه پڄڻي‘ ڪتاب ڇپجي چُڪا آهن.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سعدي موسا ٽي ۾ رات وچ ۾ آپريشن

گهڻو وقت اڳي اسان وٽ نورل نماڻو ايندو هو پيشي جي لحاظ کان پوليس وارو هو هونئن شاعر به هو جڏهن ڪيسٽن جو دؤر هوندو هو ڪيسٽن جا ڪور ڇپرائڻ ايندو هو اُهو مخدوم سعدي موساٽي جو ايئن ذڪر ڪندو هو ڄڻ هن جي سيني دردن جو درمان مخدوم سعدي موساٽي ئي آهي، اُهو ماڻهن جا مختلف آپريشن رات وچ ۾ ٿيڻ جو به ٻڌائيندو هو. سو جڏهن اتفاق سان اڄ اُن جي ويجهو پهتاسين ته سائين عبد کي عرض ڪيم جي پنڌ گهڻو پري ناهي ته پلا اسان کي وٺي هلو اسين به حقيقتن کان آشنا ٿيون.

ڪجهه فاصلو روڊ تان گاڏي ڊوڙندي نيٺ هِڪڙي شهر ۾ پُهتاسين سائين عبد ٻُڌايو ته هي آهي مخدوم سعدي موساٽي جو شهر. جڏهن ٻوڏ آئي هُئي ته هي سڄو شهر جو شهر دربدر ٿيو هو هِتي ڪا به شئي موجود نه هُئي، هي شهر ۾ هِتي جتي اسين گُهمي رهيا آهيون. اِن علائقي کي ڪچي جو علائقو سڏيو ويجي ٿو.

درگاهه کان ڪجهه فاصلي تي گاڏي پارڪ ڪئي. هيءَ درگاهه به ميهڙ شهر کان تقريبن 20 ڪلوميٽر جي فاصلي تي ٻُڌائي ويجي ٿي. اڳيان بازار تمام سوڙهي هُئي، سائين عبد کي چيم 'سائين ميلي جي ڏينهن يا ٻين ڏيهاڙن تي هتان ته ماڻهن جو گُذرڻ ڏاڍو مشڪل ٿيندو هوندو،' چيائين، 'سائين ڪهڙي ٿا ڳالهه ڪريو بس ماڻهن جي گس گسان هوندي آهي'. سوڙهي بازار نانگ ور تي اُڪري اچي مزار جي گيٽ تي پهتاسين هِتي واڪ ٿرو گيٽ به آهي ته چيڪ به ڪن ٿا. پوليس وارا به موجود آهن ته ڪمانڊو به موجود آهي، ڪمانڊو جو نالو حليم الزمان لاکير آهي، جيڪو سائين عبد جو شاگرد آهي، پيرن تي هٿ رکي سائين عبد سان مِليو اسان کي احترام عزت سان اندر درگاهه ۾ وٺي هليو اُتي موجود ٿلهو متارو قدآور شخص ڳچي ۾ ڳانا پايو مٿي تي سنڌي ٽوپي رکيو بيٺو هو جنهن کي ڪمانڊو حليم الزمان چيو 'هي منهنجا مهمان آهن،' هن همراه فورن مزار تي پيل قلن واريون چادرون هڪ هڪ ڪندو هر ڪنهن جي ڪُلهن تي اوڍائيندو آيو. آخر ۾ هٿ ٻَڌندي چيائين سائين اسان هِتي اِها ئي خدمت ڪري ٿا سگهون. ڪائنس سندس نالو پُڇيوسين نصرالله پٽي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻُڏاياڻين ۾ اوقاف کاتي جو ملازم آهي. مزار تي قُل پڙهياسين. هڪ پاسي کان عورتن جي لاءِ الڳ پارٽيشن/رستو آهي، مردن لاءِ الڳ. اوقاف کاتي جي ملازم نصرالله پٽي سان گڏ گروپ فوٽو ڪڍي ڪائنس موڪلايوسين، چادرون واپس ڏِنيوسين ته نه ورتائين، چيائين سائين واپس ناهيون وٺندا، اها سائين پاران سوکڙي آهي. اسان به ڪٽي ڪُلهن ۾ پاتيون. ٻاهر گيٽ تي بيٺل سائين عبد جي شاگرد حليم الزمان لاڪير، چانهه پيئڻ لاءِ گهڻو زور ڀريو پر چيوسين سائين اسان جي منزل اڃا اڳتي آهي، اسان کي دير ٿي ٿئي. ڪائنس گروپ فوٽو سان گڏ موڪلايوسين.

ٻاهر نِڪرندي سائين عبد مگسي کان پُڇيم سائين اِهو پيلا آپريشن وارو ماڻهن جو ڪانسيپٽ/خيال ڪيئن دُرست آهي؟ ها بلڪل سائين اسان پاڻ پنهنجي اکين سان اِهڙا معجزا ٿيندي ڏِٺا آهن. ڪجهه وقت کانپوءِ ميڊيا، سوشل ميڊيا تي هِڪڙي خبر گردش ڪيو ته: مخدوم سعدي موساٽي جي گادي نشين گُلاب پيرزادي جو آپريشن ڪامياب ٿيو پاڪستان جي ڪنهن مهانگي اسپتال ۾ اِهو آپريشن ٿيو. پوءِ ته اِن گادي نشين جي آپريشن تي سوشل ميڊيا ۾ وڏا بحث ٿيا ته گادي نشين جو مخدوم سائين آپريشن نه ڪيو. باقي غريبن، ابوجهن جا آپريشن ڪري ٿو. پهرين ته سائين کي پنهنجي گادي نشين جو آپريش ڪرڻ گُهرجي ها. اِن قسم جا بحث ٿيڻ لڳا.

## رزق ۾ رازق جڏهن برڪتون پريندو آهي

سائين عبد کي چيوسين ’سائين نماز جو وقت ٿي ويو آهي، ڪنهن مسجد جو ڏس ڏيو‘ چيائين ’ٻاهر ٿا هلون پيٽرول پمپ تي مسجد ٺهيل آهي، اُتي نماز به پڙهو ۽ ٿڌو يا چانهه وغيره به هلي اُتي ٿا پيئون.‘ شهر مان ٿيندا آياسين المصطفيٰ پيٽرول پمپ تي جيڪو هاڻي ٺهيو آهي. زخمي زاهد ٻُڌايو ته ’هي همراه غلام مصطفيٰ سيال تمام غريب ماڻهو هو، اوچتو رب راضي ٿيو اٿس، هاڻي هي پيٽرول پمپ، مسجد سامهون وڏي هوٽل، بنگلو ۽ شهر ۾ الائي ڪيترا پلاٽ اٿس، چيم گهرو وزير انور سيال ته ڏک نه وٺرايو اٿس، چيائين ’نه نه سيال ضرور آهي، پر اهو هِن کي سڃاڻندو به ناهي، بس جنهن جي رزق ۾ رازق جڏهن برڪتون پريندو آهي ته ايئن ٿي ٿيندو آهي.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## اڪيون لڳيون پيون هونديون هيون

اسان مغرب ۽ عشاءَ جي سفر نماز گڏ پڙهي، هاٽي ميهڙ جي گرمي محسوس پئي ٿئي، پمپ جي پاسي ۾ المصطفيٰ هوٽل آهي، جنهن تي وڏي اسڪرين واري ايل سي ڊي لڳل آهي، جنهن تي ڪي ٽي اين چئنل تي ڪو ميوزيڪل شو هلي رهيو آهي ۽ سامهون ويٺل عوام ايئن پيو ڏِسي جيئن ڪنهن وقت ۾ اسين بہ بليڪ اينڊ وائٽ ٽي وي جڏهن بيٽري تي هلي هُئي تہ ادا امين سپ ڪان پهرين ڳوٺ ۾ ٽي وي وٺي آيو هو. جيڪا هوٽل تي هلندي هُئي، سڀئي پروگرام، ڊراما وغيره باقائدي ترتيب وار ۽ مڪمل ڏِسندا هئاسين. رات جا 12 هڪ ٽي ويندا هئا، بليڪ اينڊ وائٽ ٽي وي ۾ اڪيون لڳيون پيون هونديون هيون. بلڪل ايئن هن دؤر ۾ بہ هِتي مونکي ماڻهو ايل سي ڊي ۾ اڪيون اٽڪائي ويٺل نظر آيا. اسان 7 up جا ٽِن پيتا، ڪجھ دير ڪچهري ڪئي.

## سائين هاٽي اسانکي اجازت ڏيو

۽ پوءِ چيوسين سائين هاٽي اسانکي اجازت گهرجي، سائين عبد گهٽو ٿي چيو تہ رات مون وٽ رهو. چيوسين سائين ايئن نہ ٿيندو جو رات راڌڻ ۾ رهنداسين، سائين آزاد قاضي کي شام جو ئي فون ڪري چڏي هُئسين. تنهن ڪري اوهان وٽ وري ڪڏهن قسمت ٿي تہ رات رهبي، سائين عبد چيو ٺيڪ آهي پلا آءٌ اوهان کي ٻاهر راڌڻ جي روڊ تائين وٺي ٿو هلان، چيوسين ها اِهو ٺيڪ آهي، رات جو وقت آهي، پُڇندا پُڇندا ويندا سين، بهتر آهي، سائين عبد سندس چوڪري کي فون ڪئي تہ موٽر سائيڪل ڪٽي چونڪ تي اچي، جيئن اسان کي روانو ڪري، پوءِ پاڻ موٽر سائيڪل تي واپسي ڪري. اسانکي وٺي اچي راڌڻ روڊ تي ڇڏيائين، ڪانئن پاڪر پائي موڪلايوسين ۽ مون پنهنجي ڪتاب، ”مور اِن ملائيشيا“ جي ڪاپي بہ کيس گفٽ ڪئي ۽ سائين عبدالجبار نظاماڻي بہ پاڻ سان آندل ڪتاب جي ڪاپي کيس تحفي طور ڏِني. هميشہ گڏ الله حافظ.

رهڻ ڏي مون وٽ هي مون لئہ اهم هِن،
خوشبوءِ، حُسن ۽ ڪِتابن جا تحفا.

### رات رهياسين راڌڻ ۾

آزاد قاضي سان رابطو ڪيو، چيائين ته جيئن ئي راڌڻ ۾ داخل ٿيندا ته پهريون پيٽرول پمپ ڇڏي، ٻي پيٽرول پمپ تي اچي ويهو ته مان اچان ٿو. تقريبن ڏهه ڪان پندرهن منٽ لڳا هوندا، راڌڻ پهتاسين، آزاد قاضي کي فون ڪئي ته اسين پي ايس او پيٽرول پمپ تي بيٺا آهيون، ٿوري دير ۾ آزاد قاضي آيو ملياسين، پاڻ اڳيان اڳيان اسين پٺيان پٺيان، مختلف گلين مان ٿيندا، آياسين وڏي دروازي مان اندر داخل ٿياسين، هِڪڙي وڏي اوطاق وشال اڱڻ واري ۽ اڳيان وڏا وڻ بيٺل، اسان گاڏي وٽن هيٺان پارڪ ڪئي.

اوطاق جي اڱڻ تي ٽي کٽون رکيون هيون، هنڌ به وڇايل هئا. گاڏي کي پاسي کان پارڪ ڪيوسين، اوطاق ۾ آياسين، هِتي اوطاق ۾ هِڪڙو چاچو جڻ آجيان لاءِ موجود هو، اُن اسانکي پاڻي وغيره پياريو، آزاد قاضي حال احوال ورتا، سفر ڪيئن رهيو وغيره وغيره، پوءِ چيائين ته 'اوهان لاءِ چانهه ٿو ٺهرائي اچان،' آزاد ويو گهر ڏانهن چانهه ٺهرائڻ لاءِ، اسان چاچي کان احوال ورتا، پاڻ ٻڌايائين ته منهنجو نالو قابل آهي ذات جو راڄپر آهيان، کٽون واٽيندو آهيان، ٻاهر اڱڻ ۾ پيل اڌ واڻيل کٽ ڏانهن اشارو ڪندي چيائين، اِها اڌ واڻي اٿم، سياڻي تائين مڪمل ڪري ڇڏيندس.

هِڪڙو ٻيو دوست آيو جنهن جي مُنهن مبارڪ تي هلڪي سونهاري هُئي، اچي ياڪر پائي مِليو مِلڻ کانپوءِ پنهنجو تعارف ڪرايائين، مولوي نور احمد کوکر ۽ پوءِ اسان به پنهنجو پنهنجو تعارف ڪرايو. مولوي صاحب سامهون پيل ڪُرسي تي ويٺو خوب ڪچهري ڪئيسين. مولوي نور احمد جو هِتي راڌڻ اسٽيشن روڊ تي پيسٽي سائيڊ جو وڏو دُڪان آهي، پاڻ حڪيم به آهي حڪمت جو ڪم به ڪندو آهي، ڪاڻس هن ٻاڙي جو نالو پڇيوسين ٻُڌايائين ته هي عيد گاهه محلو سڏبو آهي. ايتري ۾ قاضي آزاد به چانهه کڻي آيو، گڏجي سڀني چانهه پيتي.

هِتي خبر پئي ته اڪثريت جوڻيجن جي آهي ۽ هي آزاد قاضي وارا به جوڻيجا ئي آهن، قاضي ذات ناهي قاضي ته لقب آهي، هنن جو اصل ڳوٺ راڌڻ کان ڪجهه فاصلي تي آهي، جيڪو قاضين جو ڏڙو سڏجي ٿو.

مولوي خير محمد جڏهن هِن محلي جو نالو 'عيد گاهه محلو' ٻُڌايو ته

مونکي اوچتو ياد آيو ماٺ جان محمد جوٽيجو پرنٽنگ جو ڪم مون کان ڪرائيندو آهي، ڪنهن به دعوت نامي ۾ ايڊريس عيد گاهه محلو لکرائيندو آهي. قاضي آزاد کان پڇيم 'ماٺ جان محمد جوٽيجو به هِن ئي محلي ۾ رهندو آهي؟'، ها اُهي به هِن ئي محلي ۾ رهندا آهن. پر هاڻي سيئي پائر قاسم آباد حيدرآباد ۾ رهن ٿا، ڪڏهن ڪڏهن ايندا آهن. ماٺ جان محمد جوٽيجو جڏهن ايس ٽي پي ۾ هوندو هو تڏهن کان واسطو آهي، هاڻي هن وقت ته پ پ ۾ آهي.

مولوي يا حڪيم نور احمد کان پڇيم ته راڌڻ نالو ڪيئن پيو چيائين ته: 'ڪجهه ماڻهو چوَن ٿا سيتا ۽ راڌا پيٽون هُيون، راڌا هِتي رهي هئي، جنهن جي پويان راڌڻ سڏجڻ لڳو ۽ سيتا جيڪو هن وقت سيتا وليج، يا سيتا روڊ سڏجي ٿو اُتي رهي، اُن جي پويان اُهو نالو پيو ۽ ٻيو وري هِتي جا هندو چون ٿا ته اسان جا وڏا جيڪي راڌا سڏبا هُئا اُنهن جي اچڻ، رهڻ ڪانپوءِ هن شهر جو نالو راڌڻ پيو. وڌيڪ خبر ان تي تحقيق ڪندڙن کي ئي هوندي.

آزاد قاضي چيو سنگت هاڻي صلاح ڏيو، ماني کائبي يا اجا دير سان؟، سائين ڊاڪٽرعبدالجبار چيو جلدي ڪٽي اچ اسان کي سفر جي ٿڪاوٽ آهي، ڪجهه ننڊ ڪريون، سڀاڻي جو سفر اجا اڳتي آهي. آزاد قاضي ويو ٿوري دير بعد ماني کٽي آيو. گڏجي ماني کاڌيسين، ڪجهه دير ڪچهري ڪري سُمهي پياسين، پر هِتي جيڪي مچر هئا، اُنهن اسان جي اهڙي ته مهمان نوازي ڪئي جو ياد رهندي. مونکي ته ڊپ هو ته ڪِٿي سڀاڻي بُخار نه ٿي پئي جو سفر ئي خراب ٿيئي.

صبح فجر جي اذان تي سُجاڳ ٿياسين، نماز پڙهيسين، پوءِ تڙ ڪري تيار ٿياسين، آزاد قاضي کي ڊاڪٽر عبدالجبار فون ڪئي ته ناشتي ۾ صرف چانهه بسڪيٽ کٽي اچجان وڌيڪ ڪا تڪليف نه ڪجان جو وقت بچائڻو آهي، (ميزبان کي اِهو چئبو ناهي، پر سائين سان وڌيڪ حُجاتي آهي، تنهن ڪري حُج مان چيائينس) ۽ ٻيو ته اوهان به تيار ٿي اچو ڇو جو موهن جي دڙي تائين گڏجي هلڻو آهي.' چيائين 'ٺيڪ آهي.'

ڪجهه دير بعد قاضي آزاد چانهه جي ٿرماس سان گڏ پليٽ ۾ بسڪيٽ به کٽي آيو چانهه ۽ بسڪيٽن سان ناشتو ڪيوسين، آزاد قاضي


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيو هاٽي اوهان گاڏي ڪيو ته آءُ به پنهنجي گاڏي ٻاهر ڪيان، چيوسين اسان سان گڏ هلو چيائين نه آءُ اوهان سان موهن جي دڙي تائين هلندس وري واپس ايندس مونکي ڪجهه ضروري ڪم ڪار ڪرڻا آهن.

آزاد قاضي جي اوطاق کي الوداع ڪرڻ کان پهرين هِڪڙو گروپ فوٽو ڪڍيوسين، پوءِ چاچي قابل خان کي به سڏي، آزاد قاضي ۽ اسانجو گڏيل گروپ فوٽو ڪڍيو چاچي قابل کان موڪلايوسين، اڳيان آزاد قاضي سندس گاڏي ڪڍي پويان اسين هلڻ لڳاسين، سائين ڊاڪٽر عبدالجبار نظاماڻي آزاد قاضي سان گڏ ويٺو ۽ آءُ ۽ ادا منظور پنهنجي گاڏي ۾.

## راڌڻ اسٽيشن تان صبح جو سلام

اسٽيشن روڊ تان ٿيندا آياسين راڌڻ اسٽيشن تي، هي اسٽيشن ڪا خاص ناهي، جيئن ٻين شهرن ۾ اسٽيشنون هونديون آهن، ايئن ئي راڌڻ اسٽيشن جي به ساڳي حالت آهي، سيني کي سڏي چيم اچو پهرين هڪڙو گروپ فوٽو ڪڍون ۽ سنگت کي سلام چئون، پوءِ ٿا اسٽيشن کي وڌيڪ گُهمون، هِڪڙو گروپ فوٽو ڪڍيوسين، مون اُهو فيس بڪ تي اپ لوڊ ڪري مٿان لکيم ’راڌڻ اسٽيشن تان صبح جو سلام‘.

قاضي آزاد ٻُڌايو ته ’مور ساگر هاٽي جڏهن تون ريلوي جي هُن پاسي هلندي ته پوءِ تون ضلعي لاڙڪاڻي جي تعلقي ڏوڪري ۾ پهچي ويندين ۽ اسٽيشن جي هِن پاسي دادو ضلعي جي تعلقي ميهڙ جي شهر راڌڻ ۾ بيٺا آهيون. چيم ’واهه سائين معنيٰ ته پاڻ هِن وقت دادو ۽لاڙڪاڻي جي سرحد تي بيٺا آهيون! چائين ’ها بِلڪل‘.

اسان اسٽيشن کي مُڪمل گُهمي ڏِٺو ڪجهه گهڙيون مسافر بئنچ تي ويهي اُيرندڙ سج کي ڏِٺوسين ۽ پوءِ ميهڙ جي شهر راڌڻ کي الوداع ڪيو ۽ لاڙڪاڻي جي حدن ۾ هلڻ لڳاسين.

ميهڙ کان موڪلائي، هل مور هاٽي،
هَلي لاڙڪاڻي، موهن* سان مِلون.

❐

* موهن: موهن جو دڙو


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جيڪي سفر ۾ همسفر هئا

**پروفيسر ڊاڪٽر عبدالجبار ’قاسم‘ نظاماڻي:** ماتلي سان تعلق رکندڙ معزز شخصيت، پيشي جي لحاظ کي ليڪچرار گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج ماتلي، پاڻ سُٺا ليکڪ ۽ تاريخ سان دِلچسپي رکندڙ تاريخ لِکندڙ ماتلي جي تاريخ لِکي اٿس، اُن کان علاوه حافظ نظاماڻي جي شاعري جا مجموعا ”باغي آ عشق منهنجو“، ”تاريخ آهي شاهد“ پڻ هِن جا سهيڙيل آهن. نظاماڻي ذات تي ”تذڪراءِ نظاماڻي“ وڏو ڪِتاب لِکيو اٿس. جنهن ۾ پوري نظاماڻي قبيلي جا شجرا ڏِنا اٿس. اُن کان علاوه کوڙ بيا بہ ڪيترائي ڪتاب لِکيا، سهيڙيا ۽ مُرتب ڪيا اٿس. ”محمد صديق مسافر جي علمي، ادبي، تعليمي، صحافتي ۽ سماجي خدمتن جو تحقيقي مطالعو“ جي عنوان سان محمد صديق مسافر تي پي ايچ ڊي ڪري ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪئي اٿس.

**عبد مگسي:** عبدالستار ’عبد‘ مگسي ضلع دادو، تعلقي ميهڙ جي ڳوٺ سوڀو خان مگسي ۾ ڦهرين جنوري 1951ع ۾ جنم ورتو. تعليم ايم.اي. پوليٽيڪل سائنس، ايم. اي اسلامڪ ڪلچر، سي تي، بي ايڊ ۽ ايم ايڊ اٿس. پيشي جي لحاظ کان تعليم کاتي ۾ گورنمنٽ هاير سيڪينڊري شاهہ پنجو سلطان ۾ هيڊ ماستر رهيو. سنڌي ادبي سنگت سوڀو خان مگسي جو بُنياد وجهندڙ ڪيئي پيرا سيڪريٽري ۽ سنگت دادو ضلعي جي سيني شاخن جو اڪثريت سان چونڊيل پنج پيرا رابطا سيڪريٽري رهيو آهي. عبد مگسي جا ٽي ڪتاب شايع ٿي چُڪا آهن. ڪيترائي ايوارڊ ۽ مڃتا سرٽيفڪيٽ ماڻي چُڪو آهي، علم و ادب سان گڏ ڳوٺ سُڌار سنگت ۽ مختلف سماجي تنظيمن جو عهديدار رهيو آهي. هِن وقت پنهنجي چوٿين ڪِتاب ڇپجڻ جي انتظار ۾ آهي.

**زخمي زاهد سهارڻ:** ڳوٺ سهارڻپور ۾ جام خان سهارڻ جي گهر ۾ ڦهرين جون 1972ع ۾ جنم وٺندڙ زخمي زاهد سهارڻ بي اي پاس آهي ۽ ذاتي ڪاروبار ڪري ٿو. زخمي زاهد جي شاعري جو مجموعو ”مُرڪ جو منظر“ ساحل پبليڪيشن طرفان ڇپيو ويو آهي. ٻئي ڪتاب جي تياري ۾ آهي. س.ا.س سوڀو خان مگسي جو ڪائونسلر ۽ سيڪريٽري رهي چُڪو آهي. هِن ڪيترائي ايوارڊ ماڻيا آهن. سائين عبد مگسي هِن کي شاگرد/دوست جي طرح رهبري ڪري ٿو.

**منظور احمد جوڻيجو:** ماتلي شهر سان تعلق رکندڙ منهنجو ياءُ آهي، سُٺي دل رکندڙ آهي، سندس حيدرآباد ۾ ”الرزاق پرنٽرز“ آهي، پنهنجي ڪاروبار ۾ ڪامياب آهي. گُهمڻ جو شوق هوندو اٿس، ۽ هميشہ چوندو آهي، گُهمڻ جو پروگرام ناهيو گاڏي منهنجي حاضر آهي.

**مور ساگر:** ’ڪي جاڻا مين ڪوڻ بُليا‘

[07 اپريل 2019ع – ضلع ڄامشورو ۽ دادو]



عبد مگسي، ڊاڪٽر عبدالجبار نظاماڻي، منظور احمد جوڻيجو سان گڏ
ميهڙ جي مشهور مينديءَ ’سپنا ميندي سينٽر‘ ميهڙ شهر ۾




ڊاڪٽر عبدالجبار نظاماڻي، منير احمد سيال ۽ منظور احمد جوڻيجو سان گڏ
ڪي ٽي اين جي مشهور ڊرامي ’گناهه‘ جي سيٽ تي پيان سعيد آباد شهر ۾



# مَن منهنجو موهن آ

## روانگي

مَن منهنجو موهن آ، مهراڻ جهڙي تون آن،
چا سونهن سنڌ پياري چانڊاڻ جهڙي تون آن.

صبح جي پهرين ڪرڻن سان گڏ پهتاسين راڌڻ ريلوي اسٽيشن تي. ڪجهه گهڙيون اُتي گُذاري، ريلوي اسٽيشن جو نظارو ڪري پوءِ اسٽيشن کان بس ٿوري هيٺ لهي اڳتي هلياسين. منهن ڪيوسين موئن جي دڙي ڏانهن ته سائين آزاد قاضي ٻُڌايو ’مور ساگر هاڻي پاڻ ضلعي لاڙڪاڻي جي تعلقي ڏوڪري ۾ هلي رهيا آهيون،‘ ڪجهه پنڌ اڳتي هلياسين ته ڊاڪٽر آزاد قاضي چيو ’ادا منظور گاڏي کي ٿورو سائيڊ ڪريو‘. گاڏي بيٺي مونکي چيائين ’مور ساگر اِهو شيشو ٿورو هيٺ ڪريو،‘ آءُ پوئين سيٽ تي ويٺل هئس، آزاد آگر جي اشاري سان ٻُڌايو ته اهو پريان ڳوٺ ڏِسو پيا اِهو ناميارو اديب سوڀي گيانچنداڻي جو ڳوٺ ٻنڊي اٿوَ.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سوڀي سان مختصر ملاقات جي ياد

’هاڻي سوڀو تہ نہ رهيو آهي، سندس ننهن آهي ‘ڪلپنا ديوي’ جيڪا سُني قانوندان آهي.‘ آزاد قاضيءَ چيو. منهنجي من مونکي ماضي جي ميلي سان ملايو.”ڪراچي يونيورسٽي ۾ ويٺو آهيان. سنڌي ادبي سنگت سنڌ مرڪز طرفان بہ روزه سنڌي ادبي سنگت جي گولڊن جوبلي تقريب/ ڪانفرنس، ڪراچي يونيورسٽي جي هال ۾ ٿي رهي آهي، پهرين ڏينهن تي، خاص مهمان جي ڪُرسي تي محترم سوڀو گيانچنداڻي جن آهن. سڀني سوڀي سان يادگار فوٽو پي ڪيڊرايا تہ مونکي ۽ اصغر گُگو کي بہ شوق ٿيو تہ سائين سوڀي سان يادگار تصوير ڪيڊرايون. سُپاٽي هُجون نہ هجون. سو اسان بہ سوڀي سان اسٽيج تي يادگار فوٽو ڪيڊرايو ۽ محترم يوسف سنڌي اسان جو تعارف سوڀي سان ڪرايو. اسان ساڻس هٿ ملائيندي حال احوال ڪيا. طبيعت جو پُڇيو ۽ پوءِ گروپ فوٽو ڪيڊرايو“ هِن ڪانفرنس جي صدارتي پينل ۾ ٻيا جيڪي مهمانِ هئا اُنهن ۾ شمشيرالحيدري، تاجل بيوس، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، شوڪت حسين شورو، پيرزاده قاسم. مظهرالحق صديقي، افتخار عارف.

’مور ساگر سامهون اٿئي موئن جو دڙو‘ آزاد قاضي جي اوچتي ڳالهائڻ سان آءُ بہ موٽي آيس ماضي منجهان. ’جي سائين واهہ واهہ جلدي پهچي وياسين.‘

## هر حساب پاڻ رکو

انساني تاريخ جي پنج هزار سال پُراڻي ثقافتي ۽ تهذيبي آثار موهن جي دڙي جي مين گيٽ تي پهچي پهرين چار ٽڪيٽون ورتيوسين 20 في ماڻهو ۽ 30 روپيا في گاڏي، اسين چار ماڻهو ۽ بہ ڪارون تنهن ڪري ٽوٽل 140 روپيا ٿيا. اسان حساب ڪرڻ بِنا پُڇيو گهڻو ٿيو. همراه سوچي ٻُڌايو. 200 سئو ڏئي ڇڏيو، سندس چوڻ جو انداز ايئن هو جڻ اسان تي ٿورو پيو ڪري پئسا وڏيڪ ٿا ٿين. 200 ڏِناسين. پرچيون مِليون. حساب ڪيو تہ 60 روپيا وڏيڪ پيو وٺي. ڪيس چيوسين ’اسانجا ڪُل 140 روپيا ٿين ٿا ۽ تون 200 روپيا پيو وٺين. پوءِ همراه مُنهن ڦِتائيندي 60 روپيا واپس ڪيا. هر حساب پاڻ رکو تہ نيڪ نہ تہ سمجهو اوهان کي اُبتي ڇُري لڳندي. هي کهڙو دؤر آهي، ماڻهن مان خوفِ خدا ختم ٿي چُڪو آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## موهن جي دڙي جو ديدار

جيئن ئي اندر داخل ٿيون ٿا، تہ صفائي واريون ويڪريون واٽون/رستا پاسن کان ساوڻ وڻن جون قطارون ڪِٿي ڪِٿي گُلن وارا ٻوٽا.اِهي سڀئي ساز و سامان ماحول کي وڌيڪ خوبصورتي بخشي رهيا آهن. (5 جنوري 2008ع ۾ جڏهن نئون ديرو هائوس تي آصف زرداري سان محترمہ بينظير ڀٽو جي شهادت تي تعزيت ڪرڻ لاءِ آيا هئاسين. تڏهن واپسي ۾ هِنن واٽن تان پير پائي ويو هئس) پر گهڻو وقت گُذرڻ سان شيون بہ ترقي ڪري پنهنجا رُخ يا بيهڪون بدلائي ڇڏينديون آهن. تنهن ڪري سڀ ڪجهہ نئون پيو لڳي.

جيئن شاهہ عبداللطيف جي رسالي لاءِ اسان ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ کي جس ڏيندا آهيون. جنهن شاهہ لطيف جو رسالو پهرين ڀيرو جرمني مان پرنٽ ڪرائي پڌرو ڪيو. تيئن ئي، اسين جڏهن موهن جو دڙو گُهمڻ لاءِ اچون ٿا تہ سر جان مارشل جا ٿورا مڃڻا پوندا. جنهن 1922ع ۾ سرد موسم جي ڏينهن ۾ کوٽائي شروع ڪرائي. جيڪو اُن وقت انڊيا جي قديم آثارن واري کاتي جو ڊائريڪٽر جنرل هو. هِن مسلسل پنج سالن تائين کوٽائي جاري رکرائي، جنهن جو هِن سمورو احوال پنهنجي ٽن ضخيم جُلدن ۾ ڇپرايو. موهن جي دڙي جي کوٽائي جو سلسلو وري ٻيهر ارنيسٽ مئڪي جي نگهباني ۾ ٿيو. جيڪو بہ چار سال جاري رهيو ۽ 1931ع ۾ ختم ڪري هِن بہ پنهنجي تحقيقات تي جُدا ڪتاب شايع ڪرايو. ۽ پوءِ ڏکڻ ساهي کانپوءِ 1950ع ۾ ڊاڪٽر سر آر ايم وهيلر ٽيهر کوٽائي شروع ڪرائي. اُن کانپوءِ يونيورسٽي آف پينسلونيا جي پروفيسر جارج ايف ڊيلز جيڪو آمريڪي آرڪيالاجيڪل مشن جو اڳواڻ هو تنهن 1965ع ۾ ٽيهر ڇڏيل ڪم کي اڳتي وڌائيندي کوٽائي شروع ڪئي ۽ ايئن ايترين کوٽاين کانپوءِ وجود ماڻيندڙ هي موهن جو دڙو جيڪو هِن وقت منهنجي اکين جي اڳيان آهي ۽ موهن جي پَٽن تي پنهنجا پير ڌري ڏيري ڏيري هلي رهيو آهيان. موهن جي هرسو مهڪار من موهي رهي آهي ۽ مونکي منهنجي ئي گيت 'مومل' جون هي سِٽون ياد اچي رهيو آهن.

مَن منهنجو موهن آ، مهراڻ جهڙي تون آن،<br>
ڇا سونهن سنڌ ءِ پياريِ چانداڻ جهڙي تون آن.

## ڪنگ پريسٽ جي پاسي ۾

سڀ کان پهرين ڪنگ پريسٽ سان ملاقات ٿئي ٿي، جنهن کي مورتيءَ جي شڪل ۾ نصب ڪيو ويو آهي، جنهن جي ڪُلهي تہ ٽِن پتن واري ڦُلڙي نما اجرڪ پيل آهي. (جيڪا هن وقت اسانجو يار نور ميمڻ هالائي جي تخليق ڪيل ’بادشاهہ اجرڪ‘ جي نالي سان سنڌ، هند جو سير ڪري پَري پَري تائين پهتي آهي، اسانجون دعائون نور ميمڻ هالائي ”نمها“ سان گڏ آهن.) انهي ڪنگ پريسٽ جي پاسي ۾ بيهي فوٽو ڪيدرايوءِ سيلفي بہ ڪاهي.

## اسٽوپا ڏانهن اڳيان وڌياسين

اڳتي ءِ مٿاهين جي طرف وڌون ٿا، هِڪڙو رستو جيڪو آر سي سي نهيل آهي، مٿي جي طرف وڃي ٿو مٿي اسٽوپا تائين پهچڻ لاءِ سيڙهيون چڙهٽيون ٺوَن ٿيون، اُهي سيڙهيون جيڪي اصلي ناهن، پر پوءِ سياحن جي سهولت ڪاڻ ٺاهيون ويون آهن. مٿي اسٽوپا تائين وياسين، ٽِن طرفن کان هِڪ لوهي تار لڳل آهي. جنهن جي اندر وڃڻ جي اجازت ناهي، اُن تار ’حد‘ تائين پهچي فوٽوگرافي ڪري واپس ٻي پاسي کان لٿاسين. هِتي مختلف ننڍڙا ننڍڙا بورڊ لڳل آهن، جيڪي ٻُڌائين ٿا، هي رستو ڳجهو رستو آهي، هي رستو ٻاهر جي طرف وڃي ٿو هي سيورج نظام آهي، هي ڪاليج آهي، هي کوهہ آهن. هي اجتماعي حمام آهي، هي الڳ الڳ واش روم آهن، وغيره وغيره. سڀ بورڊ پڙهندا، گُهمندا، فوٽو ڪيندا، دڙي جي باري ۾ گفتگو ڪندا، ڪنهن وقت آزاد قاضي کان سوال بہ ڪري پيا ونون، جن جا جواب ڪنهن وقت آزاد قاضي تہ ڪنهن وقت عبدالجبار نظاماڻي ڏيندا رهيا. ايئن دڙي کي چئني طرفن کان گُهمي ڏِسي واپسي جي رستي تان هيٺ لٿاسين.

هِن دڙي جي صفائي جو بہ گهڻو خيال رکيو ويو آهي، خاص ڪري ثقافت جي وزير سردار شاهہ جي اچڻ کانپوءِ، آثارن کي وري ٻيهر جيئاري اُجاريو ويو آهي. اسان موهن جي دڙي جي ڊنل شهر جون سيئي گهٽيون، گُهميون، پاڙا ڏِٺا، گسن ۾ گهٽين تان گُذرندي اُنهيءَ وقت جي ماڻهن کي جس پيا ڏيون تہ ڪيترا نہ عقلمند هوندا، تڏهن تہ هھڙا شهر اڏي ويا آهن.

## سمبارا سان سيلفي

هاڻي اسان ميوزيم جي طرف وارو رستو ورتو اُن رستي تي ويندي وچ تي سمبارا جو مجسمو لڳل آهي، جنهن سان فوٽو ته ڪيڊرايو پر مونکي صفا نه وڻي، خبر ناهي هي ڪهڙي ذهن جي تخليق آهي، ته اُن دؤر جي ناچڻي ايتري بدصورت هُئي، جڏهن ته هر دؤر جون ناچڻيون، ماڊلز خوبصورت ڇوڪريون رهيون آهن، پوءِ موهن جي دڙي جي ناچڻي اهڙي ڇو رنگ جي به صفا ڪاري، هٿ، پير، ڄڀ سڀ ڪنهن آفريڪي شيدي جا لڳي رهيا آهن، ڇا اِهو رنگ بليڪ جي بجاءِ اسڪن ڪلر نٿي ٿي سگهيو، ڇا چهرو اهڙو اڻ وڻندڙ جي بجاءِ خوبصورت نٿي ٿي سگهيو، ڪولمبو ايئرپورٽ تي جيئن ئي اِن ٿيندا ته اوهانکي ٻُڌ جو وڏو مُجسمو نظر ايندو، ڇا ته مجسمي جي خوبصورتي، نفاست، دلڪشي آهي، ڇا ٻُڌ ايترو خوبصورت هو جو مجسمو ٺاهيو ويو آهي، پر هِتي ته اگر ان ڪي موهن جي دڙي جي ناچڻي جو نالو ڏِنو ويو آهي ۽ ڏيکاريو ويو آهي ته پوءِ اهڙو بدصورت ڇو؟ سچ پَچ ته اِن تخليقڪار سان مونکي سخت اختلاف آهن. يا ته هِن کي سونهن سمجهه ۾ ئي نٿي اچي/آئي يا ته ڄاڻي واڻي حُسن سان ويڌن ڪئي اٿس. (ڪڏهن مِليو ته ضرور پُڇندومانس). اُن سمبارا جي ٺاهيل بد صورت مجسمي سان نه چاهيندي به فوٽو ڪيڊرايم، يادگار طور.

## موهن ميوزيم ۾ موڪلاڻي

موهن جي دڙي جي ميوزيم ۾ آياسين، رسيپشن تي وينل همراه اسان کي ٽڪيٽ وٺڻ لاءِ چوَن ٿا، ڪائن پُڇون ٿا گهڻي جي ٽڪيٽ آهي، '20 روپيا، اجا ٽڪيٽ وٺڻ لاءِ سائين ڊاڪٽر عبدالجبار اڳتي وڌي ٿو ته آزاد قاضي کيس روڪيندي چوَي ٿو: 'منهنجي صلاح آهي، هاڻي مونکي ڏيو موڪل مونکي پوبان ڪم پيا آهن، اوهان گُهمي ڦِري پوءِ لاڙڪاڻي وڃو ته پوءِ اوٺا چونڪ کان سِڌو اڳتي هليا وڃو جي پلا خيرپور وڃڻ چاهيو ته پوءِ اوٺا چونڪ کان اوير طرف مُڙجو' اِهو ڏس ڏيڻ ڪانپوءِ پين سان پَني تي نقشو ناهي ڏِنائين، چيوسين 'سائين پهچي ويندا سين' ۽ پوءِ ڪائنس ياڪر پائي موڪلايوسين. اسان تي ٽڪيٽون ورتيون.

سيڑهين تي چڙهي مٿي آياسين تہ اُتي همراه اسانکي چيو ’سائين هيڏانهن سِڌي هٿ تي اچو تہ اوهان کي ترتيب ۾ ٻُڌائيندو هلان ۾ هڪ ٻيو ٽولو بہ اسان کان اڳ ئي اُتي موجود هو. اُنهن کي بہ اسان ڏانهن سڏيندي چيائين تہ اوهانکي ترتيب سان سمجهڻو ۾ ڏِسڻو آهي تہ منهنجي پويان اچو پاڻ شروعات کان ٻُڌايندو هليو. مختلف هنڌن تان لڌل شيون ۾ مختلف دؤرن ۾ مِليل شيون ٻُڌائيندو، ڏيکاريندو ۾ سمجهائيندو هلي.

## موهن دڙي مان مِليل شيون ڏٺيون

موهن جي دڙي مان مِليل مهرن ڏانهن اشارو ڪندي، ’هي اُهي مهرون آهن جيڪي موهن جي دڙي مان مِليون آهن. جن ۾ سوراخ بہ نظر اچي ٿو ممڪن آهي، موهن دڙي جا ماڻهو مهرن کي ڳچين ۾ پائيندا هُجن ۾ جڏهن ڪو ماڻهو ٻاهر ويندو هو تہ گهر جي تالي مٿان مهر هڻي ويندو هو. جيستائين واپس وري تيستائين سندس گهر حفاظت ۾ هوندو هو.‘

پٿرن جي ٽُڪرن ڏانهن اشارو ڪندي ٻُڌائي ٿو ’هي جيڪي پٿر ڏِسو پيا اهي عقيق يا سنگِ سليماني، پيروز ۾ نيلم آهن. پوءِ هڪ هار ڏانهن اشارو ڪندي ٻُڌايائين، ’هي اُهو هار آهي، جنهن جي ڪوٽائي ڪندڙ انگريز وڏي ساراهہ ڪن ٿا، تہ هي هار هُنر/ڪاريگري جو اعليٰ مثال آهي. ايئن ترتيب ۾ سيئي شيون ڏيکاريندي ۾ اُنهن بابت مختصر ٻُڌائيندو هلي ٿو.

هٿيارن ڏانهن اشارو ڪندي، ’هي مختلف هٿيار ڏِسو پيا اِهي ٽامي جا ٺهيل آهن،‘ هٿيارن ۾ بہ صرف، تير ڪمان، ڀالا ۾ ڪٽاريون آهن، جِن مان اِهو اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ اُن وقت جا انسان جنگيون نہ ڪندا هئا، نہ تہ تلوارون، تير، زرهہ، ڍال يا ڪي ٻيا هٿيار ضرور مِلن ها.

آخر ۾ اسان ڪانئس سندس نالو پُڇون ٿا، پاڻ پنهنجو نالو غلام رسول ڪوري ٻُڌايو، جيڪو هِتي ملازم آهي ۾ سياحن کي ايئن سمجهائيندو، ڏيکاريندو، ٻُڌائيندو آهي، شايد اِها ئي هِن جي ڊيوٽي آهي. هِن سان بہ گڏ گروپ فوٽو ڪڍيوسين. ۾ اسان سان گڏ آيل ڏوڪري جا ڏوڪرا، انجنيئر ظهير ميمڻ، ڪاشف سولنگي، ڊاڪٽر راڻا، گلشير مل اوڏ، وقار علي چنڙ سيني جو تعلق ڏوڪري سان آهن، انهن سان بہ گڏجي هِڪڙو گروپ فوٽو ڪڍرايو.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### عاشق نظاماڻي سان چاهہ جون چار گهڙيون

ڪجهہ فاصلو طئي ڪري آياسين اوٺا چونڪ تي، اُتان ڪان پُڇيوسين لاڙڪاڻو ٿا وڃون. همراه ٻڌايو سِڌو روڊ وٺي هليا وڃو. سائين عبدالجبار نظاماڻي، عاشق نظاماڻي سان رابطو ڪيو ۽ ٻڌايو تہ اسان ڪي اوهان سان مِلڻو هو. چيائين ’هليا اچو شهر پهچو تہ فون ڪري ونجو‘ شهر ۾ داخل ٿي عبدالجبار ساڻس وري رابطو ڪيو. ٻڌايائين تہ ’اوهان ايس پي چونڪ تي پهچو آءٌ اچان پيو‘ اسان ايس پي چونڪ تي پهچي، سمبارا هوٽل جي پِر ۾ بيهون ٿا، ڪجهہ دير بعد وائٽ ڪلتس ۾ وائٽ ڪاٽن پهريل اُهو عاشق نظاماڻي اچي سامهون بيٺو جيڪو منهنجي پسند جو گلوڪار آهي، سندس سيئي واليوم تقريبن منهنجي ڪيسٽ لائبرري ۾ موجود آهن.

خير محمد نظاماڻي جي اڱڻ تي 5 مارچ 1965ع ۾ جنم وٺندڙ عاشق علي، جنهن جي پرورش ماءُ ڪئي، اجا ٽن سالن جو هو تہ والد وفات ڪري ويو. هن پنهنجي تعليم ايم.اي (سنڌي) ۽ بي ايڊ ڪري تعليم کاتي ۾ استاد ٿي شيخ زيد هاءِ اسڪول ڪان شروعات ڪئي، 1980ع ڌاري پنهنجي ڳوٺ نئون آباد، تعلقي ڏوڪري کي الوداع ڪري اچي هِتي شهر لاڙڪاڻي ۾ رهيو. عاشق نظاماڻي راڳ جي سِکيا پنهنجي استاد انور علي سانگيءَ کان ورتي ۽ ريڊيو تي پهرين پيرو براڊ ڪاسٽر نصير مرزا هِن جو غزل رڪارڊ ڪيو. ۽ 1989ع ۾ پي ٽي وي تي پروڊيوسر بيدل مسرور ڪچهري پروگرام ۾ ڪاظم ٽالپر جو ڪلام ’اوپلا مسافر تون هيل نہ اچجان‘ ڳارايو...اِهو غزل منهنجي بہ پسند جو آهي.

چيائين تہ ’هلو بينڪ آهي، اُتي هلي ٿا حال احوال ڪريون. اڳيان پاڻ پويان اسين. ٿورڙو مفاصلو ڪري اچي هِڪڙي دُڪان اڳيان گاڏيون پارڪ ڪيوسين. دڪان جي مٿان ڪلب آهي، تالو کولي، اسانکي مٿي ويهاري، پاڻ ويو گهر ڏي. گهڻو ئي چيوسين تہ عاشق سائين بنا ڪنهن حجاب/ تڪلف جي ٻہ ٽي گهڙيون گڏ ويهو ڪچهري ڪريون. پوءِ موڪلايون. چيائين ’بس دير ڪانہ ٿي لڳي‘ گهر ويو ۽ اڌ ڪلاڪ کان پوءِ موٽي آيو. ناشتو کڻي، ناشتو ڏاڍو مزيدار هو ناشتي ڪان پوءِ وري چانهہ گهرايائين. چانهہ پي گڏجي هيٺ لٿاسين ۽ رُخ رکيوسين لائبريري ڏانهن.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ’منهنجا پاڳ پلا، بس آئون پهچان ٿو‘

پياري دوست ۽ صحافي ياسين مشوري کي ڪجهه دير پهرين فون ڪيو هيم، ۽ چيم ’پيارا وقت هُجي تہ بہ ٿي پل اسان ڏانهن اچو اسين اوهان جي شهر ۾ آهيون، سر شاهنواز ڀٽو ميموريل لائبريري ڏانهن اچون پيا.‘ چيائين ’منهنجا پاڳ پلا، بس آئون پهچان ٿو‘ سندس قرب جو اڌ ڪلاڪ اندر اسانجي پهچڻ کان بہ پهرين لائبرري جي گيٽ تي اسانجي انتظار ۾ بيٺو هو ساڙس ملياسين، پوءِ گڏجي اندر مين گيٽ کان مٿي گاڏين کي هڪ سائيڊ کان پارڪ ڪيوسين.

## سر شاهنواز ڀٽو ميموريل لائبريري ڏِٺيسين

مون پنهنجا پير اُنهن پٽن تي رکيا، جنهن پٽن تان علم جي لاٽ روشن ٿئي ٿي ۽ هر سال پنج کان ڇهہ شاگرد سي ايس ايس جو امتحان پاس ڪري آفيسري ماٽيندڙ ’سر شاهنواز ڀٽو ميموريل لائبريري جا ئي شاگرد آهن. هي لائبريري اُن شخص جي پويان قائم ڪئي وئي جيڪو ڪتابن جو ايئن چئون تہ عاشق هو ها سر شاهنواز ڀٽو جنهن کي ڪتاب پڙهڻ سان وڏو چاهہ هو هِن پنهنجي ڳوٺ ڳڙهي خدابخش ۾ ذاتي لائبرري قائم ڪئي، جنهن ۾ ڪتابن جو تعداد وڏي پنج هزار کان بہ اڳتي اُڪري ويو. هن لائبريري ۾ ٻاهرين ملڪن جا قيمتي ڪتاب بہ موجود آهن. جيڪي سر شاهنواز پاڻ وٽي ايندو هو جڏهن بہ ڪنهن ملڪ جي دوري تي ويندو هو. اُن کانپوءِ سندس ٻن پُٽن سڪندر علي ڀٽو ۽ ذوالفقار علي ڀٽو بہ هِن لائبريري ۾ ڪتابن جي واڌاري وارو سلسلو جاري رکيو.

1984ع ۾ جڏهن لاڙڪاڻي جو ڊپٽي ڪمشنر محمد هاشم ميمڻ هو جيڪو هڪ علم دوست آفيسر چيو وڃي ٿو، تنهن هن لائبريري کي ’سر شاهنواز ڀٽو ميموريل لائبريري‘ جي نالي سان لاڙڪاڻي ۾ بُنياد رکيو ۽ اُها سموري لائبريري هِتي شفٽ ٿي. هن لائبريري کي ڏهن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو آهي. (1) ريفرنس هال، (2) آڊيٽوريم هال، (3) ٻارن جو شعبو، (4) سي ايس ايس جو سيڪشن، (5) عورتن جو شعبو، (6) اخبارن ۽ رسالن جو شعبو، (7) انٽري ٽيسٽ سيڪشن، (8) مڪ لائبرري جي ڪتابن جو سيڪشن، (9)، بلائينڊ سيڪشن، (10) لنڪن ڪارنر.

## ’موراِن ملائيشيا‘ تحفي طور ڏِنو

پهرين 1986ع ۾ پوءِ 94_1993ع ٻن مرحلن ۾ هِن لائبريري کي مڪمل ڪيو ويو. هِن لائبريري ۾ روزانو 37 کن تہ اخبارون ٿيون اچن، جن ۾ سنڌي، اردو ۽ انگريزي شامل آهن. چاليهن جي لڳ ڀڳ رسالا/مخزن اچن ٿا. هِن وقت هي سموري لائبريري سينٽرلي ايئرڪنڊيشن آهي.

آياسين مٿي لائبريري ۾ پهرين هِڪڙي هال ۾ آياسين جِتي حج عمره وارن لاءِ پروگرام هلي رهيو هو ٽرينر حاضرين کي حج عمره جا احڪام وغيره ٻُڌائي/سمجهائي رهيو هو ڪجهہ دير ٻُڌڻ ڪانپوءِ هيٺ لٿاسين. عاشق نظاماڻي فون ڪئي، شمس الدين شيخ کي جيڪو ’سر شاهنواز ڀٽو ميموريل لائبريري‘ جو ڊائريڪٽر آهي. شايد اُهو بہ انهيءَ ليڪچر پروگرام ۾ ويٺل هو اُٿي آيو سندس ايئرڪنڊيشن آفيس ۾ ويٺاسين. پٽيوالي کي سڏ ڪيائين، فروٽ وٺڻ لاءِ موڪليائين. ڪوڙ فروٽ وٺي ڳتي پليٽن ۾ وجهي ڪٽي آيو. کاڌوسين، پوءِ مون پنهنجو ڪتاب ’موراِن ملائيشيا‘ تحفي طور ڏِنو ’سر شاهنواز ڀٽو ميموريل لائبريري‘ کي. سائين ڊاڪٽر عبدالجبار ’قاسم‘ نظاماڻي بہ پنهنجا ٻہ ڪِتاب تحفي ۾ ڏنا. اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ اسانکي ٿئنڪس ۽ رسيونگ جا ليٽر بہ مِلي ويا. هاڻي نِڪتاسين لائبريري جي وزٽ لاءِ هيٺ لٿاسين.

مختلف رومز/سيڪشن وزٽ ڪندا ڏِسندا ۽ حيران ٿيندا رهياسين. سيئي رومز/سيڪشن چوڪرن سان ڀريل وڏي رش، ڄڻ ڪو ڪاليج يا يونيورسٽي هلي رهي هُجي. اسان واري پاسي لاڙ سڄي ۾ اهڙي نہ ڪا لائبرري آهي، نہ ئي اِن طرح شاگردن ۾ پڙهڻ جو رُجحان. هِتي ٻارن جي لاءِ الڳ رومز آهن جن ۾ ٻار اسٽڊي ڪري رهيا آهن ۽ گرلس شاگردياڻين لاءِ بلڪل الڳ پورشن آهي، جتي شاگردياڻيون علم پرائڻ ۾ مگن هيون. هِتي هن گرلس سيڪشن جي سامهون هڪڙي موبائيل بس لائبريري سروس نظر آئي، جنهن جو بہ فوٽو ورتم. پر حيران ٿيس تہ موبائيل لائبريري بہ آهي، جيڪا شايد ڳوٺن يا مختلف علائقن ۾ شاگردن کي علم سان روشناس ڪرائيندي هوندي.

ڊائريڪٽر واتان اِهو ٻُڌي حيراني ٿي تہ روزانو لڳ ڀڳ هڪ هزار شاگرد پڙهڻ اچن ٿا. اسان پاڻ پنهنجي اکين سان اهڙي رش بہ ڏِٺي.

سمورا شعبا وزٽ ڪري آياسين گرلس سيڪشن جي ليڊيز انچارج جي آفيس ۾، انچارج اسانکي سلام ڪري ٻاهر نڪري وئي، اسان ويٺاسين، ڊائريڪٽر صاحب پٽيوالي کي گھنٽي هڻي گهرايو ۽ چانهه بسڪيٽن لاءِ چيائين، چانهه آئي پيتيسين، اُٿياسين، گُهمندا ڦِرندا ٻاهر آياسين، پارڪ ۾ سامهون ڪونو وڻ مان الله جو نالو نهيل ڏِسي حيرانگي سان گڏ سرهائي به ٿي، مون اُن جو فوٽو به ڪڍيو ٻاهر گيٽ وٽ سڀئي گڏ بيٺاسين يادگار گروپ فوٽو ڪڍيوسين، پوءِ سڀني گلي مِلي موڪلايو ياسين مشوري گهڻو ئي اسرار پيو ڪري ته مانجهاندو مون وٽ ڪري پوءِ وڃو پر اسان ڪيس چيو يار اسانجي منزل اجا به اڳتي وقت گهٽ پنڌ پري تنهن ڪري مانجهاندو جِتي نصيب اُتي ڪنداسين. عاشق چيو آءٌ اوهانکي نئون ديرو روڊ تائين ڇڏي ٿو اچان. عاشق نظاماڻي جي رهنمائي ۾ نئون ديرو روڊ تي پهتاسين، سندس اِهي محبتون ياد رهنديون، ڪائنس ياڪر پائي موڪلايوسين.

## نئون ديرو کي به نظرن ڏِٺو

نئون ديرو شهر ڪان پهرين ٻاءِ پاس تي لڳل بورڊ. شهيدن جي مزار جي گس جو ڏس ڏي ٿو پر گاڏي اسپيڊ ۾ هئي، تنهن ڪري اڳتي شهر ڏانهن نِڪري وياسين، شهر ۾ اندر روڊ سوڙهو هو گاڏين جي رش جي ڪري ٿورو وڏيڪ وقت لڳي ويو پر ان بهاني نئون ديرو شهر جو ديدار ڪري ورتوسين.

ضلعي لاڙڪاڻي، تعلقي رتي ديري جو هي ننڍو شهر آهي، پر رش جي حساب سان اِهو حساب لڳائي سگهان ٿو ته، هي شهر ڀرارڙين جو مرڪزي شهر آهي، بلڪل ايئن جيئن منهنجو شهر پيرولاشاري. پر پيرولاشاري بلڪل ننڍو شهر آهي، جڏهن ته نئون ديرو ٽائون ڪميٽي جي حيثيت وارو شهر آهي. هن شهر کي 'نئون ديرو شگر مل' به آهي، هن ئي يونين ڪائونسل ۾ شهيدن جو اباڻو ڳوٺ 'ڳڙهي خدابخش' آهي. جنهن ۾ شهيدن جو قبرستان به آهي، ملڪ جي ٻن وزيراعظمن جون مزارون، اُن خاندان جا ٻيا به اهم فرد ۽ سوين ڪارڪن ڪارساز واقعي وارا به هِتي ئي دفن ٿيل آهي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جو اباڻو گهر به هِن ئي شهر نئون ديرو ۾ موجود آهي. شهر مان شهيدن جي مزار ڏانهن ويندڙ رستي جو پُڇي روانا ٿياسين.

## شهيدن جو ڳوٺ ڳڙهي خدا بخش

ڳڙهي خدابخش ڪي پلي ڪير ضلعي لاڙڪاڻي، تعلقي رتي ديري جي يونين ڪائونسل 7 سڏي يا ڳڙهي خدا بخش کي هِن يونين ڪائونسل 7 جو صدر مقام سڏي، پر آءُ ته هن کي شهيدن جو ڳوٺ ڳڙهي خدابخش ڪري سڏيندس. هِن ڳوٺ جا باشندا هِن ڳوٺ جا واسي سيني وڃي پرديس وسايو. جِتان ڪو به واپس ناهي وريو پيءُ (ذوالفقار علي ڀٽو) به شهيد، ڌيءُ (بينظير ڀٽو) به شهيد، به جوان پُٽ (شاهنواز ۽ مير مرتضيٰ ڀٽو) به شهيد ۽ اُنهن ايڏين وڏين شهادتن جو اڄ ڏينهن تائين پلاند نه ٿيو آهي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو پلاند چئي سگهجي ٿو ته قدرت واري اهڙو ڪيو جو ضياءَ ۽ سندس سيئي حواري زمين آسمان جي وچ تي خاڪ ٿي ويا، سندن جسم کي نه ڪفن ۽ نه ئي زمين نصيب ٿي، اِهو الزام شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو تي لڳو هو، خبر ناهي صحي هو يا نه. پر جي صحي هو ته ڏاڍو پلو ٿيو. ذوالفقار سيال جي هن شعر وانگر:

هِڪڙو جهاز هوا ۾ ڦاٽو.
هلڪو ٿي ويو بار دُنيا جو.

## شهيدن جو آستان

جڏهن پهريون ڀيرو شهيد بينظير ڀٽو تي قُل پڙهڻ آيو هئس تڏهن پنهنجي پوري فيملي گڏ هُئي، اڄ هي ٻيو ڀيرو آيو آهيان، اُن وقت مزار جو مٿي ڪم هلندڙ هو گرائونڊ ڪچو هو چؤطرف ديوار اجا نه هئي، پر هاڻي ته وڏي ديوار ڏِنل آهي، اسان سڄي ديوار کي چؤطرف ڦِري آياسين. گيٽن جا نمبر پڙهندا آياسين، 14 گيٽ نظر آيا. گيٽ 12 وٽ همراهه گڏيو تنهن کان پڇيوسين اندر جو رستو تنهن ٻُڌايو ته اوهان صرف گيٽ 2 کان اندر وڃي سگهو ٿا ۽ گيٽ نمبر به هُن پاسي آهي، وري گاڏي پوئتي موڙيسين. آياسين گيٽ نمبر به وٽ. پهرين چيڪ پوسٽ هُئي، اُن تي تعارف ڪرايو. چيڪ پوسٽ کان پوءِ سِڌو بازار ۾ لهجي ٿو بلڪل ايئن بازار لڳل آهي، جيئن سمن سرڪار جي مزار تي، جيئن قلندر شهباز جي مزار تي، جيئن شاهه لطيف جي مزار تي، جيئن سچل سرمت جي مزار تي، ڏوهه بازار لڳائڻ وارن


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ناهي، ماڻهو بہ اهڙي طرح ٿا اچن، ٻهراڙي جا ماڻهو گاڏيون ڀريو اچن، دُعائون گهرڻ لاءِ، آيا تہ اسين بہ آهيون، پر اچڻ ۾ فرق آهي، بس هر ڪنهن جي مرضي، ڳالهہ سڄي نيتن جي آهي، هِتي بہ، تہ هُتي بہ حِساب ڪتاب نيتن جو ٿيندو. مزار تي اچي قُل پڙهڻ ۽ عبرت وٺڻ، پيو مزار تي اچي ڪجهہ گُهرڻ وڏو فرق آهي.

## ڄڻ تاج محل جو ڏيک ڏي ٿي

گيٽ اندر واڪ ٿرو گيٽ لڳل آهي، گيٽ تي سيڪيورٽي اهلڪار ويٺل آهن، پوءِ وري مزار جي سامهون بہ ساڳيون ئي سيڪيورٽي اهلڪار ويٺل آهن ۽ واڪ ٿرو گيٽ لڳل آهن. گرائونڊ وڏي ايراضي تي پکڙيل آهي، اولهہ طرف کان اسٽيج ٺهيل آهي، جتي ورسي جي موقعي تي خطاب ٿيندو آهي، مزار پري کان ڄڻ تاج محل جو ڏيک ڏي ٿي، بس ڊزائن جو ٿورو فرق آهي، جيئن ئي مزار جي اندر داخل ٿياسين، تلاوتِ قرآن مجيد ڪنن سان ٽڪرائجي ٿي ۽ ماحول پُرسڪون لڳو پيو هو. ٿوڙي جو ماڻهو بہ هئا، ٻهراڙي جي عورتن جي هٿن ۾ گلاب جا گُل ۽ هار هئا، جيڪي محترمہ جي مزار تي رکي هَٿ ڦِيري رهيون هيون، بلڪل ايئن جيئن درويشن جي مزارن جي پيجرن کي هٿ ڦيري اکين تي رکنديون آهن.

سڀ کان پهرين شهيد ذوالفقار ۽ شهيد بينظير جي قبرن جي پيراندي کان اچي بيٺاسين ۽ قبرن جي سيراندي وٽان سامهون خانہ ڪعبہ جي غِلاف جو آيتن لِکيل وڏي شيشي جو فريم ڏِنو جيڪو هيٺ کان مٿي ڇت تائين رکيل آهي. جيڪو آصف زرداري کي تحفي طور مِليو هو. سعودي جي بادشاهہ ڏِنو هو. جنهن کي هِن ڏاڍي سهڻي نموني شيشي جي فريم ۾ سجائي قبرن جي سري وٽان رکرائي ڇڏيو آهي، اُتي قبرن جي صفائي وغيره ڪندڙ ملازم ٻُڌايو تہ هي تحفو 2015ع ۾ مِليو هو ۽ 2015ع کان وٺي هي تلاوت روزانو صبح 6 وڳي کان رات جو 9 وڳي تائين بنا ڪنهن ساهي ۽ وقفي جي هلندي رهندي آهي ۽ هِڪ ڏينهن بہ تلاوت هلائڻ ۾ ڪوتاهي نہ ٿي آهي. اِها ڳالهہ ضرور نئين ۽ مُنفرد آهي ۽ سُٺو عمل بہ آهي.

مزار اندر ئي هُئس تہ دوست احسان راهوجو جو فون اچي ويو ڇيائين


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪِٿي آهيو؟ چيم شهيد بينظير جي مزار تي. چيائين پوءِ اچو نئون ديرو شهر اُتي ياءُ ڪي چيو اٿم ماني وغيره کائي پوءِ نڪرجو سندس ٿورا مڃيندي چيم يار اسان ڪي سکر پهچڻو آهي، اُتي دوست ڪي منجهند پهچڻ جو چيو هيوسين. پر منجهند هِتي ٿي وئي آهي، اُنهي جي فون پئي اچي هر هر. تنهن ڪري هاڻي سِڌو سفر سکر ڏانهن آهي. چيائين ڀلا ٺيڪ. پر آئيس ڪريم کايو وڃو اُن ۾ دير نہ لڳندي. چيم پيارا شهر ڏانهن وڃو ئي ڪونہ ٿا. شهر مان ٿي آيا آهيون. هاڻي باءِ پاس وٺي هليا ٿا وڃون سکر. چيائين جيڪا اوهان جي مرضي. سندس ٿورا مڃيندي فون بند ڪيم.

## شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي قبر تي ڦُل پڙهياسين

هن قبر اندر اُها شخصيت دفن ٿيل آهن. جنهن پاڪستان کي ايٽمي طاقت بخشي ۽ 1973ع جو آئين ڏِنو. پاڪستان جي عوام کي عزت ۽ آجپي لاءِ جمهوريت جي راهہ ڏيکاري ۽ ڪين ڳالهائڻ لاءِ اُتساهہ ۽ زبان ڏني. جيڪو پاڪستان جي سياست تي اَڻ مِٽ نشان ڇڏي ويو.

سر شاهنواز ۽ خورشيد بيگم جي گهر اڳڻ 5 جنوري 1928ع تي پيدا ٿيندڙ شروعات ۾ تہ لاڙڪاڻي ۾ ئي پڙهيو پر پوءِ ڪجهہ عرصو ڪراچي ۾ پڙهي، پوءِ بمبئيءَ هليو ويو جتي هِن ڪيٿيڊرل اسڪول ۾ داخلا ورتي، اُتي پڙهڻ دوران هي اُتي جي ذهين شاگردن ۾ شمار ٿي ويو ۽ انهيءَ ئي اسڪول جي هِڪ شاگرد پيلو موديءَ سان سندس دوستي ٿي وئي، جنهن "Zulfi My Friend" نالي هڪ ڪتاب بہ لِکيو.

ذوالفقار علي ڀٽو پنهنجي پڙهائيءَ سان گڏ سياست جو مطالعو ۽ مشاهدو پُڻ ڪندو رهيو. 1946ع ۾ وڌيڪ پڙهڻ لاءِ آمريڪا ويو. جتي برڪلي يونيورسٽي ڪيليفورنيا مان سياسيات ۽ بين الاقوامي قانون جي تعليم حاصل ڪئي. سياسيات ۾ بي اي (آنرز) ڪئي، پوءِ آڪسفورڊ يونيورسٽي انگلينڊ جي ڪرسٽ چرچ ڪاليج مان قانون جي ڊگري حاصل ڪيائين. هِن ٽِن سالن جو ڪورس ٻِن سالن ۾ مڪمل ڪيو. توڙي جو هِن جن مضمونن جي چونڊ ڪئي انهيءَ لاءِ هن کي رومن ۽ لاطيني زبانون پڙهي اُن ۾ پاس ٿيڻ لازمي هو. ذلفي آڪسفورڊ يونيورسٽي مان ايم. اي سياسيات

۾ حاصل ڪئي، پوءِ بار ائٽ لا، جو امتحان پاس ڪري انگلينڊ جي سائوٿ هيمپٽن يونيورسٽيءَ ۾ بين الاقوامي قانون جو استاد مقرر ٿيو. اُن وقت هي پهريون ايشيا کنڊ جو مسلمان هو جنهن کي اُتي پڙهائڻ جو اعزاز حاصل آهي. اُن دوران ئي ذوالفقار علي ڀٽو کي پنهنجي والد جي بيمار هُجڻ جو اطلاع مليو ۽ پوءِ هي پنهنجي سنڌ وطن موٽي آيو.

ذوالفقار علي ڀٽو جي پهرين شادي 1940ع ۾ پنهنجي سئوٽ امير بيگم سان ٿي، ۽ يارهن سالن کانپوءِ 1951ع ۾ هن ٻي شادي اصفهاني عورت بيگم نصرت ڀٽو سان ڪئي، جنهن مان کيس ٻه ڌيئرون بينظير ڀٽو ۽ صنم ڀٽو ٻه پُٽ مير مرتضيٰ ڀٽو ۽ شاهنواز جونيئر ڄايا.

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پنهنجي ڪيريئر جي شروعات سنڌ مسلم لا ڪاليج ڪراچي ۾ پڙهائڻ سان شروع ڪئي. پاڻ ٻه پرئڪٽس ڪندو رهيو ۽ ڪامياب وڪيل طور مڃرايائين. 1956ع ۾ صدر اسڪندر مرزا نوجوانن جو هڪ وفد اقوامِ متحده موڪليو. ذوالفقار علي ڀٽو جو نالو ٻه اُن وفد ۾ شامل هو. اُن وقت هي نه وڃي سگهيو. ٻيهر ٻي سال 1957ع ۾ جيڪو وفد ويو اُن جي اڳواڻي ئي ذوالفقار علي ڀٽي ڪئي هئي.

ذوالفقار علي ڀٽي پنهنجي عملي سياست جي شروعات 1958ع کان ڪئي. اُن وقت ايوب خان جي حڪومت هئي، جنهن ۾ هي ٻن سالن تائين تجارت جي وزارت تي فائز رهيو ۽ پوءِ 1960ع کان 1962ع تائين اقليتي معاملن ۽ قومي تعمير نو ۽ اطلاعات جو وزير ۽ وري تي سالن تائين صنعت، قدرتي وسيلن ۽ ڪشمير جي معاملن جو وزير رهيو. ايئن پوءِ ڪجهه سالن تائين وزيرِخارجه جون ذميواريون نهايت ئي ڪاميابي سان پوريون ڪيائين. 1965ع ۾ پاڪ-ڀارت جنگ کان پوءِ روس جي رهنمائي جي مدد سان ’تاشقد معاهدو‘ ٿيو ته ذوالفقار علي ڀٽي ۽ ايوب خان ۾اختلاف ٿي پيا. ۽ هن پرڏيهي وزارت تان استعيفا ڏني، اُن کان پوءِ هن جي شهرت ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو ٿيو جنهن جي نتيجي ۾ 30 نومبر 1967ع تي ”پاڪستان پيپلز پارٽي“ جو قيام عمل ۾ آيو. اُن وقت جڏهن پارٽي جو پهريون اجلاس ٿيو ته اُن ۾ جن پهرين ميمبرن شرڪت ڪئي هئي. ممتاز علي ڀٽو، ڪامريڊ غلام محمد لغاري، حيات شير پائو، مبشر حسن جي اي رحيم،


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معراج محمد خان، خورشيد حسن مير، مير رسول بخش ٽالپر، ملڪ نديم احمد ۽ ملڪ حامد سرفراز. اُن اجلاس ۾ پارٽي جا جيڪي اصول طئہ ٿيا هئا، اُنهن ۾ (1) اسلام اسان جو دين آهي، (2) جمهوريت اسان جي سياست آهي، (3) سوشلزم اسان جي معيشت آهي، (4) طاقت جو سرچشمو عوام آهي، انهن اصولن سان گڏ هڪڙو نعرو يا سلوگن چئون اُهو بہ طئہ ڪيو ويو ”لٽو، اٽو اجهو“، يعني ”روٽي، ڪپڙا اور مڪان.“

پيپلز پارٽي جي پليٽ فارم تان جڏهن ايوب خان خلاف مهم هلي تہ ايوب خان کي اقتدار کان الڳ ٿيڻو پيو ۽ ملڪ کي عارضي طور فوجي سربراهہ يحيٰ خان حوالي ڪيو ويو جنهن 1970ع ۾ عام چونڊون ڪرايون، پيپلز پارٽي اولهہ پاڪستان مان وڏي اڪثريت سان ڪاميابي ماڻي ۽ انهن چونڊن ڪانپوءِ هڪڙي سانحي جنم ورتو جنهن جي نتيجي ۾ اوڀر پاڪستان هِڪڙي نئين ملڪ ’بنگلاديش‘ جي حيثيت ورتي ۽ ذوالفقار علي ڀٽي بہ هِڪڙي نئين پاڪستان جو اقتدار سنڀاليو. اُن ڪانپوءِ ذوالفقار علي ڀٽي سيني پارٽين کي اعتماد ۾ وٺي نئين پاڪستان کي هِڪڙو نئون آئين ڏِنو، جيڪو 10 اپريل 1973ع ۾ قومي اسيمبلي مان منظور ڪيو ويو.

اُن ڪانپوءِ ذوالفقار علي ڀٽي هِن ملڪ کي ناهيو وڏا وڏا نجي ادارا ۽ بئنڪون قومي تحويل ۾ ورتيون ۽ ملڪ جي سڀ کان وڏي فولادي ڪارخاني ’پاڪستان اسٽيل ملز‘ جو تحفو هِن ملڪ کي ڏِنو ۽ هڪ ڏينهن اهڙو بہ آيو جو ذوالفقار علي ڀٽي عالمي طاقتن کي پانور ڪرائيندي چيو تہ اسان کي گاهہ کائڻو پيو تہ کائينداسين، پر ايٽم بم ضرور ٺاهينداسين ۽ هن ملڪ کي ايٽمي طاقت بڻايائين، ملڪ جي ايترين خدمتن عيوض آخر ۾ هن کي قتل جي ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسي ڏِني وئي.

ڦل پڙهڻ ڪانپوءِ مون چيو ’سائين عبدالجبارشروع کان هِن ملڪ ۾اِهو ئي ٿيندو آيو آهي، جنهن بہ ملڪ سان سچائي ۽ وفاداري ڏيکاري اُن کي شهادت ئي مِلي آهي. پوءِ اُهو ذوالفقار علي ڀٽو هُجي، (جنهن سازش ۾ جج بہ شامل هئا)، قائداعظم هُجي (جنهن کي سازش تحت قِتل وين ۾ موڪليو ويو) يا محترمہ بينظير ڀٽو هُجي. جنهن کي جنرل مشرف ٽولي وڏي سازش تحت شهيد ڪرايو‘ سائين عبدالجبار مون ڏانهن ڏِسي مُرڪيو.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بيگم نصرت ڀٽو بہ پر ۾ سُتي پئي آهي

ٿورو اڳتي وڏي هِڪڙي ٻي قبر تي فاتح پڙهون ٿا. ڀلي ڪٽي هي گهريلو ۽ سوشل عورت هُئي، پر جڏهن حالات هٿ وس ناهن رهندا، تہ ماٺهو پنهنجي جياپي ڪاڻ ڪجھ بہ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندو آهي، ايئن پوءِ جڏهن، هِن جي مڙس ذوالفقار علي ڀٽو (جنهن سان هِن پسند جي شادي ڪئي، هئي، ايران جي هڪ پارسي واپاريءَ مرزا محمد اصفهانيءَ جي ڌيءَ آهي، هن جو جنم 23 مارچ 1929ع ۾ ايران جي شهر اصفهان ۾ ٿيو. جيززائينڊ مير ڪائونٽ مان سينيئر ڪئمبرج پاس ڪئي. 5 سيپٽمبر 1951ع تي سنڌ جي سدا ملوڪ سياستدان ذوالفقار علي ڀٽي کي پنهنجو جيون ساٿي بڻايو.) کي وقت جي آمر ضياءَ ٻي ڏوهي بند ڪرائي ۽ پوءِ ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسي ڏياري، تڏهن هن کي گهر چڏي مڙس کي بچائڻ لاءِ ميدان ۾ اچڻو پيو ۽ ايئن بيگم نصرت ڀٽو سياست جي شروعات ڪئي، شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي شهادت کان پوءِ پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرپرسن مقرر ٿي، پر جنرل ضياءَ هن کي پنهنجي گهر ۾ نظر بند رکيو. اسان چار ڦُل شهيدن جي ماءُ ۽ شهيد جي وني ءَ شهيدِ جمهوريت بيگم نصرت ڀٽو تي پڙهيا.

## شهيد بينظير ڀٽو عرف پنڪي

هاڻي اسين سنڌ جائي، سنڌ جي راڻي شهيد بينظير ڀٽو جي قبر جي پر ۾ بيهي هٿ کٽي ڪيس ڦُل بخشي رهيا آهيون ۽ اِها ئي بينظير ڀٽو جڏهن پهريون ڀيرو 1988ع ۾ بدين آئي هئي، تڏهن آئون 9 سالن جو هئس ۽ بينظير کي ڏسڻ لاءِ بدين آيو هئس. پوءِ مون تہ پري کان ئي ڏِٺو پر اُن جلسي ۾ جيڪا مون سان حالت ٿي هُئي چِپ چِپان ماڻهن جي وڏي رش هئي، جو اُن کانپوءِ وري ڪڏهن بہ ڪِتي بينظير جي ڪنهن بہ جلسي ۾ نہ ويس.

ذوالفقار علي ڀٽي جي ڪراچي واري گهر اڱڻ/گلشن ۾ پهريون گُل ڦٽو 21 جون 1953ع بينظير عرف پنڪي جي روپ ۾.

بينظير عرف پنڪي پنهنجي تعليم مسز جيننگ جي نرسري اسڪول ڪراچي کان شروعات ڪئي، 1958ع ۾ ڪراچي جي مشهور اسڪول ڪانوينٽ آف جيززز اينڊ ميري ۾ داخلا ورتي، هيءَ ننڍي هوندي ذهين هوندي

هئي، بينظير جڏهن ستن سالن جي هُئي تہ ذوالفقار علي ڀٽو جنرل ايوب خان جي مرڪزي ڪابينا ۾ وزير ٿيو اُن ڪانپوءِ خاندان سميت راولپنڊي ۾ رهائش اختيار ڪئي. پنڊي ۾ ’پريزنٽيشن ڪانوينٽ‘ ۾ داخل ڪيو. پوءِ پنڪي ۽ صنم کي ڪوهہ مري جي بورڊنگ هائوس ۾ موڪليو ويو ان دوران بينظير کي ڪتاب پڙهڻ جو شوق ٿيو هِن تاريخ، آتم ڪهاڻيون ۽ اگاٿاڪرسٽيءَ جي جاسوسي ڪهاڻين جا ڪتاب گهڻو پڙهيا.

ذوالفقار علي ڀٽو ايوب سان اختلافن سبب ڏار ٿي پيهر ڪراچي اچي رهيو بينظير پيهر ڪراچي ۾ پڙهي، پوءِ آمريڪا وئي جتي هِن سياست ۾ گريجوئيشن ڪئي، واپس سنڌ وطن آئي ۽ پيهر آڪسفورڊ يونيورسٽي پڙهڻ وئي، جتي اڳتي هلي هِن کي يونين جي ڊبيٽنگ سوسائٽيءَ جي اسٽينڊنگ ڪميٽيءَ جو ميمبر چونڊيو ويو اُن ڪان پوءِ انهيءَ يونين جي صدر جي عهدي لاءِ چونڊ وڙهي ۽ 1977ع ۾ هوءَ پهرين ايشيائي ڇوڪري هئي، جنهن اِهو عهدو ماڻيو.

بينظير ڀٽو 1987ع ۾ آصف علي زرداري سان شادي ڪئي، 2 ڊسمبر 1988ع ۾ ايوانِ صدر ۾ وزيراعظم جي عهدي جو قسم کنيو. اُن وقت پوري اسلامي ملڪن ۾ پهرين عورت وزيراعظم بڻجڻ جو اعزاز حاصل ڪيو. 13 نومبر 1993ع ۾ هي هڪ ڀيرو پيهر وزيراعظم بڻي.

27 ڊسمبر 2007ع ملڪ جي تاريخ جو سڀ کان وڏو واقعو بہ ڀيرا وزيراعظم رهنڌڙ محترمہ بينظير ڀٽو کي سازش تحت لياقت باغ پنڊي ۾ شهيد ڪرايو ويو. انهيءَ واقعي تي مون پوري ملڪ کي هڪ هنڌ بيهندي ڏٺو هو سڀ جو سڀ ساڪن هو، ٽِن ڏينهن تائين روڊ رستا ويران هئا.

”آءٌ چوٿين منزل رابيعہ اسڪوائر فليٽ تي ڪم سان ويس، شام جو وقت هو ادا منظور جي فون آئي، ڪنيم، ڏاڍي ڪاوڙ ۽ ڏُک واري انداز ۾ ڳالهايائين، ’ڪِٿي آهين؟‘ چيم، فليٽ تي، ’جلدي هيٺ اچ بينظير کي گولي لڳي آهي، شهر ۾ جڻ طوفان اچي ويو آهي، جلدي هيٺ اچ،‘ آئون رابيعہ اسڪوائر جي چوٿين منزل تان هيٺ ڪيئن لٿس، اِها خبر مون کي بہ نہ هئي تہ هيٺريون چاڙهيون ڪيئن لٿس، يا اُڏامي آيس، ٻاهر حيدرچونڪ ڏانهن ڏِسان، واقعي ئي جڻ طوفان آيو هُجي، وڏو ڦڙو مينهن ماڻهن کي ٿو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پُسائي يا مُرڳو قيامت جا منظر, ماڻهو مردن,عورتن, ٻارن جي ڊوڙ ڍوڙان هُئي, پريان ريشم گلي مان جيڪي پي نِڪتا اُنهن کي خبر ئي نہ پي پئي ڪيڏانهن پيا پڄن, ڪو ڪنهن جو ناهي, گاڏيون هڪٻئي ۾ پيون لڳن, ماڻهو گاڏين ۾ پيا لڳن, هِڪڙي عجيب صورتحال هُئي.

اسان کي اسٽاپ تائين پهچڻو هو, فورسيٽر ۾ ويٺاسين, اِن دوران مون هِڪ مِنٽ لاءِ بہ پنجاب ۽ پنجابي سامراج, اسٽيبلشمينٽ تي گار ۽ ٿُڪ لعنت بند نہ ڪئي, مون ڪنهن ماڻهو جو لحاظ بہ نہ پي ڪيو, ماڻهو مونسان گڏ هئا, نہ هئا, اِها بہ خبر نہ پي پئي. نئين پل تائين پهتاسين, پُل تي ٻاهيون هُيون, گاڏين جون قطارون هيون, هيٺ لٿاسين, پنڌ پهتاسين, سبزي منڊيءَ وٽ اُتان کان هِڪڙي ڪنارا ڊاتسن ڦل اسپيڊ سان نِڪتي, خبر تہ ناهي اسان ڪيئن اُن ڊاتسن ۾ پاڻ کي ڪٽي اُڇليو فتح چونڪ پهتاسين, سيئي رستا بند ۽ روڊن تي ٻاهيون, اسان جا هاٽي ڪيڏانهن بہ وڃڻ جا سيئي امڪان رد ٿي ويا. فتح چونڪ کان پنڌ هلڻ جو سوچيوسين, ڪجھ پنڌ ڪيوسين, اندران ڪِٽان ڪا گاڏي نِڪتي, جنهن کان لفٽ ورتيسين, هوسڙي موڙ وٽ پهتاسين رستا بند روڊن تي ٻاهيون. گاڏين جون قطارون, اسين بہ روڊ جو پاسو وٺي ويهي رهياسين, سوين ماڻهن جا هُجوم گڏ ٿيندا ويا. گهڻي دير تائين اُتي ئي ويٺا رهياسين.

هوسڙي ۾ اسان جا دوست رهن ٿا, غلام مرتضيٰ شورو, ممتاز شورو وارا خيال پيو اچي تہ فون ڪريون, وري چئون نہ هِن وقت ڪنهن کي فون ڪرڻ مناسب ناهي, هن وقت سيني سان ساڳي حالت آهي, بس ڪجھ وقت اجا بہ ويٺا رهياسين, تيستائين مرتضيٰ ۽ ممتاز موٽر سائيڪل ون ٽو فاوَ اچي پاسي ۾ بيهاري, ’اوهين بہ ڦاٿا پيا آهيو‘؟, ها, اسان ۾ جڻ ساھ پئي ويو, هِنن چيو ’اسان دوستن جي فون تي آيا آهيون, هنن کي گس لائي اچون, پوءِ اوهان کي وٺڻ ٿا اچون, اتي ئي ويٺا رهجو‘ اسان جي پاسي کان بہ همراه ويٺا هئا اُنهن جو ٻُڌو اچي پاسو ورتائون, ’اوهان ڪيڏانهن ويندا؟‘, اسان کي تہ ماتلي وڃڻو آهي, پر هاڻي ممڪن نہ پيو لڳي‘ جواب ڏيندي چيوسين, ’اسين بہ ٽنڊي ٻاگي ويندا سين, ڪار بہ اسان وٽ آهي, مير شاهد جو پُٽ آهيان, اُنهن مان هِڪڙي نوجوان ڳالهايو, شهر کان هيستائين پهتا آهيون سو بہ


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گاڏي جو شيشو ٽوڙائي پوءِ هر موڙ گهٽي مان ماڻهو روڊن تي نِڪري روڊ بند ڪري رهيا آهن.' هي به ڇڙا هئا. اسين به بہ هُئاسين. ڇيوسين هاڻي اسان جا ته هوسڙي ۾ دوست آهن. اڇن پيا ونڃ اوهين به هلو ته پلي هلو ايئن چوڻ سان هِنن جي چهري تي ٿورو اطمينان نظر آيو 'چيائون اڇو پوءِ پريان گاڏي بيٺي آهي اُن ۾ گڏجي ٿا هلون' اسان چيو به منٽ ترسو دوست پهچن نہ ته وري ڳوليندا. تيستائين مرتضيٰ ۽ ممتاز به پهچي ويا. چيائون 'گاڏي آهي،' چيوسين 'ها،' چيائون 'اسان جي پويان پويان اچو هِنن جي ڳوٺ اوطاق تي پهتاسين. اڳ ۾ هڪڙي وين ۾ ٻيون ڪارون ڇڻ دعوت تي آيا هجون. اندر اوطاق به پري پٽي هُئي ماڻهن سان. اسين به وڃي پاسو وٺي ويٺاسين. ڇوڪرا بيٺل هئا مهمانن جي ميزباني لاءِ جيڪو نئون ماڻهو پي آيو اُن کي پاڻي پيارپندا ويا. اڌ منو ڪلاڪ گُذريو مس ته دوست دسترخوان وِڇائڻ لڳا. اسين هڪٻئي ۾ ڏِسي حيرانگي جو اظهار پيا ڪريون. ڪجهه دير بعد ماني لڳي. ڪڪڙ جو ٻوڙ ڪٽڪ جون مانيون ۽ اچا چانور. ماني سيني کاڌي ميزبان دوستن چيو 'دوستو معاف ڪجو جلدي جلدي ۾ اِهو ڪجهه ڪري سگهياسين،' چيوسين، 'ادا هي ته تمام گهڻو آهي. هِن وقت ۾ اهڙي صورتحال ۾' چيائون 'بلڪل صحي ٿا چئو ٻار ٻچا سپ سوڳ ۾ ورتل آهن. پر مهمانن کي ايئن ته ناهي ڇڏڻو'. ماني کائڻ بعد کي دوست ڪچهري ڪندا رهيا. ڪي پاسو وٺي سُمهي پيا. اسين جاڳندا ڪچهري ڪندا رهياسين. اهڙي صورتحال ۾ ننڊ جو اچڻ ته ممڪن نہ هو. سياست تي گفتگو ۽ سيني جي اندازِ بيان ۾ پنجاب سامراج سان نفرت جو اظهار جهلڪي رهيو هو. گهڻا ته اِها به راءِ رکي رهيا هئا ته هاڻي آصف زرداري کي اعلان ڪرڻ گُهرجي علهدگي جو هاڻي گهڻو ٿيو. اسان سنڌين سڄي عمر ٺيڪو کنيو آهي پنهنجي ليڊرن جا لاش کڻڻ جو بس گهڻو ٿيو. هر ماڻهو مڪمل ڏُکايل ۽ جذباتي ڪيفيت مان گُذري رهيو هو. ڪهڙي به پارٽي جو هُجي يا نہ پر هر ماڻهو کي پنجاب کان هاڻي نفرت ٿيڻ لڳي آهي. ذوالفقار علي ڀٽي جهڙي ليڊر کي ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسي ڏِني وئي. اُن جي وڏي پُٽ کي گهر اڳيان گهات لڳائي گولين سان گهايو ويو ننڍي شهزادي شاهنواز کي زهر ڏئي مارايو ويو هاڻي سنڌين جي آخري ليڊر آخري اُميد بينظير کي به شهيد ڪري ڇڏيائون.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيني جو خيال اِهو هو تہ آصف زرداري اعلان ڪري باقي سيئي پارٽيون اُن جو ڀرپور ساٿ ڏينديون. منهنجي مَن ۾ بہ اِها دُعا هئي شال ايئن ٿئي.

رات جا ساڍا ٽي ٿي چُڪا آهن. ميزبان دوستن کي چيوسين هاڻي اسان کي اجازت ڏيو اڳتي وڃون. ممڪن آهي، هِن وقت ماڻهو روڊن تي نہ هجن. اسين پنهنجي گهر پهچي وڃون. ايئن پوءِ آهستي آهستي سيئي دوست هِنن کان موڪلائيندا پنهنجي پنهنجي منزل ڏانهن نِڪرڻ لڳا.

رستي ۾ جڳهہ جڳهہ تي رُڪاوٽون پيل نظر آيون. ڪِٿي وڻ وڍي روڊ بند ڪيو ويو هو ڪِٿي ٽائر ساڙي. پر سڀي روڊ تان پاسا ڪُنڊو وٺندا وٺندا نيٺ فجر ويل ماتلي شهر ۾ پهتاسين. اِهو واقعو هميشہ لاءِ ذهن تي نقش ٿيل آهي. ٻي ڏينهن محترمہ جي شهادت تي هِڪڙو غزل بہ لکيم:

تاريخ ۾ سنڌ کي سرواڻي مِلي آ.
شهيدن جي رَت جي ڪهاڻي مِلي آ.

اسان کي پلئہ پيون رُڳو شهادتون ئي،
ڪڏهن هوشو هيمون ۽ مياڻي مِلي آ.

ڪڏهن سنڌ دار تي ’ذُلفي‘ ٿو مُرڪي،
ڪڏهن سنڌ ’بلاول‘ سان گهاڻي مِلي آ.

ڪڏهن گهوٽ سنڌو جا گهاڻن ۾ گهايا،
ڪڏهن شام ڪِلفتن جي رَت هاڻي مِلي آ.

وري اڄ سنڌو کي ساڙيو ويو آ،
وري سنڌ جيجل کي ’شهيد راڻي‘ مِلي آ.

اڙي وقت! سنڌوءَ سان ويرَ ايڏوا،
سڄي سنڌ زخمي ۽ ساٿي مِلي آ.

جڏهن ٻي جتي بہ جَبر ٿيو جاري،
اُتي ’ساگر‘ سنڌو سينو تاڻي مِلي آ.

ڪجهہ ڏينهن کانپوءِ وري هڪڙو ڪالم لکيم . **’پُڄاڻا پرين ڏجي باهہ پنيور کي‘** مون شديد غم ۽ ڪاوڙ ۾ هي ڪالم لِکيو جيڪو اُن وقت جي ٻِن ٽِن رسالن ۾ ۽ هِڪڙي مرتب ڪيل ڪتاب ۾ بہ شايع ٿيو هو.

## مير مرتضيٰ ڀٽو زنده هجي ها تہ...

اڄ ميرمرتضيٰ ڀٽو زنده هجي ها تہ آءٌ سندس پارٽي جو سرگرم ڪارڪن ۽ ڪنهن عهدي تي ضرور هُجان ها. مير مرتضيٰ کان اڳ ۽ پوءِ اهڙو سچو کرو ۽ باغي ليڊر ڪو بيو مونکي ملڪ ۾ نظر نہ آيو تنهن ڪري مون ڪڏهن ڪنهن بہ سياسي پارٽي ۾ دلچسپي نہ ورتي. مير مرتضيٰ جي قبر تي گُل پڙهڻ کانپوءِ آئون هليو ويس ماضي ۾.

(جڏهن مير مرتضيٰ ڀٽو رپ ۾ محمد حنيف ٽيٻي جي دعوت تي آيو هو اُتي هِن مٿير مڙس کي پير ۾ بيهي ڏٺو هو. ڇا تہ مڙس هو ان وقت مون ۽ منهنجي دوست خالد اهو فيصلو ڪيو تہ اسان مير مرتضيٰ جي پارٽي ۾ شامل ٿي سندس گوريلا گارڊ بڻجي، هر وقت هِن سان گڏ هونداسين. پر وقت جي ظالم يزيدن اسان جي انهيءَ خواب کي پورو ٿيڻ کان پهرين ئي پورو ڪري ڇڏيو. جڏهن 20 سيپٽمبر 1996ع جي اياڳي شام 70 ڪلفٽن جي ويجهو سندس گهر وٽ گهات لڳائي ويٺل رياستي دلالن مير مرتضيٰ سميت سمورن ساٿين کي گولين جا مينهن وسائي شهيد ڪري ڇڏيو هو ٻي ڏينهن جڏهن اِها خبر اخبارن ۾ فرنٽ پيج تي مين هيڊنگ ۾ لڳل هُئي، تڏهن اُن اخبار پڙهڻ کانپوءِ بہ اسان کي ڪو اعتبار نہ پيو اچي تہ مير مرتضيٰ کي شهيد ڪيو ويو آهي، يا مير مرتضيٰ هاڻي هِن بي درد دُنيا کي ڇڏي ويجي چُڪو آهي، دل اهڙي ڪنهن بہ ڳالهہ کي مڃڻ کان صفا نابري واري بيهي رهي. تنهن ڪري هيڊنگ جي اکر اکر کي وري وري پيا پڙهون، ايئن ڄڻ اخبار وارن غلط خبر ڇپي آهي. هاءِ هاءِ:

**<u>ڪونہ جُهڪيا</u>**

او ظالِم تُنهنجي ظُلم اڳيان،
جيءَ هزارين جُهري پيا،
تو گهاوَن تي بي گهاوَ ڏِنا،
تنهنجي گهاوَن تي ڪي ساهہ ٽُٽا،
تو رودن تي راتاهہ هنيا،
تو گَسن تي ڪي گهوٽ ڪُٺا،
پر ڪونہ جُهڪيا پر ڪونہ جُهڪيا،


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

او ظالم! تنهنجي ظلم اڳيان،
سِر اُنهَن جا سنوان هُيا،
سِر اُنهَن جا سنوان هُيا.

بي اختيار منهنجي اندر مان اِها آهہ نِڪتي جنهن کي نثري نظم جو نالو ڏِنم ۽ ڪيترن ئي رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع پڻ ٿيو.

18 سيپٽمبر 1954ع تي ڪراچيءَ ڪلفٽن تي سنڌ وطن جي سدا ملوڪ سياستدان ذوالفقار علي ڀٽو جي اڱڻ تي اکيون کوليندڙ مير مرتضيٰ ڀٽو اِهو ڪِٿي ڄاتو هو تہ انهيءَ ئي 70 ڪلفٽن گهر اڳيان گهات لڳائي مونکي منهنجي جواني ۾ ئي شهيد ڪيو ويندو. هن جڏهن 1971ع ۾ 'اوليول' جي امتحان ۾ ڪراچي گرامر اسڪول مان پاس ڪيو ۽ گريجوئيشن ڪرڻ لاءِ هارورڊ يونيورسٽي ڪرائسٽ چرچ ڪاليج آڪسفورڊ ۾ ايم.لٽ (M.Lit) جو ٽن سالن جو ڪورس پڙهڻ لاءِ ويو پر اهو ڪورس اُن ڪري اڌ ۾ ڇڏي ملڪ موٽڻ چاهيو. جو لاهور هاءِ ڪورٽ جي عدالت قتل جي ڪوڙي ڪيس ۾ سندس والد ذوالفقار علي ڀٽي کي قاسيءَ جي سزا سُڻائي هئي، پر پنهنجي والد جو نياپو مِليس تہ تون ٻاهر ويهي منهنجو ڪيس مضبوطيءَ سان وڙهي سگهين ٿو. بين الاقوامي قوتن کي اعتماد ۾ آڻي سگهين ٿو. تنهن ڪري ملڪ موٽي نہ اچ.

مير مرتضيٰ پنهنجي ننڍي ڀاءُ شاهنواز ڀٽو سان گڏجي جدوجهد جو آغاز ڪيو. پر هي پنهنجي والد کي قتل جي ڪوڙي ڪيس مان آزادي ڏياري نہ سگهيا. انڌي عدالت ڪوڙي ڪيس ۾ هيري جهڙي محبِ وطن وزيراعظم کي ڦاسيءَ ڏئي ڇڏي ۽ هِنن ٻنهي ڀائرن پنهنجي تعليم کي اڌ ۾ الوداع ڪري جمهوريت جي بحالي لاءِ آمريت جي اک جو ڪنڊو بڻجي، هِڪڙي للڪار تي اُڀريا. نتيجي ۾ شاهنواز کي پنهنجي افغاني زال ريحانہ هٿان زهر ڏئي شهيد ڪرايو ويو. پر مير مرتضيٰ پنهنجا پير سنيالي ويو ۽ پنهنجي افغاني زال کي طلاق ڏئي وڃي خليل جبران جي ديس لبنان جا وڻ وسايا. جن صنوبرن جي وڏن وڻن ۾ خليل جبران جو 'بشريٰ' نالي ڳوٺ آهي. پنهنجي لاءِ جنهن ساٿي جي چونڊ ڪيائين اُها بہ خليل جبران جي ديس جي 'غنويٰ' هُئي، 'غنويٰ معنيٰ اٽپورو گيت.' جيڪا سندس ڌيءَ فاطمہ ڀٽو کي پڙهائيندي هُئي.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## شهيد شاهنواز ڀٽو کي ٻه ياد ڪيوسين

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي سڀني کان ننڍي اولاد شاهنواز ڀٽو تي جڏهن ڦُل پڙهي ورتم، تڏهن من ۾ هِڪڙو عجيب خيال آيو ته ماڻهو پاڻ ڪجهه به ناهي، هِي سڀئي ڀال ڀاڳ جا ئي هوندا آهن. سهڻي منهنجي سنڌ جي سيني تي ذوالفقار علي ڀٽي ۽ بيگم نصرت ڀٽي جي اڱڻ تي 1958ع ۾ آخري اولاد طور جنم وٺندڙ شاهنواز ڀٽو شروعاتي تعليم سنڌ ۾ پڙهي، باقي تعليم سئٽزرلينڊ ۾ پراپائين ۽ پوءِ شادي وري افغانستان جي افغاني جنرل شاهنواز جي ڌيءَ ريحانه سان ٿي. رهيو وري وڃي فرانس ۾. هِن جي خوش مزاج طبيعت هئڻ سبب سڀئي گهر ڀاتي هِن سان پيار ڪندا هئا، هِن کي پائندا هئا، پر ڀاڳ جا ڀال ڪجهه ٻُرا هئا، هن بهادر پُٽ شاهنواز سان. جڏهن 27 سالن جي ڦوهه جواني کي پهتو ته ڪيس 18 جولاءِ 1985ع ۾ پنهنجي وجود جي اڌ (يعني پنهنجي زال) زهر ڏئي ابدي ننڊ سُماري ڇڏيو ۽ دفن ٿيڻ لاءِ وري به سنڌ جي سيني سان موٽي اچي مِليو.

اڙي زندگي! تون به ڪيڏي ڏکي،
توکي شاهه پارا نه سمجهي سگهيا.

مزار کان ٻاهر آياسين، مقبري جي پرسان اُنهن جانثارن جي قبرن تي به ڦُل پڙهياسين، جن تي ننڍڙيون ڪاٺ جون تختيون ’مان ڀٽو آهيان‘ لِکيل لڳل آهن. گيٽ ڪراس ڪري بازار ۾ آياسين بازار ۾ صرف ۽ صرف ٻارڙن جي رانديڪن جا دُڪان ۽ ماين جي چوڙين وغيره جا. چيم نه اهڙي ئي بازار آهي جهڙي ٻين درويشن جي درگاهن اڳيان هوندي آهي. اسان به ٻارڙن جي لاءِ رانديڪا ورتا، ڇو جو ننڍڙا ٻار ته فرمائش ڪندا آهن، اسان لاءِ ڪجهه وٺيو اچجو. پر ٻارڙن کي اِها خبر نه هوندي آهي ته اسان ته تاريخ ۽ تاريخي جايون گهمڻ لاءِ ويندا آهيون پوءِ نئين ماڳ تي ڪابه اهڙي جاءِ، ڪا مزار، ڪا مسجد، ڪو مندر، ڪو دڙو ڪو پڙو، ڪا ڍنڍ، ڪو درياءَ، ڪا پُل، ڪو پارڪ سڀ گهمندا آهيون، شهر ۽ بازارون ناهيون گهُمندا. پر ٻارڙن کي ڪير سمجهائي، سو هِتي موقعو مِليو تنهن ڪري ورتاسين. هاڻي لاڙڪاڻي ضلعي جي نئون ديرو جي ڳڙهي خدابخش کي خدا حافظ چوندي سکر ڏانهن سفر شروع ڪيوسين.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## جيڪي سفر ۾ همسفر هئا

**پروفيسر ڊاڪٽر عبدالجبار ’قاسم‘ نظاماڻي:** ماتلي سان تعلق رکندڙ معزز شخصيت، پيشي جي لحاظ کي ليڪچرار گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج ماتلي، پاڻ سُنا ليکڪ ۽ تاريخ سان دِلچسپي رکندڙ تاريخ لِکندڙ ماتلي جي تاريخ لِکي اٿس، اُن کان علاوه حافظ نظاماڻي جي شاعري جا مجموعا ”باغي آ عشق منهنجو“، ”تاريخ آهي شاهد“ پڻ هِن جا سهيڙيل آهن. نظاماڻي ذات تي ”تذڪراءِ نظاماڻي“ وڏو ڪِتاب لِکيو اٿس، جنهن ۾ پوري نظاماڻي قبيلي جا شجرا ڏِنا اٿس. اُن کان علاوه ڪوڙ ٻيا بہ ڪيترائي ڪتاب لِکيا، سهيڙيا ۽ مُرتب ڪيا اٿس. ”محمد صديق مسافر جي علمي، ادبي، تعليمي، صحافتي ۽ سماجي خدمتن جو تحقيقي مطالعو“ جي عنوان سان محمد صديق مسافر تي پي ايچ ڊي ڪري ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪئي اٿس.

**ڊاڪٽر آزاد قاضي:** ڳوٺ قاضي دڙا، تعلقي ڏوڪري جي نامور پرائمري استاد محمد حسن جي اڱڻ تي 15 نومبر 1956ع تي اکيون کوليندڙ عبدالاحد. جنهن پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ قاضي دڙا ۾ پرائي ۽ سيڪينڊري تعليم باڍھ ۾ پڙهيائين. 1976ع کان سيڪينڊري اسڪول ٽيچر ملازمت جي شروعات ڪئي. 2001ع کان سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي شعبي ۾ ليڪچرر طور مقرر ٿيو. ”جي. ايم سيد جون سنڌي ٻولي ۽ ادب لاءِ خدمتون“ عنوان هيٺ Phd جي ڊگري حاصل ڪئي. 2016ع ۾ اسسٽنٽ پروفيسر طور رٽائرمينٽ ورتي. 1983ع کان راڌڻ تعلقي ميهڙ ۾ رهائش آهي. 1976ع کان مختلف موضوعن تي لکڻ جي شروعات ڪئي. ۽ اِهو لکڻ جو سلسلو هلندڙ آهي، هن جا ڪيترائي ڪتاب ڇپجي چُڪا آهن.

**عاشق نظاماڻي:** خير محمد نظاماڻي جي اڱڻ تي 5 مارچ 1965ع ۾ جنم وٺندڙ عاشق علي، جنهن پنهنجي تعليم ايم.اي (سنڌي) ۽ بي ايڊ ڪئي ۽ پوءِ تعليم کاتي ۾ استاد ٿي شيخ زيد هاءِ اسڪول کان شروعات ڪئي، 1980ع ڌاري پنهنجي ڳوٺ نئون آباد، تعلقي ڏوڪري کي الوداع ڪري اچي هِتي شهر لاڙڪاڻي ۾ رهيو. عاشق نظاماڻي راڳ جي سِکيا پنهنجي استاد انور علي سانگي کان ورتي، ۽ ريڊيو تي پهرين پيرو غزل رڪارڊ ڪرايو ۽ 1989ع ۾ پي ٽي وي تي ڪچهري پروگرام ۾ ڪلام ’اويلا مسافر تون هيل نہ اچجان‘ ڳايو.

**منظور احمد جوڻيجو:** ماتلي شهر سان تعلق رکندڙ منهنجو ياءُ آهي، سُٺي دل رکندڙ آهي، سندس حيدرآباد ۾ ”الرزاق پرنٽرز“ آهي، پنهنجي ڪاروبار ۾ ڪامياب آهي. گُهمڻ جو شوق هوندو اٿس، ۽ هميشہ چوندو آهي، گُهمڻ جو پروگرام ناهيو گاڏي منهنجي حاضر آهي.

**مور ساگر:** ’ڪي جاٽا مين ڪوڻ بُليا‘

**[08 اپريل 2019ع ـ ضلع لاڙڪاڻو]**



منظور احمد جوڻيجو. ڊاڪٽر عبدالجبار نظاماڻي، ڊاڪٽر آزاد قاضي سان گڏ
موهن جي دڙي منهندا صبح جي وقت



ايشياءَ جي عظيم عورت ليڊر محترمہ شهيد بينظير ڀٽو جي مزار منهندا
ڳڙهي خدا بخش ڀٽو لاڙڪاڻو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



# سکر سيئي ڏينهن

### روانگي

سکر سيئي ڏينهن جي مون گهاريا بند ۾،
نيئر منهنجي نينهن، اُجاري اڇو ڪيو.

سهڻي منهنجي سنڌ جي ٽيون وڏو شهر سڏيو ويندڙ سکر ڏانهن جيئن ئي سفر شروع ڪيوسين ته مونکي سهڻي لطيف جو مٿيون شعر ياد اچي ويو ۽ شعر سان گڏ ’سکر سيئي ڏينهن‘ محمد اسماعيل عرساڻي جي آتم ڪٿا جو ڪِتاب به. جنهن جو ٻيو ڇاپو ڪمپيوٽر تي ڇپيو هو ته اِهو مون ڇپيو هو. اوسر پيڙهڪا امانتاڻي جي باني ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي صاحب ۽ سندس فرزند امتياز احمد عرساڻي صاحب وارن اِهو ڪِتاب ٻي ڇاپي جي صورت ۾ ڇپرائي پڌرو ڪيو. سکر ڏانهن پنڌ جيسين ڪُٽي تيستائين، ذهن ۾ ڪيئي خيال پيا اچن ته، معصوم شاهه جو منارو، لبِ مهراڻ، لئنس ڊائون پل، ساڌ ٻيلو سکر بئراج سيئي جڳهيون گهمبيون. ذهن ۾ هڪ فهرست جُڙي وئي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## احسان راهوجي جي شهر مدئجي مان مٽياسين

مدئجي ڪراس ڪئيسين، دِل تہ چوندي آهي رستي ۾ ايندڙ سيئي شهر ڳوٺ ۽ اسٽاپ ڏِسجن. پر وقت جي مناسبت سان اِهو ممڪن ناهي هوندو. مدئجي، ڳڙهي ياسين تعلقي، ضلعي شڪارپور جو شهر آهي، يعني هن وقت اسين لاڙڪاڻي ڪانپوءِ ضلعي شڪارپور ۾ هلي رهيا آهيون. هي مدئجي شهر موهن دڙي کان 68 ڪلوميٽر اوپر طرف ٻُڌايو وڃي ٿو ۽ هِن شهر ۾ 2016ع ۾ 132 ڪي وي جي گرڊ اسٽيشن جو بہ افتتاح ٿيو آهي.

مون وٽ مدئجي جي اِها سُڃاڻپ آهي تہ منهنجي پياري دوست احسان راهوجي جي جنم يومي 'يونيوٽ' هِن مدئجي جي بلڪل ويجهو ٿي آهي ۽ احسان راهوجي جو شهر هي ئي آهي، هاڻ اسڪول بہ هِتي ئي پڙهيو. احسان کي منهنجي سيني دوستن ۾ اِهو اعزاز حاصل آهي تہ منهنجي زندگي جي جيڪا پهريون پيرو سالگرهہ ملهائي/ڪيڪ ڪٽيو ويو اِهو احسان راهوجي جي حِصي ۾ اچي ٿو سرپرائيز وانگر هُئي. (تفيصل ڪِٿي بي هنڌ لِکبو) باقي مونکي اُن وقت سندس دوستي تي ڏاڍو رشڪ ٿيو هو. هن وقت احسان حيدرآباد ۾ رهندو آهي. ڊيوٽي ٽنڊو محمد خان ٽريزري ۾ اٿس.

ظهر جي نماز جو وقت ٿي ويو آهي، آءُ ۽ سائين ڊاڪٽر عبدالجبار نظاماڻي روڊ جي ڀنهي پاسن کان اِهو ڏِسندا پيا اچون تہ جِتي بہ مسجد نظر آئي، اُتي بريڪ ڪري، نماز پڙهنداسين. رستي ۾ ميرزاپور نالي هِڪڙو اسٽاپ آيو. روڊ جي پاسي کان مسجد نهيل آهي، گاڏي کي مسجد جي پِر ۾ پارڪ ڪري اڳين ۽ وِچين نماز گڏي پڙهيسين. توڻي جو اسان تي سفر نماز آهي، پر جِتي بہ وقت ٿئي ٿو تہ نماز پڙهڻ فرض آهي.

هاڻي سائين عبدالجبار سکر واري ميزبان حڪيم شبير بلو سان رابطو ڪيو جنهن ٻُڌايو تہ آءُ اوهان جو انتظار پيو ڪريان. ڪيس ٻُڌايوسين تہ بس رستي ۾ آهيون. چيائين سکر پهچي پيپسي چونڪ جي پُڇا ڪجو اُتي آءُ بيٺو هوندس. ڪِلندي چيم، سائين عبدالجبار پاڻ وارو دوست لڳي ٿو سکر پهچندي ئي پيپسي پياريندو. پر اِهو منهنجو خام خيال آهي، ممڪن آهي قصواِن جي اُبتڙ هُجي. سو سکر جي بلڪل ويجهو پهچي ويا آهيون. بس چند منٽن ۾ سکر جي سرزمين تي پنهنجا پير هوندا.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سکر شهر پهتاسين

سکر شهر ۾ داخل ٿياسين. پيپسي چونڪ جي پُڇا ڪئيسين. ڏس مِليو ٿورو پنڌ اڳتي ويندا تہ پيپسي چونڪ هوندو. چونڪ تي پهچي سائين عبدالجبار فون ڪئي. حڪيم شبير بلو ڪي. حڪيم شبير بلو روڊ جي اولهہ طرف ۾ اسان اوپر طرف بيٺا هئاسين. گاڏي جا پار پتا ڏِناسين. ڏِسي ورتائين. مِلياسين. پوءِ پاڻ اڳيان هليو اسين پويان پويان جنهن رستي تان اسان کي وٺي پيو هلي اِهو هاڻي تازو اُڏيڙي اُکيڙي ڇڏيو اٿن. وڏو نالو پيو ٿهي. جيڪي اورآل پوري سنڌ جي شهرن ۾ نهيا آهن. اسانجي شهر ماتلي ۾ پڻ نهيو آهي. سکر ۾ بہ اِهو ڪم هلندڙ آهي.

سکر. جنهن جي لفظي معنيٰ ايئن ٿي نِڪري تہ سُک. چين آرام جيئن هر شهر جي نالن جي ڪا ڪهاڻي هوندي آهي. ايئن سکر بہ سنسڪرت ٻولي جو لفظ آهي. جيڪو سُک مان نِڪتو آهي. هاڻي هِن شهر ۾ ڪيترو سُک. سُڪون يا شانتي آهي. اِهو معلوم هِتي جي رهواسين کي هوندو. اسين تہ ٿياسين پرديسي پکي. پل کن رهي راهي ٿينداسين /اُڏري ويندا سين.

سُهڻي منهنجي سنڌ جو هي ٽيون نمبر وڏو شهر سڏيو ويندڙ سکر جيڪو سنڌو دريا جي اولهندي ڪپ تي آباد آهي. دريا جي اوپر ۾ تاريخي شهر روهڙي. جنهن ۾ بيدل ۽ بيڪس مدفن آهن. 1889ع ۾ انگريزن لئنسڊائون پل جي ذريعي هي ٻئي شهر پاڻ ۾ ڳنڍي ڇڏيا. مون تہ اِهو پڙهيو آهي تہ جڏهن برطانوي راڄ هو تہ سکر ڳوٺ هو ۽ اُن جي پاسي ۾ نئون سکر شهر جوڙيو ويو. 1900 تائين هي شڪارپور ضلع جو حِصو هو پوءِ 1901ع ۾ ضلعي شڪارپور کي ٽِن حِصن ۾ ٽوڙيو ويو يعني هي سکر. شڪارپور ۽ لاڙڪاڻو. اُن کان بہ پهرين بکر تعلقي ۾ سکر هو نادر شاهہ جي وقت کان پوءِ شڪارپور ۾ شامل ڪيو ويو. جنهن سڀ کان پهرين هِن شهر سکر کي سينگاريو ٺاهيو. اُهو هو ڪليڪٽرن جو بابو آدم ڪرنل ميهو. سکر کي ميونسپالٽي جو درجو 1856ع ۾ مليو اُن وقت شهر جي آبادي ٻارهن هزار جي قريب هئي. اُن وقت جي حڪومت شهرين مان پاڻ ميمبر چونڊيندي هئي. 1883ع ۾ سکر کي ضلعو بڻايو ويو. اُن کانپوءِ 1884ع ۾ شهر واسين کي پاڻ کي ميمبر چونڊڻ جو حق ڏِنو ويو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر صدر وري بہ ڪليڪٽر ٿيندو ۽ پهريون صدر جي ڪرسيءَ تي جيڪو ويٺو اهو هو راءِ صاحب ديوان پيسو مل. 1911ع ۾ شهرين ڪي صدر چونڊڻ جو بہ حق مِلي ويو شهرين جيڪو صدر چونڊيو اُهو هو وڪيل ديوان پوڄسنگھ. 1936ع ۾. جڏهن سنڌ بمبئي کان الڳ ٿي صوبو ٿيو تڏهن بہ سنڌ اسيمبلي جو پهريون اسپيڪر ساڳيون ديوان پوڄسنگھ ٿيو. 36 سالن جي عرصي يعني 1911ع کان 1947ع تائين صرف هڪ دفعو مسلمان صدر ٿيو باقي سڀ غير مسلم صدر ٿيندا رهيا.

پُراڻو سکر ڏهہ/ٻارهن هزار آبادي رکندڙ هو 1947ع کان پوءِ هندستان مان آيل اسان جا مذهبي ڀائر جن جي اچڻ سان آبادي وڌي وڃي اسي هزارن تي پهتي، نالو بہ پيو نئون سکر. اِن نئين سکر ۾ 1950ع ۾ سنڌ انڊسٽريل ٽريڊنگ ايسٽيٽ (ايس آءِ ٽي اِي) قائم ڪئي وئي. 1962ع ۾ ڪولمبو پلان موجب ڪئناڊا حڪومت ۽ جمهوريہ پاڪستان وچ ۾ ٿرمل پاور جي تعمير لاءِ هِڪڙي معاهدي تي صحيحون ٿيون. اُن تي ايندڙ خرچ 5 ڪروڙ 38 لک ۽ 40 هزار روپيا حڪومت ڪئناڊا ڏِنا هئا.

## گُلشن جو هي حال آهي تہ ويراني جو ڇا هوندو

اسين ڏُکيا سُکيا نيٺ اچي حڪيم شبير بلو جي گهر اڳيان پهتاسين، بيئنڪ ڪولياڻين، هي بہ همراهہ ڪتاب گڏ ڪرڻ جو وڏو شوقين ٿو لڳي، مون وانگر خبر ناهي پڙهي بہ ٿو يا صرف ڪتاب گڏ پيو ڪري. هاڻي تہ رکڻ جي جڳهہ ئي نہ اٿس. پيگل ٽُنل المارين ۾ سٽيا پيا آهن، وچ تي ٽيبل بہ ڪتابن سان پري پئي آهي. بس پاڻي گلاس پيتوسين، ڪيس چيوسين ٻي ڪا بہ تڪليف نہ ڪريو اسان وٽ وقت ٿورو آهي، اسانکي معصوم شاهہ جي مناري ۽ سکر جي پُل ڏانهن وٺي هل، اُنهن مان بہ جيڪو پهرين رستي ۾ پوي اُهو ڏِسنداسين، چيائين پهرين رستي ۾ معصوم شاهہ جو منارو آهي، پوءِ هلنداسين دريا تي پُل ڏِسنداسين. وري بہ اُنهي ئي روڊ تي هلندا اڳتي وياسين ڪائنس پُڇيوسين هي ڪالوني ڪهڙي آهي، ٻُڌايائين ’هي گُلشنِ اقبال ڪالوني آهي،‘ مذاق ۾ چيومانس’ گُلشن جو اهڙو حال آهي تہ پوءِ ويراني جو ڇا حال هوندو..‘ خير دُعائون پڙهندي گُلشنِ اقبال ڪالونيءَ جي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گُلشن مان پاهر نڪتاسين، اڳيان سکر ريلوي اسٽيشن آهي. ريلوي اسٽيشن جي پِر مان گُذرندي مختلف روڊن تان ٽيندا. آياسين معصوم شاهہ جي مناري تي، جيڪو اسانکي پري کان پاڻ ڏسائي رهيو هو. بلڪل ايئن جيئن ڪي ايل/ ڪوالالمپور گهمندي ٽوِن ٽاور کي پري کان ڏِسي خوشيءَ جو اظهار ڪيو هوسين تہ اوِاهو آهي ٽوِن ٽاور. ٻنهي ۾ فرق تہ رات ۽ ڏينهن جو آهي. ٻيو تہ هي معصوم شاهہ جو منارو هِڪڙي تاريخي اهميت رکي ٿو هو تہ ٽاور اندر هڪڙو شهر رکي ٿو جنهن ۾ هر قسم جا هٽ ۽ آفيسون موجود آهن.

## معصوم شاهہ جي مناري مٿي

تمام مٿي اوچائي تي نظر ٿو اچي. اندر آياسين ٽڪيٽ وارو همراه وينو هو. پُڇيائين ’مٿي چڙهندا؟‘ چيوسين ’چڙهڻ ئي تہ آيا آهيون.‘ چيائين 20 روپيا ٽڪيٽ آهي.‘ اسان 80 روپيا ڏِنا. آياسين مٿي. ليڊيز اسانکان اڳ ۾ اُتي موجود هئي. بس پوءِ هِڪ سائيڊ هو ٻيهن تہ هِڪ سائيڊ اسين. سيڙهيون ڳڻيندو چڙهندو ويس 84 سيڙهيون ڳڻجڻ ۾ آيون. مٿي سوڙهو آهي. باقي مٿي ٻيهي سڄو شهر پيرن هيٺ ۽ هِڪ سائيڊ کان دريا بہ نظر پيو اچي. بلڪل ايئن جيئن ملاڪا جي اليڪٽرونڪ ٽاور تي مٿي ٻيهي سڄي شهر جو سير ڪجي ٿو هڪ پاسي کان سمنڊ ئي سمنڊ نظر اچي ٿو. هتي بہ سکر شهر ايئن ٿو نظر اچي. جڏهن واپس هيٺ لٿاسين تہ جڻ ٽَنگُن ۾ ڪي ڳنڊيا ٿي پيا هُجن. ڏاڍو سور هو ٽَنگُن ۾ ٿوري دير جي لاءِ!

مير محمد معصوم بکري جڏهن هِن مناري جي تعمير ڪرائي هئي تڏهن خبر ناهي ڇاٽي ٻُجهي يا اتفاق سان هِن جي ويڪر، ڊيگهہ 84 فوٽ ڪئي وئي. جڏهن تہ مناري اندر ڦيريدار ٺهيل چاڙهي جا ڏاڪا بہ 84 ئي آهن. جيڪي مون پاڻ ڳڻي پورا ڪيا هئا. 1003ع ۾ هِن جي پيڙهہ رکي شروعات ڪئي وئي. مڪمل ٿيڻ کان پهرين ئي مير معصوم شاهہ هي جهان ڇڏي هليو ويو رهيل ڪم سندس فرزند مير بزرگ 1027 تائين مڪمل ڪرايو. ٽڪري تي ٺهيل هن مينار ۾ پڪين سرن کي چُن سان گڏ استعمال ڪري اهڙو تہ مضبوط بڻايو ويو آهي، جو اڄ ڏينهن تائين تاريخي علامت طور اُڀو بيٺو آهي. تاريخي حيثيت سان گڏ هِڪ تفريح مقام پڻ آهي.

## جيڪو سکر واري پُل تي

شبير بلو صاحب هاڻي اسين سِڌو هلنداسين سکر واري پُل تي، پُل تي پهتاسين، پهرين گاڏي کي سائيڊ تي پارڪ ڪيوسين، پُل جي پاسي ۾ هِڪڙي ٽڪري آهي، اُن تي آياسين، اِها ٽڪري پُل جي اوپر طرف آهي، جنهن ڏانهن شبير بلو اِشارو ڪندي چيو ’هِتي روز شام جو ڪنڊيون لڳنديون آهن،‘ چيوسين ’درياءَ مان مڇي ماريندا آهن،‘ مُسڪرائيندي چيائين ’نه، اسان جو ڪوڊ ورڊ آهي، هِتي جيڪي گرل فرينڊ کي وٺي ايندا آهن اُنهي کي ڪنڊي چوندا آهيون، گهر واريءَ کي ميٽر چوندا آهيون، ڇوڪري کي بيٽري چوندا آهيون، ڪدڙي کي سولر چوندا آهيون،‘ انهيءَ تي اسين ڏاڍو کِلياسين، هنن جا ڪوڊ ورڊ ئي پنهنجا.

اسان سمجهو ته پنڌ تا پُل تي وڃون ڪجھ پنڌ ڪيوسين به، پر پُل تمام وڏي آهي ۽ اسان وٽ ايترو وقت نه هو، وري واپسي آياسين گاڏي ڪنئيسين، گاڏي وري ڪِتي بيهارڻ جي جاءِ ناهي، قطار ۾ وڃي پُل جي ٻاهر نِڪرڻو آهي، پُل جي ٻاهر جڏهن نِڪتاسين ته گاڏي کي سائيڊ ڪري، ريلوي پٽڙي ڪراس ڪئيسين، پُل جي پاسي ۾ دريا وٽان ساڌ ٻيلي جي سامهون بيهي فوٽوگرافي ڪئيسين، ساڌ ٻيلي کي پري کان ڏِٺوسين، اُتي وياسين نه، اُتي وڃڻ جو پهرين ته وقت نه هو، ٻيو ته الائي ڪهڙو طريقڪار هو، اسانجي علم ۾ نه هو، تنهن ڪري نه وياسين، پُل جي خوب فوٽوگرافي ڪئيسين، آخر ۾ هيٺ لٿاسين سائيڊ کان ڏِٺم ننڍڙو بورڊ لڳو پيو آهي، ’ممنوع علائقا‘ سيني کي چيم ڪم پاڻ پلو ڪيو آهي، بورڊ پڙهڻ کان بِنا هليا آياسين، اُتي جِتي منع ٿيل آهي.

هِن لئنسڊائون پُل جي لاءِ ٻُڌو هو ته انگريزن طرفان سکر ۾ اهڙي پُل ٺهرايل آهي، جنهن تان گاڏيون گُذرڻ ڪانپوءِ وري هيٺ دريا ۾ ڪيرائي ڇڏيندا آهن، جڏهن گاڏيون گُذرنديون آهن ته وري مٿي ڪندا آهن، اِها ڳالهه اسان ننڍپڻ ۾ ٻُڌي هُئي، اجا ڪِتي پڙهي نه اٿم. بهرحال 1889ع ۾ تيار ٿيل هِن پُل جي پاسي ۾ هِڪ ٻي پُل به ٺهيل آهي، جنهن کي 1962ع ۾ صدر ايوب جي دؤر ۾ تعمير ڪيو ويو هو جنهن جو نالو به ’ايوب پُل‘ رکيو ويو آهي. اسان خوب فوٽوگرافي ڪري اُڪري پار ٿياسين، روهڙي ۾.

### روهڙي ۾ رهياسين پُل هِڪڙو

هِتي مونکي حيراني ٿي تہ سکر ۽ روهڙي بئي جاڙا شهر آهن، صرف درياءَ وچان آهي، جيڪو پُل ذريعي ٻنهين شهرن کي ڳنڍي ٿو بِلڪل ايئن جيئن ملائيشيا ۽ سينگاپور بہ الڳ ملڪ آهن، پر وچان صرف پُل آهي جيڪا ملائيشيا جي شهر 'جوهر بارو' ۾ آهي، اُها ڪراس ڪبي تہ سينگاپور، پر اسان وٽ ايترو وقت نہ هو، تنهن ڪري جوهر بارو نہ وڃي سگهياسين، ريل ۾ پوري ڏينهن جو سفر هو.

لئنسڊائون پُل ۽ ايوب پُل ذريعي نہ صرف سکر، پر پوري پنجاب سان ڳنڍيل هِن شهر وڏا انقلاب ڏِٺا. تاريخ جا ڪتاب لِکن ٿا تہ ڪيئي ڀيرا هي شهر اُجڙيو ۽ وري آباد ٿيو آهي. ساليانو هزارين مڻ ڪتل ۽ چوهارا پيدا ڪندڙ وڏي ۾ وڏي چوهارا منڊي رکندڙ هِن روهڙي شهر جي ريلوي اسٽيشن بہ ملڪ جي وڏين اسٽيشنن ۾ شماري وڃي ٿي. هِن شهر جو نالو بہ ڪيترن ئي محققن پنهنجي تحقيق مطابق مختلف ٻُڌايو آهي. راورٽيءَ پنهنجي ڪتاب ' سنڌ جو مهراڻ' ۾ لِکيو آهي تہ روهڙي هِڪ پُراڻو شهر آهي، جنهن جو هندي نالو 'روراپور' يا 'رورانگر' هو ٻنهي نالن جي معنيٰ 'جبلن تي ٺهيل شهر' نِڪري ٿي. سنڌ گزيٽيئر ۾ هِن شهر جو نالو 'لوهري' لِکيو ويو آهي، هِڪ ٻي انگريز ڪپتان جي.اي. ويسٽ ميڪاٽ، 'ايشياٽڪ سوسائٽي، بنگال' رسالي ۾ هِن شهر جو نالو 'لوهر ڪوٽ' لِکيو آهي، هِڪڙا محقق چوَن ٿا تہ روهڙي دراصل 'روڙي' مان ورتل آهي، جيڪو پاشا جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ننڍڙو پٿر يا ٽڪري. هن شهر مان جيڪي بہ سياح گُذريا اُنهن هِن شهر کي ڪجين، گُلن ۽ گلابن جو خوبصورت شهر سڏيو آهي. نئي ۽ سيوهڻ جو همعمر سڏيو ويندڙ هي روهڙي شهر جنهن اسلام دؤر ۾ واپار، صنعت ۽ تعليم ۾ وڏي ترقي ڪئي. روهڙي ۾ تيار ٿيندڙ 'دريائي' ڪپڙو ڏيهان ڏيهہ مشهور هو. روهڙي شهر جون مِنايون، کجور ۽ چوهارا گهڻو مشهور آهن. هِتي سيمينٽ جو وڏو ڪارخانو 'روهڙي سيمينٽ فيڪٽري' جي نالي سان آهي. هن شهر ۾ ڪيترين ئي تاريخي مسجدون بہ آهن ۽ روهڙي جو 'ماتم' بہ ملڪ ۾ مشهور آهي. هِن شهر ۾ 'شاهہ لطيف ٽائون هال' بہ موجود آهي، جِتي علمي، ادبي پروگرام ٿين ٿا.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روهڙي شهر جا شهري پنهنجون موڪلون بہ سنڌو درياهہ ڪناري تفريح ماڻڻ تي گذارين ٿا ۽ سنڌو دريا اندر ٿي ٻيٽ، خواجہ خضر، ساڌ ٻيلو ۽ بکر تي ٻيڙين ذريعي وڃي وڏو لُطف ماڻين ٿا.

شبير بلو ٻڌايو تہ: ’روهڙي ۾ بيدل ۽ بيڪس شاعر ٿي پيءُ پٽ آهن، اُنهن جون مزارون بہ هِتان ڪان ويجهو ئي آهن،‘ مون چيو ’بيدل ۽ بيڪس تي تہ ضرور هلبو پلي ڪٿي وقت ٿورو بہ آهي. ڪيترو پري بہ آهن.‘ پوءِ آياسين بيدل ۽ بيڪس ڏانهن. پُل ڪان ٿورو اڳتي هلي هيٺ لهبو ۽ ٿورو ئي پنڌ اڳتي هلبو تہ ويجها ئي آهن، سمجهہ دريا ڪپ تي رکيل آهن.

## بيدل جو قسم، بيڪس جو قسم

نالو جيئن ئي ٻڌم تہ مونکي سرڪش سنڌي جو اِهو گيت’تون ڪاوڙ چڙهہ تون ڪاوڙ چڙهہ‘ ياد اچي ويو جنهن جي هِڪڙي مصرع ۾ آهي تہ ’بيدل جو قسم، بيڪس جو قسم، جهونگاريم. جيئن ئي مزار ڏانهن وڌيس تہ دروازي تي هي شعر وڏن اکرن سان بورڊ تي لِکيل آهي پڙهيم:

جي طلب تينون هي ’بيدل‘ دائميٰ ديدار دي،
هٿ ڪنون ڇوڙين نہ دامنِ حيدرِ ڪرار دي.

اندر مزار تي پهرين سلام ورائي قُل پڙهياسين. بعد ۾ ديوارن تي وڏن اکرن ۾ لکيل شعر جيڪي پينافليڪس توڙي ڪاٺ جي بورڊن تي لکيل آهن، پڙهياسين ۽ اُنهن جا فوٽو بہ ڪڍيم. مقبري کان ٻاهر ديوار تي سنگ مر مر جي پٿر تي اُڪريل هي معلومات جيڪا اوهان سان شعر ڪريان ٿو:

”درگاهہ حضرت بيدل ۽ بيڪس روهڙي

حضرت فقير قادر بخش بيدلؒ، سنڌ جو عظيم صوفي شاعر، برک عالم ۽ ڪامل عارف ٿي گذريو آهي. سندن ولادت سن 1231هہ مطابق 1815ع ۾ روهڙيءَ ۾ ٿي، سندن والد گرامي جو نالو فقير محمد مُحسن هو جيڪو شاهہ عنايت جهوڪ واري جي سلسلي جي هِڪ بزرگ حضرت سيد عبدالوهاب شاهہ جيلانيءَ جي مريد ۽ حضرت مير جان الله شاهہ رضوي ثاني جو خليفو هو. حضرت فقير قادر بخش بيدل، قرآن، حديث، فقہ ۽ ٻين علوم جا فارغ التحصل عالم ۽ مُبلغ هئا ۽ پڻ شريعت، طريقت، معرفت ۽


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حقيقتن جا سيرَ ڪيل هُيس. حضرت فقير قادر بخش بيدل دستِ بيعت مريد حضرت جان الله شاهه رضوي ثانيءَ جو هو جڏهن ته باطني فيض حضرت شهباز قلندر کان مِليس. حضرت فقير قادر بخش بيدل سنڌي، سرائيڪي ۽ اردو کان سواءِ فارسي ۽ عربي ٻولين ۾ نظم ۽ نثر جا ٽيويهه ڪِتاب لِکيا آهن، جن ۾ سندس فارسي عربي ڪلام جا ديوان ۽ مثنويون پڻ شامل آهن. پاڻ پنهنجي وقت ۾ تصوف جي سلسلي جو سرواڻ ۽ بيباڪ مُفڪر ٿي گُذريو آهي. فقير قادر بخش بيدل جو وصال تاريخ 16 ذوالقعد 1289هه مطابق 15 جنوري 1873ع ۾ ٿيو.

سندس فرزند فقير محمد محسن بيڪس پڻ سنڌ جو باڪمال صوفي شاعر ۽ درويش ٿي گُذريو آهي، جنهن جو ڪلام پڻ سنڌي، سرائيڪي، اردو، فارسي ۽ عربيءَ ۾ آهي، فقير محمد محسن بيڪس صرف 23 ورهين جي عمر ۾ تاريخ 5 رمضان المبارڪ 1298هه مطابق 1882ع ۾ وصال ڪيو.

پاران

محمد اسلم شيخ _ تعلقہ ناظم، تعلقہ ڪائونسل روهڙي“

مزار جي ٻاهران دري مٿان هِڪڙو هي شعر بہ وڏن اکرن ۾ ڪاٺ جي بورڊ تي لکيل آهي:

الاالله اثبات ڪر نيهي ٿيءُ نابود،
تارن سندو تاب ويو پسي شمس شهود،
ساجد ۽ سجود محو ٿيا مسجود ۾.
’بيدل‘

۽ هِڪڙي ديوار تي پينا فليڪس تي پرنٽ ٿيل ’بيڪس‘ جو هي غزل بہ اوهان سان شيئر ڪري ڇڏجي. هونئن تہ سنڌي ادبي بورڊ وارن محمد محسن ’بيڪس‘ جو ڪتاب ’ديوانِ بيڪس‘ بہ ڇپرايو آهي.

ڪنهن ڪارڪم جا ناهيون، بيڪار ٿا ڪمايون،
مولا ميٺي مندايون، ڪر معاف جهڪا جهولا.

تو ريءَ آهيون بيگانہ، ديدار لئہ ديوانہ،
هر جا ڦِرون حيرانہ، ڪِيڏ غير جا ٿون پولا.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

داتار تون دلاور، آڏار تو گداگر،
بخشيش ڪر بهادر، پنهنجي برھ جا ڪي تولا.

پير-مغان تو ساقي، ڪو جام پيار باقي،
ٿئي صاف دل جي طاقي، لاهيو اکين جا اولا.

تون دستگير منهنجو ’بيڪس‘ فقير تنهنجو
پيو در نہ تڪيون ڪنهن جو، گولن سندا هون گولا.

هي بيدل ۽ بيڪس ٻئي پيءُ پُٽ آهن ۽ ٻئي گڏ رکيل آهن. ٻنهي تي قُل پڙهي فوٽوگرافي ڪري ٻاهر آياسين.

## ’بيڪس‘، سونهن پرست هو

”حضرت قادر بخش ’بيدل‘ ٻہ شاديون ڪيون هيون، هِڪڙي مائٽياڻي هُئي، هِڪڙي شڪارپور جي مغل خاندان مان ڪيائين، اُن شڪارپور جي مغلياڻي مان ڇاول محمد محسن ’بيڪس‘، سونهن پرست هو هر حسين ۽ خوبصورت چهرو هِن لاءِ ڪشش رکندو هو. سندس والد بيدل جي وصال ڪانپوءِ بيڪس جهوڪ شريف شاھ عنايت جي درگاھ تي ڪجھ ڏينهن رهڻ ڪانپوءِ سيوهڻ هليو ويو حضرت قلندر لعل شهباز جي حضور ۾، ان سير سفر کان واپس پهتا تہ پهرين ڪنعيي جي پُڇا ڪيائون، کيس ٻُڌايو ويو تہ ڪنعيو ڪنهن وچڙندڙ بيماري ۾ مبتلا ٿي ويو آهي. اهو ٻُڌندي ئي بيڪس سرڪار سِڌو ڪنعيي جي گهر پهتو، ڪنعيي کي ڏِسي چيائين ’محبوب بس هاڻي باغ بهار آهيو‘ اِهو ٻُڌڻ بعد ڪنعيو کٽ تي اُٿي وِيٺو ٻي ڏند کٽا اِها تہ: بيڪس سرڪار ڪوٺي جي ڇت تي ڏيئو ٻاري رهيا هئا، گهر ڀاتين جي پڇڻ تي فرماياڻين تہ اڄ مالڪ ايندا تنهن ڪري ڏيئو ٻاريون اٿم، ڪجھ دير بعد ڪنعيو آيو جنهن سان ڪوٺي تان لهي اچي مِليو ۽ کيس دڙڪو ڏيندي چيائين تہ ’منهنجي مرڻ ڪانپوءِ منهنجي قبر تي نہ اچجائين، تنهنجي هر ضرورت گهر ويٺي پوري ٿيندي، جيڪڏهن ڀُلجي قبر تي آئين تہ قبر ڦاٽي پوندي ۽ آءُ ٻاهر نِڪري ايندس. اِهو ٻُڌي ڪنعيو گهر هليو ويو ’بيڪس‘ سرڪار صبح تائين اُن ڪوٺي تان هيٺ نہ لٿو جڏهن صبح


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهر پاتي ڪوٺي جي ڇت تي چڙهيا تہ چا ڏِسن رڱو گُلاب جا گُل، رابيل جا گُل جن جي ايتري تہ تيز خوشبوءِ هُئي جو سيني جا دماغ معطر ٿي ويا. جڏهن هِن جي ڪٽ ڏانهن ڏِٺائون تہ هن کي دارالبقا ڏانهن روانو ٿيل پاتائون.

ساجن سائين سير ڪرڻ لئہ، آيو ٿي انسان،
ڪِٿي ڪافر، گبر، يهودي، ڪِٿي مسلمان،
ڪِٿي مذهب جو مونجهارو، ڪِٿي بي ايمان،
ڪِٿي ’بيڪس‘ طلب ٿئي ٿو ’بيدل‘ پير مُغان.

مزارن جي اوپر طرف کان گادي نشين جو هجرو آهي، جنهن ۾ گادي نشين صوفي فقير غلام نجف قريشي پنهنجي سنگت سان گڏ ويٺو هو سلام ورائي ساڻس مِلياسين، پاڻ چانهہ پاڻي پيئڻ لاءِ گهڻو ئي زور پريو پر اسان وٽ وقت بلڪل نہ هو تنهن ڪري انڪار ڪيوسين چند گهڙيون ساڻس حال احوال ۽ ڪچهري ڪري ڪائنس موڪلايوسين، گڏ گروپ فوٽو بہ ڪڍيو.

## سکر بئراج سهڻي منهنجي سنڌ جو

هاڻي واپسي وري ساڳين پُل جي بجاءِ سکر بئراج واري پُل تان ڪرڻ چاهيسين، جيئن بئراج پُل بہ ڏِسي ونجي، بئراج پُل جا دروازا، جيڪي66 ٻُڌايا وڃن ٿا، واقعي ئي ايڏي وڏي پُل آهي، اسانجي ڪار 80 جي اسپيڊ سان هلي رهي هئي، پوءِ بہ ڪافي دير پُل تان گُذرندي لڳي ويو. هِتي اِهو تہ ممڪن نہ هو تہ پُل تي گاڏي روڪي پُل جو نظارو ڪجي يا فوٽو گرافي ڪجي، فوٽوگرافي جو هوئڻ بہ وقت نہ هو جو رات ٿي چُڪي هُئي، ها پر رات جي وقت بئراج پُل تي لڳل بتين جي روشني جڏهن سنڌو درياءَ جي پويتر پاڻي تي پئي رهي هئي تہ هي نظارو دِل لُڀائيندڙ هو دِل پي چيو تہ ڪيئي گهڙيون، پويتر پاڻي تي پوندڙ بلبن جي هِن روشنيءَ سان روح رهاڻ ڪجي، پر وقت جو تيز ڊوڙندڙ گهوڙو ڪِٿي ٿو ايتري مُهلت ڏي.

برٽش دؤر ۾ جوڙيل دُنيا جي سڀ کان وڏي آبپاشي نظام کي ڪنٽرول ڪندڙ سکر بئراج يا لائڊ بئراج، جنهن جي ڊزائن سر آرنلڊ مستو ناهي ۽ سر چارلٽن هيريسن جي هدايتن مطابق هن کي 1923ع کان تعمير ڪرڻ شروع ڪيو جيڪو 1932ع تائين جوڙي راس ڪيو. هن جي اسڪيم 1846ع ۾


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ليفٽيننٽ ڪرنل اسڪاٽ تيار ڪئي هئي، 1904ع ۾ ڊاڪٽر سمرس سپرنٽينڊنٽ انجنيئر مٿئين اسڪيم حڪومت هند جي ڌيان تي آندي، 1910ع ۾ ٻيهر حڪومت آڏو هِن اسڪيم متعلق سوال اُٿيو 1916ع ۾ هِڪڙي ڪميٽي ٺاهي وئي، جنهن هِن اسڪيم جي جانچ ڪئي ۽ اُن کان پوءِ ڪم کي هلائڻ جي سفارش ڪئي. اِهو ڪم تمام سُست رفتاري سان پراسسز ٿيندو رهيو نيٺ 1923ع ۾ سيڪريٽري هند کان منظوري پهتي ۽ جولاءِ مهيني کان بئراج ڪالوني جي ڪوارٽرن ٺهڻ جو ڪم شروع ٿيو. 1925ع ۾ واهن جي کوٽائيءَ جو ڪم شروع ٿيو 1926ع کان پُل جي تعمير جو ڪم شروع ٿيو. هن تي لائڊ بئراج نالوِ ان ڪري به رکيو ويو جو اُن وقت بمبئي جو گورنر لارڊ لائڊ هو جنهن ڪم ۾ ڪافي دِلچسپي ورتي هئي.

اِهو پڻ پڙهيو اٿم ته هن بئراج جي ڪئنالن جي مدد سان اٽڪل هِڪ ڪروڙ ايڪڙ زمين آباد ٿئي ٿي. ساڄي پاسي کان ٽي وڏا واهه (1) اُتر اولهه ڪئنال، (2) رائيس ڪئنال، (3) دادو ڪئنال نِڪرن ٿا ۽ کاٻي پاسي کان چار وڏا واهه(1) ايرندو نارو، (2) اوڀر خيرپور ڪئنال، (3) روهڙي سنڌ سڏار ڪئنال، (4) مغربي خيرپور ڪئنال نِڪرن ٿا.

سکر بئراج يا لائڊ بئراج پُل جي ڊيگهه هِڪ ڪلوميٽر ٻُڌائي ويجي ٿي، هي پُل لنڊن جي ٿيمس پل کان پنجوڻ تي وڏي آهي. سڄي سفيد پٿر سان جُڙيل آهي، هِن کي ڇاهٺ دروازا فولاد جا لڳل آهن، جيڪي برقي طاقت سان مٿي کڄن ۽ بند ٿين ٿا.

13 جنوري 1932ع ۾ وائسراءِ لارڊ ولنگڊن هن پُل جو جڏهن افتتاح ڪيو هو ته اُن موقعي تي سڄي هندستان جا سرڪاري غير سرڪاري معزز ماڻهو حاضر ٿيا هئا. اهڙو اجلاس/گڏجاڻي شايد پهرين ڪڏهن به نه ٿي هُئي ۽ اِهو به پڙهي حيراني ٿي ته دُنيا جي عجائبات ۾ هن بئراج کي به شامل رکيو ويو آهي.“

سُهڻي منهنجي سنڌ جي هن سونهن کي برقرار رکڻ لاءِ وقتِ حڪومت الائي ڪيترو ۽ ڪهڙو ڪم ڪيو آهي، اِن جي ڄاڻ نه اٿم. پر اهڙو وڏو بئراجي سسٽم 75 سال گُذرڻ کانپوءِ پاڪستان حڪومت نه جوڙي سگهي آهي، اڳي حڪمران ملڪ، علائقي، خطي کي ٺاهڻ لاءِ حڪومت قائم ڪندا هئا ۽ هاڻي سڀ ڪجهه ڪاٽڻ لاءِ حڪومت حاصل ڪندا آهن.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## لبِ مهراڻ، ’مِٺا مهراڻ ۾ مِلبو‘

شبير ٻلو صاحب! هاڻي هلي لبِ مهراڻ تي چانهہ بہ پيئون ۽ نماز بہ پڙهون. اڳين سيٽ تي ويٺل اسانجي ميزبان شبير احمد بلو کي مخاطب ٿيندي چيم. شبير احمد بلو هِتي جو رهاڪو آهي، تنهن ڪري اڳيان روڊ، رستا ۽ موڙ ٻڌائيندو آيو اچي لبِ مهراڻ تي پهتاسين. سُٺي رونق نظر اچي رهي هُئي. اسان گاڏي کي سائيڊ کان پارڪ ڪري پهرين تہ مسجد جي تلاش ڪئي، جيڪا پڻ پير ۾ ئي هُئي، مسجد هاڻي نئين تعمير ٿي آهي، اجا تعمراتي ڪم هلي رهيو آهي، گهڻي وڏي بہ ناهي، پر بهترين مسجد آهي، جِتي چئوطرف جهولا، هوٽلون، لائوڊ اسپيڪر اهڙي شور جي وچ ۾ عبادت گاهہ بہ هُجي، جيئن هر ماڻهو آزاد آهي، تہ هو عبادتگاهہ طرف وڃي، هوٽلن ڏانهن وڃي، تفريح شين ڏانهن وڃي. اسان پهرين مغرب جي نماز پڙهي، گڏ عشاءَ نماز بہ پڙهيسين. سفر ۾ هُئاسين، تنهن ڪري سفر نمازون ئي پڙهي رهيا هئاسين.

ٻاهر آياسين، هِڪڙي هوٽل جي ٻاهر رکيل ٽيبل ڪُرسين تي ويناسين، جيئن ٻاهر جي رونق مان بہ لُطف اندوز ٿي سگهجي. هِن هوٽل جو نالو آهي ’مهراڻ پتو هوٽل‘. چانهہ کان پهرين فنگر چپس گهراياسين، آءُ ان کان پهرين لبِ مهراڻ دريا جي ڪپ تي لڳل لوهي جهنگلي طرف آيس، اوندهہ ٿي وڃڻ ڪري دريا جي دهشت تہ نظر نہ پئي اچي، پر پريان لئنسڊائون پُل جي بتين جو نظارو بهترين پيو ڏِسجي ۽ دريا جي هُن ڪپ روهڙي شهر ۾ برندڙ روشنين جي رونق پُڻ نظر اچي رهي آهي. هِتي مونکي الائي ڪيئن ۽ ڪِٿان کان روحل واڱ جي جمن دربدر جو اِهو مشهور غزل زبان تي آيو.

> وٺي هر هر جنم وربو، مِٺا مهراڻ ۾ مِلبو.
> ختم اونداهہ ٿي ويندي، چِٽي چانڊاڻ ۾ مِلبو.
>
> وري ورندا تہ وسڪارا، وسي پوندا هي پڊ سارا،
> مارو ٿيندا تہ موچارا، مينهَن مانڊاڻ ۾ ملبو.
>
> مِٺا مهراڻ ۾ مِلبو مِٺا مهراڻ ۾ مِلبو.

## منَ ۾ هِڪڙو خيال جو پکي

جيستائين چانهه اچي، اسين فنگر چپس کائي رهيا آهيون ۽ منهنجي من ۾ هِڪڙو خيالن جو پکي پرڙا پکيڙي لهي اچي ٿو ’اسين هي هيڏا پنڌ ڪري وقت سيڙائي ۽ پئسو لڳائي گهُمون ٿا. اِهو سڀ ڪجهه ڇا آهي، اِها کهڙي تانگهه آهي، کهڙي اُڪير، کهڙي سِڪ آهي، جيڪا اسانکي ايڏا پنڌ ڪرائي ٿي، ڪڏهن پهاڙن جا، ڪڏهن رڻن جا، ڪڏهن شهرن جا ته ڪڏهن بحرن جا، ڪڏهن سمنڊن جا ته ڪڏهن دريائن جا، ڪڏهن درگاهن جا ته ڪڏهن آثارن جا. اِهي سڀ پنڌ اجايا ته نه هوندا، ممڪن آهي، ڪي انسان اهڙا به هُجن جن لاءِ هي سڀ ڪجهه اجايو هُجي، جن جي ذهنن ۾ گند ڪان سواءِ ڪنهن به سُنائي ۽ سُرهاڻ ڪي جڳهه نه مِلي سگهندي هُجي، اهڙن ذهنن لاءِ هي سڀ پنڌ اجايا هوندا. پر اسان ته جڻ اِهو قسم کڻي ڇڏيو آهي ته هِن سُهڻي منهنجي سنڌ جي سَنڌ سَنڌ، هَنڌ هَنڌ کي ڏوري ڏِسبو، لِکبو ۽ ٻڌائبو، سنڌ جي سونهن کي دُنيا جي ڪُتب خانن تائين پهچائبو. لائبريرين ۾ سنڌ جي سونهن تي لِکيل ڏِٺل مشاهداتي معلومات وارا هي سفر سيني سان شيئر ڪبا. خيالن جي کوهه ۾ اجا تري ئي رهيو هئس، تيستائين ٽيبل تي چانهه جي ڪوپن جو آواز مونکي واپس آڻي وني آيو. چانهه جي چُسڪين پرڻ لاءِ.

چانهه پي اُٿياسين، شبير بلو کي چيوسين، هاڻي اسانکي خيرپور جي روڊ تي ڇڏي اچو جيئن اسين سِڌو وڃي ڪجين جي شهر خيرپور ۾ رات جا پهر رهون. بلو صاحب گهڻو ئي اِسرار ڪيو ته اج رات مون وٽ ترسي پئو پر چيوسين هِتي ترسڻ اجايو آهي، اسانکي صبح سوير خيرپور گُهمڻو آهي، بهتر ٿيندو ته رات به ڪجين جي شهر خيرپور ۾ وڃي رهجي.

شبير کان خيرپور جي هوٽلن جي باري ۾ پڇيوسين. چيائين هوٽلون ڪوڙ آهن خيرپور ۾. سدابهار وزيراعليٰ رهندڙ قائم علي شاهه جو شهر آهي، خيرپور ۾ هوٽلون نه هونديون!!! خير. ڪائنس پاڪر پائي موڪلايوسين.

هاڻي ڏسيل روڊ تي رات ويلا هلندا رهياسين. هِڪڙي پُل آئي اُن کي ڪراس ڪيوسين اڳيان ٽول پلازه آيو جِتي سکر ضلعي جون حدون ختم ٿين ٿيون ۽ خيرپور ضلعو شروع ٿئي ٿو. اسين هاڻي سکر کي سلام ورائي ڪري، ڪجين جي شهر خيرپور ڏانهن وڃي رهيا آهيون.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### نيڙهي شهر مان گُذرياسين

وِچ ۾ لِنڪ روڊ ٿو اچي ۽ پاسي ۾ ئي نيڙهي شهر آهي، جيڪو سکر ۽ خيرپور جي وچ تي ٿي پيو سگهي، جيئن ماتلي بدين جي وچ تي تلهار شهر آهي، پر تلهار تعلقي جو شهر آهي، جڏهن تہ نيڙهي شهر خيرپور جي هِڪڙي يونين ڪائونسل جو شهر آهي، پر ڪجين جي باغن جي ڪري هِن شهر ۾ رش هوندي آهي، هِن وقت بہ اسان کي نظر اچي رهي آهي، ٽرڪون ڇوهارن جون پيون پرجن. شهر جي وِچان گُذرياسين روڊ جي ٻنهي پاسن کان ڪجور جا وڏا وڏا عاليشان دُڪان نظر آيا. سنگت کي چيم ’گاڏي کي روڪيو، ڪجور سوکڙي طور وٺيو هلون،‘ چيائون ’ڪجور جو شهر آهي ئي خيرپور اُتي تہ هلون پيا. سياڻي هلڻ وقت وٺنداسين،‘ چيم ’ٺيڪ آهي.‘ ۽ پوءِ ٿهڙي کي بہ پوئتي ڇڏي اڳتي اُڪري اچي پهتاسين خيرپور شهر ۾، هاڻي هڪ تہ اجنبي شهر، ٻيو اسين اويلا مسافر، هِن شهر ۾ منهنجو دِلبر دوست ۽ سنڌي ادبي سنگت سنڌ جو سيڪريٽري جنرل، حساس طبيعت جو مالڪ، سهڻو شاعر ڊاڪٽر مشتاق ڦل بہ رهي ٿو، پر ايئن اچانڪ اچڻ جي ڪري، اُن کي فون ڪرڻ مُناسب نہ سمجهيم.

### زم زم ۾ رهياسين رات هِڪڙي

هوٽلن جي پُڇا ڪئيسين، اسان کي پهرين شهر ڏانهن ڏس ڏِنائون جيڪي صرف ڪائڻ واريون هوٽلون هنيون اسان رهائش لاءِ پي ڳوليون، پوءِ ٻاهر اسان کي ڏس مِليو شهر کان ڪافي ٻاهر نِڪري آياسين. هِڪڙي سائي ڪلر سان وڏي محل نما هوٽل نظر آئي، اُن هوٽل ۾ رات رهڻ لاءِ ڊبل بيڊ وارو ڪمرو بڪ ڪيوسين، چارج 3000 هزار هئي، گاڏي جي پارڪنگ هوٽل جي سامهون لڳل شيڊ هيٺ هئي، جيڪا ذميواري هوٽل انتظاميہ جي هُئي. هي هوٽل زم زم آهي، شايد ڪنهن وڏي ماڻهو جي آهي، اڏاوت /سجاوت مان اندازو لڳائي سگهجي پيو. خير ڪنهن جي بہ آهي، انهيءَ خفي ۾ نٿا وڃون، اسانکي تہ بس رات جا چار پهر رهڻو آهي، ڪمرو خريد ڪرڻو آهي. جيڪا معلومات هوندي صبح مئنيجر کان وٺي وٺبي.

# جيڪي سفر ۾ همسفر هئا

**پروفيسر ڊاڪٽر عبدالجبار 'قاسم' نظاماڻي:** ماتلي سان تعلق رکندڙ معزز شخصيت. پيشي جي لحاظ کي ليڪچرار گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج ماتلي، پاڻ سُٺا ليکڪ ۽ تاريخ سان دِلچسپي رکندڙ تاريخ لِکندڙ ماتلي جي تاريخ لِکي اٿس. اُن کان علاوه حافظ نظاماڻي جي شاعري جا مجموعا "باغي آ عشق منهنجو"، "تاريخ آهي شاهد" پڻ هِن جا سهيڙيل آهن. نظاماڻي ذات تي "تذڪراءِ نظاماڻي" وڏو ڪِتاب لِکيو اٿس. جنهن ۾ پوري نظاماڻي قبيلي جا شجرا ڏِنا اٿس. اُن کان علاوه کوڙ ٻيا بہ ڪيترائي ڪتاب لِکيا، سهيڙيا ۽ مُرتب ڪيا اٿس. "محمد صديق مسافر جي علمي، ادبي، تعليمي، صحافتي ۽ سماجي خدمتن جو تحقيقي مطالعو" جي عنوان سان محمد صديق مسافر تي پي ايچ ڊي ڪري ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪئي اٿس.

**شبير احمد بلو:** شبير احمد عرف خادم خُدائي بابا بلو مئٽرڪ پاس ڪري ڪانپوءِ طب جي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ لاڙڪاڻي مان بي يو ايم ايس، ايف تي جي، جي ڊگري وٺي پنهنجي حڪمت جو ڪم شروع ڪيائين. هي تاريخ جو شاگرد بہ رهيو آهي، ادب سان بہ گهڻي دِلچسپي رکي ٿو گهر ۾ لائبريري بہ اٿس. عبدالڪريم بلو جي اڱڻ تي اکيون کوليندڙ شبير احمد کي هاڻي حڪيم شبير احمد عرف خادم خدائي بابا سڏيو ويجي ٿو. اصل تعلقو پنو عاقل ضلعو سکر جا آهن. هاڻي شهر سکر جي قريشي روڊ تي گلشن اقبال ڪالوني ۾ رهن ٿا.

**منظور احمد جوڻيجو:** ماتلي شهر سان تعلق رکندڙ منهنجو ياءُ آهي، سُٺي دل رکندڙ آهي. سندس حيدرآباد ۾ "الرزاق پرنٽرز" آهي، پنهنجي ڪاروبار ۾ ڪامياب آهي. گُهمڻ جو شوق هوندو اٿس، ۽ هميشہ چوندو آهي، گُهمڻ جو پروگرام ٺاهيو گاڏي منهنجي حاضر آهي.

**مور ساگر:** 'ڪي جاٽا مين ڪوڻ بُليا'

## [ 08 اپريل 2019ع - ضلعو شڪارپور- سکر-خيرپور ]



منظور احمد، شبير احمد بلوچ ڊاڪٽر عبدالجبار نظاماڻي سان گڏ
معصوم شاهه جي مناري هيٺ



ڊاڪٽر عبدالجبار نظاماڻي، شبير احمد بلوچ بيدل، بيڪس جي
گادي نشين سان گڏ روهڙي شهر ۾


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



# ڪجين جي شهر خيرپور ۾

اُڏري اچان تو اڳڻ، ڪاش! هُجان پَکي،
هاءِ منهنجي سکي!، پَل نہ ٿيان توکان پري.

اسان صبح سويري اُٿي الله پاڪ کي ياد ڪري، نماز پڙهي، تلاوت ڪري، هوٽل ڇڏڻ جي تياري ڪئي. اُن کان پهرين جو هوٽل جي ڪمري جو تالو ڏئي چابي هوٽل مالڪ حوالي ڪجي. پرين کي سارڻ بہ ثواب سمجهيم، حال احوال ٿيو. دوستن سان بہ هيلو هاءِ ٿي.

”حساسيت اپنائيندي ايڏو حساس ٿي ويو آهيان جو ڪنهن سان ناانصافي ڏِسندي پڙڪي پوان ٿو. حقيقت جون هوائون جڏهن سچ جي سرحدن تي آٿي بيهارين ٿيون، تڏهن هر طرف کان دور نظر ايندڙ سچ لاءِ ٽنگيل صليب نظر ايندو اٿم ۽ زمين مان ڊپَ اُڀرندي محسوس ٿيندا اٿم. سچ پنهنجي اصل جڳهہ تان هٽيل ۽ پارڻ ڏانهن ايندي محسوس ڪندو آهيان.“*

* منهنجي اڻ ڇپيل ڪتاب ”بُوند بُوند جيئڻ“ مان کنيل سِٽون.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڊاڪٽر مشتاق ڦُل واقعي مشتاق دوست آهي

دوست ڪيترا به پيارا ۽ ويجها هُجن، پر سيني دوستن سان هُجتون ۽ اُميدون الڳ الڳ وابسته هونديون آهن. سو ڪيترائي پيرا سوچي حجاب وچان ڊاڪٽر مشتاق ڦُل کي فون ڪيم، مون سمجهو سُتا پيا هوندا. پر پهرين رنگ وڃڻ سان فون ڪنيائين. منهنجي هِڪڙي عادت هوندي آهي، ڪنهن کي ڪو ڪم چوڻو هوندو اٿم ته پهرين پُڇندو آهيان، مصروف ته نه آهيو؟. اگر مصروف هوندو ته چوَندس ايئن ئي حال احوال ٿي پُڇيم. سو ڊاڪٽر مشتاق کان پُڇيم ’ادا ننڊ ته خراب نه ڪيم‘ چيائين، ’پيارا ننڊ ڪِٿي اسين ته پنڌ ۾ آهيون، پُڇيم ’ڪيڏانهن پيا وڃو؟‘ چيائين ’استاد شفيع فقير جو والد گُذاري ويو آهي، اُن جي فاتح لاءِ وڃي رهيا آهيون. نواب شاهه جي ويجهو پُهتا آهيون. اوهان ڏيو خبر؟‘ چيم ’بس ايئن حال احوال ٿي پُڇيم، ’نه پيارا ڪو ڪم آهي ته ٻُڌائي‘، ’نه ادا ڪو خاص ڪم ناهي،‘ ’نه مور ساگر حجاب نه ڪر ڪم هُجي ته ٻُڌائي‘ چيم ’ادا اوهانجي شهر ۾ رات کان رهيل هُئاسين صبح سوچيم اوهان جو ديدار ڪريو وڃون. پر اوهان نِڪري ويا خير آهي،‘ ’اڙي يار تو ظُلم ڪري ڇڏيو رات کان منهنجي شهر ۾ آهين ۽ رابطو به نه ڪيئي، ڪنهن وٽ آيل آهين،‘ چيم ’بس ايئن ئي خيرپور ۾ خاص فيض محل گُهمڻ لاءِ آيا هئاسين. پر چوَن ٿا ته لوڪل ماڻهو واسطي وارو هِنن کي چوَندو ته گُهمڻ ڏيندا. باقي اوهان کي ايئن گُهمڻ نه ڏيندا،‘ وري چيائين ’يار تو وڏي زيادتي ڪئي آهي، مونکي رات ٻُڌائين ها. مون وٽ اچين ها ڪچهري ڪريون ها. صبح مهراڻو گُهمي پوءِ واپسي ۾ فيض محل به گُهمايان ها. يار.!!!‘ ٿوري ساهي ڪانپوءِ ’مور تون هِڪ منٽ لاءِ فون رک ته فيض محل گُهمائڻ لاءِ ڪنهن دوست کي چوان ٿو‘ ڊاڪٽر جي مسلسل دِلچسپي مان مونکي انتهائي وڙائتي دوست جي خوشبوءِ محسوس ٿي رهي هُئي، نه ته چئي پيو سگهي (يار آءٌ نِڪري ويس نه ته اوهانکي گُهمايان هئا. بس هو آجو) پر نه... ٿوري دير کان پوءِ وري فون ڪيائين ’مور ساگر مون دوست کي چيو آهي، پر هُن کي ننڊ مان اُٿاريو اٿم تيار ٿيڻ ۾ اڌ مُنو ڪلاڪ لڳندس. انتظار ڪيو. هُن کي نمبر به ڏِنو اٿم هو اوهانکي فيض محل ۽ خيرپور شهر گُهمائيندو.‘


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مونکي خوشي ڪيتري ٿي، تفصيل ڪي چڙٻي اِهو جملو ٿو لِکان تہ ’اکيون آليون ٿي ويون‘، اِهو تڏهن بہ ٿيندو آهي جڏهن ڪنهن دوست ۾ وڏيون اُميدون بہ هُجن سڀ هُجتون بہ هُجن. پر بنا ڪنهن سبب جي هو اچانڪ منظر تان هَٽي وڃي ۽ جنهن دوست سان ويجهڙائپ تہ هُجي، پر اِن قسم جي هُجت نہ هُجي، اُهو اهڙي نموني عزت بخشي ان ڪان مٿي ٻيو ڪو وڙ نٿو ٿي سگهي. واقعي ڊاڪٽر مشتاق مڙس ماڻهو دوست آهي. ٿوري دير ڪان پوءِ وري انهي دوست جو مونکي نمبر ميسيج ڪري، فون بہ ڪيائين تہ اوهانکي بہ نمبر موڪليو اٿم، صفيع الله شر، صحافي بہ آهي تہ شاعر بہ آهي، دِل ۾ چيم سُٺي ڪمپني مِلي وئي.

ڪجھ دير بعد دوست صفيع الله جي فون آئي، پُڇيئي ’ڪِٿي آهين پيارا،‘ ٻُڌايومانس تہ ريڊ پئليس هوٽل ۾، چيائين اوهان شهر ڏانهن نِڪري اچو شهر پهچي رابطو ڪريو آءُ اُتي اوهان سان مِلان ٿو.

## ڪيڏانهن مُنهن مريم جو

خيرپور شهر ۾ جيئن ئي داخل ٿياسين تہ هِڪڙي چوڪ تي گول چڪرو ٺهيل آهي، جنهن تي توب رکيل آهي، پُڇا ڪرڻ تي خبر پئي تہ اِها ’مريم توب‘ آهي. مريم جو نالو ٻُڌندي ئي مونکي خليل ڪوسي جو ڪتاب ”ڪيڏانهن مُنهن مريم جو ڪيڏانهن ٿندوالهيار“ ياد اچي ويو.

”ڪيڏانهن مُنهن مريم جو ڪيڏانهن ٿندوالهيار“ خليل ڪوسي جو پهاڪن تي تحقيق ٿيل ڪتاب آهي، پر ڪمال جي تحقيق ٿيل آهي. آءُ بس اوهانکي صفا مختصر ٿو ٻُڌايان تہ پورچوگيز عيسائي مذهب جا هئا، جن بي بي مريم سان مذهبي عقيدت جي حوالي سان هِن توب تي نالو ’مريم‘ رکيو. پهاڪي بابت بہ وڏي تحقيق ڪئي اٿس. مونکي جيڪو صحيح سمجھ ۾ آيو سو پهرين روايت آهي، جيڪا حزب الله آءِ سومري وٽان ورتي اٿس. ”توب مان نِڪتل گولو اچي ٽندو الهيار ۾ ڪِريو تہ اُتي جي ڪنهن ماڻهو ڳالھ ڪئي تہ اِهو گولو مريم توب مان آيو آهي، ماڻهن چيس تہ مريم توب رهي ڪوٽڏيجي جي قلعي تي (اُن وقت قلعي جي برج تي رکيل هئي) ۽ اُن جو مُنهن ٽندوالهيار جي پاسي آهي ئي ڪونہ. تہ اُتان

جي توب جو گولو هيڏانهن ڪيئن ايندو؟ اِن پهاڪي جو مطلب تہ جيڪو حقيقتن جي اُبتڙ ڳالهہ ڪري، يا سولي سنڌي ۾ ’ڏم‘ ڏي اُن ڪي جواب ۾ ايئن چئبو آهي. اسين پهتاسين ڪجين جي شهر خيرپور ميرس منجهہ.

## صفي الله شر، صحافي بہ آهي شاعر بہ آهي

اسين شهر پُهتاسين، ادا منظور ۽ مون سوچيو جيستائين دوست پهچي اُن کان پهرين ڏِسون ڪو نائي/حجام جو دُڪان ڪُليل هُجي تہ شيوَ ڪرايون، پوءِ ٿا دوست کي فون ڪريون. روڊن تان گُهمندا ڦِرندا آياسين. هِڪڙو دُڪان ڪُليل هو، سيشن ڪورٽ جي سامهون، اُتي شيوَ ڪرائي، پوءِ دوست سان رابطو ڪيوسين چيائين، اوهان جي پاسي ۾ ئي هوٽل آهي اُتي هلي ويهو آءٌ پنجن منٽن ۾ پهچان پيو. اسين اچي هوٽل ۾ ويناسين. ناشتي جو آرڊر ڪيوسين، ناشتو ڪري ورتو، تيستائين دوست بہ پهچي ويو. اندر وڃي ويناسين، وي آئي پي روم ۾، چانهہ پيتيسين، تعارف بہ هڪٻئي جا ڪرايوسين.

’هاڻي هينئن ٿا ڪريون،‘ صفيع الله چيو ’دوست سان رابطو ڪيو اٿم فيض محل گُهمڻ لاءِ چيائين 11 وڳي اچي وڃجو اجا وقت پيو آهي، پهرين هلي ٿا ڪنهن ٻي پاسي گُهمون. گُهمڻ لاءِ فيض محل کان سواءِ ٻي ڪان خاص جڳهہ تہ ناهي، پر اوهانکي ريڊيو پاڪستان خيرپور هلي گُهمايان، مون چيو زبردست پهرين اوڏانهن ئي ٿا هلون. صفيع الله کي اڳين سيٽ ڏِني اسان کي مختلف رستن تان وٺي هليو.

صفيع الله شاعر تہ آهي ئي، پر صحافي بہ آهي، اُنهن ٻنهين ڳالهين کان علاوه اهم اِهو تہ هي هڪ بهترين نوجوان دوست آهي، جنهن ڪجهہ ئي گهڙين جي ملاقات ۾ ايئن محسوس ڪرايو جڻ اسان جي پُراڻي واقفيت هُجي، شاعر تہ هونئن بہ هڪٻئي جا پُراڻا واقفڪار ئي هوندا آهن. ملاقات اُنهن جي مجبوري ناهي ٻڌبي. هي سنڌ جي ڪنهن بہ ڪُنڊ ۾ رهندا/وسندا هُجن، هِڪٻئي سان مِلڻ وقت جڻ سالن کان هِڪٻئي جا دوست رهيا آهن. ان رشتي لاءِ بُخاري بہ بيجا نہ ٿو چوي:

دوا ئي اها آ تہ ٿيون درد پائي،<br>
جُدائيءَ ۾ بيجا ’بخاري‘ رجهون ٿا.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ريڊيو پاڪستان خيرپور ۾ ڪي پل

927ڪلو هوٽز مارچ 1983ع تي، افتتاح ٿيندڙ ريڊيو پاڪستان خيرپور جي گيٽ ٻاهران بريڪ ڪيوسين. گاڏي کي سائيڊ ڪان پارڪ ڪيوسين، اندر آياسين. گيٽ تي ويٺل گارڊن کي صفي الله صرف سلام ڪيو. اسٽيشن اندر آياسين، پھرين آياسين عبدالرحمان آرائين جي آفيس ۾ ٻه ٽي منٽ ويٺاسين، پوءِ اُهو ٻه ڳڏ هليو اندر مختلف آفيسون ڏِسندا هلياسين. اِتي هِڪڙي يادگار گيلري ٻه اچي ٿي، اها ٻه ڏِني، جنھن ۾ پُراڻا ۽ ناليوارا ڳائڪ، فنڪار، فنڪارائون جن جا وڏا فوٽو لڳل آهن ۽ ريڊيو تي ڪم ڪندڙ مختلف وقت تي ڊائريڪٽرس ڪمپيئرس، شاعر، اديبن جا ٻه فوٽو لڳل آهن.

اسٽيشن ڊائريڪٽر ڪوثر ٻُرڙي جي وقت ۾ ريڊيو پاڪستان خيرپور وڏي ترقي ڪئي، شايد ان ڪري ٻه جو ڪوثر ٻُرڙو صرف ڊائريڪٽر نه پر سُٺو براڊ ڪاسٽر، اديب ۽ شاعر ٻه آهي، جنھن جو اِهو غزل مشهور ٿيو هو ته:

تون منھنجو صنم آهين، مان تنھنجو صنم آهيان،
تون منھنجو جنم آهين، مان تنھنجو جنم آهيان.

هِتي اڳوڻو سيڪريٽري جنرل ۽ شاعر مختيار ملڪ ڪمپيوٽر پروگرام مئنيجر آهي. پروڊيوسر اعجاز وساڻ، مير ملاح، ڪليم الله شيخ، الياس لاشاري، ربنواز سولنگي، اسرار احمد ڪولاچي، سيد اڪبر شاهه ۽ نظير ڳلال ۽ ڪمپيئرن ۾ نشا ڪنول، صائمه سومرو، افسانه چنا، امر اقبال، ارشاد جاگيراڻي، مشتاق مغل، محمود سومرو، صاحب خان شيخ، اختر ٿانوري، نظير سهتو رهيا آهن، ڪي هينئر هِن وقت ٻه ڪم ڪري رهيا آهن. پروگرامن ۾ ماروئڙا، نئون سج، هيلو ريڊيو خيرپور، ادبي سنگت، اوهان جو خط پھتو، سُهٽي ڌرتي ۽ سنڌي ڊراما مشهور آهن.

گُهمندا ڦِرندا اندر هِڪڙي روم ۾ آياسين، انجنيئر عبدالمجيد ڪٽوهر پروگرام هلائي رهيو هو ’ماروئڙا‘ جنھن جي ميزباني سامهون واري روم ۾ شيشي جي ٻي پار هِڪڙي سنھڙي ڇوڪري ڪري رهي هُئي، هن جڏهن پاڻ ڳالهائي ورتو پوءِ سرمد سنڌي جو گيت هلايائين ته اُن وقت انجنيئر اسانکي اشاري سان ڇيو هاڻي سامهون نشا جي روم ۾ وڃي سگهو ٿا.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## هي نشا ڪنول آهي

صفي الله تعارف ڪرايو، هي نِشا ڪنول آهي، جيڪا هِن ’ماروئڙا پروگرام‘ جي ميزبان آهي، ساڻس گڏ مشتاق مغل بہ هو. اسانجو بہ تعارف ڪرايائين، پوءِ ساڻس گڏ گروپ فوٽو بہ ڪڍياسين. جيستائين گيت پيو هليو، مقصد پنج منٽ جو گيت هو، اسان بہ پنج منٽ تائين ڪچهري ڪئي. نشا ڪنول شاعره بہ آهي ۽ عبرت مئگزين، هالار ڊائجسٽ ۾ ڪڏهن ڪڏهن اسان جي شاعري ساڳي پيج تي ڇپبي هُئي، ايتري شناسائي پهرين ڪان ئي هُئي، ملاقات هاڻي ٿي آهي.

نصرت ابڙو مان ’نشاءَ ڪنول ابڙو‘ ٻڌي 1997ع ۾ يعني مونکان بہ سال جونيئر آهي، نشاءَ ڪنول جي جنم ڀومي تہ خير محمد جيهو آهي، پر هاڻي پير جو ڳوٺ خيرپور ۾ رهي ٿي. نشاءَ ڪنول سُٺي ريڊيو ڪمپيئر بہ آهي تہ هڪ خوبصورت شاعره بہ آهي، جنهن جو هِڪڙو غزل آهي تہ:

گهاريم اُداس هر شام تو سوا.
ٿي پئي زندگي گُمنام تو سوا.

لفظ اورانگي نہ سگهيا چپن کي،
اڻپورا پيار ۽ پيغام تو سوا.

ٿي خوش گُذاريان جڳ ۾ جانان،
ڪوڙي ڪهڙي هٿا پلا هامَ تو سوا.

جلي پيو پياس هڪ بوند جي،
’نشاءَ‘ زهر ٻڌيو آ، هي جان تو سوا.

سرمد جي گيت ۾ جڏهن شاعر جي نالي واري مصرع آئي، تہ اسان نِشاءَ ڪنول کان موڪلايو هِن چانهہ جي صلاح ڪئي، ڪيس ’مهرباني‘ چئي ٻاهر نِڪتاسين، پر ۾ هڪ ٻيو روم، شايد رڪارڊنگ روم آهي، بہ ڪُرسيون ۽ ٽيبل تي پيل مائڪ، اُن مائڪ اڳيان اسان فوٽو ڪڍيا. ايئن ريڊيو پاڪستان خيرپور جو دورو ڪري واپس اچي عبدالرحمان آرائين جي آفيس ۾ ويناسين، جنهن چانهہ گهرائي، پر اسان وٽ وقت ٿورو هو. تنهن ڪري چانهہ پيئڻ کان معذرت ڪندي ڪائنس موڪلايوسين.

## سچل سرمست لائبريري

مختلف روڊن تان ٿيندا آياسين جيم خانہ. گيٽ اندر گاڏي بيهاري، صفي الله اُتي ويٺل گارڊ کي گاڏي جي پارت ڪئي، اسين آياسين سچل سرمست لائبريري، هيٺ گيٽ وٽ ويٺل همراه کي صفي الله چيو ’مهمان آيا آهن لائبرري وزٽ ڪرڻ‘ اُتان اسان سان گڏ پٽيوالو آيو جيڪو مٿي وٺي آيو لائبريرين جي آفيس ۾ ويٺل همراه اُٿي ياڪر پائي آڌرياءُ ڪيو. سامهون ويٺل ڪُرسي تي سنهڙو نوجوان ويٺل آهي، جنهن تعارف دوران ٻڌايو سندس نالو فدا حسين ميتلو آهي ۽ هِتي لائبريري انچارج آهي. ڪچهري ڪئيسين، چيوسين اسين مطالعاتي دؤرو ڪري رهيا آهيون، تنهن ڪري لائبريري وزٽ ڪبي. فدا حسين چيو ’سڀ ڪجھ ٿيندو پر پهرين ڪجھ کائي پي وٺو‘ انڪار ڪرڻ جي باوجود پٽيوالي کي پئسا ڪڍي ڏِنئي تہ جلد فروٽ وٺي اچ. فروٽ کاڌو پوءِ لائبريري جي وزٽ لاءِ نِڪتاسين. فدا کان پُڇيم ’اندازن ڪتابن جو ڪيترو ذخيرو آهي، چيائين ’لک کان وڌيڪ ڪتاب موجود آهن،‘ جنهن ۾ تمام پُراڻا ڪِتاب بہ شامل آهن. پاڻ ٻڌايائين تہ هِن لائبريري جو بنياد 1902ع ۾ پيو، پوءِ اڳتي هلي 1987ع ۾ ڪلچر ڊپارٽمينٽ حوالي ٿي. ايئن مختلف رومس جو وزٽ ڪندا هلياسين، ساڳين نموني هِتي بہ چوڪرا مطالعي ۾ مشغول هئا. جيئن سر شاهنواز ڀٽو ميموريل لائبريري لاڙڪاڻو ۾ ڏِسي پيا اچون، مونکي وري بہ دِل ۾ ٿي تہ اسان وٽ لاڙ سڄي ۾ اهڙي ڪا بہ لائبريري ناهي جنهن ۾ هيئن شاگرد ويهي مطالعو ڪن. هِڪڙي لائبريري مولوي حاجي احمد ملاح جي نالي سان آهي، پر نہ اُن ۾ گورنمينٽ جي دِلچسپي نہ اُن لائبريري جي جوڙيل ڪميٽي ۽ انچارج کي ڪا دِلچسپيءَ. توڙي جو اُها لائبريري بلڪل هِنن جي پيٽ ۾ تمام ننڍڙي جڻ هِڪڙي روم ۾ آهي ۽ هي لائيبريريون جڻ هِڪڙو ادارو آهن.

سڄي لائبريري گُهمي ڦِري آخر ۾ هيٺ دروازي تائين فدا ميتلو گڏ آيو. گروپ فوٽو ڪڍياسين ۽ پوءِ موڪلائي واپس جيم خانہ آياسين گاڏي وٽ. پر صفي الله چيو تہ ’فيض محل هِتان کان ٿوري پنڌ تي آهي. گاڏي پلي بيٺي رهي. پاڻ واڪ ڪندا ٿا هلون.

## فيض محل واقعي ئي محل آهي

جيمر خانہ کان فيض محل جي مين گيٽ تائين پنڌ ۾ اسانکي 10 کان 15 منٽ لڳا. گيٽ تي گارڊ ويٺو هو. تعارف ڪرايوسين. عمران لاشاري بہ اُتي ئي ويٺو هو. تنهن اسانکي چيو ’مون اوهانجو ئي انتظار پي ڪيو.‘ اسانکي وٺي اڳتي آيو. بيو گيٽ اُڪري اندر آياسين. اسانکي محل جي پر ۾ بيهاري پاڻ چيائين تہ ’آءٌ سائين جن کي ٻڌائي اچان.‘ ويو ٻن ٽن منٽ کانپوءِ موٽي آيو. اسانکي وٺي اندر محل ۾ آيو. واقعي جنهن جو نالو محل آهي، اُهو ايئن هوندو آهي. محل ۾ اندر ايندئي ئي ماڻهو ٿوري دير لاءِ حيران ٿي وڃي ٿو.

عمران لاشاري پهرين اسانکي ترتيب سان تصويرون ڏيکاريون. حڪومت جي شروعات کان وٺي آخري تائين جون تصويرون ڏيکاريندو ۽ اُن بابت ٻڌائيندو هليو. اُن ۾ پُراڻيون تصويرون، خيرپور رياست جون مُهرون، خط و ڪتابت، پوسٽ جون ٽِڪليون، قائداعظم جا خط ۽ صحيحون وغيره سڀ ڏيکاريندو ۽ ٻڌائيندو هلي. تصويرون پوريون ٿيون. اُتان کان وري ممي ٿيل شيون. جنهن ۾ شينهن، هرڻ، چيتو وغيره جنهن جي لاءِ ٻڌايائين تہ هنن جون اکيون نقلي آهن باقي اصلي آهن. اُنهن ۾ بہ خوبصورت ليڊيز جون مورتيون بہ پيل آهن. اسان سيني شين جون تصويرون ڪڍيون ۽ جيڪو فرنيچر پيو آهي، ڪُرسيون، الماريون، شوڪيس اُهي بہ خوبصورتي جو هِڪڙو اعليٰ مثال ۽ نمونو آهن. لُڏڻ وارو هِندورو، اهڙا هاٿي تہ عام جام مِلن ٿا. پر هي اُن وقت جو نهيل اجا بہ مُنفرد ۽ خوبصورت آهي. سڄي محل ۾ مختلف رُخن کان فوٽوگرافي ڪئيسين. وري دروازو اُڪري هُن پاسي وڃجي ٿو جِتي شايد ڪائڻ پيئڻ جو هال آهي. جو تہ وِچ تي ٽيبلون ۽ چؤطرف رکيل ڪُرسيون ٻڌائين ٿيون يا تہ پوءِ خاص ميٽينگون ٿينديون هونديون. بهرحال هي بہ ڏاڍو خوبصورت هو. هن ۾ چؤطرف لڳل پردا جيڪي فرنيچر ۽ در ديوارن سان ميچ ڪندڙ اُهي هاٿي هن وقت جا لڳل آهن ۽ بيا چت ۾ لٽڪندڙ جهومر اُهي بہ شايد هاٿي هِن دؤر جا ٿي سگهن ٿا.

سڄو محل گُهمي ٻاهر پارڪ ۾ آياسين جِتان پوري محل جا فوٽو ڪڍياسين. پارڪ بہ واه واه راحت پئي اچي، سوَين قسمن جا گُل پوکيل ۽


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رکيل آهن. ڇپر بہ اهڙي وڻندڙ جو ماڻهو جي دِل پئي چوي تہ سُمهي رهجي. سڄي پارڪ ۾ چار کان پنج ملازم تہ هِن وقت بہ موجود هئا. جيڪي پارڪ جي سار سنڀال ڪري رهيا هئا. ڪي صفائي تہ ڪي پاڻي ڏئي رهيا هئا. محل اڳيان رکيل توپون. انهن وٽ بيهي بہ فوٽوگرافي ڪئي. مطلب تہ محل ڏسڻ لاءِ جيترو پنڌ ڪري اچجي ٿو سو پنڌ سجايو آهي. سائين ڊاڪٽر عبدالجبار نظاماڻي ٻڌايو تہ پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ بہ هي آزاد رياست هُئي، پوءِ ڪنهن دوکي ذريعي پاڪستان ۾ شامل ڪئي وئي.

”هز هائنس مير فيض محمد ٽالپر حڪمران هي محل تعمير ڪرايو. جيڪو ٻڌايو وڃي ٿو تہ 1895 کان تعمير شروع ٿي 1898ع تائين هليو. مطلب ٽن سالن ۾ تہ هي وڏو ڪم ٿيو آهي. ٻارهن ايڪڙ ايراضي تي ڦهليل آهي. 36 ڪمرا، 18 ڪمرا ويٽنگ روم طور استعمال ٿيندا هئا. هن وقت هز هائنس مير مهدي رضا ٽالپر آهي. اُن وقت چون ٿا هِن تي لکين روپيا خرچ آيو هو. تنهن ڪري هِن جو ٻيو نالو ’لکي محل‘ بہ چيو وڃي ٿو. هي هِڪ سِک آرڪيٽيڪچر جو نقشو ٺهيل آهي.

دربار هال جي مٿان هِڪڙي گئلري آهي. جيئن دربار ۾ هلندڙ ڪاروائي کي سولائي سان ڏِسي سگهجي. محل جي اندر چوڌاري ديوارن تي لڳل تصويرون ڪنهن آرٽ گئلري جو نقشو پسائين ٿيون. هن جو سمورو فرنيچر جڻ ميوزيم لڳي ٿو دربار بہ ڪنهن عظيم سلطنت کان گهٽ نظر ڪانہ ٿي اچي. هِڪڙي تصوير ڏِيکيسين جنهن ۾ لياقت علي خان کي گارڊ آف آنر ڏِنو پيو وڃي، اُن جي پاسي ۾ مير علي نواز بہ لياقت سان گڏ هلندي نظر اچي ٿو. ديوار تي لڳل هِڪڙو وڏو آئينو ڏِنوسين. جنهن جو فريم هاٿي جي ڏندن مان ٺهيل آهي، ڇا تہ خوبصورت فريم آهي. هِتي وڏا وڏا راجا ۽ انگريز سرڪار جا عهديدار بہ رهندا هئا.

پاڪستان جي امير رياست هئي، جنهن جا سِڪا بہ پنهنجا هئا تہ فوج بہ پنهنجي هئي. 1955ع ۾ جڏهن نہ چاهيندي بہ زوري زبردستي خيرپور رياست جو پاڪستان سان الحاق ڪيو ويو اُن تي خيرپور جا جهونا ماڻهو جن کان پُڇندا تہ ايئن ٿي چوندا. ’جڏهن پاڪستان ۾ شامل ٿياسين، ايئن لڳو جڻ جنت مان نِڪري دوزخ ۾ اچي ويا هُجون.‘


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خيرپور رياست کي پاڪستان ۾ شامل ٿي اِن ڪري ڪيو ويو تہ پاڪستان ۾ اهڙو قانون ۽ سهولتون نہ هيون نہ ئي عوام کي ڏئي ٿي سگهيا. هنن سوچيو تہ پاڪستان جي مخالفت وڌندي ۽ ماڻهون خيرپور سنڌ جي رياست کي چاهيندا. هنن جي نيت شروع کان ئي خراب هُئي. خيرپور رياست جيئن ئي پاڪستان ۾ شامل ٿي، تہ رياست جون هلندڙ مِلون، ڪارخانہ سڀ بند ٿيڻ لڳا ۽ بي انتها بيروزگاري وڌي وئي. اهڙا سوين مزدور جيڪي خيرپور رياست جي مِلن ۾ ملازم هوندا هئا. اُهي ڪراچي ۾ پنندي ڏِٺا ويا. غريبن جا ٻار بُکن وگهي مرندا هئا تہ اُنهن ٻارن کي ڪفن ئي نصيب نہ ٿيندو هو.“

## ناز، باليءَ جا نينهن نظارا

هِڪڙي ٻي ڪماٽي جيڪا هِن محل سان منسوب آهي، اُها آهي مير علي نواز ناز ۽ باليءَ جي، جنهن تي لِکڻ جي ضرورت ئي ناهي، سڄو يو ٽيوب، ڪيئي ڪتاب، ڊراما. پر اوهان کي مختصر پڙهڻو آهي تہ پير علي محمد شاهہ راشدي جو ڪتاب ’اُهي ڏينهن اُهي شينهن‘ وٺي پڙهي ونجو پر ٿورو مختصر اوهان کي آءٌ بہ پڙهائي ٿو وٺان.

وڏي ناز ۽ انداز سان پرورش پائيندڙ مير علي نواز ’ناز‘ رياست خيرپور جو ٽيون حڪمران هزهائينس مير علي نواز ’ناز‘ بڻجي ويو. پرائمري تعليم هِتي جي سُٺن اُستادن کان پرائي انگريزي تعليم لاءِ هليو ويو هندستان جي تعليمي ماهر خواجا غلام سبطين جون خدمتون حاصل ڪرڻ. جنهن ڪيس رفاقت چيفس ڪاليج لاهور ۾ داخل ڪيو. اُن ڪانپوءِ هن کي ’امپيريل ڪئڊيٽ ڪور ڊير ادون‘ ڏانهن روانو ڪيو ويو جتي هِن فوجي سِکيا ورتي. اُن ڪانپوءِ وڌيڪ تعليم لاءِ وچي ولايت جا وڻ وساياٽين. لنڊن ۾ تعليم دوران هِن يورپ کي اکين سان ڏِسڻ چاهيو اُن سان گڏ مصر، عراق، ايران جو بہ سفر ڪيائين ۽ واپس موٽندي هندستان جا بہ گهٽا ئي هنڌ/شهر گهُمندي اچي پنهنجي رياست خيرپور پهتو.

8 فيبروري 1921ع اُهو اڀاڳو ڏينهن هو جڏهن هِن جي والد مير امام بخش خان، رياست خيرپور توڙي هِن دُنيا کي الوداع ڪري راهہ رباني ورتي.

اُن ڪانپوءِ هن کي برادريءَ جي پڳ ٻڌرائي وئي. رياست جو به سرڪاري طور تي 25 جون 1921ع تي تخت نشين ٿيو. هِن پنهنجي ڏاهپ ۽ دانائي سان رياست خيرپور کي ڏاهيو وڌايو ۽ ماڻهو خوشحالي جا مزا ماڻڻ لڳا.

هيڏانهن هي به آزاد طبيعت، بادشاهه زادو تنهن وري عشق کي اپنايو ۽ لاهور جي اقبال بيگم عرف بالي سان اکيون اڙائي ويٺو. هي اکين جو اڙڻ اهڙو ته آهي جو نه غريب ڏِسي نه امير، بس:

اکين سان جڏهن مِلن ٿيون اکيون،
اکين جو قسم پو رُلن ٿيون اکيون.

ٿوڙي ڪن ٿيون هي حِصا حِصا،
جڏهن پيِي مِلي پو ٽُٽن ٿيون اکيون.

سو مير علي نواز ناز به اکيون اڙايون ۽ پوءِ اکين هِن کي روليو ايترو روليو جو رياست کي به داءُ تي لڳائي ڇڏيائين. بس هِن کي ياد رهيو ته بالي ئي بالي ۽ بالي وري هِن سان ڪجهه گهڙيون گڏ رهي، زُلفن جو اسير بڻائي، پکي جيان پَرَ ڪري اُڏامي وڃي لاهور لٿي، پر هي خالي نه وئي، خزاني کي به خاصو ڪاٽ هڻي هلي، جنهن ڏانهن هِن عاشق جو ڌيان ئي نه هو هي ته بس باليءَ کي واپس پنهنجي ٻانهن ۾ آڻڻ جا جتن ڪرڻ لڳو وِڇوڙي جي وڏي وقت ڪانپوءِ نيٺ وري ٻيهر گڏيا ۽ هِڪبئي جا ٿيا. هِڪبئي جا ٿيڻ ڪانپوءِ هِن رياست يا ناز جا به جڙ ڏينهن ڳڻجڻ لڳا. نيٺ وڃي ڳالهه اُتي پهتي جو هِن کي رياست کان الڳ ڪري وظيفو ڏئي هِن کي جڻ ڪنهن ڪُنڊ حوالي ڪيو ويو هيڏانهن عشق جا آڙاهه هوڏانهن اختيارن کان بي اختيار. هِن جي حالت انتهائي افسرده هئي ۽ انهيءَ حالاتن هِن کي هِڪڙي رياست جي والي مان هِڪڙو سُنو شاعر بڻائي ڇڏيو. هاڻي هي عاشق به هو شاعر به هو. پر بادشاهه نه رهيو. نيٺ هِڪ ڏينهن ڊسمبر جي 28 تاريخ 1935ع ۾ هِن بيوفا دُنيا کان ئي جُدا ٿي هليو ويو. ڪتاب لکن ٿا ته هِن کي به سالن تائين ڪوٽڏيجي جي امام بارگاهه ۾ امانت طور رکي اُن ڪانپوءِ 19 فيبروري 1937ع تي ڪربلا ڏانهن موڪليو ويو.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڏِل پئي چوي تہ وري پيهر اهڙي رياست جُڙي

خيرپور رياست جون ڪيترين ئي ڳالهيون پڙهي ۽ ٻُڌي منهنجي بہ ڏِل پئي چوي تہ وري پيهر اهڙي رياست جُڙي، جنهن ۾ اُهي سيئي سهولتون هُجن، جيڪي پهرين خيرپور رياست ۾ هيون. انصاف هُجي، عدل هُجي، خوشحالي هُجي، روزگار هُجن. پر هاڻي تہ اِهو سڀ ڪجهہ ديواني جو خواب ئي لڳي ٿو حقيقت ۾ هاڻي اسانجي ملڪ جي هر اداري ڪي ڪرپشن اهڙو ڪوڪلو ڪري ڇڏيو آهي، جو هر ماڻهو ڪرپٽ ٿي ويو آهي. محل مان ٻاهر نِڪتاسين، عمران لاشاري ۽ گاربن ڪان موڪلايوسين. ساڳي رستي تان آياسين جيم خانہ. جِتي اسان گاڏي پارڪ ڪئي هُئي، گاڏي ڪڍيسين.

## چانهہ پيتي ڊاڪٽر مشتاق جي گهر

هاڻي صفي الله اسانکي سِڏو وٺي آيو احمد باربي ڪيو ايند برياني، اڳيان بريڪ ڪرايو. اسان تہ حجابن چيوسين صفي الله ماني ڪي ڇڏيو، ماني ڪِٿي رستي ۾ ڪائي وٺنداسين. پر چيائين نہ ماني اوهانکي ڊاڪٽر مشتاق ڦُل چيو هو گهر ڪائڻ لاءِ، اُتي جي ٽٽا ڪائو تہ هِتي لازمي ڪائڻي پوندي ۽ چانهہ وري ڊاڪٽر مشتاق جي گهر هلي پيئنداسين. پوءِ ايئن ئي ٿيو اندر اي سي روم ۾ ويٺاسين. فضيلت پري هوٽل هُئي، صاف سُٿري ماني گهرائي، برياني گهرائي، طعام بہ بهترين نهيل هئا. ماني ڪائي ٻاهر نِڪتاسين، هاڻي صفي الله چيو تہ آئون پنهنجي موٽر سائيڪل ٿو ڪڻان جو ڊاڪٽر مشتاق ڦُل جي گهران پوءِ اوهان اڳتي هليا وينڊا ۽ آءٌ موٽي ايندس، موٽر سائيڪل اسانجي اڳيان اڳيان، اسين اُن جي پُٺيان

ڊاڪٽر مشتاق جو گهر بہ اچي ويو ڊاڪٽر مشتاق بہ نئين ڪالوني ۾ پنهنجو آشيانو اڏيو آهي، اجا ڪالوني جون گهٽيون پَڪيون ناهن، بنگلو بهترين ناهيو اٿس، گاڏي نهندڙ گهر جي اڳيان پارڪ ڪئيسين، اندر آياسين، ڏاڍو وڏو ويڪرو ڪشادو گهر ۽ سليقي سان سجايل، ويٽنگ روم ۾ ويٺاسين، ڊاڪٽر مشتاق جو وڏو پُٽ فيض مشتاق آيو، هٿ ملائي حال احوال ڪري ويو پاڻي ڪڻي آيو بعد ۾ ڪيڪ ۽ چانهہ گڏجي پيتي. پوءِ ڪائنس موڪلايوسين. صفي الله اسانکي ٻاهر روڊ تائين ڇڏيو سندس ٿورا

مجيندي ڪانئس موڪلايوسين. اسانجي اڳين منزل ڪوٽ ڏيجي جو قلعو آهي، اُن ڪانپوءِ وقت مِليو تہ ڪا شئي ڏِسبي نہ تہ بس، واپسي ٿيندي.

اڌ ڪلاڪ ڪن جي سفر ڪانپوءِ ڪوٽ ڏيجي جو قلعو اسانکي پري کان نظر آيو خيرپور کان تقريبن 20 ڪلوميٽر جو فاصلو طئي ڪري، قلعي جي بلڪل ويجهو پهتاسين. واٽ تي بيٺل واٽهڙوءَ کان پُڇيوسين، قلعي ڏانهن ويندڙ رستو ڪهڙو آهي، اُن هٿ جي اِشاري سان ٻُڌايو تہ 'هِتان سِڌا هليا وڃون،' اسان گاڏي کي گُهمائي مين گيٽ وٽ آياسين. قلعي جي سامهون شهر بازارون لڳيون پيون آهن. اسان قلعي تي چڙهڻ کان پهرين پاڻيءَ جون بوتلون ورتيون، هڪ تہ گرمي جي موسم هئي، ٻيو تہ منجهند جو پهر هو.

## ڪوٽ ڏيجي کان اڳ ڏِٺل قلعا

هِن کان پهرين پهريون قلعو جيڪو مون ڏِٺو هو اُهو هو 'بادشاهي قلعو/لال قلعو لاهور' جيڪو 7 جولاءِ 2006ع ۾ ڏِٺو هو.* اُن کان پوءِ 14 آگسٽ 2006ع تي 'نئون ڪوٽ قلعو' ڏِٺو هُيم . ٽيون قلعو جيڪو مون ڏِٺو هو اِهو هو 'عمر ڪوٽ قلعو' 14 آگسٽ 2007ع ان ڪانپوءِ حيدرآباد/نيرون ڪوٽ جو 'پڪو قلعو' 28 سيپٽمبر 2012ع، ۽ اُن کان بعد فيبروري 2014ع، ملائيشيا جي شهر 'ملاڪا' ۾** ۽ ان ڪانپوءِ 'رني ڪوٽ قلعو' 13 جون 2015ع ۾ ڏِٺم. وري جون 2019ع ۾ ڪشمير جي وادي جي مظفر آباد شهر کان وادي نيلم ڏانهن ويندي ٽوري ئي پنڌ تي 'لال قلعو (رتہ قلعہ)' ڏِٺو جيڪو ڪتاب 'ڪشمير جي سفرنامي' ۾ اچڻو آهي. ان ڪانپوءِ وادي هنزه جي ڪريم آباد ۾ ڪر ڪنيل بُلند پهاڙي تي قائم 'قلعہ بلتت' جون 2019ع ۽ 'ڪلانڪوٽ قلعو' جا آثار ڏِٺم.***

---

□ 'حيدرآبادن کان هنزه تائين' 2014ع ۾ ڇپيل ڪتاب ۾ هِن قلعي بابت تفصيلي معلومات ڏِنل آهي.

□ نئون ڪوٽ قلعي بابت منهنجي ڪتاب 'زندگي جا پل جي مون گهاريا پنڌ ۾' 2021ع ۾ ڇپيل سفر 'مارئي جي ديس ملير ۾ صفحو نمبر 53، 54 تي تفصيل سان لکيو ويو آهي.

□ هِن قلعي بابت منهنجي ڪتاب 'زندگي جا پل جي مون گهاريا پنڌ ۾' 2021ع ۾ ڇپيل سفر 'ڪُنري پاڪ ڏانهن پنڌ' ۾ صفحي نمبر 81 کان 85 تائين تفصيل سان لکيو ويو آهي.

ڪتاب 'زندگي جا پل جي مون گهاريا پنڌ ۾' 2021ع ۾ ڇپيل ۾ سفر 'حيدرآباد جي هوائن ۾' صفحي نمبر 107، 108 تي تفصيل سان لکيو ويو آهي.

** منهنجي ڪتاب 'موراِن ملائيشيا' ۾ صفحي نمبر 75 تي ذڪر ٿيل آهي.

□□ منهنجي سنڌ جي سفر سلسلي جي ڪتاب 'سهڻي منهنجي سنڌ پاڱو پيو ۾ سفر 'گورک ڏانهن گُهت' ۾ صفحي نمبر 45 کان 47 تائين تفصيل ڏِنل آهي.

□□ وادي ڪشمير تي لکيل ڪتاب (اڻ ڇپيل) ۾ تفصيل ڏِنل آهي.

قلعہ بلتت جو تفصيل 'بلتستان' جي سفر نامي ۾ شامل آهي، (اڻ ڇپيل ڪتاب)

*** ڪلانڪوٽ قلعي جو تفصيل سنڌ جي سفر جي پاڱي چوٿين ۾ ايندو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## احمد آباد عرف ’ڪوٽ ڏيجي قلعو‘ ڏِٺوسين

قومي شاهراهه تي گر ڪٽي بيٺل پري کان نظر ايندڙ احمد آباد عرف ڪوٽ ڏيجي قلعي جي چڙهائي تمام مٿي هُئي، تنهن ڪري اِن موسم ۾ ان پهر ۾ اگر ڪو بہ قلعي تي مٿي گهمڻ لاءِ وڃي تہ پاڻي پاڻ سان گڏ ضرور کڻي وڃي. اسان تہ ايئن ئي ڪيو ۽ اهو عمل بهتر ثابت ٿيو.

قلعي کي ٽوٽل 3 مُک دروازا آهن. اُهي دروازا ڪاٺ جا ٺهيل آهن ۽ اُنهن ۾ لوهہ جا سُنيا جن جو بہ تعداد 234 ٻُڌايو وڃي ٿو سڀي دروازي جي ٻنهي تاڪن تي لڳل آهن. اڳي جنگيون گهوڙن ۽ هاٿين تي سوار ٿي ڪيون ويندڙيون هيون ۽ هاٿي اهڙا طاقتور هوندا هئا، جو اهڙا دروازا بہ ٽوڙي اندر هليا ايندا هئا. تنهن ڪري بچاءُ خاطر دروازن کي لوهہ جي سُنين سان ٺاهيو ويو آهي، پر هِتي ڪا بہ جنگ نہ لڳي هئي، نہ ئي هاٿين پنهنجا مٿا ٽڪراءِ رتو رت ڪيا هئا، نہ ئي گهوڙن زوردار هٽڪارون ڪري، نال لڳل پيرن سان هِن دروازي کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪئي. تنهن ڪري هِن قلعي کي ڪنوارو قلعو بہ ان ڪري ئي چيو وڃي ٿو.

جوڌپور ۽ جيسلمير جي انتهائي غريب ماڻهن جن جوئر جي هڪڙي پاٽيءَ جي عيوض سڄو ڏينهن مزدوري ڪري پنهنجي پگهر سان احمد آباد قلعي کي تعميرات جي وزير سرائي محمد صالح زهري جي نگراني ۾ ٺاهي تيار ڪيو. جيڪو 1797ع ۾ اُن وقت جي بادشاهہ مير سهراب خان جي حڪم تحت تعمير ٿيو هو. قلعي جي چوڌاري بُرج ٺاهيا ويا آهن، اُنهن برجن جي مٿان توپن ۽ بندوقن لاءِ مارا ٺاهيا ويا آهن. توپون برجن تي اهڙي حڪمت سان رکيون ويون آهن جو اُنهن کي آساني سان ڪهڙي بہ طرف ڦيرائي فائرنگ ڪري سگهجي ٿي. هِن ڪوٽ ۾ اهڙا ڪُل پنجتيهہ بُرج ٻُڌايا وڃن ٿا، اُنهن کي وري ڇئن حِصن ۾ ورهايو ويو آهي. اُولهہ طرف کان آخري ڪُنڊ تي ويڪرو ملڪ ميدان برج، ڪوٽ جي اوير ۾ جيسلمير برج، اُتر پاسي آخري ڇيڙي ۾ مريم برج ان طرح انهن برجن ۾ ڪجهہ شاهي برج بہ تعمير ٿيل آهن. جنگي حڪمت عمليءَ جو اعليٰ نمونو نظر اچي ٿو.

هڪ دروازو اُڪري اندر آياسين، اُن کان پوءِ ڪجهہ پنڌ ڪرڻ ڪانپوءِ ٻيو مکيہ دروازو اچي ٿو اُهو بہ قلعي اندر وڃي وڃي ٿو ايئن پهرين ڪوٽ تي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاڙهين ذريعي ڇت تي چڙهي آخري مٿي بُلندي تي ٺهيل چبوتري تي وياسين. هِتان ڪان بيهي سڄي ڪوٽ ڏيجي شهر جو خوبصورت منظر ڪري سگهجي ٿو بلڪل ايئن جيئن. گڊي پٽ تان مِني شهر جو نِظارو جيئن معصوم شاهہ جي مُناري تان سکر شهر جو نظارو. ڪجهہ گهڙيون چارئي طرف اکيون اُماڻي منظر ماڻي، ڪئمرا جي اک ۾ قيد ڪري واپس سيڙهين تان هيٺ لٿاسين. هاڻي اسان. مٿان ديوار ۽ ڇت تان اچڻ بجاءِ هيٺان آياسين، جتي اندر مختلف ڪمرا، اڏاوتون، اڏيل آهن. ڊِسندا اچون، بيڊ روم، ڪچن، باٿ روم ۽ مورچہ سڀ ٺهيل آهن. ڪِٿي ڪِٿي ننڍڙا بورڊ بہ لڳل آهن. جيڪي ٻُڌائين ٿا. تہ هي اڏيل اڏاوت ڪهڙي ڪم ايندي هئي. ڪجهہ بيضوي شڪل جا ديوار اندر ٺهيل ننڍا ننڍا ڪمرا يا ڪُڏيون ڇئون ٺهيل آهن. جن ۾ سپاهي رهندا هئا. ڪنهن بہ اوچتي حملي جي صورت ۾ هو قلعي جي اندر سڄي معاملي کي سنڀالي وٺن.

اسان سان گڏ قلعي تي ڪجهہ ليڊيز بہ گُهمي رهيون هيون ۽ شاگردن جي بس بہ ڪنهن هاءِ اسڪول جي لڳي رهي هئي، اُهي بہ گُهمي رهيا هئا. شاگردن جي هِڪڙي ٽولي ۾ هِڪ شاگرد ٻين کي پي چيو. يار گهٽ ۾ گهٽ سائين کي پاڻ سان گڏ اچڻ گُهرجي ها. ٻُڌائي ها قلعي جي تاريخ بابت بس ايئن خالي ديوارن تي هيٺ مٿي چڙهي لهي هليا هلون فائدو ڪهڙو. مون چيو شاگرد ڇوَي سچ پيو پر شايد اُن اُستاد کي قلعي بابت ڪجهہ معلوم نہ هجي، تڏهن تہ هيٺ گيٽ وٽ ويهي رهيو.

اسانکي هاڻي اڳتي جي تڪڙ نہ هُئي، تنهن ڪري سڄو قلعو مڪمل گُهمي ڊِنوسين، پوءِ آياسين ٻاهر. ٻاهر قلعي ڪان جيئن ئي نِڪرجي ٿو تہ بازار بہ ٺهيل آهي، جِتي هر دُڪان اڳيان هِڪڙو ملازم ٻاهر بيٺل آهي ۽ ايندڙ مسافرن کي پاڻ ڏانهن سڏي رهيو آهي، تہ هيڏانهن اچو هيڏانهن اچو. بلڪل ايئن جيئن حيدرآباد جي ريشم گلي ۾ دُڪاندار ملازم ڇوڪرن کي ٻاهر ٻيهاري ڇڏيندا آهن. ۽ هو سڄو ڏينهن خريدار/گراهڪ کي سڏيندا رهندا آهن. سو هِڪڙي دڪان تي اسين بہ چڙهياسين. کجور وٺڻ جي لاءِ. اسانکي ياد هاڻي آئي آهي، دُڪاندار ٻُڌايو کجور اوهانکي هِتي نہ مِلندي اُها ٺيڙي ۾ مِلندي. سائين وارن کي مون يڪدم چيو. ’سائين مون نہ چيو هو


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ نيڙي شهر مان لنگهندي روڊ جي ڀنهي پاسن کان وڏا وڏا دُڪان کجور جا هئا اُتان کجور ونون' اوهان چيو تہ خيرپور مان ٿا ونون. هاڻي اِها سوغات بہ رهجي وئي. ٻاهر نِڪتاسين روڊ تي. گاڏي کي 100جي اسپيڊ سان هلائي اچي ڪُنب ڪنڊيءَ پهتاسين.

## ڪُنب ۾ ٿڌو ٿاڌل ۽ ظهر جي نماز

ڪُنب ۾ ٿاڌل واري وٽ گاڏي بيهاريسين. گرمي هئڻ ڪري پهرين ٿڌو ٿاڌل پيتوسين. ٿاڌل واري کان پُڇيوسين تہ ڪُنب شهر کهڙي پاسي آهي. هٿ جي اِشاري سان ٻُڌايائين تہ هي سامهون روڊ اندر شهر ۾ پيو وڃي. هي ڪُنب اسٽاپ آهي. ڪُنب جو نالو مون تہ محبوب ماڻهو ڊاڪٽر مشتاق ڦُل کي سُڃاڻڻ کان پوءِ ٻُڌو هو. ڊاڪٽر مشتاق ڦُل جي جنم ڀومي، رهائش گاهہ ۽ اسپتال پُڻ ڪُنب شهر ۾ آهي. اسان ٿاڌل واري کي گاڏيءَ جي پارت ڪري پاسي ۾ ننهيل مسجد ۾ ظهر جي نماز پڙهيسين. نماز پڙهڻ کان پوءِ اڳتي ڪاهيوسين.

## راڻيپور پهتاسين تہ...

جڏهن راڻيپور پهتاسين تہ دِل ڏڙڪي درازا درازا. اِهو فطري آهي يا الائي مونسان آهي تہ جنهن بہ شهر مان گُذرندو آهيان. انهيءَ شهر ۾ موجود دوستن کي ضرور ياد ڪندو آهيان. هوائن ذريعي سلام موڪلڻ. ملاقات کان وني لکت ۾ بہ اُنهن کي ياد رکندو آهيان. راڻي پور جو هي شهر بہ ٻين شهرن جهڙو ئي آهي. جيئن سيئي شهر ساڳين طرح جون بازارون، هوٽلون، دُڪان وغيره ايئن راڻيپور آهي. خيرپور ضلع جو هي شهر. خيرپور کان پنجاهہ ڪلوميٽرن جي فاصلي تي تعلقي سوڀو ديرو ۾ آهي. شايد ڪنهن دؤر ۾ هيءَ بہ ڪا ننڍي رياست هُئي. پر هِن وقت هِن کي صرف ٽائون ڪميٽي جي حيثيت حاصل آهي. جنهن ۾ ڪيترائي اسڪول، اسپتالون ۽ سچل سرمست جي نالي سان ڪاليج بہ قائم آهي. راڻي پور شگر مل بہ آهي. تہ ڪاٽن فيڪٽري بہ. راڻي پور جي شهر ۾ ٻين ڪوڙ پاڙن سان گڏ جوڻيجا پاڙو بہ آهي. اسان گاڏي موڙي درازا ڏانهن ويندڙ واٽ تي.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## درازا سچل سائين جي جنم ڀومي

ٻن ڪلوميٽرن جو فاصلو طئي ڪري آياسين درازا. جِتي سچل سرمست جي نگري آهي. سچ سرمست جي جنم ڀومي آهي. هي درازا ضلع خيرپور جو هِڪڙو ننڍڙو ڳوٺ آهي. پر سچل جو پيدا ٿيو ته درازا کي جڳ شهرت جا پر لڳي ويا ۽ درازا سچل سرمست جي ڪري سُڃاپجڻ لڳو.

هُت هُيس معشوقيءَ ۾، هِتِ عاشق ٿي آياس

راڻي پور اسٽيشن کان ٻن ميلن جي فاصلي تي درازا خيرپور ضلعي ۾ هِڪڙو ننڍڙو ڳوٺ آهي، جِتي سچل سرمست جو جنم ٿيو. سچل سائين جو جنم جن به ڪتابن ۾ لکيل آهي ته: (ڇيو وڇي ٿو ته سن 1739ع) ۾ ٿيو. رسالو سچل سائين ۾ لِکيل آهي ته: سچل سرمست جي دؤر کان پوءِ هن ڳوٺ کي شاهه درازا سڏيو وڃي ٿو جنهن جي معنيٰ شاهه يا عظيم دروازو جنهن مان روحاني روشنيءَ جو ظهور ٿيندو هجي.

ڪلام عارفانه الهام جي مرتب، مرزا علي قلي بيگ هن ڳوٺ جي جُڙڻ بابت ڪجهه هيئن لکيو:

”ڪلهوڙن جي دؤر حڪومت ۾، هِن خاندان جي وڏي عزت ٿي. ڪين گمبٽ ۽ راڻيپور جي وِچ ۾ جاگيرون مِليون. فاروقي فقيرن اُهي جاگيرون پنهنجن ٻن خاص مريدن، هر هِڪ: ’دراز ونڊير‘ ۽ ’ڪاجن ونڊير‘ کي آباد ڪرڻ لاءِ ڏِنيون، جن اُتي پنهنجا ڳوٺ ٻَڌايا. ڪاجن ونڊير جو ڳوٺ درازا جي اُتر اولهه ۾ هو جيڪو اڳتي هلي ڦِٽي ويو پر درازا ونڊير جو ڳوٺ، جو پوءِ ’درازا شريف‘ جي نالي سان مشهور ٿيو اڄ به موجود آهي ۽ درازا جي دلبرانه نالي سان سڏجي ٿو. ٿوري عرصي کانپوءِ ’ميان صاحب ڏِنو‘ ۽ ٻيا مخدوم به ٻين هنڌن تان لڏي اچي درس درازين داخل ٿيا.“ ان حقيقت کي هوبهو سچل سائينءَ جي ٻين سوانح نگارن پڻ بعد ۾ ايئن آندو آهي. مادي طرح ڪٽي درازا شريف کي اڏيندڙ فقير دراز ونڊير هو پر روحاني طرح درازا کي ’در–راز‘ (الاهي اسرارن جو دروازو) بنائڻ وارو دولهه سچل سائينءَ جو جد امجد فقير صاحبڏنو الملقب ’موراڳي‘ (مورا) هو. باقي ان خطي کي ڪا خاص تاريخي ۽ تهذيبي قدامت نه آهي، البت کهڙا ڪجهه پراڻو شهر آهي.“


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سچل سائين جي حضور ۾

سچل سرمست تي بہ ساڳين طرح رنگ ۽ رونقون هيون جيئن سنڌ جي سڀني درگاهن تي هونديون آهن. درگاهہ کان پهرين هِڪڙي بازار هوندي آهي، جنهن ۾ ٻارڙن جي رانديڪن کان وٺي ڦُل لکيل چادرُن ۽گُلن تائين ماين/عورتن جي سڀڻين. ڦڻين کان وٺي مِنايِن تائين سڀ ڪجهہ موجود هوندو آهي، تيئن هِتي بہ سچل جي درگاهہ جي گيٽ کان پهرين اهڙي بازار اچي ٿي، اسان گاڏي سائيڊ ڪري بيهاري، مکيہ دروازي جي اندر ٿياسين، تہ ساڳين ئي نموني گهڻائي عورتن جي ئي نظر آئي، مرد نالي ماتر هوندا آهن. اسان سچل تي ڦُل پڙهي ٻاهر نِڪتاسين، درگاهہ اندر توڙي ٻاهر فوٽوگرافي ڪئي، هي موجوده مقبرو ڏاڍو خوبصورت ۽ فن جو اعليٰ نمونو آهي، جڏهن تہ سرڳواسي جيٺمل پرسرام گلراجاڻيءَ پنهنجي ڇپايل ڪتاب ’سچل سرمست‘ جيڪو آگسٽ 1922ع ڌاري ڇپيو، ۾ هن ريت بيان ڪيو آهي:

”خيرپور جي رياست ۾، راڻيپور اسٽيشن کان ميل کن پري درازن جو ڳوٺ آهي، ڳوٺ جي ٻاهران سچل فقير جو روضو آهي ۽ لاڳو ڪرڙن جو جهنگل آهي. درگاهہ سان گڏ سجاده نشين جي جهوني نموني واري اڏيل جڳهہ آهي، جنهن سان باغ جو ٽُڪر لاڳو آهي. پر ۾ هِڪ کوهہ وڻن جي هيٺ آهي. چؤگِرد جهڙيون تهڙيون جهوپڙيون اڏيل آهن. مطلب تہ هِڪڙا ڪِرڙ ٻيا ڪبڙ، جهوني زماني جي جاءِ ۽ بہ چار جهوپڙيون. ٻيو اچو نانءُ الله جو! خلقون ٿيون ماڻهن جون ميلي تي اچن. روز بروز ڳاٽا ۽ ٻيا درگاهہ جي زيارت ڪرڻ اچن ٿا ۽ گهڻيئي ڪامورا ماڻهو پڻ ويندڙ آهن.“

پنهنجي، ذات لِڪائي، ڪيئن ٻي ذات سڏايان،
’اعليٰ اعظم شان‘ جي نوبت نينهن وڄايان،
منصوريءَ جي موج ۾ ٿو اناالحق آلايان،

اُن وقت جي ۽ اڄ هِن وقت جي درازا ۾ گهڻو تمام گهڻو فرق آهي، هاڻي تہ هِتي نہ جهنگل ٿو نظر اچي نہ ڪِرڙ وڏو روضو/درگاهہ وشال اڱڻ، اڱڻ ۾ پري تائين ڊِنل ڇيلهہ جيڏي ڇئوديواري، اُن ۾ ڪِتي فقير/فنڪار سچل جو ڪلام ڳائي رهيا آهن، ڪنهن ڪُنڊ کان عورتون وينل نظر اچي رهيون آهن، هِڪ هنڌ فرش تي ڪتابن وارا ڪتاب پکيڙيو وينا آهن.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هِن کان پهرين بہ جڏهن سچل جو ديدار ڪرڻ آيو هئس، تہ بہ ٿي ڪتاب ورتا هُيم ۽ هاڻي بہ هِڪ بہ ڪتاب ورتم. ڪتاب وٺڻ، پڙهڻ، گڏ ڪرڻ محبوب مشغلو آهي منهنجو. پيو ڪو تحفو ڪِٿان وٺان نہ وٺان، پر ڪتاب ضرور وٺندس. تنهن ڪري وري بہ ڳالهہ ڪتابن جي ئي ڪبي سو ڪتاب لِکن ٿا تہ:

”سچل سرمست جو اصل نالو عبدالوهاب هو. چيو وڃي ٿو تہ حضرت عمر فاروق خليفہ ثاني ۽ پيغمبر جي سُهري جي نسل مان 39 پيڙهي مان هو. سچل جي ابن ڏاڏن مان شهاب الدين نالي هِڪڙو بزرگ هو جيڪو سن 712ع ۾ سنڌ جي عرب فاتح، محمد بن قاسم جو مددگار ۽ صلاحڪار هو ۽ اُن سان لڙائي ۾ گڏ آيو هو. بعد ۾ سيوهڻ جو گورنر مقرر ٿيو. شهاب الدين جا پويان سيوهڻ مان لڏي خدا آباد آيا، اُن ڪانپوءِ ٿرپارڪر ۽ آخر ۾ خيرپور ۾ مُقيم ٿيا، جِتي سچل سرمست جو ڏاڏو خواجہ محمد حافظ صاحبڏني جي نالي سان مشهور ٿيو. سندس پُٽ صلاح الدين، سچل جو والد هو. هو پنهنجي والد جي زندگيءَ ۾ گُذاري ويو. اُن وقت سچل اجا ٻار هو. اُن ڪري ڏاڏي پنهنجي پوٽي جي پرورش ڪئي. اُن وقت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي سچل سائين جي ڏاڏي صاحبڏني وٽ آيو. جڏهن شاهہ لطيف جي سچل تي نظر پئي تہ شاهہ لطيف هن ٻار (سچل) جي مٿي تي هٿ رکندي چيو هو تہ: ”جيڪو کُنوا اسان چاڙهيو آهي، اُن جو ڍڪڻ هي لاهيندو“ هي روايت آهي.

سَچُو نانءُ ٿو سڏائين، چئو تہ ڪاٿي تون آهين.

هِڪ روايت ۾ آهي تہ: سچل سان گڏ ’سرمست‘ جو لقب سندس دوستن ڏِنو هو. سچل جي موسيقي ڪمزوري هوندي هئي، تنهن ڪري جڏهن قديم سازن تي موسيقي ٻُڌندو هو تہ وجّد ۾ اچي ويندو هو ۽ سندس ڏِگها وار اُيا ٿي ويندا هئا ۽ ڳلن تي ڳوڙها وهڻ لڳندا هئا. جنهن ڪي خدا مخمور ڪري تنهن کي ’سرمست‘ چوَن ٿا.“

من نمي گويم اناالحق، يار مي گويد بگو.
چُون نمي گويم مَرا، دلدار مي گويد بگو.

ترجمو: آءُ نٿو چوان، پر منهنجو يار ٿو چوي تہ تون چئو آءُ خدا آهيان.

## سچل جي آڳنڌ اڳيان

آس پاس جو جائزو ورتو. عورتون ڪجهه ڀراڙي جون ڪجهه شهري، پر سيئي تقريبن درن ديوارن کي هٿ لائيندڙيون ۽ هٿ چِپَن تي رکنديون آهن. اِها عقيدت اوهان کي سنڌ تہ ڇا، پر پوري پاڪستان ۾ قائم سيني درگاهن، درويشن تي نظر ايندي.

جڏهن آل پاڪستان ٽوئر تي ويو هئس، سڄو پاڪستان گُهمي واپسي ۾ جڏهن داتا جي دربار جو ديدار ڪرڻ ويا هئاسين. اُتي مون قبر جي جالين کي جن عورتن کي چمندي ڏٺو اُهي ڪي ڀراڙيءَ جون هرگِز نہ هيون. پڙهيل لِکيل فيملي جون. جيڪي ويگو ۽ ڪرولا گاڏين مان پي لٿيون ۽ وري اهڙي ئي ساڳي حالت اسلام آباد جهڙي شهر ۾ قائم ’بري امام‘ تي ڏِٺم. تڏهن مون ان ڳالهہ/چوٽي کي بدلايو تہ سنڌ جا ماڻهو جاهل آهن. جيڪي درگاهن تي نمن/گُهرن ٿا. پر ايئن ناهي هي جهالت ناهي. هيءَ عقيدتمندي آهي، ڪم تہ جيڪڏهن صرف عقيدت جي حد تائين هُجي تہ نيڪ. پر جي اُن کان اڳتي آهي تہ پوءِ ساڳئي نموني چئي سگهجي ٿو تہ ها هيءَ جهالت آهي.

## يار کي هر هنڌ ڳوليم

سچل جي آڳنڌ اڳيان هِڪڙي طرف پٽ تي پيل ڪتابن جو اسٽال آهي ۽ درگاهہ جي سامهون اڱڻ کان اڳتي، هِڪڙو تنبو اڏيل آهي، جنهن هيٺ ننڍڙو فنڪار پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري رهيو آهي، ڪلام جو خلاصو ايئن هو تہ (يار کي هر هنڌ ڳوليم پر مونکي هتي سچل جي درگاهہ تي مِليو. جنهن سان حال احوال اوريم. دِل کي سڪون مِليو) ۽ سامهون ويٺل عورتن جي هِڪڙي قطار آهي، جيڪا ڪيس غور سان ٻُڌي رهي آهي، اسان هِڪٻئي کي چيو اهڙي شاعري ئي تہ عورتن کي هِنن درگاهن تي انجام ڏيڻ ۽ ونڻ ۾ وڏيڪ رهنمائي ڪري ٿي. (الله معاف ڪري) باقي سيني درگاهن تي جيترا عقيدمند ايندا آهن تہ اوترا ئي وري ميل ميلاپ لاءِ، انجام پاڙڻ لاءِ، اکيون ٺـڏيون ڪرڻ لاءِ اچن ٿا. اِها ڳالهہ نہ لڪل آهي نہ نئين آهي، عالمِ آشڪار آهي، مولوي حاجي احمد ملاح صاحب خود بہ پنهنجي دؤر ۾ ان ئي


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالھہ جي تصديق ڪندي هيئنئن ٿو چوي:

سِڱهو موٽي اِيندو ميڙو، مَ ٿِي دِلگير اي دِلڙي!
اچِي پُورل ٿِيندو پيڙو، مَ ٿِي دِلگير اي دِلڙي!

متا ميڙا مُقامن تي، سجڻ سَنبريا سَلامن تي،
اِجهي آيا اَنجامن تي، مَ ٿِي دِلگير اي دِلڙي!

مُحب ميڙي مٿي اِيندا، وڏا ٿورا وري ٿِيندا،
مِڙئي مطلب ڪَرڻ ڏِيندا، مَ ٿِي دِلگير اي دِلڙي!

پِيادا ڪي پيا پَهرِي، ڪي مُرڪن مُحب سِر مَهرِي،
ڳِچي دِلبر سُونهي ڌُهرِي، مَ ٿِي دِلگير اي دِلڙي!

پرِين پُهتا اِنهن پارن، ڪُلها جَهليا قُرب وارن،
ڪنيَئون پھ ساڻ ڪنگهڪارن، مَ ٿِي دِلگير اي دِلڙي!

جِتي بَيران هو بَر ڪو، اُتي گُجريَن ڪيو گهر ڪو،
لڳو تِڪ، تَونر جو جَهرڪو، مَ ٿِي دِلگير اي دِلڙي!

نِيئڻ ميڙي مٿي ماديون، وڏيون تحقِيق اِي تَعديون،
وجيو پوءِ اُت وَسن واديون، مَ ٿِي دِلگير اي دِلڙي!

اِنهيءَ هَندَ اَولياءَ هُئا آڳ، نٿي پاتو تڏهن ڪنهن پَڳ،
مِڙي اج لوڪ لالچ لَڳ، مَ ٿِي دِلگير اي دِلڙي!

نہ ڪنهن اَشراف جي ”احمدا!“ ڪجي هَلڪائِي ههڙي حَد،
سَندن ميڙا، سَندن مَقصد، مَ ٿِي دِلگير اي دِلڙي!

پنجويھ بندن جو هي ڊگهو غزل مون هِتي صفا سوڙهو ڪري، رڳو ڏھ بند رکيا اٿم. سائين عبدالجبار نظاماڻي سان مخاطب ٿيندي، ’سائين! اهو لقاءُ اُن وقت بہ هو تہ هِن وقت بہ آهي، ان جو سِڌو مطلب اِهو ٿيو تہ سڀ ڪجھ سُنايون توڙي ٻُڇڙايون، انصاف بہ تہ ظلم بہ، وصال بہ تہ وِڇوڙا بہ هي سڀ ڪجھ پهرين کان پيا اچن. جنهن ۾ دؤر جو دور تائين تعلق ئي ناهي، چو تہ انهن شين جو تعلق هر دؤر سان رهيو آهي.‘


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**جڏهن اڏ پنڌ تي پهتاسين ...**

واپس آياسين راڻي پور مان ٿيندا، هنگورجا ڪِراس ڪيو هاٽي سج لهي چُڪو هو ۽ رات پنهنجا پرَ ڦهلائي رهي هُئي. رسول آباد بہ اُڪري آياسين، خبر ئي ڪانہ پئي، مغرب نماز پيٽرول پمپ تي اڏيل مسجد ۾ پڙهيسين، گڏ عشاءَ جي بہ سفر نماز پڙهيسين. گاڏي ۾ اچي ويٺاسين دوست بخشل باغي جو فون آيو ڪِٿي پهتا آيو؟ ڇيم هالاٽي ڪِراس پيا ڪريون، ڇيائين هاٽي قاضي احمد ايندو قاضي احمد مان لِنڪ روڊ نِڪري ٿو نوابشاهہ لاءِ اُهو وٺي اچجو نيشنل هاءِ وي تان ايندا تہ نوابشاهہ کان ٻاهران ڪِراس ڪري اڳتي هلي ويندا.

قاضي احمد پهچي نواب شاهہ روڊ جي پڇا ڪئيسين، لنڪ روڊ وٺي آياسين، جڏهن اڏ پنڌ تي پهتاسين تہ ادا منظور جو موڊ خراب ٿي ويو، چوَي واپس ٿا هلون، روڊ خراب آهي، رات آهي، چوندي چوندي بحريا ٽائون اچي پهتاسين اُتي بيٺل همراه کان پُڇيائين تہ نواب شاهہ اجا گهڻو پري آهي، همراه چيو 12، 15 ڪلوميٽر ٿيندو، ادا منظور گاڏي کي اُتان کان ئي واپس موڙيو. چيائين اجا 15 ڪلوميٽر واپس ٿا هلون، مونکي چيائين دوستن کي چئي ڇڏ وري ٻي پيري، حالانڪِ 20 ڪلوميٽرن کان وڌيڪ پنڌ ڪري آياسين، بخشل باغي ۽ ستار سُندر ٻئي گڏ ويٺا هئا، کين فون ڪري ڇيم يار وري ٻي پيري اسانکي دير گهڻي ٿي وئي آهي، چيائون هاٽي تہ پهچڻ وارا هوندا، ڇيم بحريا ٽائون، چيائون اِتي ئي بيهي اوهانکي وٺڻ ٿا اچون 8 ڪلوميٽر جي پنڌ تي شهر آهي، وري واپس ڪيئن ٿا وڃو ڇيم بس يار واپس نِڪري بہ چُڪاسين، وري ڪنهن ٻي پيري.

هاٽي ادا منظور گاڏي کي 100 جي اسپيڊ کان وڌيڪ هلائڻ لڳو وري واپس اچي قاضي احمد پهتاسين، قاضي احمد کان پوءِ نيشنل هاءِ وي ورتوسين، موڊ تہ منهنجو بہ خراب ٿي ويو سائين عبدالجبار بہ چوَي ’بس نيڪ ٿيو جيڪو بہ ٿيو‘ مون ايترو چيو ’مُنياري مان مائو وٺڻو آهي‘ ۽ پوءِ اکيون ٻوٽي سُمهڻ جي ناڪام ڪوشش ڪيم، پر اک لڳي وئي.

ننڊ جو آ بار اکين تي،
شايد آ ڪا سار اکين تي.

### مٺياري جو مائو وٺي، مونکي وِساري ويا

جڏهن مٺياري پهتاسين تہ چيائون هاٽي ڪِٿي مائيَ جو دُڪان ڏِسو تہ بريڪ ڪريون. باءِ پاس تي مائيَ جا دُڪان نهيل آهن. جيئن ميهڙ جو مائو مشهور آهي، ايئن هاٽي مٺياري جو مائو بہ مشهور آهي. هِڪڙو ريسٽورينٽ هو اُن اڳيان بريڪ ڪيوسين. اُتي ئي مائيَ جو دُڪان بہ موجود هو. اسان ٿنهي مائو ورتو گڏ نِڪتاسين مون چيو هي گاڏي ۾ ويهن. پاسي ۾ ڪئبين تان چاڪليٽ وٺان. آئون جيئن ئي چاڪليٽ وٺي گاڏي ڏانهن آيس تہ گاڏي گهٽو پهرين نِڪري چُڪي هئي ۽ منهنجا ٻئي موبائيل بہ گاڏي ۾ پيل هئا. هاٽي مزو ٿي ويو. مونکي يڪدم 2006 وارو گِلگِت وارو سين ياد اچي ويو جڏهن استاپ تان وين ڪرائي سيٽي اُن ۾ وينا پاسي ۾ پي سي او هو. مون سوچيو گهر فون ڪري ٻڌايان تہ اسان هاٽي گِلگِت مان نِڪرون پيا. فون ڪري ٻاهر اچان تہ نہ دوست، نہ وين. هِتي نہ موبائيل نمبر لڳي ۽ نہ ئي ڪنهن دوست جو نمبر ياد هو جو پي سي او تان فون ڪريان پوءِ استاپ کان هاسٽل تائين اڌ ڪلاڪ جو پنڌ هو. رات جو وقت ۽ پنڌ ئي پنڌ. ٻيو ڊپ نہ پر ڦُرجڻ جو خوف هو. ڪيمرا ۽ موبائيل هٿ ۾ هُئا. پئسا بہ پرس ۾ هئا. خير وڏيڪ منهنجي سفر نامي ”حيدرآباد کان هنزه تائين“ ۾ لِکيل آهي.

آئون واپس ڪئبين واري وٽ آيس چيم يار موبائل ڏيو هِڪڙو نمبر ڊائل ڪريان مونکي همراه ڇڏي ويا. نمبر ڊائل ئي ڪيم پي تہ سامهون ڪار انڊيڪيٽر ڏيندي واپس پي آئي. موبائيل ڪيس واپس ڪيم چيم مهرباني همراه اچن پيا. آئون بہ تِکو تِکو گاڏي ڏانهن اچڻ لڳس. جڏهن ويجهو آيس تہ هي تہ ٻي گاڏي. هاٽي خاموش بيهي رهيس. چيم وري نٿو وڃي دوست کي تڪليف ڏيان. هاٽي جي ياد پيس تہ موٽي ايندا نہ تہ ڪٿن ياڳ. 5 منٽ گُذريا تہ ڏِٺم ڪار انڊيڪيٽر ڏيندي واپس پئي اچي. پڪ سمجهيم اِهي آهن. اچي بريڪ ڪيائون. آئون خاموش چڙهي وينس. پويان سيٽ تي سُمهي رهيس. خبر تڏهن پئي جڏهن فتح چوڪ تي گاڏي اچي تيل پرايو پوءِ سِڌو آياسين واپس ماتلي پنهنجي پنهنجي گهر. بقول پٺائي:

چِڄُ مَرِ قَطاران، ساٿُ چَڙهندو لَڪِيين،
مَچُڻ تِئـي پُٺان، وَڳَ واٽَ ٿِي نہ لَهين.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جيڪي سفر ۾ همسفر هئا

**پروفيسر ڊاڪٽر عبدالجبار 'قاسم' نظاماڻي:** ماتلي سان تعلق رکندڙ معزز شخصيت، پيشي جي لحاظ کي ليڪچرار گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج ماتلي، پاڻ سُٺا ليکڪ ۽ تاريخ سان دِلچسپي رکندڙ تاريخ لِکندڙ ماتلي جي تاريخ لِکي اٿس، اُن کان علاوه حافظ نظاماڻي جي شاعري جا مجموعا "باغي آ عشق منهنجو"، "تاريخ آهي شاهد" پڻ هِن جا سهيڙيل آهن، نظاماڻي ذات تي "تذڪراءِ نظاماڻي" وڏو ڪِتاب لِکيو اٿس، جنهن ۾ پوري نظاماڻي قبيلي جا شجرا ڏِنا اٿس. اُن کان علاوه کوڙ ٻيا بہ ڪيترائي ڪتاب لِکيا، سهيڙيا ۽ مُرتب ڪيا اٿس. "محمد صديق مسافر جي علمي، ادبي، تعليمي، صحافتي ۽ سماجي خدمتن جو تحقيقي مطالعو" جي عنوان سان محمد صديق مسافر تي پي ايڇ ڊي ڪري ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪئي اٿس.

**صفيع الله شر:** صفي الله ساگر شر روزاني ڪوشش اخبار خيرپور جو ڈسٽرڪٽ رپورٽر آهي ان سان گڏ ريڊيو پاڪستان خيرپور جي پروگرام سهڻي ڌرتي ۾ ڪمپيئر شاعر بہ آهي شاعري 2000 کان لِکندو پيو اچي.

**منظور احمد جوڻيجو:** ماتلي شهر سان تعلق رکندڙ منهنجو ياءُ آهي، سُٺي دِل رکندڙ آهي، سندس حيدرآباد ۾ "الرزاق پرنٽرز" آهي، پنهنجي ڪاروبار ۾ ڪامياب آهي. گُهمڻ جو شوق هوندو اٿس، ۽ هميشہ چوندو آهي، گُهمڻ جو پروگرام ناهيو گاڏي منهنجي حاضر آهي.

**مور ساگر:** 'ڪي جاٽا مين ڪوڻ بُليا'

**[ 09 اپريل 2019ع ـ ضلعو خيرپور ]**



رياستِ خيرپور جي خوبصورت نشاني 'فيض محل' جي منهندا



سچل سرمست لائبرري خيرپور جي انچارج فدا ميتلو سان گڏ لائبرري اندر



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



# مثالي ماڳ ٽنڊو سومرو

### روانگي

سدائين زندگيءَ ۾ هِڪ مسئلو رهيو،
ننڊ اڌوري رهي، خواب پورو نہ ٿيو.

29 نومبر اڄ جمعي جو ڏينهن هو. تنهن ڪري دِل چوندي آهي تہ دير تائين سُمهي رهجي، پر صبح 9 وڳي ادا منظور فون ڪيو تہ سائين عبدالجبار نظاماڻي پُڇي پيو تہ اڄ ٽنڊي سومري ڏسڻ جو پروگرام آهي تہ ٻُڌايو. پوءِ سوچيندي ها ڪيم. ٽنڊو سومري جي باري ۾ الطاف شيخ لِکيو هو. اُن کان پوءِ يو ٽيوب تي بہ ٽنڊو سومرو جون ڊاڪيومينٽريون ڏٺيون هيم. تنهن ڪري اِها حسرت هُئي تہ ٽنڊو سومرو عاصم ايگريڪلچر فارم گُهمي اچجي. آءٌ ادا منظور ۽ سائين پروفيسر ڊاڪٽر عبدالجبار روانا ٿياسين. وقت پورا 11:00 ٿيا آهن. ملهڻ پهتاسين. گاڏي کي ملهڻ نظاماڻي ڊائهن موڙيوسين. هِتان ظفر نظاماڻي کي بہ هلڻو هو. ڪجهہ اڳتي وياسين تہ ظفر روڊ وٽيو آيو پي. اُن کي کنيوسين. گاڏي ۾ ويٺو.

## زرداري روڊ، اسين، سفر ۽ ظفر

ظفرالحق نظاماڻي سان اسان جي هيءَ پهرين ملاقات هُئي، تنهن ڪري ادا منظور ۽ مون سان ڊاڪٽر عبدالجبار نظاماڻي، اسان سان گڏ هلندڙ اسانجي نئين همسفر جو تعارف ڪرايو. ’هي آهي ظفرالحق نظاماڻي، پيشي جي لحاظ کان اُستاد آهي، ملهڻ ۾ رهندو آهي،‘ پوءِ ظفر کي وري اسان پنهنجيءَ پاڻرن جو تعارف ڪرايائين. خير قصو ڪوتاهه، سفر اڳتي.

زرداري روڊ ۽ اسين ٻيو سفر ۽ ظفر. هن زرداري روڊ جو تذڪرو آءٌ پنهنجي سفري ڪتاب ٻي ڀاڱي ۾ ڪري چُڪو آهيان. زرداري روڊ تان لهي هاڻي ورتوسين گُلاب لغاري ڳوٺ جو گس. ايڊووڪيٽ عبدالخالق لغاريءَ ڪامريڊ ڪريم لغاري ۽ شاعر ايچ بي بلوچ جن جي شهر گلاب لغاري مان گُذرندي اڳيان، چمبڙ کي ٻه ڪِراس ڪيوسين، ته ٽنڊوالهيار جو مين روڊ به پار ڪري پريون پاسو ورتوسين.

## رکيوسين رُخ مثالي ماڳ ٽنڊو سومرو ڏانهن

هِن رستي اسان کي پهرين آندو شاهه پور رضوي، شاهه پور رضوي کي پوئتي ڇڏي اڳتي ٿياسين ته ڳوٺ موليڏنو ميربحر جو بورڊ پڙهيم، ادا منظور کي چيم سائين عبدالشڪور ملاح جي ڳوٺ جو بورڊ هيڏانهن لڳو پيو آهي، اُهو ته حيدرآباد جي ويجهو آهي، پر پوءِ خبر پئي ته هي ڳوٺ مولي ڏِنو ميربحر نالي سان ٻيو ڳوٺ آهي، سائين عبدالشڪور پاڻ ٻُڌايو. هي مثالي ماڳ جيڏانهن وڃي رهيا آهيون، ’ٽنڊو سومرو‘ اِهو به حيدرآباد جي اوير ۾ حيدرآباد کان پنجاهه ڪلوميٽرن جو فاصلو ٻُڌايو وڃي ٿو ته اِهو ڳوٺ به حيدرآباد جي اوير ۾ پليجاڻي ڪانپوءِ اچي ٿو.

اڳيان آياسين ته مهراڻ شوگر مِل ڪمند جي پيڙهائي ڪري رهي هئي. اسان جو ٿوري دير لاءِ شگر مِلون ۽ ڪمند موضوع ٿي ويو. مِل مالڪن جي هِڪ هَٿِي ۽ بليڪ ميلنگ جي ڪري ڪمند جو فصل سال به سال پوئتي ٿيندو وڃي، آخر ماڻهو ڇو خرچ ڪري، ٻارهن تيرنهن مهينا هِڪڙي فصل کي بيهارين، جڏهن وقت اچي ته مِل مالڪن جي بدمعاشي. مهراڻ شگر مِل کان اڳتي ٿياسين ته نصير ڪئنال آيو اُن کي پار ڪري.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نيٽ پهتاسين مثالي ماڳ ٽنڊو سومرو

ٽنڊو سومرو ۾ جيئن ئي داخل ٿياسين ته منهنجي ذهن ۾ الطاف شيخ جو آرٽيڪل آيو ”ٽنڊو سومرو— سنڌ جي بدامني ۾ بي چيني واري ماحول ۾ هڪ پُر سڪون ڳوٺ“ جيڪو ڪاوش جي هفتيوار ’ڪاوش دُنيا‘ مئگزين ۾ شايع ٿيو هو.

جيئن ئي ڳوٺ جي ويجهو پهتاسين ته اسانکي وڏي ديوار جيڪا ماڻهو جي قد کان به مٿاهين اڏيل آهي، ڏسڻ ۾ اچي ٿي ۽ هِڪڙو وڏو مين گيٽ آهي، جتي گارڊ ويٺل آهي ۽ لڪڙو به لڳل آهي، اسان جي گاڏي کي روڪي اسان کان پُڇا ڪيائون ته ڪيڏانهن پيا وڃون، ڪنهن سان مِلندا؟ اڳيان ويٺل اسان جي سائين بزرگ ڊاڪٽر عبدالجبار ’قاسم‘ نظاماڻي ٻُڌايو ته ’اسين ماتلي کان اچون پيا، ٽنڊو سومرو ۾ عاصم ايگريڪلچر فارم وزٽ ڪرڻو آهي، اسان احمد الدين نظاماڻي جا مهمان آهيون.‘ گارڊ لڪڙو هٽايو ۽ اسان کي وڃڻ جي لاءِ اشارو ڪيائين. اسان کي هي عمل اڻ وڻندڙ جي بجاءِ وڻندڙ لڳو. ته ماڻهو پنهنجي سيڪيورٽي سخت رکي، باقي جيڪو قدرت واري جي طرفان هوندو سو ئي ٿيندو آهي.

هاڻي اسين گيٽ اُڪري چوڏاري ڏِنل ديوار جي اندر آهيون. ڳوٺ جي اندر جيئن ئي داخل ٿيون ٿا ته آءٌ پهرين گهٽيءَ ۾ صفائي کي ڏِسان ٿو ۽ پوءِ گهٽي ۾ پاڻي جي نيڪال لاءِ لڳل لوهه جون جاريون ڏِسان ٿو. جنهن جي باري ۾ پڙهيو هيم. مونکي اِها حقيقت ڏِسڻي هئي، تنهن ڪري مون هيترو پنڌ ڪيو آهي. سو ڏِٺم ته واقعي ئي صاف سُٿريون گهٽيون ۽ گهٽي جي پاسي کان انڊرگرائونڊ نالي، اُن ناليءَ جي مٿان ٿوري ٿوري پنڌ تي لوهه جون جاريون لڳل نظر آيون. ان کان علاوه ٿوري ٿوري پنڌ تي ڪِچري اُڇلڻ لاءِ لڳل ’ڪِچري دان/ڊسٽ بِن/ڪِچري جا ڊرم لڳل نظر آيا. جن کي بلو ڪلر ٿيو پيو هو. اُن دوران اسان جي ڪچهري به گڏ هلندي هلي، اسان جي همسفر ظفر اسانکي مختلف گهٽين مان گُهمائي ڳوٺ کان ٻاهر ڪڍي آيو. وري ڪچي بونڊري تي چڙهياسين. پهتاسين ’خير آباد ڪالوني،‘ جتي اسانکي جمع نماز ادا ڪرڻي هُئي ’فاروقِ اعظم‘ جامع مسجد ۾. جمع نماز پڙهڻ لاءِ اسان هيڏانهن پنڌ ڪيو آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## مانجهاندو ۽ معلومات گڏ گڏ

مسجد کان سِڌو مهمان خاني، پهتاسين. جِتي سائين مولوي افتخار نظاماڻي وٽ مانجهاندي جو انتظام هو. دسترخوان تي ماني لڳي، تيستائين اسان جي ڪچهري جو موضوع ٽنڊو سومرو جي تاريخ ۽ ترقي هو.

پهرين نظاماڻين جو ڳوٺ سڏبو هو جڏهن رئيس سومر خان سردار ٿيو ته پوءِ هِن ڳوٺ جو نالو به سومر جي پويان سومرو ٿي ويو. جيئن محمد خان جو ٽنڊو، الهيار جو ٽنڊو، آدم جو ٽنڊو، حيدر جو ٽنڊو، غلام علي جو ٽنڊو، جان محمد جو ٽنڊو وغيره وغيره. ايئن هي سومر جو ٽنڊو هو، هاڻي ٿي ويو ٽنڊو سومرو. اها به عجب ڳالهه آهي ته نالي جي حساب سان نئين ماڻهوءَ جي ذهن ۾ اِها ڳالهه ضرور هوندي ته هِتي رهندڙ ذاتين ۾ سومرن جي اڪثريت هوندي، پر سومرن جو هِڪ گهر به ناهي. جيڪي برادريون هِتي رهن ٿيون، اُنهن ۾ نظاماڻي، خاصخيلي، ماڇي، پيا، شاهه، ناريجا، ٻڙدي، مرزا، مڱڻهار، پٺاڻ، واڍا، شيخ، ڪتي، شورا، بروهي، عقيلاڻي، چاچڙ، ساند ۽ هندو برادريون به رهن ٿيون، جن ۾ ميگهواڙ ۽ ڪولهي وغيره شامل آهن. هي ڳوٺ ٽنڊوالهيار جي يونين ڪائونسل جو درجو رکي ٿو. هي به نئين ڳالهه ٻُڌي ته ’بجلي جو ڪنڊو هٽڻ به هِتي ڏوهه تصور ڪيو وڃي ٿو. جيڪو ڪنڊو هٽندي پڪڙجي پيو ته ڏنڊ ۾ اُن گهر کي ڇهه مهينن تائين بجلي کان محروم رهڻو پوندو ۽ پنجويهه هزار ڏنڊ الڳ ورتو ويندو.‘

تعليمي ميدان ۾ به هي ڳوٺ سيني کان وڌيڪ آهي، هن ڳوٺ جي جُرڳيل ڪميٽي انهي ڳالهه کي لازمي بڻائي ته تعليم ۾ انرول مينٽ/حاضري سئوسيڪڙو هُجڻ گُهرجي. هِتي ڇوڪرين لاءِ الڳ اسڪول آهي، ڇوڪرن لاءِ الڳ. اسڪولن اندر ڪمپيوٽر ليب پڻ موجود آهي، هِتي جي پرائمري اسڪول جو نظام پڻ جديد آهي.

صحت مرڪز به قائم آهي، جيڪو پڻ ڪاميٽيءَ جي سهڪار سان سُٺي نموني هلي ٿو جتي ڊاڪٽر چوويهه ئي ڪلاڪ موجود رهي ٿو.

ايئن ئي اسان جي اڄ جي هن مختصر وقت ۾ ماني کائڻ ۽ معلومات ونڊڻ جو سلسلو پُڄاڻي تي پهتو. اُتياسين هاڻي اسانکي پهرين ٽنڊو سومرو ڳوٺ جو مڪمل دورو ڪرڻو آهي.

## ٻہ ماڙ مورچي تان ڳوٺ جو نظارو

ڪار ۾ اڳين سيٽ تي سائين احمد الدين نظاماڻي جيڪو اسانکي گهٽين گهٽن مان گهمائيندو هلي. هي ڳوٺ ’ٽنڊو سومرو‘ سنڌ جي ٻين ڳوٺن ۾ مثالي ڳوٺ بہ آهي تہ ٻين لاءِ مثال بہ آهي، جنهن کي تمام ٿورڙن ماڻهن، رئيس امداد علي خان نظاماڻي، نصير نظاماڻي، دلبر خان نظاماڻي، محمد ملوڪ نظاماڻي نديم خان، محمد ملڪ ۽ اشفاق احمد نظاماڻي، گڏجي، ’پنهنجي مدد پاڻ‘ تحت هِن ڳوٺ کي مثالي بڻايو. سنڌ ۾ امير ماڻهن جي کوٽ تہ آهي ڪونہ، هر ڳوٺ پاڙي ۾ بہ تي امير ماڻهو تہ هوندا ئي هوندا، الله سائين اُنهن جي من ۾ اهڙو خيال آڻي تہ هِڪ ڳوٺ ڇو پوري سنڌ سراپا سهڻي بڻجي پوي.

اسين گهٽين، پاڙن، مان ٿيندا ٻاهر رانديڻ جي ميدان ڏانهن آياسين، هِتي رانديڻ جا بہ ميدان آهن. هِڪڙو ٻارڙن لاءِ، هِڪڙو وڏن لاءِ، جتي ڪرڪيٽ ۽ فٽبال رانديون ڪيڏيون وڃن ٿيون. هِتي پاسي ۾ ٻہ ماڙ مورچو بہ ٺهيل آهي، جنهن جي ڇت تي چڙهي، سڄي ڳوٺ ۽ ڳوٺ جي ٻاهر ٻنين جو بہ نظارو ڪيوسين. پري ڪان ڪجهہ انبن جا باغ بہ نظر اچي رهيا آهن. هِتي انب ۽ ڪيلا باقي فصلن ۽ ميون ۾ وڏيڪ اُپايا وڃن ٿا، هِتان جا انب ٻاهرين ملڪن ڏانهن بہ موڪليا وڃن ٿا. ڳوٺ کي چوڌاري ڊِنل وڏي ديوار جي اندر ڳوٺ جو نظارو بہ واهہ جو وڻي پيو.

## اُها مسجد جنهن تي شاگردن اُٺ چاڙهيو

اسان کي اسانجو ميزبان سائين احمد الدين نظاماڻي وٺي آيو اُن مسجد وٽ، جنهن تي بقول سائين احمد الدين جي تہ شاگردن اُٺ چاڙهيو هو، ڪيئن چاڙهيو هو ڇو چاڙهيو هو اِها ڪهاڻي بہ مختلف نمونن سان ٻُڌائي وڃي ٿي، پر مون جڏهن اِن مسجد جو فوٽو فيس بڪ تي رکي اِهو ڪيپشن لِکيو تہ ڪجهہ دوستن ڪمينٽس ۾ لِکيو اُها مسجد ٽنڊو قيصر ۾ آهي، ڪنهن ڪِٿي لِکي. خير اسان هِن مسجد ۾ عصر نماز پڙهي، فوٽو گرافي بہ ڪئي، مسجد جي ڇت بلڪل اهڙي ئي آهي، جهڙي اسان جي ڳوٺ جي بزرگ هستي مخدوم امام جي قديم مسجد جي ڇت، پر هن جي تعمير واري تختي پڙهيسين تہ اُن ۾ 1317 هجري بمطابق 1894ع لِکيل آهي.

## رئيس امداد خان ۽ عاصم سان مختصر ملاقات

اڄي ڪلر جي اوطاق چئون يا بنگلو پر بلڪل پُراڻي طرز جو ٺهيل آهي، جنهن جي ورانڊي اندر ڪُرسيون ۽ ٽيبلون رکيل آهن. اُنهن تي اڳواٽ ئي رئيس امداد علي خان، سندس فرزند عاصم نظاماڻي ۽ ڪجهه ٻيا ماڻهو بہ ويٺل هئا. اسان بہ سلام ورائي سيني سان مِلياسين. آءُ رئيس امداد علي خان جي ڀر ۾ ويٺس. اسان جو تعارف سائين احمد الدين، واري واري سان ڪرايو. پوءِ رئيس هِڪ هِڪ کان الڳ الڳ حال احوال ورتو ۽ پهريون سوال اِهو پُڇيائين تہ ’سڄو ڳوٺ گُهمي ورتو؟ چيوسين، ’جي، بلڪل سڄو ڳوٺ گُهمي ڏِٺوسين ۽ جهڙو ٻُڌو هوسين، اهڙو ئي ڏِٺوسين. يعني موجوده دؤر جي ڳوٺن مان مثالي ڳوٺ آهي. ايئن پوءِ مختلف موضوعن تي مختصر ڪچهري ٿي، چانهہ بسڪيٽ آيا سيني گڏجي چانهہ پيتي. بعد ۾ گروپ فوٽو نِڪتا. ورانڊي اندر ۽ پوءِ ٻاهر. ٻاهر تمام وڏو اڱڻ آهي، جنهن تي ڪيترين ئي گاڏيون بيهي سگهن ٿيون. ايئن هي مختصر ملاقات بہ پُڄاڻيءَ تي پهتي ۽ اسان هِن ٽنڊو سومرو کي اڏيندڙ/سنواريندڙ اهم ڪِردار رئيس امداد علي خان ۽ سندس فرزند رئيس عاصم علي خان نظاماڻي کان مُرڪي موڪلايوسين.

## نصير ڪئنال جو نظارو

نومبر جو سج جيئن شام ٿئي، تيئن تيز ڀڄي، تنهن ڪري اسان بہ ڳوٺ کي ڇڏي ڪيلن جي فصلن جي وچان ڪچي بونڊري تان لَٽ اُڏاريندا اسپيڊ سان اڄي پهرين پهتاسين نصير ڪئنال تي. گاڏي مان لٿاسين فوٽوگرافي ڪئيسين. هِن ڳوٺ ٽنڊو سومرو ۽ آسپاس جون زمينون آباد ڪندڙ هي نصير ڪئنال ڳوٺ ٽنڊو سومرو کان ڇئن فرلانگن جي فاصلي تي ٻُڌايو وڃي ٿو. هن ڪئنال جي ڪپرن جي (ڳوٺ ٽنڊو سومرو جي سامهون) روزانو جي بنياد تي جانچ رکي ويندي آهي، جيئن ڳوٺ جي حفاظت کي يقيني بڻائي سگهجي. ان مان ئي اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ هِن ڳوٺ کي سنواريندڙ ڪيترا سچا ۽ مخلص انسان آهن. ڪاش سنڌ جا ٻين ڳوٺن ۽ شهرن ۾ ڪي اهڙا انسان پيدا ٿي پون.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## عاصم ايگريڪلچر فارم تان ڦيرو

عاصم ايگريڪلچر فارم وڏن اکرن ۾ وڏي گيٽ جي پر واري ديوار تي لکيو پيو آهي، جيئن ئي اُهو وڏو گيٽ اُڪري اندر ٿياسين تہ واهہ ۽ سبحان الله جا اکر اسان جي زبان تي هئا، هي تہ جڻ دُنيا ئي ٻي لڳي پئي آهي. رئيس انور خان نظاماڻي جو نهرايل هي فارم جنهن کي وڏائي ويجهائي، سينگاري، سنواري هن خوبصورت منظرن، نظارن ۾ بدلائيندڙ سندس لائق فرزند رئيس امداد علي خان نظاماڻي ئي آهي.

هن فارم کي پاڪستان جي تمام اهم ترين فارمن ۾ شماريو وڃي ٿو. ٽي سئو ايڪڙن جي ايراضي تي اڏيل هِن عاصم ايگريڪلچرل فارم تي نہ صرف اسان جهڙا سياح گُهمڻ/ڏسڻ فوٽوگرافي ڪرڻ لاءِ اچن ٿا، پر هِتي ايگريڪچرل ريسرچر بہ اچن ٿا، جيڪي هِتي جي پيداوار تي اچي ريسرچ ڪن ٿا. هن فارم ۾ گهڻي تعداد ۾ ڪيلو ۽ انب ٿين ٿا/پوکيا وڃن ٿا. هِتي گهُمندي ڦرندي مون هِڪ هنڌ پارڪ ۾ فائر ڦوهارا بہ ڏِٺا، جيڪي پهريون ڀيرو بادشاهي قلعي لاهور جي پارڪ ۾ ڏِٺا هئا، تڏهن مونکي حيرانگي ٿي هئي، پر هِن ڀيري ڪا بہ حيرانگي نہ ٿي. بس اُها 2006ع واري ياد اچي وئي.

اسان نہ صرف هن فارم جي منظر گُل ٻوٽا، زمينون، پارڪ، پر مين هيڊ آفيس، سيئي چيمبر گُهمي ڦِري ڏِٺاسين، هِتي موجود ملازمن کي رئيس امداد فون ڪري ڇڏي هُئي، اُنهن اسان کي بهترين نموني سان ريسپانس ڏنو. آخر ۾ سندس آفيس ۾ ويهاري اسانکي بهترين تازي کير جي چانهہ بہ پياري وئي.

هن فارم تي ڪم ڪندڙ هارين جي پگهار بہ مثالي ٻُڌائي وڃي ٿي ۽ هر سال هِڪڙو مقابلو بہ ٿيندو آهي، جنهن ۾ جنهن بہ هاري وڌيڪ فصل اپايو اُن کي 'مين آف دي ييئر' جو ٽائٽل مِلندو آهي. 25 هزار انعام سان گڏ بوسڪي جو پٽڪو پڻ ٻَڌرايو وڃي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن هارين کي بہ تفريحي دورا ڪرايا ويندا آهن.

رئيس امداد علي خان نظاماڻي جي عاصم فارم سامهون اڏيل پيلن جو پڪو ڳوٺ ڏِسي حيران ٿيڻ فطري هو. رئيس امداد نظاماڻي پنهنجي هارين کي سُکيو رکڻ لاءِ جوڙايو آهي، جنهن ۾ پڪيون بائونڊريون، گئس، بجلي سيئي سهولتون پُڻ موجود آهن. اهڙا مثال هِن سطحي منهنجي سنڌ ۾ گهٽ مِلندا.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## جيڪي سفر ۾ همسفر هيا:

**پروفيسر ڊاڪٽر عبدالجبار 'قاسم' نظاماڻي:** ماتلي سان تعلق رکندڙ معزز شخصيت، پيشي جي لحاظ کي ليڪچرار گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج ماتلي، پاڻ سُٺا ليکڪ ۽ تاريخ سان دِلچسپي رکندڙ تاريخ لِکندڙ ماتلي جي تاريخ لِکي اٿس، اُن کان علاوه حافظ نظاماڻي جي شاعري جا مجموعا "باغي آ عشق منهنجو"، "تاريخ آهي شاهد" پڻ هِن جا سهيڙيل آهن، نظاماڻي ذات تي "تذڪراءِ نظاماڻي" وڏو ڪِتاب لِکيو اٿس، جنهن ۾ پوري نظاماڻي قبيلي جا شجرا ڏِنا اٿس. اُن کان علاوه ڪوڙ ٻيا بہ ڪيترائي ڪتاب لِکيا، سهيڙيا ۽ مُرتب ڪيا اٿس. "محمد صديق مسافر جي علمي، ادبي، تعليمي، صحافتي ۽ سماجي خدمتن جو تحقيقي مطالعو" جي عنوان سان محمد صديق مسافر تي پي ايچ ڊي ڪري ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪئي اٿس.

**منظور احمد جوڻيجو:** ماتلي شهر سان تعلق رکندڙ: منهنجو ياءُ آهي، سُٺي دل رکندڙ آهي، سندس حيدرآباد ۾ "الرزاق پرنٽرز" آهي، پنهنجي ڪاروبار ۾ ڪامياب آهي. گھمڻ جو شوق هوندو اٿس، ۽ هميشہ چوندو آهي، گھمڻ جو پروگرام ناهيو گاڏي منهنجي حاضر آهي.

**ظفر نظاماڻي:** سندس تعلق ملهڻ نظاماڻي سان آهي، پاڻ پڙهائڻ جي شعبي سان واڳيل آهن، هن وقت مولوي خير محمد نظاماڻي تي پي ايچ ڊي پڻ ڪري رهيا آهن.

**پروفيسر احمد الدين نظاماڻي** : سندس تعلق ٽنڊو سومرو سان ئي آهي، پاڻ گورنمينٽ ڪاليج ٽنڊوالهيار ۾ ليڪچرار آهي.

**مور ساگر:** 'ڪي جاٽا مين ڪون بُليا'

### [29 نومبر 2019ع، جمع جي ڏينهن. _ضلعو ٽنڊو الهيار]



منظور احمد، مور ساگر، عاصم نظاماڻي، رئيس امداد نظاماڻي ڊاڪٽر عبدالجبار نظاماڻي،
ظفر نظاماڻي، احمد الدين نظاماڻي، رئيس امداد نظاماڻي جي اوطاق اڳيان



مور ساگر، منظور احمد، ڊاڪٽر عبدالجبار نظاماڻي، ظفر نظاماڻي ۽ احمد الدين نظاماڻي
ڳوٺ جي حفاظت لاءِ ٺهيل هڪڙي مورچي اڳيان اُتي موجود گارڊ به گڏ بيٺل


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



# دودي جي ديس ساحلي پٽي جو سيرَ

## روانگي

هي واهڻ، هي وَستيون، هِي جهوپا هِي رُوپا،
سيئي ڳوٺ سنڌ جا، سڀ ڏيرَ پنهنجا.

21 فيبروري 2020ع آهي، اسان رول ماڊلن جو وِيهہ سئو وِيهہ جو هي پهريون سفر آهي، اُهو بہ ساحلي پَٽي دودي جي ديس جو. دودي جي ديس تي جڏهن سائيبريا جا مهمان پکي پنهنجا عارضي آشيانہ اڏيندا آهن، تڏهن مارين جي مُنهن تي بہ مُرڪون رقص ڪرڻ لڳنديون آهن. جن پرديسي پکين لاءِ اسان کي چوڳي/داڻي جو بندوبست ڪرڻ گُهرجي، اُن لاءِ اسين نوان رڇ/ڄار تيار ڪندا آهيون ۽ نيون نيون اٽڪلون سِکندا/سيکاريندا آهيون ۽ پوءِ وري هِڪٻئي سان اِها بہ شرط رکندا آهيون تہ ڪير ڏينهن ۾ ڪيترا پرديسي پکي ٿو شڪار ڪري.

آئون ادا منظور ۽ سائين ڊاڪٽر عبدالجبار نظاماڻي روانا ٿياسين، وقت پورا 10:00 ٿيا آهن. ماتلي بدين باءِ پاس تان ڪرولا ۾ پندرهن سئو جو پيٽرول پرائي، دعاءِ سفر پڙهي روانا ٿياسين.

## مڇي لڏمَ پٽ تان، مڇي ڏِنمَ شعيب کي

تلهار پهتاسين، پنجن منٽن جو ڪم هو. بريڪ ڪيوسين ۽ پوءِ وري به سفر ۾ اڳيان وڌياسين. ڏهه، ٻارهن منٽن جو فاصلو طئي ڪري اچي مِلياسين شعيب رضا ٽالپر سان، جنهن ٽالپر اسٽاپ تي اسان جي اچڻ جو انتظار پي ڪيو. پيرو شهر پهتاسين، ياسين سان مِليس.

اسان چارئي رستي تان پيادل پيا اچون ته اڳيان مڇي 'ڪُرڙو' ٿيلهِي ۾ پيو هو. شعيب کي چيم شعيب گس هلندي لڇمي مِلي اٿئي، ڪو همراهه توائي ٿي موٽرسائيڪل تي چڙهيو هوندو. خبر ڪانه پيس ته مڇي ڪِري پئي، اِها آئي تنهنجي ڀاڳ ۾. شعيب سندس دُڪان واري ملازم کي سڏ ڪيو. مڇي ڏئي چيائين ته اِها رک هلي دُڪان تي، ڪو ڏٺي ٿيو ته ٺيڪ نه ته گهر موڪلي ڇڏج. ٿيستائين همراهه موٽرسائيڪل وارو توائي ٿيو آيو. چيائين اِها مڇي مون ڪيرائي هئي، مڇي ڏِنيسين اُن کي. پيروءَ تان شعيب ضرورت جو سامان ورتو. مير مُنير ٽالپر جي دعوت آهي، سندن ڊنڊ ٻجهورو. لاڙ پڇاڙ ساحلي پٽي تي، تنهن ڪري اسان هي پروگرام گهُمڻ جو به ٺاهيوسين. هِتي ڊاڪٽر نظير به مِليو. جيڪو اسان سان گڏ بدين تائين هليو.

## برياني ورتيسين بدين مان

بدين پُهتاسين، الله واري چونڪ تي، صديق سومرو سان مِلياسين، چانهه لاءِ چيائين، چيوسين ڪنهن ٻي ڀيري، روانا ٿياسين. گولاڙچي روڊ تان چانهه جي لاءِ ڪير ورتو. شاهنواز چونڪ تي بريڪ ڪيو. شعيب هِتان برياني ورتي، ادا منظور ماتلي مان ئي نارنگيون ورتيون هيون، جيڪي رستي ۾ کائيندا آياسين. اجا به گاڏي ۾ پيون آهن. وقت ٻارهن لڳي پنجٽيهه منٽ ٿيا آهن، سيراڻي روڊ وٺي روانا ٿياسين. هِن روڊ تان به ڪيترائي ڀيرا منهنجو گُذر ٿيو آهي، دودي جي ديدار لاءِ جڏهن به ويندو آهيان ته رستو اِهو ئي مونکي ملائيندو آهي، دودي دلير سان. اڄ به اُن مڙس مٿير جي حاضري ڀرڻ لاءِ ساٿين سميت سفر ۾ آهيان. سيراڻي کي جيئڻ ئي ويجهو پهتاسين، مجيد ملاح کي فون ڪيم ته 'اوهان هِن وقت ڪِٿي آيو؟' چيائين 'شهر سيراڻي ۾،' چيم 'حنيف جي دُڪان تي هلي ويهه، اوهان سان مِلڻو آهي.

## سيراڙي شهر ۾ مجيد مهراڻوي سان ملياسين

ڪجهه ئي دير ۾ پهتاسين دوست مجيد مهراڻوي، حنيف ڏيانگ، فقير محمد وفائي ٽيئي وينا، هئا ملياسين. پوءِ مجيد مهراڻوي جي والد جي وفات ۽ حنيف ڏيانگ جي پٽ جي وفات تي ٻنهي سان فاتح پڙهي. حال احوال دوران ’مجيد مهراڻوي نوجوان شاعر آهي، ۽ هي حنيف ڏيانگ شاعر ۽ صحافي به آهي، هي ڊاڪٽر عبدالجبار ’قاسم‘ نظاماڻي آهي، جيڪو سُٺو ليکڪ ۽ تاريخدان آهي، ماتلي ڪاليج ۾ ليڪچرار آهي، اُن سان گڏ پي ايچ ڊي ڊاڪٽر به آهي، هي منظور احمد جوٽيجو جيڪو منهنجو وڏو ڀاءُ آهي. هي شعيب رضا ٽالپر‘ سيني سان هِڪٻئي جو تعارف ڪرايم. ڪچهري ڪئيسين، چانهه به پيتي، چانهه ڏاڍي سُٺي مِلي وئي.

تعلقي بدين جي ذڪر ۾ هي ننڍڙو شهر سيراڙي جيڪو تعلقي بدين جي يونين ڪائونسل پڻ آهي. بدين شهر کان اندازاً ارڙهن ڪلوميٽرن جو مفاصلو ٻڌايو وڃي ٿو. هِن شهر ۾ صحافين لاءِ پريس ڪلب ۽ ٻيون سرڪاري تعليمي ۽ صحت واريون سهولتون اهڙيون جهڙيون هر ننڍڙي شهر ۾ هونديون آهن. نه صرف لاڙ پٽاڙ پر سمجهو ته سنڌ جا آخري سرحدي شهر آهن. هنن شهرن کان پريان رڻ ئي رڻ ۽ پوءِ ايل بي او ڊي راڪاس کان اڳيان سنڌي سمنڊ، سمنڊ کان پريان هندستان.

سنگت سان گروپ فوٽو صحافي فقير محمد وفائي ڪڍيو. سيلفيون ٿيون سنگت کان موڪلائي منزل طرف روانا ٿياسين.

## ڀڳڙا ميمڻ ڏاهن ويندي وات

ڳوٺ دينار ٽالپر وٽان گُذرياسين شعيب ٻڌايو مسعود لوهار جو ڳوٺ به اِهو آهي، اسان جو يار نادره وارو اسرار لوهار پڻ هِن ڳوٺ جو آهي. اڳيان ڀڳڙا ميمڻ پهتاسين هِتي پهرين موسيٰ ملاح وٽ آياسين. هن کان شعيب چار عدد پکي ورتا به هزار روپيا ڏنا. پوءِ اندر ڳوٺ ۾ لٿاسين. هِتان ٻيو همراه عبدالمالڪ خاصخيلي جنهن کان 15 پکي ورتاسين.

مير آصف فش فارم، ٻجهورو ڍنڍ پهتاسين. هِتي ڍنڍ جو رکوال امير بخش پلي آهي، سيني سان مِليو، پکي ۽ سامان کيوسين اُن جي حوالي،

شعيب پاڻي جي بوتل کولي سيني کي پاڻي پياريو هاڻي چيائين تہ برياني بہ کائون، پوءِ ٿا هلون. اڳيان ڪٿي جمع نماز پڙهون، پوءِ اڳتي ٿا گهمڻ هلون. برياني بدين مان ورتي هئي. پلِي پليٽون ڊوئي ڏِنيون شعيب سيني کي برياني لڳائي ڏِني، کاڌيسين.

## ڳوٺ دينار ٽالپر ۾ جمع نماز

ڳوٺ دينار ٽالپر پهتاسين. هِتي جامع مسجد ۾ باجماعت جمعو نماز پڙهيسين. ٻاهر نِڪتس فيس بوڪ فرينڊ محمد خان ٽالپر مونکي سُڃاڻي ورتو چاهہ سان مِليو چانهہ جي صلاح ڪيائين. مون سندس مهرباني مڃي. سنگت جو انتظار ڪري رهيو هئس. مسجد جي پير ۾ سُنو مدرسو بہ ٺهيل آهي. جتي ڳوٺ جا ٻارڙا ديني درس وٺن ٿا. سِرن جون پَڪيون گليون ٺهيل، ڪافي ذاتين ۽ پاڙن تي مشتمل هِن ڳوٺ دينار ٽالپر لاءِ حسن درس بہ هيئن چيو هو تہ:

تپايو لوهہ لوهارن، مڙي مسعود سان گڏجي،
دُنيا **’دينار ٽالپر‘** ڪان، سوبرن جو وطن آهي.

هِتي مسجد جي سامهون ٺي اوطاق هُئي، جِتي تڏو بہ رکيل هو شعيب جو مائٽ رات گُذاري ويو هو اُن جي فاتح بہ پڙهڻي هُئي، فاتح پڙهي.

## ايم اي انگلش معنيٰ چريو!

ڪچهري ٿي تعارف دوران سائين ڊاڪٽر عبدالجبار نظاماڻي ماتلي تہ پوءِ سامهون بہ عبدالجبار ٽالپر ويٺل هو ۽ وري نظاماڻي ذات جا شجره ڪتاب سائين لکيو هو اُن جو بہ ذڪر نِڪتو.اِن دوران هِڪڙو وکري ٽائپ دوست آيو اُن بہ سيني سان هٿ ملايو عبدالجبار ٽالپر. سائين عبدالجبار نظاماڻيءَ کي چيو تہ هي اسان جو نوجوان تمام گهڻو پڙهيل لکيل آهي، هاڻي هن سان بحث ڪر. جنهن بہ قسم جو اوهان کي جواب ڏيندو. سائين عبدالجبار چيو بحث جي ڪا ڳالهہ ناهي، نہ ئي ڪي سوال جواب آهن. بس ڪچهري پيا ڪريون. سائين عبدالجبار چيو. دوست ڇا ڪندو آهي تعارف تہ ڪرايو عبدالجبار سندس تعارف ڪرائيندي ٻُڌايو تہ سائين هي

ماستر آهي ۽ ايم اي انگلش به اٿوَ سائين عبدالجبار نظاماڻي فورن چيو معنيٰ چريو بس پوءِ سڄي ڪچهري ۾ ٺهڪڙو مچي ويو. وينل ته تڏي تي هئاسين، پر اصل ٺهڪ ڏيڻ جي وجهه اِها ئي محسوس ڪئيسين ته هِن کي هِتي سڀئي چريو سڏيندا آهن. سائين عبدالجبار ته ڪيس نه سُڃاڻي، پر اُن به هِن کي چريو چيو ته جڻ وينل همراهن جي ڳالهه کي وزن مِلي ويو. تنهن ڪري سڀني ٺهڪ ڏِنا. خير چانهه جا به ڍُڪ پِي سڀني کان موڪلايوسين. هِتان هِڪ نوجوان عبدالشڪور ٽالپر کي شعيب گڏ ورتو. مختلف ڳوٺ ڪِراس ڪري، سمنڊ ڏانهن مُنهن ڪيوسين. ڪچو رستو انتهائي خطرناڪ هو جنهن تان او بي او ڊي ڏانهن وڃي رهيا هئاسين.

## شيخ ڪرهيو پانڌاري درگاهه جو ديدار

اولهه طرف کان هِڪڙي مزار نظر آئي. شعيب کان پُڇيم اِن طرف هلو ڏِسون ڪنهن جي مزار آهي. شعيب چيو اِها 'شيخ ڪرهيو پانڌاري' آهي. چيم پوءِ ته ضرور هلو. اِن کي تاريخ ۾ پڙهيو اٿم. اِن جو نالو گهڻو ٻُڌو ويو آهي. گهڻو اُن وقت جڏهن هِتي 1999ع ۾ سامونڊي طوفان آيو هو. جنهن تمام گهڻو نقصان ڏِنو هو. هن ئي علائقي ۾ وٽن ۾ ٽنگيل ماڻهن جا لاش نظر ايندا هئا. اُنهن ڏينهن شيخ ڪرهيو پانڌاري، پڳڙا ميمڻ ۽ شيخاڻي ڳهاڙي اِهي نالا صحافين جي رپورٽنگ دوران گهڻو ٻُڌبا هئا.

درگاهه تي پهتاسين. پڳڙا ميمڻ کان 4 يا 5 ڪلوميٽرن جي فاصلي تي هيءَ درگاهه موجود آهي. هي درگاهه جيڪا ڪتابن ۾ 8 صديون اڳ جي ٻُڌائي وڃي ٿي. ڊاڪٽر عابد لغاري جي ڪتاب 'سنڌ تاريخ ۽ ثقافت' ۾ پڙهيو هيم ته ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ به پنهنجي ڪتاب ۾ لِکيو آهي ته موئن جي دڙي جي بقايا. ٿرپارڪر ۾ 'نوهٽو' ۽ بدين ضلعي ۾ مرڪان شيخڻ ۽ قرهيوپانداري آهي.

ڪتاب ۾ لِکيل آهي ته اُن وقت يعني اٺ صديون اڳ چشتي طريقي جي تبليغ جو وڏو مرڪز هئي ۽ هِتي پوهه مهيني جي پهرين سومر تي عرس مبارڪ ٿيندو هو. جيڪو به ڏينهن هلندو هو سڄي خطي جي شيخ برادري اچي گڏ ٿيندي هئي ۽ ڪکن ڪانن وارا جهوپڙا/پکڙا اڏي اچي وهندا هئا.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي ٽولين جي صورت ۾ ويهي مڇ ٻاريندا هئا ۽ پوءِ سيئي ٽوليون جيڪو رڌيندا پچائيندا هئا. هڪٻئي کي ونڊي ورڇي ڏيندا هئا. اِها ونڊ ورڇ هر ٽولي جي هِڪ وڏڙي پنهنجي هٿن سان ڪندي هئي.

ڊاڪٽر عابد پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته: ”حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ اِهي مڇ ڏِسڻ لاءِ قرهيه پانداري تان پيرو ڪيو هو ته سنڌن زبان مان هي بيت نِڪتو هو:

جوڳيئڙا جهان ۾ نوري ۽ ناري،
ٻري جن ٻاري، آءُ نه جيئندي اُن ري.

شيخ قرهيه پانداري لڳ ويجهو ئي سنڌن دين جي پيڙهه مائي بيبانور صاحبه جي تربت پُڻ آهي، پرتجر ڍهي چُڪي آهي. چيو وڃي ٿو ته مائي صاحبه ڪڇ جي ’ڪانيي پير‘ جي پيڙهه آهي. درگاهه جي اولهه تان قرهيه دڙي مان ڪيترائي بُت، سِڪا، مهرون ۽ اکرن لِکيل سرون هٿ آيون آهن، جيڪي حيدرآباد جي عجائب گهر ۾ محفوظ آهن“. (صه 134)

## ايل بي او ڊي عرف ارڙ بلا*

پُلصراط جهڙي رستي تان پار پئي پهُتاسين ايل بي او ڊي عرف ارڙ بلا. پهرين ئي رينجرس چيڪ پوسٽ اچي ٿي اسان گاڏي مان لهي پنهنجو تعارف ڪرايون ٿا. پوءِ هڪ آفيسر اڪيلي سائين عبدالجبار نظاماڻي جو ڪارڊ نمبر لکي چوڪي ٿو پيلي وڃو. پاسي ۾ ئي ايل بي او ڊي جي ڪِناري تي هيٺ لٿاسين سيڙهي ذريعي، پاڻي ۾ بيڙيءَ وانگر ترندڙ پُل پئي آهي، هن جي خاصيت اِها آهي ته پاڻي سان گڏ هيٺ مٿي ٿيندي آهي. اُن تي چڙهي نظارو ڪيوسين. ايل.بي.او.ڊي عرف ارڙ بلا جو.

اڳيان پنڌ ڪيوسين. هِڪ ٻي چيڪ پوسٽ آئي اُتي به ساڳي تعارفي انٽري ڪرائي، اڳتي روانا ٿياسين. ايل بي او ڊي جو ڪپ ئي ڪپ پريان انڊيا جي سرحد جا لڳل اڇا نشان پري کان پڌرا ڏِسجن پيا.

* ايل بي او ڊي تي تفصيل سان هن ئي ڪتاب جي سفر ”ٻڙ جو ٻورو ۽ گنگا جو گام“ صفحي 80,81 تي ڏِنو اٿم.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## پرديسي پکي

سائيبريا يا ڪِن ٻين ٿڌن مُلڪن ۾ جڏهن ٿڌ وڌي ويندي آهي ته هي پَکي جن ۾ ڪيترائي قسم آهن، اچي هِتي سنڌ وطن جي ڍنڍن تي ديرو ڄمائيندا آهي، پنهنجي انجام کان بِلڪل بي خبر، ڇو ته اُنهن ملڪن ۾ ڇوَن ٿا پکين کي شڪار ڪري ناهن کائيندا. جيئن اسان وٽ ته چڙهِ هِڪڙي لاڀائتي سيزن شروع ٿي ويندي آهي. هاڻي هاڻي اسان به پنج سئو روپيا في پکي جي حساب سان اوڏيهه پکي وٺي ڇڏي آيا آهيون. جن ۾ ڳانيري، ڊگوش، ڏونري شامل آهن، اِهي پَکي واقعي ئي پرديسي آهن يا ايئن ئي چيو وڃي ٿو، اِن لاءِ مونکي مرزا قليچ جو ڪتاب ”پکي“ ڏِسڻو پيو جنهن ۾ اسانجي مُلڪ ۾ موجود گهڻن پکين جو ذڪر آهي، پر مٿين پَکين مان ڪنهن به پکي جو نالو ذڪر ۾ نه آهي، اِن مان به پَڪ ٿي ته هي پرديسي ئي آهن. اِنهن پرديسي پکين جي ايئن بي رحمانه قتل تي سنڌ جو سهڻو شاعر نقاش علواڻي به چئي وينو:

پکين کي ٿو ماري، تون مُرڪين ميان،
پري جي پَکين جا ته پر ميڙجن ها.

پر ماري ڪِٿي ٿا مُڙن، اسان سان گڏ گاڏي ۾ به هِڪڙو ماري وينو هو، جنهن جو ايل بي او ڊي جي ڪپر تي وينل پکين جي وڏي هجوم کي ڏِسي وات پاڻي پاڻي پي ٿيس، چوي پيو يار شڪار واهه جو آهي، پر... اُنهن نظر ايندڙ مختلف پکين جو شعيب کان نالو پڇيوسين، جنهن ٻُڌايو ته اِهو جيڪو اڇو پکي سيني کان وڏو نظر پيو اچي، اِهو سانهه پکي آهي، هو جيڪو ڏِسو پيا اِهو هنجر آهي، هنن جو هاڻي هِتي رهڻ ڪجهه ڏينهن ئي هوندو ۽ پوءِ ڪيئي ڀيرا ۽ ڳوڙها اکين ۾ کٽي اِهي پرديسي پکي سنڌ وطن کي وداع چئي ويندا.

سهڻي منهنجي سنڌ، ۾ گهڻو ڪري سڀ آبي پکي سائبيريا ۽ روس وغيره کان اچن ٿا. انهن سيني پکين جي رهڻي ڪهڻي گهڻو ڪري هڪ جهڙي آهي. اهي پرديسي پکي رات جو کاڌو کائين ۽ ڏينهن جو جتي گهڻو پاڻي ۽ ميدان هوندو آهي، اتي ماٺ/خاموش گذاريندا آهن. سچ لٿي مهل اُٿندا ۽ جُدا جُدا ڍنڍين ۽ تلائن ۾ وڃي لهندا.

## چنيسر جي بـ وارثي ٿي وئي

ايل.بي. او.ڊي ڪپ تان لهنڊڙ رستو سِڌو چنيسر جي قبر تي، هِن وقت تـ قبر آهي، پر شايد جڏهن پيهر اچڻ ٿيندو تـ هي بـ هڪ مزار بڻجي چُڪي هوندي، ڇو تـ قبر جي چئن پاسن کان ڪالمن لاءِ ڪڏا کوٽيا پيا آهن ۽ قبر کي بـ پَڪو ڪيو ويو آهي، هن کان پهرين بـ پيرا اڳ جڏهن آيو هئس تـ هن قبر جي ڪنهن خبر ئي نـ ٻُڌائي، تنهن ڪري چوان ٿو چوٿين پيري ايندس تـ يقينن هِتي مزار اڏيل هوندي. منهنجو هِتي دودي جي ديس ۾ ڪيئي پيرا اچڻ ٿيو آهي، پر چنيسر جي قبر مون اڄ ڏِٺي آهي. تاريخ بي رحم بـ ڇئي ويندي آهي، پر تاريخ گُمراهـ بـ هوندي آهي، مطلب اِهو تـ ڪير ٿو پَڪ ڏي تـ هيءَ ئي چنيسر جي قبر آهي، بهرحال تاريخ ڄاڻي تـ تاريخ لِکڻ وارا.

عام روايت موجب، ”دودو ۽ چنيسر، سومرن جي حاڪم ڀونگر جا پُٽ هئا. دودو ڏاڏي پوٽيءَ مان ۽ چنيسر لوهارڻ زال مان هو. ڀونگر سومري جي وفات کانپوءِ گاديءَ جي مسئلي تان اميرن ۾ اختلاف ٿيو. جن فيصلو ڀونگر جي وڏور ڏيءُ ٻاگهي ٻائيءَ تي ڇڏيو جيڪا هن جي ڏاڏي پوٽي۔ ڏيءَ هئي ۽ عمر ۾ بـ ٻنهي ڀائرن کان وڏي هئي. ٻاگهيءَ تخت وڏي ڀاءُ چنيسر کي ڏياريو. جنهن تي چنيسر پنهنجي ماءُ کان صلاح مشوري وٺڻ لاءِ پڳ ٻڌڻ کانسواءِ ئي دربار مان نِڪري هليو ويو. اِها ڳالهـ راجداريءَ جي اصولن خلاف ليکي وئي ۽ اميرن چنيسر کي ڪمزور سمجهي راڄ جي پڳ دودي کي ٻڌڻ لاءِ مجبور ڪيو.

جت سوڍا، سومرا، راڄ مڙوئي مڙن،
ٻاگ تت دودي شير تي، ڏمر دهل وڄن،
خلقون مر اچن، دودل جي درٻار ۾.

ايم ايڇ پنهور پنهنجي ڪتاب ’سومرا ڪنگڊم آف سنڌ‘ ۾ لکي ٿو تـ: هڪ نـ بلڪِ ٻن چنيسرن سنڌ تي حڪومت ڪئي آهي. ”چنيسر 1 ، 620هـ/ 1223ع کان 625هـ/ 1228ع تائين حڪومت ڪئي. جنهن کانپوءِ وري چنيسر اول، ڪجهه سالن لاءِ حڪومت ڪئي.“ ان مان ثابت ٿئي ٿو تـ چنيسر نالي ٻن حڪمرانن حڪومت ڪئي.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا ۾ وري هيئن پڙهيو اٿم: ”چنيسر نالي سومرو سردار 620هه/ 1223ع ـ 625هه/ 1228ع ديبل جي تخت تي ويٺو. هي اُهو دؤر هو جڏهن جلال الدين خوارزم شاهه، چنگيز خان کان شڪست کائي ننڍي کنڊ جو رُخ ڪيو هو. خوارزم شاهه جڏهن لاهور پهتو ته التمش کيس پناهه ڏيڻ کان انڪار ڪيو ۽ کيس ملڪ ڇڏي وڃڻ لاءِ چيو. چو ته چنگيزي لشڪر سندس پيڇو ڪندو پئي آيو ۽ التمش خطرو محسوس ڪيو ته چنگيز خان لاهور مان دهليءَ ڏانهن نه رُخ ڪري ان ڪري جلال الدين خوارزم شاهه سنڌ ڏانهن رُخ ڪيو. هن پهريائين ملتان ۽ اُچ کي لُٽيو ۽ ڦُريو. ان کان پوءِ ٻُڪايل شينهن وانگر سڄيءَ سنڌ کي خون ۾ رنڱي ڇڏيائين. جڏهن هو ديبل پهتو ته چنيسر مقابلي جي سگهه نه سمجهي اهل و عيال ۽ خزانو کڻي ٻيڙيءَ تي سوار ٿي ڪنهن ڏورانهين سامونڊي ٻيٽ ڏانهن هليو ويو.“

ساڳين ئي انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا ۾ اڳتي لکيل آهي: ”جلال الدين خوارزم شاهه ديبل کي اچي لُٽيو هن ديبل ۾ دمريلا جا خوبصورت شهر ۽ آسپاس جا ڳوٺ ۽ بستيون لُٽي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيون. هو ڪافي وقت لاءِ ديبل ۾ رهيو. ان دوران هن سنڌ جي پاڙيسري ۽ مددگار رياست گُجرات تي به لشڪرڪشي ڪئي. ڇاڪاڻ ته کيس شڪ هو ته سومري چنيسر گُجرات ۾ پناهه ورتي آهي. ديبل ۾ رهائش وقت هِن هڪ ديول کي ڊهرائي هڪ مسجد تعمير ڪرائي. جڏهن سندس فوج گُجرات کي ڦُري لُٽي واپس ديبل پهتي ته کيس اطلاع پهتو ته چنگيزي فوج سندس ڳولا ۾ ويجهو اچي پهتي آهي. ان ڪري جلال الدين خوارزم شاهه مڪران جي رستي ڪرمان روانو ٿي ويو. سندس واپسيءَ کانپوءِ چنيسر واپس ديبل موٽي آيو. جلد ئي التمش جي سپهه سالار نظام الملڪ جنيدي ديبل تي حملو ڪيو.

چنيسر ملڪ کي وڏيڪ تباهيءَ کان بچائڻ لاءِ جنيديءَ سپهه سالار آڏو پيش پيو ۽ التمش جي درباري اميرن جي صف ۾ شامل ٿي ويو. مولانا ابوالظفر ندويءَ جي راءِ آهي ته چنيسر يا ته خانه جنگيءَ ۾ مري ويو يا وري ان بيٽ تي (جتي هو جلال الدين خوارزم کان پنهنجي وڃي رهيو هو). ڪجهه وقت گذرڻ کانپوءِ مري ويو هوندو. بهرحال چنيسر 625هه/ 1288ع تائين ملڪ سلطان الدين چنيسر جي لقب سان حڪومت ڪئي.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### مڙس تہ ڪو دودو آهين- دودو سومرو

اسين آيا تہ دودي جي ديدار ڪاڻ هئاسين، پر چنيسر پهرين رستي ۾ آيو تنهن ڪري اُن جي بہ قبر تي وياسين. آئون تہ بہ پيرا پهرين هِتان ٿي ويو آهيان، پهريون پيرو ذوالفقار خاصخيلي ۽ حاڪم جوڻيجو سان گڏ ۽ ٻي پيري وري پنهنجي فيملي سان گڏ جڏهن مون ڪوريَ ڪار ورتي هئي. هاڻي هي ٽيون پيرو اچڻ پيو ٿيئي.*

اڄوڪي سفر جي آخري منزل دودي جو ديدار هو، جنهن دودي لاءِ شيخ اياز اوپيرا ’دودي سومري جو موت‘ بہ لِکيو آهي، جنهن جي هِڪڙي سِٽ گهڻي مشهور آهي تہ:

’دودا! تنهنجو ساهہ تہ ويندو، پر ماڻهو جو ويساهہ نہ ويندو‘

هاڻي شام جا بہ پاڇا لڙي رهيا هئا، هِتي جڏهن بہ ايندا آهيون، تہ لاڙ جي ٿڌڙي هوائن جو اصل حُسن هِتي نظر ايندو آهي، واهہ ڇا تہ هوائون هونديون آهن، ڪهڙي بہ موسم ۾ اچو پر هِتي اوهان کي ههڙيون دلبر هوائون مِلنديون، شايد کُليل آسمان هيٺ رڻ ئي رڻ آهي، ڪي بہ وڻ ٽڻ، يا ٻيلا وغيره ناهن، تنهن ڪري هوا کي ڪا روڪ رنڊڪ ناهي.

اڳ ۾ بہ پيرا جڏهن آيو هئس تہ دودي جي مزار تي ڪا خاص صفائي سُترائي نہ هئي، پر هِن پيري شايد ڪجهہ ڏينهن پهرين ميلو ٿي گُذريو آهي تنهن ڪري، پيو تہ ٻاهر آڳنڌ ۾ بہ ٽائلس لڳايا ويا آهن، مزار کان ٻاهر سڄي قبرستان کي چوديواري بہ ڏِني وئي آهي ۽ مزار جي سامهون رهائش لاءِ هِڪڙو ڪامپليڪس تيار ٿي رهيو آهي، هِن وقت بہ ڪم جاري هو. انشاءَالله آئينده جڏهن بہ اچڻ ٿيو تہ هِتي گهڻي تبديلي ٿي چُڪي هوندي. ترقياتي ڪم ڪِٿي بہ ڪهڙا بہ ٿيڻ گهرجن، ڇو تہ ماڻهن جي بُنيادي ضرورت آهي،اِهي ننڍا ننڍا ڪم بُنيادي ضرورتن ۾ شمار ٿين ٿا.

---

* چوٿون پيرو نومبر 2021ع ۾ ڪاليج جي ليڪچرارن ۽ پرنسپالن سان گڏ هِتي آيو هئس، جيڪو مٿي لکيو هيم تہ درگاهہ جي سامهون رهائش وغيره لاءِ ڪامپليڪس ٺهي رهيو آهي، سو هاڻي ٺهي مڪمل ٿي چڪو، سامهون وڏي جامع مسجد بهترين ٺاهي وئي آهي ۽ درگاهہ جي بلڪل سامهون، ’ گورنمينٽ ڊسپينسري شهيد دودو سومرو روپا ماڙي‘ نالي بورڊ لڳل آهي، هڪ ڪمري تي مشتمل ڊسپينسري بہ هلي رهي آهي، جيڪا ڳالهہ خوش آئند آهي. ترقي طرف گامزن آهي، جڏهن پهريون پيرو آيو هئس تہ صفا رڻ ئي رڻ هو، پر اُن ڪانپوءِ هاڻي جڏهن چوٿين پيري آيس تہ گهڻو ڪجهہ تبديل ٿي چُڪو آهي،اِها اُميد تہ آئنده جڏهن اچڻ ٿيو تہ اڃا بہ ڪا وڏي تبديلي نظر ايندي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڪي پيڊيا تي هيئن پڙهيم: ”سنڌ جي تاريخ ۾ سومرن جو دؤر انفرادي حيثيت رکي ٿو. هِن زماني ۾ سنڌ جي تهذيب، تمدن، ادب ۽ ثقافت جيڪا ترقي ڪئي، اها تاريخ جي ورقن ۾ سدائين جيئري رهندي. هيءَ پهرين سنڌي حڪومت هئي، جنهن عربن کان پوءِ سنڌ ۾ مقامي راڄ يا صاحبي قائم ڪري، خودمختيار ٿي راڄ ڪيو. سومرن سنڌ تي 1051ع کان 1351ع تائين، پورا ٽي سؤ سال راڄ ڪيو. هن خاندان يا ڪٽنب جا جملي ويهه حاڪم يا راجا تخت تي ويٺا، جن سنڌ جي آزادي، بچاءَ ۽ خودمختياري لاءِ ڏارين سان ويڙهون جوٽيون. هن ڪٽنب جي هر فرد سنڌ لاءِ قرباني ڏني، جن مان دودو سومرو، اسان جي تاريخ جو عظيم جرنيل ۽ سورهيه سپاهي آهي، جنهن اسان جي قومي آجپي لاءِ سِر جو نذرانو ڏنو.

دودو سونهن سياٽپ سورهيائيءَ جو مُجسمو، حُب الوطني ۽ قربانيءَ جي جذبن سان سرشار، مُکيه سورمو آهي، جيڪو اسان جي قومي ڪِردار جي بهترين نمائندگي ڪري ٿو. سندس جنگي ڪارناما، وطن جي راهه ۾ سرفروشي ۽ قرباني جي عوامي جذبن جي صحيح ترجماني ڪن ٿا. دودو، سنڌ جو هِڪ لافاني ۽ لاثاني قومي هيرو آهي. هو محب وطن، وطن پرست، غيرتمند ۽ باهمت انسان آهي. جڏهن سندس ڪي وزير کيس صلاح ڏين ٿا ته پاڻ کان ڏاڍي دشمن جا مطالبا مڃي سنڌ کي آزاد ڪرائجي، تڏهن هي ڏهيسر سنڌي سپوت چوي ٿو ته: ”سنڌ جي تاريخ انسانيت جي شرف جو هڪ مقدس ڪتاب آهي. هي ملڪ، پنهنجي علمي، اخلاقي ۽ تمدني روايتن جي ڪري، دنيا جي آڏو ڪمزور تي جُهڪڻ لاءِ پيدا نه ٿيو آهي.“

اسان مزار جي اندر ڪجهه دير لاءِ خاموش رهي سُڪون کي محسوس ڪيوسين. مزار اندر دودي جي ڊگهي قبر تي جيڪا ڪاٺ جي ڇاري/پڇري تي ڪم ٿيل آهي، اُهو به ساراهه جوڳو ڪم ٿيل آهي. اسان اندر فوٽو گرافي ڪئي. آئون ’ٻولي اجرڪ‘ به ساڻ گڏ کڻي ويو هئس ۽ سنڌي ٽوپي. اُن سان فوٽو ڪڍياسين. ۽ سائين ڊاڪٽر عبدالجبار به تاريخ جي ورقن کي ورائي دودي جي باري ۾ اسانکي ڪجهه نه ڪجهه ٻُڌائي رهيو آهي. ديوارن تي لِکيل هي جملو به پڙهيو ”مڙس ته ڪو دودو آهين“.

دودي سومري لاءِ مولائي شيدائي پنهنجي ڪتاب ’جنت السنڌ‘ ۾


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيئن لِکيو آهي: ”دودو سنڌ جو حڪمران هو جيڪو علاءُالدين خلجي سان سنڌ جي بچاءَ لاءِ وڙهندي شهيد ٿيو. سندس مزار بدين ضلعي ۾ آهي. دودي بن پونگر چوويهہ ورهيہ حڪومت ڪئي. دودو سومرن جو بهادر سردار ٿي گذريو جنهن لاڙ کان وٺي نصرپور تائين حڪومت جي حدن کي وڌايو هو. سندس بهادريءَ جا ڪارناما سنڌ جي آکاڻين ۾ بيان ڪيل آهن. سنہ 1092ع ۾ وفات ڪيائين. دودي جي وفات ڪرڻ وقت سندس پُٽ سنگهار صغير هو. والد جي وفات کانپوءِ، حڪومت جو ڪاروبار سنڀالڻ لڳو. چوويهہ سال آزادي ۽ خود مختياريءَ سان حڪومت هلايائين. ڦوهہ جوانيءَ ۾ هِن فاني جهان مان گُذر ڪري ويو. سن 485هہ ۾ ڪانئس پوءِ سندس پُٽ سنگهار بن دودو جيئن تہ ننڍو ٻار هيو.“

’سائين عبدالجبار! هِن دودي سومري ۽ چنيسر جو قصو بہ تاريخدانن ۽ محققن ايترو مُنجهايو آهي، جو هر هڪ محقق پاڻ کي ٻي کان معتبر ڄاڻائيندي ٻي جي ڳالهہ کي رد ڪندي لِکي ٿو تہ. فلاڻي ڪهاڻي جو حقيقت سان واسطو ناهي، صرف ڏند ڪٿا آهي، شاعرن، سگهڙن پنهنجي شاعري ۾ وڌائي پيش ڪئي آهي وغيره وغيره. اهڙي نموني مون جيترن بہ ڪتابن ۾ دودي چنيسر جو ذڪر پڙهيو آهي تہ مونکي حيراني ٿي، هِڪڙا چون ٿا تہ دودو سومرو سڳا ڀائر نہ پر پيٽا ڀائر آهن، هِڪڙا مرڳو چون ٿا هي سڳا تہ پري، پر ڀائر ئي نہ آهن. هِڪڙا لِکن ٿا تہ چنيسر جو خلجي ڏانهن وڃڻ، جنگ ڪرڻ سڀ ڪجهہ هِڪڙي ڪهاڻي آهي، حقيقت سان اُن جو تعلق ناهي، اسان جهڙا جيڪي صرف پڙهندڙ آهن، اُنهن کي تہ هِنن محققن منجهائي رکيو آهي.‘ سائين عبدالجبار منهنجي بنا فُل اسٽاپ ڳالهہ ٻُڌندي مُسڪرائي ٿوءِ خاموش رهي ٿو. آئون وري اوهان پڙهندڙن سان هِڪڙي ٻي محقق جو لِکيو پڙهايان ٿو.

”تاريخ سومرا سنڌ جو ليکڪ محمد يوسف اتڪي جي هڪ مضمون تي تبصرو ڪندي ان جي تائيد ۾ لکي ٿو تہ: اسان جڏهين محمد يوسف اتڪي صاحب جي ڏنل سنڌ جي سومرن حڪمرانن جي نالن جي لسٽ کي غور سان پڙهي ڏِسون ٿا تہ پوءِ دودو ۽ چنيسر هِڪ ئي پيءُ پونگر جا بہ پُٽ پڻ ثابت نہ ٿا ٿين. ڇاڪاڻ تہ: اتڪي صاحب چنيسر جو پيءُ طائي ۽ دودي جو


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيءُ پونگر تحرير ڪيو آهي. جنهن مان صاف ۽ واضح طور ثابت ٿئي ٿو تہ: دودو ۽ چنيسر هِڪ ئي پيءُ پونگر جي اولاد نہ هُجڻ جي باعث، پاڻ ۾ بہ سڳا ڀائر بہ بنهہ نہ هئا. انهيءَ ڪري، هاڻي دودي ۽ چنيسر جو جُڙتو قِصو پڻ ازخود ڪوڙو ۽ باطل ثابت ٿي وڃي ٿو تہ ڪي بہ سڳا ڀائر دودو ۽ چنيسر پاڻ ۾ پنهنجي پيءُ پونگر جي پڳ ٻڌڻ ۾ تڪراري هئا." *

هاڻي اُنهن محققن کي مُنهن اوهين پڙهندڙ ڏيو. اسان تہ جيڪو ڏِٺو اُهو اوهانکي ٻڌايو ۽ جيڪو پڙهيو اُهو اوهانکي پڙهايو.

اجان اڳتي ڪٺي لطيف کان ٿا پُڇون تہ جيڪو اسانکي پنهنجي بيتن ۾ حقيقت سمجهائي ٿو:

سرڻين جي سُک لئہ، سانگ ڪئين سردار،
جي آيون ابڙي آڌار، سي سونگ نہ ڏينديون سومريون.

❊

تون اوڏر تون اوڏڪو، تون اجهو تون آڳ،
هِت پڻ تنهنجو تڪيو، منهند بہ تنهنجو ماڳ،
سي لوڙيون ڏين نہ لاڳ، جي اجهي آيون ابڙي.

❊

سرڻين جا سونا سهي، وسيلو ولهين،
لُڏي ڪين لطيف چئي، اڳيان لال لکن،
جِت ڪوڙيين ڪين ڪُڇن، ات پابوهي پڏرو.

❊

ابڙو اگهامن ۾، سبڙ جيئن ٻيلي،
سي پٽ ڪنهن نہ پوڙئا، جي ٿو ٻڙ پيلي،
سمون ساوڻ مينهن جيئن، رجو ٿو ريلي،
اڇي جي ويلي، تن بور بخشي ٻُٺ ڏٺي.

❊

* هي ليک ڏگهو آهي، انهي جو پنج پوائنٽون بہ ڏِنل آهن، جنهن جي ذريعي ليکڪ اِهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ٿو ڪري تہ منهنجي تحقيق صحيح آهي، سو هِتي مڪمل ڏيڻ ممڪن ناهي. منهنجو هي سفر نامو آهي، تنهن ڪري مختصر ڪجهہ سِٽون ئي ڏيندو آهيان.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ابڙو اگھامن ۾ پرجھلو پاري،
منهن مُني جڪرو طاماعن تاري،
سمي سوالين ڪي، ويل وِسارين.
پُڇي سي پاري، جي عاجز اجورن ۾.

## ڳوٺ غازي ملاح مان پکي ورتا

دودي جي مزار کان پوءِ هاڻي اسان جي واپسي آهي، ڏيڍ ٻن ڪلوميٽرن جي فاصلي تي شعيب ادا منظور کي هڪڙي ننڍڙي ڳوٺ ڏانهن گاڏي کي لاهڻ جو اشارو ڏِنو شعيب همراه کي فون ڪئي، جيڪو پريان گهر مان پکي ڪڍي نِڪتو هن همراه کان بہ تقريبن 9 عدد پکي ورتائين، 4500 سئو روپيا، شعيب هاڻي ٽوٽل گهٽا پَکي ٿيا، هاڻي ٽوٽل 30 پکي ٿيا، چيم 30 پکي تمام گهٽا آهن، چيائين ’ماڻهو بہ گهٽا آهن، ڪائيندي تڏهن خبر ئي نہ پوندئي ڪيڏانهن ويا.‘ ڪکائين ڪِريل اوطاق اڳيان بيٺي پير پکي ورتا ۽ واپس ٿياسين.

## ال آصف فشن فارم تي شام جا آخري پهر

ال آصف فش فارم تي سنگت اچي ويئي هُئي، جيڪا ڪم ڪار ڪري رهي هئي، ڪجھ سنگت نريڙي ڍنڍ گُهمڻ لاءِ وئي هُئي. هِتي موجود دوستن سان هٿ ملائي ڪچهري ڪئي، اسان وضو ڪري سانجهيءَ جي نماز ادا ڪئي، باقي رهيل دوست بہ ڪجھ دير ۾ نريڙي ڍنڍ گُهمي پهچي ويا.

جيئن جيئن رات پنهنجا پَر پکيڙي رهئي هُئي تيئن تيئن سيءُ سياڪا سرير کي محسوس ٿي رهيا هئا. تنهن ڪري گاڏي جي ڊِگي ۾ رکيل جئڪيٽ ڪيڏي پاتم. رئيس حمزو خان دلواڻي ۽ سائين ڊاڪٽر عبدالجبار ’قاسم‘ نظاماڻي، موجوده دورِ حڪومت کان، تاريخ ۽ بادشاهن جي قِصن ڪهاڻين. تائين ڪچهري ڪندي نِڪري ٿي ويا. ڪنهن پَل وري اچي ذوالفقار مرزا جي سياست تي بيهن، وري ويجو دودو چنيسر جي راڄ ۾ نِڪرن. اسان سڀ ڪچهري ٻُڌڻ وارا، هوڏانهن اورنگزيب، آصف اُهي ٻوڙ ۽ ڀَت رڌڻ وارا. شعيب وري رائتو تيار ڪري رهيو آهي، جنهن کي رمضان ۽ اياز سائو مصالحو چوندبي ڏئي رهيا آهن.


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُمهاڻي جي نماز جو وقت ٿي ويو جنهن کي بہ نماز پڙهڻي هئي، سيئي وضو ڪري آيا. سائين پروفيسر ڊاڪٽر عبدالجبار جي امامت ۾ سُمهاڻي نماز باجماعت ادا ڪئي، وري بہ ساڳين ڪِرت کي جيڪو جِتي اُتي لڳي ويو ڪجهہ دير بعد طعام تيار ٿي ويو.

ڀَڪين جو ڀوڙ مير اونگزيب رڌو 'تمام بهترين هو' اسان کي ايئن پڪي ڪاٺڻ جو زندگي ۾ پهريون موقعو هو ۽ ٻي برياني بہ رڌي، مانيون بہ هيون، جيڪي شايد هِتي ڍنڍ جي رکوال پلي پنهنجي گهران پچرائي آيو هو رائتو، صلاد وغيره. ڪجهہ دوستن مذاقن چيو پي تہ ڏِسون ٿا ڪير ٿو بازي کٽي، پر اسان ٿيئي آئون، ادا منظور ۽ سائين ڊاڪٽر عبدالجبار سيني کان پهرين اُٿي وياسين، شايد اسان جو هي پهريون پيرو هو پر اسان جي پيٽ ۾ جيتري گنجائش هُئي کاڌي، باقي دوستن تہ رَج ٿي کاڌو، وڌو هنديو گوشت جو پريو هو پر نہ بچيو ڪو ذرو برياني بچي پئي جيڪا، رکوال پلي کي ڏنئون.

ماني کائي سڄي سنگت گڏجي گروپ فوٽو ڪيدرايو پوءِ ڪِلندي پوڳ ڪندي هِڪبئي کي ڀاڪر پائي موڪلايو. سڄي سنگت مان چار دوست اُتي رهيا، آصف ۽ سندس ڀائر چيائون تہ اسان ٿانوَ ٽڪر سيٽ ڪري پوءِ پويان ٿا اچون، اوهان پلي هلو اوهان کي موڪل آهي.

## واپسي

هڪ گاڏي چار دوستن کي اُتي ڇڏي، اسان ٽِن گاڏين ۾ سوار ٿي واپس آياسين، بدين ۾ چانهہ پي سيني هِڪبئي کان ٻيهر موڪلايو.

پيروءَ تي پهتاسين، گاڏي کي ڳوٺ باغ علي ٽالپر واري رستي تي موڙيوسين، شعيب کي سندس گهر ڇڏڻو آهي، ميرواهہ جو ڪِپ (پٽڙي) ڏئي آياسين، ۽ ٽالپرن جون ڊٺل اوطاقون ڏِسي افسوس ٿيو جيڪي هاڻي ويجهڙ ۾ اِنڪروچمينٽ هٽائڻ واري آرڊر تحت ڊانيون ويون آهن. اوطاقن اڳيان خوبصورت باغيچا نهيل هئا، اُهي بہ تباهہ ٿي ويا. شعيب کي سندس گهر ويجهو لاٿوسين.

ماتلي پهتاسين، سائين ڊاڪٽر عبدالجبار کي سندس گهر ڇڏيو پوءِ اسين آياسين پنهنجي پنهنجي گهر. وقت رات جا ٻارنهن ٿي رهيا آهن.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## جيڪي سفر ۾ همسفر هيا:

**پروفيسر ڊاڪٽر عبدالجبار 'قاسم' نظاماڻي:** ماتلي سان تعلق رکندڙ معزز شخصيت، پيشي جي لحاظ کي ليڪچرار گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج ماتلي، پاڻ سُٺا ليکڪ ۽ تاريخ سان دِلچسپي رکندڙ. تاريخ لِکندڙ ماتلي جي تاريخ لِکي اٿس، اُن کان علاوه حافظ نظاماڻي جي شاعري جا مجموعا "باغي آ عشق منهنجو"، "تاريخ آهي شاهد" پڻ هِن جا سهيڙيل آهن. نظاماڻي ذات تي "تذڪراءِ نظاماڻي" وڏو ڪِتاب لِکيو اٿس، جنهن ۾ پوري نظاماڻي قبيلي جا شجرا ڏِنا اٿس. اُن کان علاوه کوڙ ٻيا بہ ڪيترائي ڪتاب لِکيا، سهيڙيا ۽ مُرتب ڪيا اٿس. "محمد صديق مسافر جي علمي، ادبي، تعليمي، صحافتي ۽ سماجي خدمتن جو تحقيقي مطالعو" جي عنوان سان محمد صديق مسافر تي پي ايچ ڊي ڪري ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪئي اٿس.

**منظور احمد جوڻيجو:** ماتلي شهر سان تعلق رکندڙ: منهنجو ياءُ آهي، سُٺي دل رکندڙ آهي، سندس حيدرآباد ۾ "الرزاق پرنٽرز" آهي، پنهنجي ڪاروبار ۾ ڪامياب آهي. گهمڻ جو شوق هوندو اٿس، ۽ هميشہ چوندو آهي، گهمڻ جو پروگرام ٺاهيو گاڏي منهنجي حاضر آهي.

**شعيب رضا ٽالپر:** ڳوٺ باغ علي ٽالپر سان تعلق رکندڙ پيرو لاشاري شهر ۾ ڪپڙي جو دُڪان اٿس، هي دوستن جو دوست آهي، يار هِن کي هُجت منجهان سيني جي ناني بہ سڏيندا آهن، دلبر دوست آهي.

**شڪور ٽالپر:** ڳوٺ دينار ٽالپر جو رهندڙ آهي، شعيب رضا جو ويجهو مائٽ ۽ ويجهو دوست آهي.

**مور ساگر:** 'ڪي جاٽا مين ڪون بُليا'

### [21 فيبروري 2020ع، جمع جي ڏينهن ـ ضلعو بدين]



منظور احمد، ڊاڪٽر عبدالجبار، شعيب احمد، عبدالشڪور ٽالپر سان گڏ
روپا ماڙي، رڻ ۾ اسين



مورساگر، مجيد مهراڻوي، حنيف ڏيانگ، ڊاڪٽرعبدالجبار، فقير محمد وفائي، منظور احمد
سيراڻي جي شهر ۾



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



اوهان گهڻا ڪتاب ۽ گهڻن مُلڪن جا سفرنامہ پڙهيا هوندا. ڪِن لِکيا بہ هوندا، تہ ڪِن ڏِٺا هوندا. پر مور ساگر جو هي سفرنامو ’سنڌ منهنجي جند‘ انتهائي اهم آهي، ڇاڪاڻ تہ مور ساگر سنڌ جي ماڳن، مڪانن کي پنهنجي اکين سان ڏِسڻ جي هِڪڙي دِل ۾ لگن رکي، وقت سيڙائي، سُک قِربائي سنڌ جا پنڌ ڪيا آهن. مور ساگر سنڌ کي پنهنجي اکين سان ڏِسي، پرکي، پروڙي پڙهندڙن آڏو جيئن جو تيئن پيش ڪيو آهي.

ڀين بہ ڪيترن ئي ليکڪن سنڌ جا سفر لِکيا هوندا، پر مور ساگر جنهن رُخ کان ’سنڌ منهنجي جند‘ ڏِسي سفرنامو لِکيو آهي، اِهو قابلِ داد آهي. مور ساگر جي شخصيت جا ڪيئي رُخ ۽ گُڻ آهن. اوهان جيئن ئي ڪتاب جو مطالعو ڪندا تہ اوهانکي هي ڪتاب ڏاڍو وڻندو، ڇو تہ مور ساگر سڄي سنڌ کي پنهنجي اکين سان ڏِسي پوءِ سفرنامي ۾ سنڌ جو جو نقشو چِٽيو آهي.

هي ڪتاب ’سنڌ منهنجي جند‘ هڪڙي اهڙي تاريخ آهي، هڪ اهڙي ڄاڻ آهي، جنهن ۾ مثال طور: ڪورواهہ جي قديم مسجد، رزاق مهيري جو عشق، شوڪت حسين شوري جو ڳوٺ، پبلڪ لائبريري سجاول، جلالي بابا جي جوءِ، شاهہ عقيق جي مزار، لاڏيون، ڇڄ جهان خان عثمان شاهہ جا قُبا، ٻڙ جو ڏورو، گنگا جو گام، ڏاڏي گنگا جتڻ لطيف جي حافظ لنواري شريف جي درگاهہ جي ڀر مان گُذرڻ، معصوم شاهہ جو منارو، سکر جي پُل، بيڪس، بيدل تان ڀيرو، فيض محل، ڪوٽ ڏيجي جو قلعو، سچل جي اڱڻ تي وغيره. هِن ڀلاري ڀونءِ سهڻي منهنجي سنڌ جو اهڙو تہ نقشو چِٽيو آهي، جو مستقبل ۾ جنهن کي بہ سنڌ کي ڏِسڻ ۽ گُهمڻ جو شوق ٿيو تہ مور ساگر جو هي سفر نامو هِڪڙي بهترين گائيڊ طور بہ رهنمائي ڪندو.

مور ساگر جي هِن ڪتاب ’سنڌ منهنجي جند‘ کي پڙهڻ کانپوءِ منهنجي بہ دِل ۾ هِڪڙي اُمنگ جاڳي آهي، هِڪڙي لهر اُٿي آهي تہ آءٌ بہ سموري سنڌ کي پنهنجي اکين سان ڏِسان. بهرحال مور ساگر جو هي سفرنامو هِڪڙي بهترين ڪاوش آهي، اڪثر ڪري مون جيڪي سفرناما پڙهيا آهن، اُنهن ۾ ليکڪ تاريخ، ماڳن، واقعن بابت گهٽ لکندا آهن، پر پنهنجي تعريف ۽ عشق جون ڳالهيون وڌيڪ لکندا آهن، پر مور ساگر جي سفرنامي کي پڙهڻ کانپوءِ چئي سگهجي ٿو تہ هي سفرنامو هڪ لاجواب ۽ ادب جي دُنيا ۾ هڪڙو بهترين اضافو آهي.

**نذير ناز**

9 ڊسمبر 2022ع

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com